

نئون سال مبارڪ

شاهڪار لکڻين جي چونڊ

ماهوار

# ڪرزما

ڊائجسٽ

January 2006 Rs 30/-

”گناهہ“ امر جليل جي لکيل

پاڻ کي سزا ڏيڻ جي ڪهاڻي

مغليہ سلطنت جي حسين راڻي

”نورجهان“ جي سوانح حيات

مشهور اديبہ قرت العين جي ناول

”هائوسنگ سوسائٽي“ جو ترجمو

ماهوار

# ڪرزما

جلد پهريون، شمارو ستون، جنوري 2006ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي) : ڊاڪٽر خالد نوراني

ايڊيٽر (اعزازي) : الطاف ملڪاڻي

سب ايڊيٽرز : مقصود قاضي

: ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ

ٽائيٽل لي آئوٽ : محبوب علي زرگر

ڪمپيوٽر ڊزائنر : صدر الدين گرافڪ اينڊ پرنٽر.

ڪراچي021-2214834، موبائيل: 0300-2800427

قيمت في پرچو : 30 روپيا

ساليانو في : 300 روپيا

**مواد موڪلڻ لاءِ پتو:**

پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

سول ڊسٽريبيوٽر: سچل بڪ سينٽر سامهون چائينز هوٽل، حيدرچوڪ حيدرآباد.

موبائل: 0300-3031253

مارڪيٽنگ مئنيجر : سوجهرو سنڌي -موبائل : 0301-3602212

**اشتهارن لاءِ ايڊريس:**

**عبدالوحيد**

بنگلو نمبر D-121/B، بلاڪ

پنجون، ڪلفٽن ڪراچي

فون نمبر: 0300-9223834

موبائل: 0333-2126509

**الطاف ملڪاڻي**

معرفت ارم ڪمپيوٽرز

ويجهو چائينز ريسٽو، نٽ گاڏي

ڪاتو، حيدرچوڪ حيدرآباد

موبائل: 0301-3520695

**E-mail: krizmadig@yahoo.com**

هيءَ ڊائجسٽ پبلشر مير محمد نورانيءَ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

| عنوان | صفحو | ليکڪ |
|---|---|---|
| ڪرزما پوسٽ | 16 | ڪرزما |
| ملڪہ نورجهان | 20 | ڊاڪٽر نور ناز جهتيال |
| گناهہ | 53 | امر جليل |
| هيءَ بہ زندگي! | 60 | ريٽا شهاڻي |
| ٽي شاديون | 71 | مرزا دبير |
| پوتار سائين | 76 | اختر رند |
| مون کي موهن جو دڙو سڏي رهيو آهي | 84 | فياض چند ڪليري |
| رسول جي دعوت | 94 | علي حسن راڇپر |
| پلي | 101 | حسن منصور |
| تصوير نمبر-1 | 105 | جان خاصخيلي |
| سر بالا | 108 | ٽئگور/ ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ |
| جڳو | 116 | بلونت سنگهہ/ مقصود احمد قاضي |

| | | |
|---|---|---|
| ڪرامتن جو صاحب | 135 | توفيق الحڪم/ گلزار ولياڻي |
| هڪ ڪهاڻي منهنجي زباني | 142 | ناظم حڪمت / امر اياز |
| نيوٽرل زون | 146 | ڪرشن چندر/ صفيہ ملڪاڻي |
| ڪيتو | 159 | جيفري آرچر/ علي راز شر |
| جشن جي شام | 170 | خليل جبران/ امين اڏيرائي |
| محشر | 174 | سڊني شيلڊن/ محمد ميمڻ |
| زلزلو | 203 | رابرٽ شيڪلي/ جگديش آهوجا |
| اڏامندڙ تاڙيون | 208 | ڊاڪٽر خالد نوراڻي |
| هابيل ۽ قابيل | 222 | محبوب علي سمون |
| شاعري | 238 | متفرقہ |
| تنقيدون ۽ تبصرا | 246 | ادارو |
| هائوسنگ سوسائٽي | 250 | قرت العين حيدر/ منصور ٻرڙو |

**اخبار ۽ رسالن جي وڪري سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ**

# خوشخبري

ڪرزما ڊائجسٽ پنهنجي اجراءَ جي مختصر عرصي ۾ سنڌي پڙهندڙن پاران وڏي موٽ ماڻي آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته سنڌي ماڻهو معياري شين جو قدر ڪرڻ ڄاڻن ٿا. پر جيئن ته سنڌ ۾ ڪتابن جي ترسيل جو ڪو جامع نيٽ ورڪ نه آهي، ان ڪري سواءِ ڪن مخصوص ڪتابن جي عام سنڌي ڪتاب ۽ رسالا سڄي سنڌ ۾ نه ٿا پهچي سگهن.

جيئن ته ڪرزما ڊائجسٽ "ڪرزما پبليڪيشن" پاران جاري ڪيو ويو آهي ۽ هن اداري پاران ڪرزما ڊائجسٽ کان علاوه ٻين ضروري موضوعن تي به ڪيترائي رسالا ۽ ڪتاب ڇپرائڻ جو ارادو آهي. جن کي هر جاءِ تائين پهچائڻ لاءِ اسانجو ادارو هڪ جامع نيٽ ورڪ ناهڻ جو خواهشمند آهي. ان سلسلي ۾ اخباري صنعت سان وابسته ايجنٽن ۽ ڪتابن جي فروخت سان تعلق رکندڙن کي ضلعي، تعلقي يا شهرن جي سطح تي ڪرزما پبليڪيشن جي رسالن ۽ ڪتابن جي ورهاست لاءِ ايجنسي وٺڻ جي يا نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ دعوت ڏجي ٿي. ان سلسلي ۾ خواهشمند ساٿي هيٺين پتن تي لکپڙه ڪري سگهن ٿا.

**پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) ڪراچي**

**۽**

**ڊاڪٽر خالد نوراني، بنگلو نمبر D-121/B، بلاڪ پنجون،**
**ڪلفٽن ڪراچي، 0300-9223834**

# پنهنجي پاران

ڪرزما جو نئون شمارو حاضر آهي.سنڌ هن وقت جنهن نازڪ موڙ منجهان گذري رهي آهي، تنهن ۾ اسان سڀني جو فرض آهي تہ وس آهر پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪيون. ڪالا باغ ڊيم جو مسئلو سنڌ لاءِ زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي، جنهن تي اسان جا عوامي نمائندا اجان مڻ مڻ جي حالت ۾ آهن. انهن کي سنڌن ڪرسيون پياريون آهن. باقي سنڌ ۾ جيڪي وڏا مسئلا منهن ڪڍيو ويٺا آهن، تن جو ڪيس ڪو ڏس ڪونهي. وڏين وڏين ڪارن ۾ ويهي، روڊ بند ڪري پنهنجي " شان" ڏيکارڻ کان سواءِ ڪين بيو ڪجھ بہ ڪو نہ اچي. هر حڪومت جو پهريون ڪم اهو هوندو آهي تہ امن امان قائم ڪري، روزگار مهيا ڪري، تعليم ۽ صحت فراهم ڪري ۽ شهرين کي هڪ باعزت حيثيت ڏئي. پر اصل ۾ ٿئي چا پيو. سنڌ ۾ زراعت ختم ٿي رهي آهي،ڪارخانا ڪو نہ ٿا لڳن. تعليمي ادارا بجاءِ پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جي صرف وقت گذارڻ ۽ ڊگريون ڏيڻ جا ڏوڪان بڻجي ويا آهن.صحت کاتو ڪلي عام خريد وفروخت جي منڊي بڻجي ويو آهي. پوليس هڪ ديو جهڙي صورت اختيار ڪري وئي آهي، جنهن جو ڪم صرف غريب ماڻهن کي ڳڙڪائڻ آهي. اتر سنڌ ۾ جتي مختلف قبيلا ۽ انهن جا سردار پنهنجيون پنهنجيون قبيلائي "فوجون" ناهي شهرن ۽ ڳوٺن مٿان قبضو ڪيا ويٺا آهن، اوڏانهن وڃڻ جي ڪين همت ناهي.ان مڪمل مايوسيءَ واري دور ۾ سنڌ جي هر فرد کي کپي تہ اميد جي ڏيئي جي جوت جرڪائي ۽ جيڪو بہ ڪائنس پڇي، اهو ڪم ڪري پنهنجو قومي خدمت ۾ حصو ڏي. جيڪڏهن ڪو اديب آهي تہ ڪيس لکڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪو سياسي ميدان ۾ آهي، تہ اصولن تي سودو نہ ڪري ۽ پنهنجي ماءُ جو مان اوچو ڪري، جيڪڏهن ڪو ڪاروباري آهي تہ هو روزگار جا وڌيڪ موقعا پيدا ڪري. استاد آهي تہ ايمانداريءَ سان تعليم ڏئي. ڊاڪٽر آهي تہ اسپتالن ۾ پنهنجي ڊيوٽي پوري ڏئي ۽ غريب عوام کي فائدو ڏئي. مطلب تہ جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي پنهنجو پنهنجو ڪم ايمانداريءَ سان ڪرڻ شروع ڪري ڏيون، تہ ڪو سبب ناهي جو سنڌ وري ان سڪئي ستابي دور ۾ هلي ويندي، جنهن جي لطيف سائينءَ پنهنجي بيتن ۾ تعريف ڪئي آهي.

# ڪرزما پوسٽ

هنن صفحن تي اسان پنهنجي پڙهندڙن جا رايا ۽ تنقيدون ڏيندا آهيون. ڪجهہ دوستن اها شڪايت ڪئي آهي تہ پوسٽ باڪس لاءِ رجسٽرڊ ڊاڪ يا ڪوريئر سروس وارا خط نہ ٿا وٺن. انهن دوستن کي گذارش ڪجي ٿي تہ اهي ڪرزما ڊائجسٽ جي ائڊريس، ڊاڪٽر خالد نوراني، چيف ايڊيٽر ڪرزما ڊائجسٽ، هائوس نمبر D-121/ Bبلاڪ -5، ڪلفٽن ، ڪراچي تي بہ موڪلي سگهن ٿا. اسان دوستن کي درخواست ڪجي ٿي تہ پنهنجا رايا ۽ تنقيدون اسان کي. هر مهيني پندرهين تاريخ ڪان پهرين موڪلين چو تہ ان کان پوءِ پرچو پريس ۾ هليو ويندو آهي. دوستن کي اهو بہ عرض آهي تہ پنهنجي ائڊريس سان گڏ جيڪڏهن پنهنجو فون نمبر يا پڙ پاسي جو فون نمبر رابطي لاءِ موڪليندا تہ مهرباني ٿيندي چو تہ ان صورت ۾ ادارو ساڻن مواد لاءِ ترت رابطو بہ ڪري سگهي ٿو *(ادارو)*.

"ڪرزما" جو تازو شمارو ليٽ سان مليو ۽ مواد لاءِ حڪم 15 تاريخ تائين...؟" نظر جي مقابلي ۾ نثر جو حصو مضبوط آهي. شاعري عام رسالن جهڙي روايتي هئي. اوهان تنقيد لاءِ ڪليءَ دل سان لکڻ جو نہ بہ چئو ها، تڏهن بہ آئون لکان ها. شاعريءَ جي بهترين ڪليڪشن لاءِ اداري ۾ ڪنهن چاڻو شاعر جو هئڻ ضروري آهي. بهرحال شروعاتي مرحلن ۾ ائين ٿئي ٿو. پرامید آهيان، اوهانجي ڪششن بدولت نکار ايندو آهي، ضرور ايندو. اوهان خطن واري سلسلي ۾ منهنجن بن غزلن جي اشاعت بابت لکيو هو. مگر غزل هڪڙو ئي شايع ٿيل هو. اهو غزل، تصوير سان گڏ موڪليو منهنجي نکور شاعريءَ مان ئي چونڊيل آهي. وري بہ اوهان تعارف، تصوير ۽ نکور شاعري موڪلڻ جو حڪم صادر ڪيو آهي تہ پنهنجي اڻ ڇپيل شاعري، تصوير ۽ تعارف سميت موڪليان پيو. اميد تہ ترت شايع ڪندا. ڪرزما ۾ تبصري لاءِ پنهنجو پهريون شعري مجموعو "لڙڪن جو قرض" بہ حاضر آهي. بيو ڇا لکان. پرچو جاندار آهي. هي مڪمل سنڌي ڊائجسٽ آهي، ضرور سوپ ماڻيندو. بذوق ماحول ۾ ڪرزما هر گهر جي ضرورت آهي. منهنجي دعا ۽ نيڪ تمنا اوهان سان گڏ آهي.

***حنيف عاطر - جهلو***

ادا سائين! توهانجو مواد واقعي اڳ ۾ پهتو هو، جيڪو اسان ان ئي پرچي ۾ هلايون ها. پر جيئن تہ ان سان گڏ تعارف نہ هو، ان ڪري اسان، توهانکي بيهر مواد موڪلڻ جي تڪليف ڏني. توهانجي معياري شاعري ڪوشش ڪري هر پيري شايع ڪئي ويندي. البتہ هاڻي هڪ شاعر جي سلسلي ۾ ڪجهہ انتظار ڪرڻو پوندو. اسان جي سٽ ۾ شامل شاعريءَ جي سڃاڻ رکندڙ دوست تي شاعريءَ جي چونڊ ڪرڻ جي ذميداري رکيل آهي. جيئن تہ اسان وٽ اعليٰ پائي جي شاعريءَ جا ڪي ڪٿا ئي مس پهچن ٿا. تنهنڪري اسانجي مجبوريءَ کي بہ ذهن ۾ رکو ۽ سٺن شاعرن کي اتساهيو تہ اهي پنهنجي هن رسالي جي مستقل لکندڙ بڻجن. بهرحال توهان اها ڳالهہ تہ ضرور محسوس ڪئي هوندي تہ اسان سٺي شاعريءَ کي بلترتيب اوليت ڏيون ٿا. ان ڳالهہ جو اندازو توهانکي بہ هئڻ گهرجي تہ توهانجو، اسان سان ڪوبہ ذاتي واسطو نہ آهي. صرف ۽ صرف توهانجي سٺي شاعريءَ پنهنجي تعلق جو ڪارڻ بڻجي رهي آهي ۽ انشاءَ الله تعاليٰ اهو واسطو وڌندو رهندو.

- ڪرزما ڊائجسٽ ڊسمبر 2005 هٿن ۾ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا خوبصورت خوبصورت ڊائجسٽ شايع ٿي رهيا آهن. سنڌي ادب لاءِ تمام سٺو سوڻ آهي. توهانجي محنت ۽ ڪاوش سچ پچ تہ انمول سوکڙي آهي. الطاف ملڪاڻيءَ جي تحرير بابا بلهي شاهہ. امر جليل جي

ٽوڪري موجود آهي؟ خير ان ڳالهہ جو پتو تہ پوءِ پوندو.

***آفاق علي جوکيو - لاهوري محلو لاڙڪاڻو***

ادا آفاق! توهانجي موڪليل اٺن بندن جي هڪ غزل جا مطلع سميت ٽي بند هتي ڏجن ٿا. توهان مٿئين پيري رڳو اهو لکي موڪلجوءَ تہ انهن بندن ۾ قافيو ڪهڙو آهي. ان جو صحيح جواب ملڻ تي اسان توهانجا بہ غزل واعدي سان شايع ڪنداسين.

ڪو خوبصورت احساس بڻجي وڃان!
تنهنجي اکڙين جو خواب بڻجي وڃان!
تون پيار جي دنيا جو پوپٽ هجين،
۽ سڀ رنگ تنهنجا مان بڻجي وڃان!
سڄي رات توکي تڪيندو رهان،
چاهيان، تو پرين، چنڊ بڻجي وڃان!

- نومبر جو شمارو منهنجن هٿن ۾ آهي. پر افسوس جو مسٽر غائب لاءِ هڪ مهينو انتظار ڪرڻو پوندو. ڪرزما جي شماري تي تصوير تمام بهتر آهي. مون وٽ ڪرزما جا ٽي شمارا آهن. ٻيا مارڪيٽ ۾ موجود نہ آهن. جيڪڏهن توهان وٽ آهن تہ مونکي پنهنجي قيمت سان موڪلي ڏنو تہ مهرباني ٿيندي. ڇو جو هي تمام پيارو ڊائجسٽ آهي. ابراهيم لنڪن جي خوبصورت زندگي ۽ جاکوڙ بابت پڙهي تمام گهڻي معلومات حاصل ٿي ۽ خاص ڪري امر جليل ۽ ڪرسن چندر جو نالو تہ ڪتاب جا پير آهن. غزل بہ تمام بهترين آهن. ناول محشر اڃا ڪيستائين هلندو. ڇو جو انهيءَ جا اصل اصول ۽ ڪردار جاسوسي ڪري اصل ڪڙيءَ کي بظاهر پيش ڪرڻ آهي. جيڪا ڄاڻ ۽ عقل ۾ واڌارو ڪري ٿي. اکين جي هن پار ۽ اسلامي نظرئي سان طالوت ۽ جالوت پڙهي تمام گهڻي ڄاڻ حاصل ٿي ۽ ريٽا شهاڻيءَ جي ڪهاڻي بہ تمام بهتر آهي. پر افسوس جو هن جو غزل شامل نہ هو.

***عطاءُ الله خان کبول - ڳوٺ امام بخش کبول گهوٽڪي.***

- ادا آئون ڪرزما جو بيچينيءَ سان انتظار ڪندو آهيان. ڪرزما 8 تاريخ تي مليو. اڳ پهرين تاريخ تي اسان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائيندا تہ مهرباني. ٻيو تہ هڪ دوست علي مدد زرداريءَ نوابشاهہ کان لکيو اهي تہ شاعري، صفحن جو زيان آهي. پر اسان ان کي اپيل ٿا ڪريون تہ ادا جيڪڏهن سائين لطيف جي ٻولي ۽ ان سان گڏ جيڪڏهن شاعري نہ هوندي تہ ادارو ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندو ۽ توهان کي گذارش ٿا ڪريون تہ شاعريءَ صفحا وڌايا وڃن ۽ ڇا منهنجي شاعريءَ ۾ ڪا ڪمي هئي جو توهان شايع نہ ڪئي. مهرباني ڪري گذريل مهيني جيڪو نثري نظم موڪيو هو، اهو بہ ضرور شايع ڪندا ۽ ٻيو بہ نظم موڪليان پيو ۽ اميد ٿو ڪريان تہ شايع ڪندا تہ مهرباني ۽ وري هڪ نثري نظم موڪلي رهيو آهيان. جيڪڏهن صحيح هجي تہ ڪرزما جي دل ۾ جائي جاءِ ڏيندا.

***پرديسي مير محمد سومرو - ميرالي ضلعو بدين***

- جيئن تہ ڪرزما جي نومبر واري پرچي ۾ پرديسي ميرمحمد سومرو جي نالي سان جيڪو غزل ڇپيو آهي، اهو اصل منهنجو آهي. براءِ مهرباني انهن ڳالهين جو خيال ڪندا. ڪرزما لاءِ نڪور غزل اماڻي رهيو آهيان. اميد تہ جاءِ ڏيندا.

ادا سائين! اسانکي ڪهڙي خبر تہ پرديسي ميرمحمد جيڪو غزل موڪليو هو، اهو توهانجو هو ۽ اڳيئي ڇپيل بہ هو. ان جي وضاحت پرديسي ميرمحمد

***باقي مهربانن جا نالا:***

غريب نواب جمالي جهڏو، غياث الدين شاهاڻي ڪاڇو، جانوري "ساگر" سانگهڙائي، راهي مهيسر سعيد لاڙڪاڻو، راهول هاليپوٽو حيدرآباد، ساجن خاصخيلي بدين، اصغر رند ڳوٺ سٺ ميل نوابشاهہ، جمن چنجڻي نصير آباد، غلام نبي چانگ ڳوٺ سخي پير عثمان شاهہ.

# ملڪ نورجهان

ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

ان مغليه راڻيءَ جي داستان حيات، جيڪا غربت جي اونداهين منجهان اٿي ۽ هندوستان جي تاج جي مالڪ بنجي وئي. مغليہ خاندان جو چوٿين بادشاه يعني جهانگيرُ بادشاه سندس ذهانت ۽ فطانت کان ايڏو تہ متاثر هو جو سڄي حڪومت جو ڪاروبار ڪيسس عطا ڪيائين ۽ پاڻ شراب جي نشي ۾ ٻڏي گوشہ نشين ٿي ويو.



مغليہ دور جي پهرين ۽ آخري راڻي جنهن جي نالي سان سڪ ٽڪسال منجهان نڪتا

هندستان جي تاريخ ۾ ڪا اهڙي بي هستي ناهي، جنهن ملڪ جهان کان وڌيڪ مشهوري ماڻي هجي. مغلن انهيءَ عاليشان سلطنت تي گهٽ ۾ گهٽ ساڍا ٽي سؤ سال حڪومت ڪئي. چوٿين مغل شهنشاه



نورالدين محمد جهانگير جو عشق انهيءَ ڏکهي وقت جي انهن چند ڏيان ڇڪائيندڙ واقعن مان هڪ آهي، جن جو ذڪر تاريخ لکندڙن سڀني تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ڪن مؤرخن انهيءَ عشق ڪي مغل بادشاهت جو اوج ۽ ڪن زوال چيو آهي. ڇو تہ هنن جي چواڻي جهانگير جو شمار مغليہ عهد جي طاقتور شهنشاهن ۾ ٿئي ٿو. پر عظيم مغل بادشاهہ، جن جي اک جي هڪ اشاري سان ڪروڙين انسانن جو زندگيون وابستہ هيون، پنهنجي حڪومت جي پاويهہ سالن مان سورنهن سال هڪ انتهائي سندر ۽ باصلاحيت عورت جي زلفن جو اسير رهيو، جنهن جي مرضيءَ کانسواءِ وسيع مغل سلطنت جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪو پن بہ نہ چرندو هو، نہ ڪو حڪم هلندو هو.

جيڪي مؤرخ نورجهان ۽ جهانگير جي عشق کي مغل سلطنت جو عروج چون ٿا، انهن آڏو مغلن جي اها بهترين ملڪہ هئي، جنهن حڪومت کان وٺي سماجي حد تائين انقلاب آندو ۽ اهڙيون تہ سهولتون پيدا ڪيون، جن مان سڄي سماج فائدو حاصل ڪيو. جڏهن تہ انهيءَ لاڳاپي کي مغلن جي زوال جو شروع چوڻ وارا اهو سبب ڄاڻائين ٿا تہ اها نورجهان هئي، جنهن جي ڪري پهريون ڀيرو مضبوط سلطنت جي وارثن ۾ جنگ شروع ٿي. مغل شهزادن تخت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي جو رت وهائڻ شروع ڪيو. ان نااتفاقيءَ مغلن جي پاڙن کي ايترو تہ ڪمزور ڪيو، جو جيڪي ڪڏهن هندستان جا تاجدار هئا، سي دهليءَ جي گهٽين ۾ پنڻ تي مجبور ٿي پيا. اهيءَ اختلاف ڪندڙ مؤرخ وري بہ نورجهان کي تاريخ جي هردلعزيز ۽ طاقتور راڻين ۾ ڳڻين ٿا. ڇو تہ هوءَ سورنهن سال صرف هڪ بادشاهہ جي گهر واري نہ رهي هئي، پر بادشاهت جي ڪمن ۾ هن جو وڏو عمل دخل هو. انهن سورنهن سالن کي محبت جو ڏکهو عرصو نہ پر اهڙو دور چئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ چوطرف فقط ۽ فقط نورجهان جي نالي جو چرچو هو. انهيءَ وقت ۾ نورجهان شاهي محل ۽ حويليءَ ۾ وفادار زال ۽ دلنواز محبوبہ ۽ طاقتور راڻيءَ جي روپ ۾ نہ فقط جيئري هئي، پر جڏهن هن جي مڙس جي حڪومت ڪمزور ٿي وئي يا ڪنهن بغاوت ڪر ٽي ڪنيو تہ هن نہ فقط مغل سلطنت جي نگراني ٽي ڪئي، پر باغين خلاف شاهي فوج جي اڳواڻي ڪندي جنگ جي ميدان ۾ بہ بهادريءَ سان سپاهين سان گڏ مقابلو ٽي ڪيو. انهيءَ محبت جي داستان تي محبت جو رنگ گهٽ، سياسي رنگ

وڏيڪ ڇڙهيل آهي.

نورجهان، هندستان جي اها پهرين ۽ شايد آخري راڻي آهي، جنهن جو نه رڳو نالو سڪن تي باقائدي لکيو ويو، پر هن جي نالي سان باقاعده شاهي حڪم پڻ جاري ٿيندا هئا. نورجهان جي اهميت جو اندازو جهانگير جي فقط هڪ جملي مان لڳائي سگهجي ٿو. "مون سڄي بادشاهت نورجهان جي نالي لکي ڇڏي آهي. مون کي سواءِ شراب ۽ هڪ سير گوشت کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه گهرجي."

هندستان جي تخت ۽ تاج کي زينت بخشيندڙ هيءَ جادوگرياڻي ڪير هئي ۽ جهانگير جي زندگيءَ ۾ ڪيئن آئي؟ ان بابت مؤرخن ۽ محققن ڊار ڊار ڪهاڻيون ٻڌايون آهن. اهڙيءَ طرح ٻين عشقيه داستانن جيان هي داستان به گهڻن تضادن جو شڪار آهي. پر هن جي تاريخي اهميت کان ڪير به انڪار نه ٿو ڪري سگهي.

اهو به عجيب اتفاق آهي جو سورنهن سالن تائين مغل سلطنت تي راڄ ڪندڙ هستي ۽ تيمورين جي لڄ ۽ عزت هئڻ واري عورت، تيموري نسل مان نه هئي ۽ نه وري شروع کان اها نورجهان هئي. پر بيوسيءَ ۾ پنهنجي ماءُ، پيءُ کي ڇتندڙ اها بدنصيب ٻارڙي هئي، جنهن کي پالڻ جي طاقت نه رکندي هڪ رستي جي ڪناري ڦٽو ڪيو ويو. هن جي شروع واري زندگي افساني ۾ ڪوڙين ڪهاڻين جيان آهي. وارڊ جي ڪتاب "هسٽري آف انڊيا" ۽ ٻين انگريزي، اردو، فارسي تاريخ ڪتابن مطابق نورجهان جي پيءُ جو نالو خواجه غياض يا غياث بيگ هو. هن جو تعلق تاتار جي هڪ پڙهيل اعليٰ خاندان سان هو. غياث بيگ هڪ غريب عورت سان محبت ڪئي ۽ پوءِ هن سان شادي ڪيائين. مؤرخن ان عورت جو نالو عصمت بيگم بيان ڪيو آهي.

شاديءَ کان پوءِ حالتون اهڙيون ٿي ويون جو دولتمند غياث بيگ کي به زال جي غربت وار بيماري لڳي وئي ۽ نهايت غربت واري حالت ۾ وطن ڇڏيائين. چيو وڃي ٿو ته ڏکڻ جي تاتارين جي واحد پناهه انهن ڏينهن ۾ هندستان هو. جنهنڪري غياث بيگ پنهنجي ڪٽنب سميت قسمت آزمائڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنهنجي ڳورهاري زال کي گهوڙي تي ويهاريو ۽ هندستان روانو ٿي ويو. جيڪو ٿورو گهڻو سامان هن وٽ هو، اهو رستي ۾ ختم ٿي ويو ۽ هو بک کائڻ لڳو. هڪڙو ڏينهن اهڙو آيو جو هزارين اشرفيون کپائيندڙ غياث بيگ پائي پائيءَ جو محتاج ٿي ويو ۽ باقاعده پني پنهنجو

۽ پنهنجن ٻارن جو پيٽ پالڻ لڳو. سفر جاري رهيو ۽ قافلو هڪ برپٽ ۾ پهتو. جتي تاتار جي حد ختم ۽ مغل سلطنت جي حد شروع ٿي ٿي. پري پري تائين ڪنهن آبادي جو ڏس نہ هو. غياث بيگ جو ڪٽنب ٻک تي هو. انهيءَ شام جو، انهيءَ برپٽ بيابان ۾ عصمت بيگم هڪ ٻارڙيءَ کي جنم ڏنو. ٻي ڪا مهل هجي ها تہ غياث بيگ ۽ عصمت بيگم خدا آڏو شڪرانا بجا آڻين ها، پر هتي تہ هنن کي پنهنجي ڪائڻ لاءِ بہ ڪجهہ نہ هو. هڪ نئين مهمان لاءِ هن جي ماءُ جي پيٽ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ هئڻ ضروري هو.

ٽن ڪلاڪن تائين ٻڪايل ٻارڙي، ماءُ جي کير کان خالي ڇاتين کي چنبڙيل رهي ۽ کير جي هڪ ڦڙي لاءِ تڙپندي رهي ۽ غياث بيگ ان ڳالهہ لاءِ ترسيل هو تہ شايد ڪو قافلو هن پاسي اچي نڪري، هنن جي واهر ڪري ۽ کين انهيءَ عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياري. ڪنهن کي نہ اچڻو هو سو نہ آيو. شام جا پاڇا رات ۾ بدليا تہ انهيءَ ڪٽنب کي وحشي جانورن جو ڊپ وڪوڙي ويو، جنهن ڪري هنن اتان وڃڻ جو فيصلو ڪيو. پر مسئلو نئين ڄاول ٻارڙي جو هو. جنهن ننڍ مان اٿي غريب ماءُ پيءُ کي وڏيڪ پريشان ڪري ڇڏيو هو. ڪوبہ مائٽ نہ چاهيندو آهي تہ سندس اولاد ڪا تڪليف ڏسي. اها ڳنڀير صورتحال غياث بيگ ۽ هن جي زال سان هئي. پر انهن ٻنهي ۾ ايتري طاقت هئي. نہ حيل نہ وسيلا هئڻ جو نڌڙي وجود کي سهي سگهن. جنهن ڪري انسانيت ۽ درندگيءَ ۾ ڊگهي جدوجهد ٿي ۽ ٻارڙيءَ کي پاڻ سان گڏ نہ کڻي وڃڻ ڪري ٻارڙيءَ کي پنن سان ڍڪي هڪ وڻ هيٺان ڇڏي ڏنائون ۽ روئندا اڳتي هليا ويا.

حالتن ۽ غربت جي تقاضا هئي تہ سفر جاري رکجي، پر هڪ ماءُ جي ممتا انهيءَ ظلم تي ڏکايل هئي. ڪجهہ دير هن صبر ڪيو. جڏهن ٻارڙي اکين کان پري ٿي وئي تہ هن کان صبر ڇڏائجي ويو ۽ هوءَ گهوڙي تان لهي "منهنجي ٻارڙي، منهنجي ٻارڙي" ڪندي زاروزار روئڻ لڳي. ٻئي ماءُ پيءُ انهيءَ جاءِ ڏانهن موٽيا تہ بيو نظارو هنن جو منتظر هو. هڪ ڪاري نانگ انهيءَ جاءِ کي گهيري ويٺو هو. جنهن هنڌ ٻارڙيءَ کي پنن سان ڍڪي ڇڏيو هئائون. ٻنهي کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا ڪجي؟ ڪو هٿيار بہ نہ هئن، جنهن سان نانگ کي مارين. هنن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، تہ جيئن نانگ اتان هليو وڃي. اهو خطرو بہ هو تہ ڪٿي نانگ، ٻارڙيءَ کي نقصان نہ

پهچائي. قدرت کي هنن تي ترس اچي ويو. نانگ اتان هليو ويو.

ماءُ ڊوڙي پن پري ڪري ٻارڙيءَ کي ڪٽي سيني سان لڳايو. ٻارڙيءَ کي ڪٽي هنن ٻيهر سفر شروع ڪيو. منزل لاهور هئي. ڪجهه ڏينهن غياث بيگ ڌڪا کائيندو رهيو. پر ڪٿي به کيس نوڪري نہ ملي. حالتون وس کان ٻاهر هيون. هو لنگهڻ ڪاٽي رهيا هئا. بک هنن مٿان موت جيان لامارا ڏئي رهي هئي.

قدرت هنن جو ضرور ڪجهه ڏينهن وڌيڪ امتحان ورتو هو. پر نيٺ هنن تي ترس اچي ويس. اتفاق سان غياث بيگ کي پنهنجو پراڻو دوست ملي ويو. جنهن کيس مغل بادشاهہ جلال الدين محمداڪبر جي دربار ۾ پهچايو.

اڪبر بادشاهہ بلڪل اڻ پڙهيل ۽ تقرير ۽ تحرير جي فن کان صفا نابلد هو. پر انسان سڃاڻڻ جو فن سٺو ايندو هوس. پهرئين دفعي هن اندازو ڪيو تہ هن بکايل ماڻهوءَ ۾ تمام گهڻا جوهر لڪل آهن. بس شاهہ جي هڪ نظر غياث بيگ جي تقدير بدلائي ڇڏي ۽ نهايت ڪشالن سان دربار تائين رسندڙ تاتاري، جيڪو بدحال هئڻ سان گڏ پرديسي پڻ هو، تمام جلدي شاهي محل جي عهديدارن ۾ اچي ويو هو. جيڪو بہ ويلا مانيءَ لاءِ واجهائيندو هو، هاڻ عزت، دولت ۽ شهرت جي اوچائيءَ تائين پهچي ويو.

رستي ۾ ڄمندڙ ٻارڙيءَ جو نالو مهرالنساءِ رکيو ويو. کيس آرام ۽ سهولتون مليون تہ هن جو حسن دلڪش ٿي سامهون آيو.

هڪ دور اهڙو بہ آيو جو کيس سيني عورتن کان وڌ سونهن، موسيقي، شاعري، خوش مزاجي، حاضر جوابي ۽ نچڻ ۾ کيس مڃيو ويو. هوءَ پرين جهڙي سندر هئي. هن جي سونهن جي هاڪ سڄي جهان ۾ پکڙيل هئي. مشهور هو تہ قدرت اهڙي سونهن ڪنهن کي بہ نہ بخشي هئي ۽ هن کي سونهن، سندرتا، سوڀيا ڏيئي هٿ روڪي ڇڏيو هو. سڄ هن جو سندر مک ڏسي ايرندو هو ۽ چنڊ هن جي نور سان منور ٿي جرڪندو هو. هن جي سونهن، سوڀيا جي تعريف لکندي قلم مان نور جا ڦونهارا ڦٽي پوندا هئا.

پيءُ جي عهدي جي ڪري مهرالنسا جو شاهي محل ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو، جتي هن جو سامهون سلطنت جي ولي عهد شهزادي سليم سان ٿيو.شهزادي سندس حسن جي اڳيان جهڪي ويو ۽ کيس حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳو. هڪ عام دعوت ۾ مهرو بہ ڪوشش ڪئي تہ شهزادو

سليم سندس وڪڙ ۾ اچي وڃي. پر اها هڪ طرفي( يا ٻي طرفي) محبت پروان چڙهي نہ سگهي ۽ مهرو جي شادي هڪ بهادر ايراني شيرافگن سان ٿي وئي.

شهزادو سليم جڏهن نور الدين محمد جهانگير جي لقب سان هندستان جي تخت تي ويٺو تہ هن پنهنجي جوانيءَ واري محبوبہ کي حاصل ڪرڻ جون ڪوششون شروع ڪيون. مهرو، شيرافگن جي زال هئي. اهو هن جو رقيب ۽ راهہ جو پٿر هو. جنهن ڪري هن ڪيس مارائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ناڪام ٿيڻو پيو. پوءِ هڪ مست هاٿيءَ کي شيرافگن جي آڏو ان خيال کان آندو ويو تہ هاٿي شيرافگن کي چيپاٽي ڇڏيندو. شيرافگن تلوار جي هڪ ئي وار سان ان جي سونڊ وڍي ڇڏي. مست هاٿي زخمي ٿي ڪيترن ئي تماشو ڏسندڙن کي چيپاٽيندو ميدان مان ڀڄي ويو.

نہ فقط اهو پر شيرافگن کي مارڻ لاءِ گهڻيون سازشون ڪيون ويون. بادشاهہ جي حڪم تي ڪيترا ماڻهو هن کي قتل ڪرڻ ويا، پر هن سيني کي قتل ڪري ڇڏيو.

آخرڪار جهانگير جو ٿڃ شريڪ ڀاءُ ۽ شيخ سليم چشتيءَ جو پٽ قطب الدين، بادشاهہ جي دشمن يعني بنگال جي صوبيدار شيرافگن کي سندس ساٿين سميت ڌوڪي سان قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو، پر پاڻ بہ شيرافگن هٿان قتل ٿي ويو.

شيرافگن جي زال مهرالنساءِ کي گرفتار ڪيو ويو، پر هن اها ڳالهہ ناهي تہ شيرافگن پنهنجي قتل جي پيشنگوئي پهريائين ڪري ڇڏي هئي ۽ هن مون کان اهو حلف ورتو هو تہ مان بادشاهہ جي مرضيءَ تي عمل ڪيان. ٿي سگهي ٿو تہ مهرالنساءِ کي گرفتار ڪندڙن ان ڳالهہ تي ويساهہ ڪيو هجي، پر جڏهن ڪيس دار السلطنت آڻيو ويو. تہ جهانگير پنهنجي ٿڃ شريڪ ڀاءُ جي قتل تي ايڏو تہ ڏمريل هو جو هن مهرالنساءِ کي ڏسڻ ۽ ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ مهرالنسا هندستان جي واليءَ کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ نيٺ هوءَ چار سالن کان پوءِ ڪامياب ٿي وئي. جهانگير هن سان شادي ڪري ڪيس پنهنجي محل ۾ رکيو. هن جو شاهي محل تائين پهچڻ ۾ هڪ تسلسل ملي ٿو، پر ڪيترن ليکڪن ۽ تاريخدانن ان کي فقط هڪ داستان ڪوٺيو آهي. تاريخ نہ...هر مؤرخ نورجهان جي محبت جي داستان کي پنهنجي رنگ ۾

ورتو آهي. ڪيترا تاريخدان ان جي ڪيترن واقعن کان انڪاري آهن. جهانگير جي پنهنجي لکيل "تزڪ جهانگيري" ۾ آهي تہ غياث بيگ، خواجہ محمد شريف طهراڻيءَ جو پٽ هو. خواجہ محمد شريف طهراڻي شروع ۾ خراسان جي حاڪم محمد خان تڪلو جو وزير هو. محمد خان جي وفات کان پوءِ هو شاهي طهماسپ صفويءَ جي دربار سان لاڳاپجي ويو. وزارت جون ذميداريون هن کي ڏنيون ويون. خواجہ محمد شريف جا بہ پٽ هئا. آغا طاهر ۽ مرزا غياث بيگ.

خواجہ محمد شريف جي وفات کانپوءِ مرزا غياث بيگ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان هليو آيو. رستي ۾ قنڌار وٽ ڪيس نياڻي ڄائي. هو هندستان ۾ فتحپور سيڪري پهچي اڪبر بادشاهہ جي دربار ۾ حاضر ٿيو.

اڪبر، مرزا غياث بيگ کي نوڪري ڏني.ڪيس گهڻ وقت ۾ پنهنجي ذهانت، خدمت گذاريءَ ڪري ديوان مقرر ڪيو ويو. مرزا غياث بيگ خط و ڪتابت ۾ هوشيار هو. سٺو ڳالهائيندڙ هو ۽ پراڻن شاعرن جي پنيان هلندو هو. خط لکڻ ۾ ماهر هو. پنهنجو وقت شعر گوئي ۽ ڳائڻ ۾ گهاريندو هو. ايڏو نيڪدل هو جو پنهنجن دوستن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪندو رهندو هو. ڪير بہ هن جي در تان خالي هٿين نہ ويندو هو.

جن ڏينهن ۾اڪبر بادشاهہ، لاهور ۾ ترسيل هو، هڪ ماڻهو علي قلي اسجلو، جيڪو شاهہ اسماعيل ثاني (ايران جو بادشاهہ) جو نمڪ خوار هو، عراق مان اچي اڪبر بادشاهہ وٽ نوڪري ڪئي. مرزا غياث بيگ هن جي ڌيءُ، جيڪا قنڌار ۾ ڄائي هئي، ان جي علي قلي بيگ سان شادي ڪرائي ڇڏي. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ علي قلي بيگ، تخت تاج جي وارث سليم جي نظرن ۾ ايڏي تہ جاءِ والاري جو ڪيس شيرافگن جي لقب سان نوازيو ويو. جڏهن هو، بادشاهہ جي حيثيت ۾ تخت تي ويٺو تہ ڪيس بنگال جي صوبيداري ڏني وئي.

جڏهن شيرافگن، بنگال ۾ قتل ٿيو تہ شهنشاهہ جهانگير جي حڪم سان بنگال صوبي وارن غياث بيگ جي ڌيءُ کي شاهي محل ۾ موڪلي ڇڏيو. قطب الدين، جهانگير جو ٻج شريڪ ڀاءُ هو، اهو شيرافگن جي هٿان قتل ٿيو هو. ان لاءِ جهانگير جي دل ۾ رنجش هئي. جنهن ڪري هن علق قلي بيگ جي زال مهر النساءِ کي پنهنجي ماٽيلي ماءُ رقيہ سلطان بيگم جي حوالي ڪري ڇڏيو.

ڪجهہ وقت مهر النساءِ هن

جي خدمت ڪئي. نيٺ هن جي قسمت بدلجي وئي. "نوروز" جي جشن مهل شهنشاهہ جهانگير جي نظر هن تي پئي ۽ هوءَ، ڪيس وڻي وئي. شهنشاهہ ڪيس شاهي محل ۾ رکڻ جو اعزاز بخشيو. ان کي پهرين "نور محل" ۽ پوءِ "نورجهان" جو لقب ڏنو. نورجهان جي سيني مائٽن کي وڏا وڏا عهدا ڏنا ويا.

نورجهان جي پيءُ اعتمادالدولہ مرزا غياث بيگ کي "وڪالت ڪل" جو عهدو ڏنو ويو. ان جي وڏي پٽ ابو الحسن کي اعتقاد خان لقب ۽ خان سامان جوعهدو ڏنو ويو. ان ڪانسواءِ هن جي ڀين مائٽن کي خاني جي لقب سان نوازيو ويو. برڪت رائي دائي، جنهن نورجهان کي ٿڃ پياري هئي، حاجي ڪوڪ جي لقب سان نوازي محل جي ديوان مقرر ڪئي وئي. ايستائين جو شاهي خرچ، جيڪو محلن ۾ ڏنو ويندو هو، اهو هن جي مهر سان ڏنو ويندو هو.

نورجهان بيگم، شهنشاهہ جي دل ۾ ايترو گهر ڪري وئي جو خطبي ڪانسواءِ سلطنت جا سڀ ڪم هن جي حڪم سان ٿيندا هئا. هوءَ ٿوري دير دريءَ ۾ ويهندي هئي. سيئي وزير حاضر ٿي هن جي ادب ۾ هن جي حڪم ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا هئا. هن جي نالي جو سڪو هلندو هو ۽ شاهي فرمانن تي "حڪم عليتہ العاليہ نورجهان بيگم بادشاهہ لکيل هوندو هو. هورريان هورريان شهنشاهہ جهانگير، حڪومت کان پاسيرو ٿي ويو ۽ حڪومت جو واڳون نورجهان بيگم جي حوالي ڪري ڇڏيائين. روايت آهي تہ نورجهان جو نالو جهانگير لاءِ باعث لذت هو. هن تزڪ جهانگيري ۾ نورجهان جو ذڪر ڪيو آهي. پر ڪنهن بہ جملي ۾ پنهنجي راڻيءَ لاءِ غير معمولي انداز ۾ ذڪر ناهي ڪيو. هن ڪيس نورجهان بيگم جي نالي سان ياد ڪيو آهي. جهانگير پنهنجي تزڪ ۾ پاڻ مرادو مهرالنساءِ کي پنهنجي زندگيءَ ۾ آڻڻ ۽ نورجهان جي رتبي تائين پهچائڻ جو ذڪر نہ ڪيو آهي. هڪ ٻيو مغل بادشاهہ محمد شاهہ (1719ع کان 1748ع) جي حڪومتي دور ۾ هڪ درباري امير مرزا محمد هادي، تزڪ جهانگيري جو هڪ مقدمو لکيو، جنهن ۾ هن جهانگير جي ڄمڻ کان تخت تائين پهچڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جهانگير، شهزادي هئڻ واري وقت جو ذڪر تزڪ ۾ پاڻ ناهي لکيو. ان لاءِ مرزا هاديءَ جي مقدمي کي انهيءَ ڪتاب جو ڀاڱو بڻايو ويو . انهيءَ مقدمي ۾ جهانگير جي شادي ۽ ان ڪانپوءِ سلطنت تي راڻي نورجهان جي اثر جو بہ ذڪر آهي.

تزڪ جهانگيري مطابق تخت
تي ويهڻ ڪانپوءِ شهنشاهه ٻارنهن
حڪم جاري ڪيا. ان وقت مهر
النساءِ، علي قلي بيگ جي زال هئي.
جنهن ۾ آخري حڪم سؤ تولا، پنجاهه
تولا، ويهه تولا، ڏهه تولا، سونيون
مهرون ٺاهڻ بابت هو. انهن سڪن جي
هڪ پاسي هي بيت لکيل هو.

"شد چو خورزين سڪه نوراني
جهان،
آفتاب مملڪت تاريخ
آن."

انهن ٻنهي مصرعن وچ ۾
ٽڪسال جو نالو، سال هجري ۽ تخت
نشينيءَ جو سال ڪوٺيو ويو. اهڙيءَ
طرح معمولي اشرفيءَ بدران نورجهاني
سڪو رائج ٿيو. جنهن تي هيٺيون بيت
لکيل هو:

"روي زررا ساخت نوراني برنگِ مهر و
ماه،
شاهه نور الدين جهانگير ابن اڪبر
بادشاهه"

1614ع ۾ جهانگيربيمار ٿيو
۽ هن احوال ۾ لکيو ته مان پنهنجي
صحت جي خرابيءَ بابت هر ڪنهن کان
لڪايو، ايسيتائين جو حڪيمن ۽
طبيبن کان به. ڪجهه وقت ائين گهارڻ
ڪانپوءِ مون محل جي عورتن مان فقط
نورجهان بيگم کي، جنهن کي مان
سيني کان عزيز رکندو هوس، اهو راز
ٻڌايو. انهيءَ سال نورجهان بيگم جي
ماءُ گلاب جو عطر ٺاهيو ته جهانگير
کيس موتين جي لڙي انعام ۾ ڏني.
تزڪ جهانگيري ۾ آهي ته ان جو نالو
نورجهان جي ماءُ "جهانگيري عطر"
رکيو. 1616ع جي احوال ۾ جهانگير
لکيو آهي ته مون انهن ڏينهن ۾
نورمحل کي نورجهان جي لقب سان
نوازيو. اڳتي هلي جهانگير لکيو ته
خميس ۽ جمعي واري رات نورجهان
بيگم پنهنجي جاگير رام سر ۾ دعوت
ڪئي.

1618ع ۾ نورجهان بيمار ٿي
ته هندو، مسلمان طبيبن جي علاج
ڪرائڻ ڪانپوءِ به هوءَ صحتياب نه ٿي
۽ هن وڌيڪ علاج ڪرڻ کان معافي
ورتي.

ان کان پوءِ جهانگير لکي ٿو
ته ڪجهه ڏينهن ٿيا، حڪيم روح الله
سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ هن بيگم
جو علاج پنهنجي ذمي ڪنيو. الله جي
مهربانيءَ سان هن جي علاج سان هوءَ
بلڪل صحتياب ٿي وئي.

ان خدمت طور مون حڪيم
کي هن جي اباڻي وطن ۾ ٽي ڳوٺ
جاگير طور ڏنا ۽ چانديءَ ۾ توري اها
چاندي کيس انعام طور ڏني.

1619ع ۾ نورجهان بيگم

پهرين گولي سان شينهن ماريو. جهانگير ان جو ذڪر تزڪ ۾ ڪيو آهي. خلاصہ التواريخ جي ليکڪ سبحان راءِ ٻٽالوي چواڻي تہ مختلف صوبن جي اميرن کي جيڪي فرمان موڪليا ويندا هئا، انهن تي "حڪم عليہ عاليہ مهد عليا نورجهان بيگم بادشاهہ" لکيل هوندو هو. مهر شاهي تي بہ هيٺيون بيت لکيل هوندو هو:

"نور جهان گشت بہ حڪم الہ
همدم و همراز جهانگير شاهہ"

سبحان راءِ ٻٽالوي اهو بہ لکي ٿو تہ خطبو جهانگير جي نالي جو هو، پر سڪي تي جيڪا بيعت لکيل هئي، ان تي جهانگير جي بيگم جو بہ نالو هو.

"بہ حڪم شاهہ جهانگير يافت صد زيور
بہ نام نورجهان بادشاهہ بيگم زر!..."

ڪجهہ تاريخدانن مطابق نورجهان جو ڏاڏو خواجہ محمد شريف ايران جي صوبي خراسان جي حڪمران بيگلار بيگ جو وزير هو. جڏهن هن جي سرپرست جي وفات ٿي تہ ان جي پٽ ۽ جانشين قزق خان بہ خواجہ شريف کي سندس عهدي تي رهڻ ڏنو. پر جڏهن قزق خان گذاري ويو تہ ايران جي شاهہ طهماسپ، خواجہ شريف کي پاڻ وٽ گهرائي وزير جو عهدو ڏنو.

1577ع ۾ خواجہ شريف گذاري ويو تہ هن جو ڪٽنب پريشانين ۾ وڪوڙجي ويو. ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ ايران، خواجہ شريف جي پٽ مرزا غياث بيگ کي اهميت لائق نہ ڄاتو هجي يا هو پاڻ بادشاهہ جي معيار تي پورو نہ لٿو هجي. بهرحال مرزا غياث الدين (غياث بيگ) کي پنهنجي وطن ۾ رهڻ بار محسوس ٿيو تہ هن هندستان لڏڻ جو فيصلو ڪيو.

هڪ قافلو ملڪ التجار ملڪ مسعود جي اڳواڻيءَ ۾ ايران کان هندستان وڃي رهيو هو. هڪ ڇوڪري ۽ ڇورهاري زال سان گڏ هي بہ انهيءَ قافلي سان شامل ٿي ويو . ڪيترين روايتن ۾ آهي تہ مرزا غياث بيگ جو ڀاءُ طاهر بيگ بہ هن سان گڏ هو. حفاظت لاءِ هٿياربند هنن سان گڏ هئا. پر هنن جو قافلو بہ لٽيندڙن کان محفوظ نہ رهيو.

اڃا اڌ رستو بہ نہ اڪريا هئا جو قافلو پنهنجي سامان کان محروم ٿي ويو. غياث بيگ بہ انهن مان هڪ هو. هنن جي ڪجهہ سامان ۽ ٻن خچرن کانسواءِ ڌاڙيل سڀ ڪجهہ ڪٽي ويا. هو بہ ٻين وانگر ڪجهہ نہ ڪري سگهيو.

پنهنجي زال ۽ ٻارن سان گڏ قنڌار پهچي ويو. ان شهر ۾ هن جي زال ٻارڙيءَ کي جنم ڏنو. غياث بيگ جي مالي حالت صحيح نہ هئي. جنهن ڪري ٻارڙي ۽ زال کي صحيح سنڀال نہ ٿي ڪري سگهيو. هن پنهنجي بيوسيءَ جو اظهار ملڪ مسعود آڏو ڪيو تہ هن جي دل نرم ٿي وئي ۽ هن سندس مدد ڪئي.

ڪيترين روايتن ۾ آهي تہ غياث بيگ، ٻارڙيءَ جي ڄمڻ کان پوءِ بيزار ٿي رات جو رستي ۾ ڦٽو ڪيو تہ صبح جو جنهن ماڻهوءَ کيس کنيو، اهو ملڪ مسعود هو. مسعود، ٻارڙيءَ جي سونهن کان متاثر ٿي هن کي پالڻ جو ذمو کنيو. ڪجهہ تاريخدان چون ٿا تہ ملڪ مسعود، ٻارڙيءَ جي ماءُ پيءُ بابت ڄاڻندو هو. هو مرزا غياث بيگ جو پردو رکندي، انهن لاءِ سنئون سڌو مالي مدد نہ ڪري سگهيو. ان ڪري اهو ظاهر ڪرڻ ڪانسواءِ تہ هو حقيقت ڄاڻي ٿو، مرزا غياث بيگ جي زال کي ٻارڙيءَ کي ٿڃ پيارڻ ۽ پالڻ جي ذميواري ڏني. جنهن مان غياث بيگ جو گذارو ٿيڻ لڳو.

ڪجهہ تاريخدان ۽ تجزيو ڪندڙ ان کان انڪار ڪن ٿا. هنن جي چواڻي تہ ٻارڙيءَ کي ڦٽو نہ ڪيو ويو هو. هنن کي ڦٽو ڪرڻو هجي ها تہ سيني آڏو ڦٽو ڪن ها، يا ڪنهن ڪنڊ ۾ رکي وڃن ها، يا وري اهو افسانو بين افسانن جيان نورجهان جي شاندار زندگيءَ جي پسمنظر کي اونداهو ڪرڻ لاءِ گهڙيو ويو آهي.

بهرحال ملڪ مسعود کي غياث بيگ جي صلاحيتن جو اندازو ٿي ويو ۽ هو کيس فتح پور سيڪري وٺي ويو. جيڪو انهن ڏينهن ۾ مغل شهنشاهہ جلال الدين محمد اڪبر جو تختگاهہ هو.

ملڪ مسعود، غياث بيگ جي تعريف اهڙي انداز ۾ ڪئي جو بادشاهہ کيس يڪدم شاهي نوڪرن ۾ شامل ڪري ڇڏيو. غياث بيگ جي اڪبر سان ملڻ جي حوالي سان خاص روايت بيان ڪئي وئي آهي. جنهن مطابق بادشاهہ، ملڪ مسعود کي چيو تہ تون هن دفعي سٺيون سوکڙيون نہ کڻي آيو آهين. ملڪ مسعود، بادشاهہ کي ادب مان عرض ڪيو، "عالم پناه! مان هن دفعي جيئريون جاڳنديون سوکڙيون کڻي آيو آهيان، جيڪي اڄ ڏينهن تائين پهرين ڪڏهن بہ ايران کان نہ آهن آيون." پوءِ هن غياث بيگ ۽ هن جي پٽن کي بادشاه آڏو پيش ڪيو. تاريخ کيس عالم، دلڪش، سنو ڳالهائيندڙ، اعليٰ درجي جو مقرر ۽ ڀاڻ تي قابو رکندڙ غير معمولي

انسان چيو آهي. هن جي گهر ۾ نوڪرن کي ڪوڙا هڻڻ، گاريون ڏيڻ، مارڻ جو ذڪر نہ هو. باقي هن جي مزاج ۾ حرص جو داغ هو. ڪيس رحمدل ۽ سخي ٻڌايو وڃي ٿو. هو محنت، نظم و ضبط جو تمام گهڻو خيال رکندو هو. اڪبر جي درٻار ۾ هن جي محنت ۽ جدوجهد جي تعريف ڪئي ويندي هئي. ان لاءِ هو پنهنجي عهدي تي ترقي ڪندو ويو.

1590ع ۾ هو ٽي هزاري منصب تائين پهچي ويو ۽ ڪابل جي ديوان جي اهم عهدي تي رسيو. انهيءَ وچ ۾ ان ڇوڪريءَ جنهن قنڌار ۾ جنم ورتو هو، سا ننڍپڻ کان ٽپي جوانيءَ تائين پهچي وئي. سندس نالو مهر النساءِ رکيل هو. علي قلي جو اصل نالو علي قلي استعجلي هو. (ڪجهہ تاريخدانن استجلو ۽ استجلي بہ لکيو آهي.) هو ايران جي شاهہ اسماعيل ٻئي جو سفير هو. هن کي پنهنجي مالڪ جي گذاري وڃڻ يا قتل ٿيڻ ڪري مجبوريءَ جي حالت ۾ پنهنجي وطن مان ڀڄڻو پيو. ڏکي ۽ خطرن سان ڀريل سفر ڪانپوءِ هو قنڌار رستي ملتان پهتو. جتي اڪبر جو نامور سپهہ سالار عبدالرحيم خانِ خانان پنهنجي فوج سان گڏ ترسيل هو، جنهن کي اڪبر ٺٽو شهر فتح ڪرڻ جي ذميواري ڏني هئي. علي قلي، خانِ خانان جي فوج ۾ نوڪري ورتي ۽ پنهنجي بهادري، همت کان ڪم وٺندي ايترو نالو ڪمايو جو خانِ خانان، شهنشاهہ جي نالي لکيل خطن ۾ هن جو ذڪر ڪيو.

اڪبر پنهنجي سپهہ سالار جي سفارش تي هن جو نالو درٻار اڪبري جي نوڪرن جي فهرست ۾ لکڻ جو حڪم ڏنو. جنگ جو فاتح خانِ خانان هن کي پاڻ سان گڏ وٺي لاهور آيو. 1591ع ۾ ڀريون پيرو علي قليءَ جو نالو اڪبر جي اميرن ۾ شامل ٿيو.

1599ع ۾ هن کي شهزادي سليم ڏانهن مقرر ڪيو ويو. ڪجهہ تاريخدانن چيو آهي تہ علي قليءَ جي شادي شهزادي سليم جي خدمت ۾ مقرر ٿيڻ کان هڪ سال اڳ 1598 ۾ ٿي. ڪجهہ وري 1593ع لکيو آهي. ان ڳالهہ تي تاريخدان سهمت آهن تہ شاديءَ مهل مهرالنساءِ جي عمر سترنهن سال هئي.

1599ع ۾ شهنشاهہ اڪبر جڏهن سلطنت جي شهزادي سليم کي ميواڙ جي مهم لاءِ روانو ڪيو تہ علي قلي هن سان گڏ هو. باقي اهو پڪ سان نہ ٿو چئي سگهجي تہ مهرالنسا بہ علي قليءَ سان گڏ هئي يا نہ. انهيءَ

مهم ۾ علي قلي اڪيلو شينهن جو مقابلو ڪيو. ڪجھ تاريخدانن چواڻي تہ هن خالي هٿين شينهن کي ماريو. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ هن تلوار سان شينهن کي ماريو هو. بهرحال شهزادي سليم، علي قليءَ جي بهادري، دليري ۽ بيدپائيءَ جي ڪري کيس شيرافگن جو لقب ڏنو.

ڪن تاريخدانن مطابق تہ هي واقعو شهزادي سليم جي بادشاهت ۽ تخت تي ويهڻ کانپوءِ ٿيو. شهزادي واري دور جي ڳالھ وڌيڪ اهميت واري آهي. ان کانپوءِ شهزادي سليم پنهنجي پيءُ اڪبر خلاف بغاوت ڪئي تہ علي قلي شروع ۾ هن جو ساٿ ڏنو. پر پوءِ هو کيس ڇڏي اڪبر جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ هن کان معافي ورتائين. شهزادو سليم جڏهن تخت تي ويٺو تہ علي قليءَ کي ڊپ هو تہ هو کانئس بيوفائيءَ جو بدلو وٺندو. پر جهانگير نہ فقط علي قليءَ کي معاف ڪيو، پر عهدو ۽ بنگال ۾ جاگير بہ ڏنائيس. علي قلي پنهنجي زال مهر النساءِ کي وٺي بردوان هليو ويو.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ علي قلي (شيرافگن) کي بنگال صوبي جو صوبيدر مقرر ڪيو ويو پر اهو صحيح ناهي. بنگال جي صوبيداري حقيقت ۾ شهنشاھ اڪبر پنهنجي سالي (مهاراڻي جوڌا ٻائي جي ڀاءُ ۽ جهانگير جي مامي) راجا مان سنگھ کي ڏني هئي. جنهن کي آڪٽوبر 1606ع تائين جهانگير پنهنجي تخت نشينيءَ تائين رکيو.

ڪن روايتن مطابق بنگال جي صوبيداري جهانگير پنهنجي مامي (راجہ مان سنگھ) کي پنهنجي تخت نشينيءَ مهل ڏني هئي. شيرافگن کي بردوان پرسان جاگير ڏني وئي هئي، بنگال جي صوبيداري نہ... پنهنجي وقت جي مشهور ولي شيخ سليم چشتي (جنهن جي دعائن سان شهزادو سليم (جهانگير) پيدا ٿيو هو،) جو پٽ قطب الدين، جيڪو جهانگير جو ٿڃ شريڪ ڀاءُ بہ هو، آگسٽ 1602ع ۾ راجا مان سنگھ جو جانشين ٿيو هو ۽ کيس بنگال جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو هو. پر اهو سن بہ غلط آهي. ڇو تہ 1602ع ۾ راجا مان سنگھ نہ فقط جيئرو هو، پر جهانگير جي تخت نشينيءَ وقت بہ جيئرو هو ۽ جهانگير پنهنجي مامي سان گڏ پنهنجي حسد سبب راجا مان سنگھ کان بنگال جي جاگير موٽائي ورتي .

تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ ويڙھ ڪرڻ شيرافگن جي خمير ۾ هئي. جنهن ڪري هو بنگال وڃي بادشاھ خلاف سازشن ۾ اچي ويو.

جڏهن تہ ڪجهہ روايتن مطابق هن، بادشاهہ جي باغين جي اڳواڻي ڪئي. جهانگير، قطب الدين کي حڪم ڏنو هو تہ هو بنگال وڃي ۽ شيرأفگن کي دربار ۾ وٺي اچي ۽ حڪم نہ مڃي تہ کيس سزا ڏني وڃي.

1607ع ۾ قطب الدين، بردوان پهتو ۽ شيرافگن کي ملڻ لاءِ گهرايو. ڪجهہ تاريخدانن طلبيءَ کي فقط ملڻ لکيو آهي. جڏهن تہ ڪن اهو مقصد گرفتاري لکيو آهي. 30 مارچ 1607ع تي شيرافگن فقط ٻن نوڪرن سان گڏ صوبيدار سان ملڻ آيو. جيئن ئي هو خيمي ويجهو پهتو، صوبيدار (قطب الدين) فوج کي حڪم ڏنو تہ هن کي گهيريو وڃي. شيرافگن خطرو محسوس ڪيو تہ هن جو رت ٽهڪڻ لڳو. هن کي محسوس ٿيو تہ هن سان دوکو ٿيو آهي. هن قطب الدين کان پڇيو تہ هي تو ڪيو آهي؟ جيو وڃي تو تہ قطب الدين اهو ٻڌائن لاءِ اڳتي وڌيو تہ شيرافگن، تلوار ڪڍي هن جي پيٽ ۾ هنئي. هن جا آنڊا ٻاهر نڪري پيا. پر هن دلير شخص پنهنجي آندن کي هٿن سان سنڀاليندي پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ شير افگن کي قتل ڪن. پر ان جي ضرورت نہ هئي. هڪ ڪشميري نوڪر اسبا خان، شيرافگن تي حملو ڪيو ۽ هو پاڻ بہ زخمي ٿيو. ان سان گڏ شيرافگن کي چئني پاسن کان گهيريو ويو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هن جو رت ۾ ٻڏل لاش ٽڪرن ۾ خيمي جي فرش تي وکري ويو. شيرافگن مرڻ مهل بہ پنهنجو انتقام پورو ڪيو. اسبا خان انهيءَ مهل مري ويو ۽ قطب الدين چوويهہ ڪلاڪن اندر دم ڏنو. هڪ ٻي روايت مطابق قطب الدين انهيءَ مهل ئي الله کي پيارو ٿي ويو. اهڙيءَ طرح شيرافگن تي پهرئين حملي ڪندڙ جي نالي ۾ بہ اختلاف آهي. جهانگير هن کي اسبا خان ۽ معتمد خان هن کي پير خان، ۽ ڪامگار خان ان کي ايبڪ خان لکيو آهي. قطب الدين جي لاش بابت چيو وڃي ٿو تہ کيس فتح پور سيڪري آندو ويو ۽ ڪن چواڻي تہ کيس اتي دفنايو ويو. باقي شيرافگن جي لاش جا ٽڪرا بردوان ۾ دفن ڪيا ويا ۽ هن جي بيوه مهرالنساءِ، هن جي لاڏلي ڌيءُ ۽ ٻين مائٽن کي سندس آخري ديدار بہ ڪرڻ نہ ڏنو ويو.

جهانگير، قطب الدين کي پيارو پٽ، پيارو ڀاءُ ۽ دلي دوست جهڙن لقبن سان سڏيندو هو. هن جي موت جو کيس ڏاڍو گهرو صدمو پهتو ۽ ڪجهہ روايتن مطابق هن کي پنهنجو ڏک ونڊڻ لاءِ لفظ نہ ٿي مليا. هن شيرافگن کي گاريون ڏنيون ۽ هميشہ

جهنم ۾ سڙڻ جي بددعا ڏني.

شيرافگن جي بيوهه ۽ ڌيءُ کي دارالسلطنت موڪليو ويو. جت مرزا غياث بيگ، اعتمادالدوله جي لقب سان دربار ۾ عهدي تي فائز هو. چيو وڃي ٿو ته جهانگير، مهر النساءِ سان ملڻ کان انڪاري ٿيو ۽ يڪدم ملڪه سليمه جي صحبت ۾ موڪليو.

هڪروايت آهي ته مهرالنساءِ لاڳيتو ڪوشش ڪندي رهي ته ڪنهن طريقي سان محل ۾ پهچي، پر ناڪام رهي ۽ ٻي روايت آهي ته ڇئن سالن کان هو ٻئي نه مليا هئا ۽ مارچ 1611ع ۾ جهانگير اوچتو بهار جي مند جي مينا بازار ۾ يا ڪن روايتن مطابق شاهي دعوت ۾ ڏٺو ۽ هن تي موهجي ويو.

ٻنهي جي پهرين ملٽي جي حوالي سان ٽين روايت هن ريت آهي ته مهرالنساءِ پنيان باغ ۾ گهمي رهي هئي. جهانگير پاڻ به ان وقت باغ ۾ بيٺو هو. هن کي ٻه ڪبوتر ڏنا ۽ ڪنهن ڪم سان هليو ويو. ڪجهه ديرڪانپوءِ هو آيو ۽ هن مهرالنساءِ کان پنهنجا ڪبوتر گهريا ته مهرالنساءِ جي هٿ ۾ ٻن بدران هڪ ڪبوتر هو. هن اهو بادشاهه آڏو ڪيو. جهانگير ڪانئس پڇيو ته اسان توکي ٻه ڪبوتر ڏنا هئا. هڪ ڪاڏي ويو؟ مهرالنساءِ چيو اڏري ويو. جهانگير ڪاوڙ مان چيو ته ڪيئن؟ مهرالنساءِ هٿ کولي ٻيو ڪبوتر اڏائي چيو، "ائين!..." روايت آهي ته جهانگير کي مهرالنساءِ جي اها ادا ايڏي ته وڻي جو ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به سمجهيو. ڪجه ليکڪن ۽ تاريخدانن انهيءَ واقعي کي شهزادي سليم سان ٻي هٽرادو ڪردار "انارڪلي" سان ٻڌايا آهن.

بهرحال مئي 1611ع ۾ جهانگير، مهرالنساءِ سان شادي ڪئي ۽ پنهنجي محل ۾ آندو. جڏهن 1613ع ۾ ملڪه سليمه بيگم گذاري وئي ته محل ۾ نورجهان سان مقابلو ڪندڙ ڪا عورت نه رهي.

تاريخدانن، جهانگير کي شيرافگن جي قتل کان وانجهو ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لاتو آهي، پر ڪنهن تاريخ ۾ پنهنجي مڙس جي قتل تي مهرالنساءِ جي رنج ۽ ڏک جو ذڪر ٿائين ناهي. اهو ئي سبب آهي جو تاريخ ۾ شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي ته شيرافگن جو قتل جهانگير جي مرضيءَ سان مهرالنساءِ جي چوڻ تي ڪيو ويو هجي. ان لاءِ روايت آهي ته جهانگير شهزادي هئڻ واري دور کان وٺي مهر النساءِ تي عاشق هو، پر شهنشاهه اڪبر ان شاديءَ کان انڪار ڪيو هو ۽ غياث بيگ کي راضي ڪيو هو ته

شيرافگن سان مهرالنساءِ جي شادي ڪري ڇڏي. جهانگير بادشاهه ٿيو تہ پنهنجي دشمن کي قتل ڪرايائين. مهرالنساءِ ڇهن سالن کان وٺي پنهنجي مڙس جي قاتل جا نياپا ٻڌي انڪار ڪندي رهي ۽ نيٺ راضي ٿي وئي. ٻئي پاسي اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ ڇهن سالن جو وقت ٻنهي جي مرضيءَ سان رکيو ويو هو، تہ جيئن ماڻهن جي دلين مان اهو شڪ نڪري وڃي تہ شيرافگن جي قتل ۾ هن جي زال يا جهانگير جو هٿ هو، يا اهو قتل ٻنهي جي عشق ڪري ٿيو هو.

جيڪي تاريخدان، جهانگير کي انهيءَ قتل مان آجو ڇون ٿا، انهن جو چوڻ آهي تہ شيرافگن کي مارائڻ ۾ هن جو ٿورو بہ هٿ هجي ها تہ هو پنهنجي تزڪ ۾ انهيءَ واقعي جو ذرو بہ ذڪر نہ ڪري ها. پر هن شيرافگن جي مرڻ ۽ زندگيءَ جو تفصيل سان بيان ڪيو آهي. معتمد خان، شاهجهان جي وقت ۾ تزڪ جهانگيريءَ کي پورو ڪيو ۽ ڪامگار خان جي تاريخ شاهه جهان جي چوڻ تي لکي وئي. اهي ٻئي نورجهان جا دشمن هئا. انهن ٻنهي مان ڪنهن بہ نورجهان کي ڪنهن ڪا خاص الزام تراشي نہ ڪئي آهي.

هنن جو چوڻ آهي تہ انهيءَ وچ ۾ ڪيترائي پرڏيهي سياح هندستان آيا. انهن ۾ برطانيہ جا بہ هئا. انهن مان هڪ جهانگير کي شهزادي هئڻ واري وقت ۾ پنهنجي ماٽيلي ماءُ سان غلط لاڳاپن ۽ مهرالنساءِ کي پنهنجي ماٽيلي پٽ شهزادي خرم (شاهجهان) سان ڦٿل هئڻ جو ذڪر ڪيو آهي. انهن مان ڪنهن بہ مهرالنساءِ يا جهانگير کي شيرافگن جو قاتل نہ چيو آهي. ايسٽ انڊيا ڪمپني جي هڪ نوڪر، لنڊن ۾ پنهنجي مالڪن کي هڪ خط ڪليو تہ بادشاهه (جهانگير) هڪ عورت مهرالنساءِ کي ڪريل خاندان مان ڪٽي مان متاهون ڪيو. هندستان جي الهندي ڪنارن ۽ انهن سان ڳنڍيل علائقن جو دورو ڪندڙ انگريز سياح پيٽرول ڊيلاويل، مهرالنساءِ بابت گهڻو ڪجهه ٻڌو، پر عجيب ڳالهہ تہ هن کي سندس شاديءَ بابت ڪا ڄاڻ نہ ملي سگهي. هو لکي ٿو تہ "ملڪ (مهرالنساءِ) هندستان ۾ ڄائي، پر ايراني نسل مان آهي. (هڪ ايراني ڇوڪري، جيڪا هجرت ڪري هندستان آئي) هن جي شادي هڪ ايراني فوجي ڪمانڊر سان ٿي، جيڪو بہ مغلن جو نوڪر هو، پر پنهنجي مڙس جي گذاري وڃڻ ڪري هن کي سٺو وجهہ مليو. جيئن بين سهڻين نوجوان بيواهن کي ملندو آهي. مونکي خبر ناهي، شهزادي سليم هن کي

ڪٽان ڏنو ۽ عاشق ٿيو."

ڊيلاويل وڏيڪ لکيل تہ "هو (جهانگير) هن (مهرالنساءِ) کي پنهنجي محل ۾ وٺي ويو هوندو ۽ هن کي ٻين عورتن جيان رکڻ چاهيو هوندائين. پر هڪ چالاڪ ۽ خوصلي واري عورت، بادشاهہ کي ديانتداريءَ سان چيو ۽ هن جي حرم ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو. اهو چئي تہ هوءَ هڪ باعزت ڪمانڊر جي گهر واري آهي ۽ عزت واري پيءُ جي ڌيءُ آهي. ان لاءِ پنهنجي عزت تي ڪڏهن حرف اچڻ نہ ڏيندي. شاهي حرم ۾ ٻانهن جيان رهڻ هن جي شان وٽان نہ هو. جيڪڏهن بادشاهہ کي هن سان لڳاءُ آهي تہ ساڻس شادي ڪري. انهيءَ شرط تي هو حاضر آهي. شاهہ سليم هن جي مغروري ۽ وڏائيءَ تي ڏمريو ۽ هن کي ذليل و خوار ڪرڻ لاءِ گهٽ ذات واري ماٺهوءَ حوالي ڪيو. پر هوءَ عورت پنهنجي عزم تي قائم رهي.

بادشاهہ جي دل ۾ سندس لاءِ محبت پيدا ٿي. ڪجهہ ماڻهن چواڻي تہ ان لاءِ جادوءَ وسيلي ڪم ڪيو ويو. آخرڪار بادشاهہ انهيءَ سندر عورت کي پنهنجي زال بڻايو.

ان ڪانسواءِ ايڊورڊ ٽيري ۽ سر ٿامس رو بہ پنهنجي سفرنامي ۾ جهانگير ۽ مهرالنساءِ جي شاديءَ جو ذڪر ڪيو آهي. پر ٻنهي مان ڪنهن بہ شيرافگن جي موت بابت ٻنهي يا ڪنهن بہ هڪ لاءِ ناهي چيو.

چيو وڃي ٿو تہ شروع ۾ جهانگير، مهرالنساءِ جي شاديءَ کي عشق جو نتيجو ناهي چيو ويو. ٿي سگهي ٿو ان جو سبب مغل بادشاهن جو ڊپ هجي. پر ارڙهين صديءَ جي شروع ۾ انهيءَ قصي کي باقاعده محبت واري ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو ويو، جيڪو ايڏو تہ مشهور ٿيو جو اصل حقيقت وقت جي دز ۾ لٽجي وئي.

شاديءَ جي ٻن مهينن ۾ جهانگير جولاءِ 1611ع ۾ مهرالنساءِ کي نورمحل ۽ ساڍن ڇئن سالن کان پوءِ 1616ع ۾ نورجهان جو لقب ڏنو.

آخري لقب ايترو تہ مشهور ٿيو جو مهرالنساءِ جو اصل نالو ۽ پهريون لقب هاڻ ڪنهن کي ياد ناهي رهيو.

پنهنجي ٻي شاديءَ مهل مهرالنساءِ، جيئن تہ عام طرح هن کي چئبو هو، پنهنجو حسن ۽ سندرتا قائم رکي هئي. قدرت طرفان عطا ڪيل ڪا سونهن سوپيا هن ۾ گهٽ نہ هئي. ايران جي بي حساب سونهن ۽ هن جا نرم نازڪ مهانڊا. خوش مزاجي ۽ دلڪشيءَ ۾ تہ وڌ هئي. مصورن هن

جا نرم نازڪ، دلڪش مهانڊا اينڊڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪري ۾ سڀ صلاحيتون ڪتب آنديون. هن جو نانءُ ايندي ئي نازڪ گول چهرو، ويڪري پيشاني، وڏيون وڏيون نيريون اکيون ۽ سنها چپ سامهون اچي ٿا وڃن. هن جي صحت سدائين سٺي رهي. هوءَ گهوڙي تي سوار ٿي حڪومت ۽ شڪار ڪندي هئي ۽ نشاني جي پڪي هئي.

تاريخ مطابق قدرت هن کي عقل ۽ ذهانت عطا ڪئي هئي ۽ فطري صلاحيتن ڪيس اجا وڏيڪ شعور ڏنو هو. فارسي ادب ۾ کيس ڪمال حاصل هو. هوءَ صاف ۽ رواني‌ءَ سان شعر چوندي هئي. جنهن ڪري سندس شهرت ۾ اجا به واڌارو ٿيو. "مرات الخيال" جي ليکڪ مطابق شعر چوڻ ۽ حاضر جوابيءَ ۾ هن جو ڪو ثاني نه هو.

بزم تيموريه" ۾ آهي ته نورجهان في البديهه شعر چوندي هئي يا مصرعن ۾ واڌارو ڪندي هئي. انهيءَ فن ۾ کيس ڪمال حاصل هو. هڪ ڏينهن جهانگير لباس بدليو.جنهن جو نالو" لعل بي بها" هو. نورجهان هن کي ڏسي شعر پڙهيو:

ترا نه تکمهٔ لعل است برقبائيء حرير

شده است قطرهء خون منت گريبان گير.

هڪ دفعي جهانگير عيد جو چنڊ ڏسي هي مصرع چيو:

هلال عيد براوج فلڪ هويدا شد

ان تي نورجهان يڪدم چيو.

ڪليد ميڪده گم گشته بود پيدا شد

"مفتاح التواريخ " ۾ سرٿامس وليم بيل نورجهان جي في البديه شعر چوڻ جا ڪيترائي ئي مثال ڏنا آهن.

تاريخ ۾ آهي ته نورجهان جو جمالياتي ذوق بيحد بلند هو ۽ جن حسناڪين ۽ صلاحيتن ڪري حسن لطيف جي شان ۾ واڌارو ٿئي ٿو، اهي هن ۾ بدرجه اتم موجود هيون.

سلطان سليمه بيگم جي گذاري وڃڻ تي کيس بادشاهه بيگم، سلطنت جي خاتونِ اول ۽ ملڪ محل جو رتبو ڏنو . هن پوشاڪ ۽ سينگار تي يڪدم ڌيان ڏنو. هن اردوزي، زربفت ۽ قالين جا ڪيترائي نمونا ٺاهيا. هڪ خاص قسم جو زربفت، جيڪو نورمحل چورائيندو هو، ان جو سڄو جوڙو (گهوٽ ڪنوار لاءِ) پنجويهه روپين ۾ تيار ٿيندو هو. جيڪو اجا تائين مشهور آهي. زيورن جي نمونن لاءِ، ڪمرن جي سينگار لاءِ

۽ دعوتن لاءِ نوان طريقا ايجاد ڪيا. هڪ صديءَ ڪانپوءِ خافي خان لکيو ته نورجهان جو ايجاد ڪيل فيشن اڄ به معاشري جي زينت بڻيل آهي ۽ پرانو فيشن فقط افغانن ۽ غريب علائقن ۾ وڃي بچيو آهي. خافي خان هڪ ٻيو اهم واقعو به بيان ڪيو آهي ته هڪ دفعو جهانگير پرڏيهي نفيس ڪپڙي جو نمونو ڏٺو. جيڪو چمڪندڙ گلن ۽ شوخ رنگ جي پرت سان پريل هو. بادشاهه بورچيءَ کان پڇيو، "هي ڪيترن پئسن ۾ تيار ٿيو آهي؟" بورچيءَ ٻڌايو ته ڪيس اهو سندس محل مان مليو آهي. جهانگير، نورجهان کان پڇيو ته ان ڪپڙي تي ڪيترو خرچ ٿيو آهي؟ نورجهان چيو ته هن اهو سڄو اميرن ۽ وزيرن ۽ درٻارين ڏانهن ايندڙ خطن جي ٿيلهي مان تيار ڪيو آهي.

هن جي دل سخي ۽ نوازيندڙ هئي. جهانگير سان هن کي بيحد محبت هئي. ان ڪانپوءِ سڄو ڌيان خدا جي مخلوق تي ڏيندي هئي. محمد هادي لکي ٿو ته هوءَ مظلوم ۽ بي سهارا ڇوڪرين لاءِ پناهگاهه هئي. ڪنهن مظلوم جو حال ٻڌي هوءَ پنهنجي سڄي ڪوشش ان جي مدد ڪرڻ ۾ لڳائيندي هئي. ڪنهن يتيم جو حال ٻڌي ڪڏهن هن ائين نه ڪيو جو ان جي شاديءَ جي خرچ ۾ مدد نه ڪئي هجي.

پنهنجي سورنهن سالن جي حڪومتي دور ۾ هن اٺ سؤ ڇوڪرين جي شادي ۽ ڏاج جو خرچ پريو ۽ ٻين خيراتن جو تعداد ڳڻڻ کان ٻاهر آهي. هن جي زندگي ڪيترين خاصيتن جو مجموعو آهي. فيشن جي شوقين هيءَ راڻي جڏهن شهزادي خسرو جي دوست ۽ خيرخواه هئي ته شهزادي کي اعليٰ درجي تائين رسايائين ۽ سندس دشمن ٿي ته ڪيس خاڪ ۾ ملائي ڇڏيائين.

جڏهن هن جي هٿ ۾ اقتدار هو، هن هر شيءِ تي حڪومت ڪئي ۽ جڏهن اقتدار نه رهيو ته مذهبي رنگ ۾ رنگجي عملي زندگيءَ کان پاسيري ٿي وئي. هن جي سيرت سان اهو ٺهڪندڙ هو. هوءَ سخت جاه طلب هئي ۽ هن کي پنهنجي ذهانت ۽ عقل کي ڪتب آڻڻ جا سڀ طريقا ايندا هئا ۽ هميشه پرجوش رهڻ ۾ خوشي محسوس ڪندي هئي. سندس اهو خيال هوندو آهي ته سڄو اختيار هنن جي هٿ ۾ هجي.

نورجهان جي خاص ڳالهه اها هئي ته هوءَ هر ڳالهه سمجهي ويندي هئي ۽ ڳالهه جي تهه تائين پهچي ويندي هئي. هن جي دشمنن کي به اعتراف هو ته هن جو هٿ لڳندي ئي هر مشڪل سولي ٿي پوندي هئي.

پاءُ آصف خان، هن جي پائٽيءَ جو مڙس (شهزادو خرم، شاهجهان) بہ هن جي گهڻي مدد ڪندو هو. شهزادي خرم جي پهرين شادي مظفر حسين مرزا صفويءَ جي ڌيءُ سان ٿيل هئي. هو بہ پنهنجي پيءُ جيان مينا بازار ۾ ارجمند بانو (نورجهان جي پائٽي) جي عشق ۾ قابو ٿي ويو هو ۽ هن سان شاديءَ جو خواهشمند ٿيو.

پاڻ نورجهان هن جي شاديءَ ۾ دلچسپي ورتي. اپريل 1612ع ۾ اها شادي انجام تي پهتي. جهانگير پاڻ پنهنجي پٽ جي ڄڃ وٺي آصف خان جي محل پهتو ۽ هڪ ڏينهن اتي ترسيو.

ارجمند بانو نهايت سندر هئڻ سان گڏ مخلص ۽ فراخدل بہ هئي. هن جو مرڪندڙ چهرو ڪڏهن بہ ڪاوڙيل نہ هوندو هو.

مصيبت ۾ بہ صبر شڪر واري هن ڇوڪريءَ تي پنهنجي ور جي فرض جو تمام گهڻو اونو هوندو هو. هن پنهنجو بدن نہ پر پنهنجي دل ۽ دماغ پنهنجي ور جي حوالي ڪيا هئا.

ور بہ ڪيس ايتري محبت ڏني، جيڪا اڄ تائين ڪنهن زال کي نصيب ناهي ٿي. سنگمرمر جو نهيل (جنهن کي تاج محل) چئجي ٿو. انهن ٻنهي جي لازوال محبت جو يادگار اهي. نورجهان اها شادي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرائڻ لاءِ ڪرائي هئي. انهيءَ شاديءَ کي سياسي شادي چئجي ٿو. پر اڳتي هلي اها نہ فقط نورجهان لاءِ آزار بڻي، پر ان مغل سلطنت کي ائين اڌوهيءَ جيان کاڌو، جو ٻن نسلن کانپوءِ حڪومت ڪمزور ٿي وئي. شروع ۾ شهزادو خرم، نورجهان جي من پسند ماڻهن مان هو. پر هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو تخت ۽ تاج جي جنگ اهڙي تہ وڌي ۽ وڌي ڪري ڇڏي جو پڦي ۽ پائيٽيءَ جو رشتو نالي ماتر رهجي ويو. انهن بحرانن هوندي بہ اوير ۽ اولهہ جا تبصرو ڪندڙ ۽ تاريخدان انهيءَ امر تي سهمت آهن تہ پنهنجي دور ۾ نورجهان سلطنت تي پوريءَ طرح ڇانيل هئي. ڪڏهن ڪڏهن درٻيءَ ۾ ويهي حڪم هلائيندي هئي ۽ سفيرن جي آجيان ڪندي هئي. هوءَ جيڪڏهن ڪنهن عهدي تي هجي ها تہ پنهنجي جاگير جي لحاظ کان ٽيهہ هزاري منصب جي عهدي تي هجي ها.

هڪ تاريخدان لکيو آهي تہ "جهانگير، نورجهان سان شادي ڪري هن جو قيدي ٿي ويو. بادشاهہ هو آهي، پر حڪومت هن جي زال ڪري ٿي. پنهنجي نالي جو سڪو هلائي ٿي. جيڪو چاهي ٿي، ناهي ٿي. جيئن

چاهي، ائين ڪري ٿي. جنهن کي چاهي، بادشاهه جي نظرن ۾ ڪيرائي ٿي ۽ جنهن کي چاهي، سرخرو ڪري ٿي."

تاريخدان ان ٿي ٻه سهمت آهن ته جيڪو عروج نورجهان کي نصيب ٿيو، اهو هندستان جي تاريخ ۾ ڪنهن عورت کي نصيب نه ٿيو. هن هڪ سمجهدار سياستدان جيان اهڙو گروهه ٺاهيو، جيڪو اقتدار ۾ هن جو حامي هو.

تاريخدانن، نورجهان جي سورنهن سالن کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. پهريون دور 1611ع کان 1623ع تائين ۽ ٻيو دور 1623ع کان 1627ع تائين آهي.

پهريون دور جهانگير پنهنجي لاڏلي زال جو حامي هو. نورجهان کي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ شهزادي خرم جي ٻه هٿي مليل هئي. ٻئي دور ۾ جهانگير مريض ٿي ويو هو. هن جا ماءُ پيءُ گذاري ويا هئا. خرم باغي شهزادي جي روپ ۾ سامهون آيو. نورجهان حالتن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اڪيلي رهجي وئي. اهو ئي دور هو، جڏهن ملڪ ۾ قتل ۽ سازشن زور ورتو ۽ نورجهان کي محل جون آسائشون ڇڏي پنهنجي مڙس ۽ ان جي سلطنت لاءِ تلوار کڻڻي پئي.

اهي آثار 1618ع ۾ ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا. 1623ع ۾ اهو وقت آيو جو نورجهان جي اقتدار ۾ نه فقط ڏار پئجي ويا، پر ائين محسوس ٿيڻ لڳو،جڻ سڄي مغل بادشاهت هڪ پاسي هجي ۽ نورجهان حالتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اڪيلي رهجي وئي هجي.

1618ع ۾ جهانگير گجرات ويو ته اتان انفلوئنزا کڻي آيو. جنهن هوريان هوريان دمي جي شڪل اختيار ڪئي. اڳيان پنج سال هن عذاب ۾ گذاريا. هر طرح جو علاج ڪيو ويو. ڪيترا دفعا هو ڪشمير جهڙي سرسبز علائقي ۾ سير لاءِ ويو، ته جيئن سندس صحت سڌري، پر ڪو خاص فرق نه آيو. نورجهان جي خدمت گذاريءَ کيس بچائي ورتو، پر فقط هن جو دم بچيو هو. هن هوريان هوريان جهانگير جي شراب پيئڻ گهٽ ڪرائي ڇڏيو. ڪاڏي جو پرهيز ڪرايو ۽ مناسب دوائن کائڻ تي زور ڏنو. هو صحيح ٿي ويو، پر ڪمزور هو.

1623ع ۾ حالت اها ٿي وئي جو جهانگير پنهنجي روز جي معمول مطابق لکڻ جهڙو به نه رهيو ۽ اهو ڪم معتمد خان جي حوالي ڪيو. حڪومت جو انتظام نورجهان حوالي

ٿيو .

نورجهان پهرين ٻه بااختيار هئي. هاڻ هن سچي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. هوءَ ان ذميداريءَ ڪري بلڪل پريشان نه هئي. هن کي پريشاني اها هئي ته هن جو حاڪماڻو مزاج ڪنهن جي اقتدار ۾ دخل اندازي برداشت نه ڪري سگهندو هو. مڙس پهرين هن کان پري هو. هاڻ ته ان جي دخل اندازيءَ جو سوال پيدا نه ٿي ٿيو. اصل مسئلو شهزادي خرم جو هو. جيڪو تخت تاج جو اميدوار هو.

سيني کي اهو سيڪاريو ويو هو ته ڪيس صرف هڪ شهزادو سمجهيو وڃي. ڪيترا صوبيدار، فوجي ڪمانڊر، فوجي وفد هن جي اثر هيٺ هئا. نورجهان گهڻو وقت هن جي ويجهو رهي هئي. هن کي خبر هئي ته مستقبل جو بادشاهه مغرور، طاقتور ۽ جاه و جلال وارو هو. هو جهانگير جهڙي ڪمزور بادشاهه کان بلڪل مختلف هو ۽ پنهنجي معاملن ۾ ڪنهن جي ٻه دخل اندازي برداشت نه ڪندو. حڪومت ۽ اقتدار جون صلاحيتون هن ۾ اڻ ڳڻيون هيون. اهڙي سلطنت ۾ نورجهان جهڙي حڪم هلائيندڙ ۽ شهزادي خرم جهڙي شخصيتن جو گڏ رهڻ ممڪن نه هو.

هاڻ نورجهان جي سامهون ٻه رستا هئا. هڪ ته اقتدار کان پاسيري ٿي وڃي. جيئن ته هوءَ باغي عورت هئي، ان لاءِ هن ٻيو رستو چونڊيو ۽ پنهنجي مڙس جي وارث لاءِ سيني کان ننڍي شهزادي شهريار کي چونڊيو. جنهن ۾ ڪا اهڙي خاص وصف نه هئي جو جهانگير ڪيس خرم تي ترجيح ڏي ها. نورجهان پنهنجي ڌيءَ لاڏلي بيگم جي شادي هن سان ڪري ڇڏي. ان وچ ۾ نورجهان جي ماءُ ۽ پوءِ پيءُ گذاري ويا. اعتماد الدوله جا سڀ اعزاز ۽ اختيار نورجهان کي ڏنا ويا. پوءِ ٻه هوءَ ايڏي مضبوط نه ٿي سگهي، جيئن پيءُ جي وقت هوندي هئي.

هن جو پيءُ جيئرو هجي ها ته شايد تخت جي جنگ ۾ نورجهان جو ساٿ ڏئي ها. پر جڏهن نورجهان پنهنجي نائيءَ جي تخت ۽ تاج جي حق ۾ مهم شروع ڪئي، ته هن جي ڀاءُ آصف خان پنهنجي نائي خرم جو ساٿ ڏنو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو نورجهان ۽ خرم هڪ ٻئي جا جاني دشمن بڻجي ويا. آصف خان تي ڪو حرف نه آيو. ڇو ته خرم جي طرفداري هن لڪي ڇپي ڪئي پئي ۽ پنهنجي شاطرانه چالن ذريعي ڀنهي کي مطمئن ڪندو رهيو. دل سان هو پنهنجي نائيءَ

سان گڏ هو ۽ پنهنجي پيڻ جي نانيءَ جي عروج جو مخالف هو.هو پنهنجا خيال دل ۾ رکندو هو.تہ جيئن اقتدار تي وينل کيس نقصان نہ پهچائين. هو ظاهري طرح راڻي ۽ بادشاهہ جو حامي رهيو. پر راڻيءَ جي حاڪماڻي فطرت کي چوٽ رسائڻ وارو خيال هن دل ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو هو.

هڪ پاسي نورجهان پنهنجي تخت تاج بچائڻ ۾ پوري هئي تہ ٻئي پاسي شهزادو خرم ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هو. نورجهان چاهيو پئي تہ خرم آگري کان پري رهي تہ جيئن هن جي غير حاضريءَ ڪري هوءَ پاڻ کي گهڻو مضبوط ڪري سگهي. شهنشاهہ انهيءَ لائق هو تہ زباني حڪم ڏئي سگهي. جنهن ڪري هن نورجهان جي چوڻ تي شهزادي خرم کي دکن جي فوجي مهم تي موڪليو. خرم انهيءَ چالاڪيءَ کي سمجهي ويو. هو ويندي ويندي پنهنجي وڏي ڀاءُ خسروءَ کي ساڻ وٺي ويو. جيڪو ڪنهن بہ پل هن جي تخت ۽ تاج جي وچ ۾ اچي سگهيو ٿي.

اتي هن خسرو کي گهڻو ڏئي ماري ڇڏيو. هن پنهنجي پر ۾ تخت جو هڪ ٻيو دعويدار گهٽ ڪري ڇڏيو. تاريخ ۾ آهي تہ خسرو، تخت جي جنگ ۾ مقتول هئڻ وارو پهريون مغل شهزادو آهي. جهانگير کي پنهنجي پٽ جي موت جو ڏاڍو گهڻو صدمو رسيو. پر هو هاڻ انهيءَ لائق نہ هو جو خرم کي سخت سزا ڏئي سگهي.

دکن مان ڪاميابيءَ ڪانپوءِ خرم هڪ دفعو ٻيهر نورجهان جي حواسن تي سوار هو. هن ڀيري هن خرم کي بلڪل تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. قنڌار کي ايرانين فتح ڪري ورتو هو. نورجهان منصوبو ٺاهيو تہ خرم کي سلطنت جي ڪمانڊر جي حيثيت سان قنڌار وڃڻ جو حڪم ڏجي تہ هو نہ فقط تخت ۽ تاج کان پري ٿي ويندو، پر هڪ اهڙي مهمُ ۾ بہ ڦاسي ويندو، جيڪا تقريبن مايوس ڪن هئي. ڊگهي وقت جي جنگ ڪري خرم جو مان ۽ مشهوري بہ برباد ٿي ويندي ۽ حڪم نہ مڃيندو تہ گستاخ ۽ باغي سڏبو. بغاوت ڪرڻ تي کيس هميشہ لاءِ چيپاٽيو ويندو. شهزادو خرم ظاهري طرح شاهي حڪم جي پورائي لاءِ برهان پور مان روانو ٿي ويو. پر مينهن جي مند ختم ٿيڻ تائين مانڊو کان اڳتي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. تاريخدانن انهيءَ حڪم کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ جو ڪو سبب ناهي لکيو. پر حالتن مان چڱيءَ طرح

اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ خرم ائين چو ڪيو. هن نہ فقط اڳتي وڃڻ کان انڪار ڪيو، پر هڪ وڏي فوج ۽ پنجاب تي پوريءَ طرح اقتدار جو مطالبو ڪيو. هو جهانگير جي صحت کان پوريءَ طرح باخبر هو ۽ چاهُندو هو تہ جهانگير هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو تہ نورجهان بنا هٻڪ جي شهريار جي بادشاهت جو اعلان ڪندي. ائين فوج جو گهڻو تعداد هن سان گڏ هوندو تہ هن کي پنهنجي حق جي حاصل ڪرڻ لاءِ سولائي ٿيندي. ٻئي پاسي ڪابل جو گورنر مهابت خان هو، جيڪو پهريائين جهانگير کي نورجهان جي جادوءَ کان پري رهڻ لاءِ چئي ڪري سلطنت کان سزا طور پري موڪليو ويو هو. خرم کي پڪ هئي تہ نورجهان سان مقابلي مهل مهابت خان هن جو ساٿ ڏيندو. خرم حالتن جو تجزيو ڪرڻ مهل نهايت احتياط ۽ هوش سان ڪم ورتو. پر هو نورجهان کي دوکو نہ ڏئي سگهيو. هن پنهنجي مڙس کي اهو ذهن نشين ڪرايو تہ خرم جا خيال باغي آهن ۽ هن شهزادي کي نياپو موڪليو تہ جيئن هو مينهن جي مند ڪانپوءِ هو قنڌار ويندو، جنهنڪري هن سان گڏ جيڪا فوج آهي، ان کي دربار اماڻيو وڃي.

خرم انهيءَ حڪم کان وائڙو ٿي ويو ۽ دل ئي دل ۾ نورجهان جي چالاڪيءَ کي ساراهيائين.

انهيءَ وقت اهڙو واقعو پيش آيو، جيڪو نورجهان سان سنئون سڌو تعلق رکندڙ هو. ان ۾ شهزادو خرم پاڻ بہ هو. ان لاءِ جهانگير جي دل ۾ هن جو قدر اجا بہ گهٽجي ويو. خرم ڪجهہ ڏينهن اڳ ڌول پور جو پرڳڻو پنهنجي جاگير ۾ ڏيڻ لاءِ چيو هو. هن کي پنهنجي ڪاميابيءَ جي پڪ هئي. هن پنهنجو هڪ فوجي دستو ڪجهہ ننڍن فوجين سان ڌول پور روانيو ڪيو هو،تہ جيئن جاگير جو قبضو وٺي سگهي. ان کان اڳ هو پهچن، نورجهان اهو پرڳڻو پنهنجي ناٺي شهريار لاءِ حاصل ڪري ورتو. شهريار جا نوڪر اڳ ۾ ئي اتي موجود هئا. خرم ۽ شهريار جي فوجن ۾ پرڳڻو حاصل ڪرڻ لاءِ چتي ويڙهہ ٿي جنهن ۾ ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. نورجهان چالاڪيءَ سان اهو واقعو پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ جهانگير کي ٻڌايو تہ هن جيڪي نوازشون خرم کي ڏنيون هيون، هو انهن جو اهل نہ هو. هن دفعي هن کي شاهي دربار مان خط لکيو ويو تہ آئنده هوش ۽ ادب وارو

رستو اختيار ڪري. ڪيس دربار ۾ اچڻ کان سختيءَ سان جهليو ويو ۽ تاڪيد ڪئي وئي تہ آفيسرن ۽ نوجوانن کي جلدي موڪلي.

ان جي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هڪ ٻئي حڪم ذريعي خرم جي بدران فقط شهريار کي قنڌار جي مهم ڏني وئي، پر ٻئي ڪاروائي اها ڪئي وئي جو خرم جي ڏکڻ وار جاگير بہ هن کي ڏني وئي. خرم کي چيو ويو تہ هو ان جي برابر جاگير دکن ۾ چونڊي وٺي. حصار جي جاگير هميشہ سلطنت جي ولي عهد شهزادي لاءِ مخصوص هئي. پر اها جاگير بہ شهريار کي ڏني وئي. خرم حالتن جو رخ ڏسي ڊڄي ويو. پنهنجو خاص ماڻهو موڪلي معافي گهري. پر نورجهان جي مخالفت ڪري اها ڪوشش بيڪار وئي.

خرم چئني پاسن کان مجبور ٿي بغاوت جو اعلان ڪيو. تاريخدان چون ٿا تہ اها فقط نورجهان جي ضد ۽ عداوت هئي، جنهنڪري مغل سلطنت گهرو ويڙهہ جو شڪار ٿي. خرم شاهي فوج سان ويڙهہ شروع ڪئي تہ ڪابل مان مهابت خان کي گهرائي هن پٺيان موڪليو ويو.

آخر ڪار خرم پنهنجي شڪست مڃي ۽ سالن جا سال هندستان ۾ رلندو رهيو. نورجهان ان تي ڏاڍي خوش هئي. هاڻ ڪيس هڪ ٻي پريشاني هئي. خرم جي مقابلي ۾ مهابت خان، شاهي فوج کي فتح ڏياري هئي، ان لاءِ ان جي طاقت ۾ واڌارو ٿي ويو هو . نورجهان کي خبر هئي تہ مهابت خان سندس هڪ عورت جي حيثيت ۾ سلطنت تي قابض هئڻ جو ڪٽر مخالف هو، سو ڪنهن بہ وقت خطرو بڻجي سگهي ٿو.

ٻئي پاسي خرم هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي بيوسي، لاچاري ۽ مجبوري پنهنجي پيءُ کي خط ۾ لکي، معافي گهري.

نورجهان مارچ 1626ع ۾ بادشاهہ طرفان خرم کي جواب ڏنو تہ هو پنهنجي قبضي هيٺ سڀني شاهي قلعن تان هٿ کڻي ۽ پنهنجن ٻن پٽن، دارا شڪوه ۽ اورنگزيب کي ضمانت طور موڪلي، جيئن ٻيهر اهڙو قدم نہ کڻڻ جي خاطري ٿي سگهي. خرم حالتن جو ستايل هو. ٻنا ڪجهہ چوڻ جي سڀ شرط قبوليائين ۽ ائين مغل سلطنت ٽن سالن ڪانپوءِ امن امان جو منهن ڏٺو. انهيءَ وچ ۾ شاهي امن ۽ فائدن کي ايڏو تہ نقصان پهتو هو جو ان جي تلافي ناممڪن هئي. نورجهان کي شهزادي خرم خلاف جيڪا

ڪاميابي ملي، ان سان ڪيس پنهنجي مدبراڻين صلاحيتن ۽ تنظيمي قابليت جو پڪو ويساهه ويهي ويو.

تاريخدانن مطابق هن جو رويو اڃا هينئلو ۽ مغرور ٿي ويو. ان عمل جو مقصد اهو هو جو پنهنجي بيڪار ڇاٽي شهريار لاءِ تخت ۽ تاج لاءِ رستو هموار ڪري. نورجهان جون مشڪلون اڃا پوريون نہ ٿيون هيون. خرم خلاف سيني شاهي مهمن جو نگران جهانگير جو ڇوٽون پٽ شهزادو پرويز هو. اهو اصل ۾ فوجن جو نالي ماتر نگران هو. اصل ڪم مهابت خان جي هٿ هو. انهيءَ ڏکهي دوستيءَ بنهي وچ ۾ خيالن ۽ سوچن جي هڪجهڙائيءَ تائين پهچايو.

خرم جو خطرو پورو ٿيو تہ ٻيو خطرو اٿيو. هاڻ هوءَ بنهي کان جان ڇڏائڻ لاءِ سوچڻ لڳي. هيءُ اهو مرحلو هو جو آصف خان، پيڻ جو ساٿ ڏنو. خرم سان صلح جي خبر هن کي پهرئين کان هئي. شاهي حڪم ذريعي 1625ع ۾ مهابت خان کان فوجن جي نگران جو عهدو وٺي ڪيس بنگال جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو ۽ شهزادي پرويز کي برهانپور رهڻ جو حڪم ڏنو ويو. ان سان گڏ مهابت خان تي شاهي امانتن ۾ خيانت جو الزام لڳائي حساب ڪتاب گهريو ويو. هو اهو ڄاڻندو هو تہ نورجهان ۽ آصف خان ڪيس خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندا، پر اهڙو انسان نہ هو،جو پنهنجي ذلت برداشت ڪري. هن هزارين راجپوتن کان وفاداريءَ جو حلف ورتو ۽ پوري تياريءَ سان دربار روانو ٿيو. ٻئي پاسي سيپٽمبر 1625ع ۾ جهانگير، ڪشمير مان روانو ٿي 12 آڪٽوبر 1625ع ۾ لاهور پهتو ۽ مهابت خان 1626ع ۾ ڪابل لاءِ روانو ٿيو.

مهابت خان جڏهن شاهي دربار ويجهو پهتو، ان مهل جهانگير جهلم درياهه ڪناري ترسيل هو. راجپوتن سان گڏ مهابت خان جي اچڻ تي شاهي دربار ۾ ٿرٿلو مچي ويو. ڇو تہ ڪيسن ان مهل بنگال ۾ هئڻ گهربو هو. ان مهل ڪيس دربار ۾ اچڻ تي جهليو ويو. جيئن اصولي طرح موڪل وٺي. پر مهابت خان دعوت جو انتظار ڪرڻ ڪانسواءِ بادشاهه کي حراست ۾ وٺڻ جو جرئتمنداڻو فيصلو ڪيو. شاهي فوج، مهابت خان جي ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ ڪابل وڃڻ لاءِ درياهه پار ڪرڻ شروع ڪيو. سڀ آفيسر، نوڪر، هٿيار ۽ خزانو حفاظت سان درياهه پار جهلم جي پل جي ڪري ٿي ويو. فقط جهانگير ۽ سندس ڪٽنب ۽ ڪجهه

نوڪر ٻئي صبح درياهہ پار ڪرڻ لاءِ رهجي ويا. پر ان جو وارو نہ آيو. مهابت خان صبح جو سڀ ڪان پهرين پل تي قبضو ڪري ورتو ۽ رستو بند ڪري ڇڏيو.

شاهي خيمن جو گهيرو ڪري جهانگير کي باقاعده قيدي بنايو ويو. مهابت خان کي خبر هئي تہ بادشاهہ کي نقصان پهچڻ جي صورت ۾ مغل سپاهي حالتن جي پرواهہ ڪرڻ بنا هن جي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏيندا. ان لاءِ هن پنهنجي قيديءَ کي چيو، "حضور! شڪار لاءِ هلو. غلام توهان سان گڏ هوندو ۽ ظاهر اهو ٿيندو تہ اهو جرئت وارو فيصلو پاڻ حضور جي حڪم سان ئي ٿيو آهي." بادشاهہ لاءِ انڪار ممڪن نہ هو. پوءِ بہ هن خيمي ۾ وڃي ڪپڙا پائڻ جي موڪل گهري. پر حقيقت ۾ نورجهان جي حاضر دماغيءَ کان ڪم وٺڻ چاهيو پئي. مهابت خان ڪيس سختيءَ سان جهليو ۽ پنهنجي لشڪرگاهہ ۾ وٺي آيو. جڏهن مهابت خان، بادشاهہ تي قبضو ڪيو تہ اوچتو پنهنجي دشمن نورجهان جو خيال آيس. جنهن کي شاهي خيمن مان گرفتار ڪرڻ ڪيس وسري ويو هو. هو ٻيهر موٽيو پر ايتري ۾ نورجهان درياهہ پار ڪري وئي هئي. جڏهن مهابت خان تحقيق ڪئي تہ ايڏو سخت پهرو هوندي هوءَ ڪيئن درياهہ پار ڪري وئي تہ خبر پيس تہ هوءَ مرداڻو ويس ڪري درياهہ پار ڪري وئي هئي. نورجهان درياهہ جي ڪناري تي پهچي، پنهنجي ڀاءُ آصف خان جي خبر ورتي ۽ پوءِ بادشاهہ کي ڇڏائڻ جون ترڪيبون سوچڻ لڳي.

شاهي فوج درياهہ پار ڪري مهابت خان تي حملو ڪرڻ ۽ بادشاهہ کي ڇڏائڻ جون ڪوششون ڪيون، پر ناڪام رهيون. اهڙي هڪ مهم جي قيادت نورجهان پاڻ ڪئي. هوءَ هاٿيءَ تي سوار تي فوج کي حڪم ڏئي رهي هئي. درياهہ جي وچ ۾ هڪ تير هن جي ٽج پياڪ ڌهٽيءَ کي ٻانهن ۾ لڳو ۽ نورجهان پاڻ بہ مرندي مرندي بچي. اها آخري ڪوشش هئي. سلطنت جو سڀ کان وڏو امير (آصف خان) اٽڪ ڀڄي ويو ۽ نورجهان پنهنجي مڙس جي جدائي گهڻا ڏينهن برداشت نہ ڪري سگهي ۽ هن پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ کي مهابت خان جي حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن، ڪيس بادشاهہ وٽ وڃڻ جي اجازت ڏني.

هاڻ مهابت خان اصولي طور هندستان جو بادشاهہ هو. مغل سلطنت هن جي نگرانيءَ هيٺ هئي. فرق اهو

هو تہ نورجهان جي اقتدار جي بنياد پنهنجي مڙس سان محبت ۽ عقيدت هئي. جڏهن تہ مهابت خان جي اقتدار جي بنياد فقط طاقت هئي. بهرحال وقتي طرح هن جي حڪومت هئي.

هندستان جو انتظام پورو ڪرڻ کان پوءِ مهابت خان، بادشاهہ کي پاڻ سان گڏ ڪابل هلڻ لاءِ چيو. اٽڪ مان هن آصف خان ۽ هن جي پٽ کي گرفتار ڪيو. مئي 1626ع بروز آچر، قافلو ڪابل پهتو. بادشاهہ ظاهري طرح ان انقلاب کي قبول ڪري ورتو هو. نورجهان ۽ آصف خان بيوس قيدي هئا. تاريخدان لکن ٿا تہ نورجهان جو سرگرم ۽ تيز دماغ پنهنجي مڙس کي آزاد ڪرائڻ ۽ پنهنجي اقتدار جي بحاليءَ لاءِ ڪانہ ڪا تدبير سوچڻ ۾ رڌل هو. پر هوءَ ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هئي.

نيٺ هن منصوبو ناهي ورتو. جنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هن جهانگير کي سيکاريو. جنهن ڪري بادشاهہ مهابت خان کي پڪ ڏياري تہ هو ڪيس هميشہ پاڻ سان گڏ رکڻ ۽ سندس صلاح ۽ مشوري تي هلڻ چاهيندو هو. پر نورجهان ۽ آصف خان جي ڪري مجبور هو.

جهانگير کيس اهو بہ چيو تہ هن کي خوشي ٿي آهي تہ هن جي وفادار نوڪر کيس نورجهان کان آزاد ڪرايو هو. هاڻ هو پنهنجي مرضيءَ سان مهابت خان جي صلاح سان سلطنت جو ڪم سرانجام ڏيندو. هن اهو ظاهر ڪيو تہ هن کي مهابت خان تي تمام گهڻو واعتماد هو. هن، نورجهان جون سيکاريل ڪجهہ راز جون ڳالهيون کيس ٻڌايون ۽ هن کي اهو يقين ڏياريو تہ اصل دشمن نورجهان آهي.

ان سان گڏ جهانگير پنهنجا شغل جاري رکيا. مهابت خان پنهنجي چالاڪي ۽ هوشياريءَ هوندي بہ دوکو کائي وينو ۽ هن بادشاهہ جي رهائش سميت ٻين جاتن تان راجپوت پهريدارن جوتعداد گهٽ ڪري ڇڏيو.

ٻئي پاسي نورجهان لکي لکي پنهنجو ڪم ڪندي رهي. هن نہ فقط ڪجهہ اميرن کي پاڻ سان گڏ ملائي ورتو، پر پنهنجي بااعتماد خواجہ سرا هوشيار خان ذريعي لاهور ۾ بہ هزار ماڻهو پرتي ڪيا. ڪابل کان موٽندي نورجهان جا اهي سپاهي روهتاس ويجهو ساڻس اچي مليا. ناهيل منصوبي مطابق جڏهن روهتاس هڪ ڏينهن جي فاصلي تي رهجي ويو، بادشاهہ، مهابت خان کي چيو، اڳين صبح هو ملڪ جي فوجي دستن جو معائنو ڪرڻ گهري ٿو. ان لاءِ راجپوت

فوج ٽورو اڳتي هلي وڃي. مهابت کي اندازو ٿي ويو ته هن سان دوکو ڪيو پيو وڃي، پر هاڻ نورجهان جي سپاهين جي شاهي لشڪر ۾ اچڻ ڪانپوءِ هن وٽ بادشاهه جو حڪم مڃڻ ڪانسواءِ ڪو رستو نه هو.مهابت خان اڳتي هلي بيهڻ بدران ڀڄي ويو. شاهي فوج هن جي پنيان وئي، پر هو هٿ نه آيو. ائين نورجهان، جهانگير کي آزاد ڪرائي پنهنجي مڙس جي وفادار زال، محبوبه ۽ هندستان جي ملڪ هئڻ جو حق ادا ڪيو.

مارچ 1627ع ۾ جهانگير، مهابت خان جي چنبي مان آزاد ٿي ڪشمير روانو ٿيو. پر هي جنت به هن جي صحت لاءِ ڪجهه خاص حوصلا افزا ثابت نه ٿي. ڏينهون ڏينهن هو ڪمزور ٿيندو ويو. بک به ختم ٿي ويس ۽ آفيم به هن لاءِ مهانگي ٿي وئي. بس ڪجهه پيالا انگوري شراب هن کي هضم ٿيندي هئي.

گهوڙي جي سواري هن لاءِ ناممڪن ٿي وئي. هاڻ هو فقط پالڪيءَ ۾ سفر ڪري سگهيو پئي.

انهيءَ وقت هو راجوري کان اڳتي پيم پار وڃهو چنگير هٽلي ڏانهن روانو ٿيو. ڪيترن تاريخدانن، چنگير هٽلي جو نالو چنگيز هٽي، چنڪر هٽلي ۽ چنڪلا هٽي لکيو آهي.

اڄڪلهه ان جو نالو چنڪر سراءِ آهي. اهڙيءَ طرح پيم پار پنجاب جي هاٽوڪئ ضلعي گجرات جي ويجهو سرحد وٽ آهي. هاڻ هي ننڍڙو ڳوٺ آهي. پر قديم شاهي سراءِ جا آثار اڄ به موجود آهن. اها به جهانگير جي شڪار گاهه هئي. سفر دوران جهانگير جي حالت خراب ٿي وئي. هن شراب جو جام گهريو، جيڪو هن جي وات تي رکيو ويو. پر هو نه پي سگهيو. رات جو طبيعت اڃا وڌيڪ خراب ٿي ويس ۽ 29 آڪٽوبر 1627ع تي صبح جو سوير اٺونجاهه سالن جي عمر ۾ ۽ پنهنجي حڪومت جي ٻاويهين سال ۾ هو گذاري ويو.

بادشاهه جو اکيون بند ٿيندي ئي تخت ۽ تاج لاءِ جنگ شروع ٿي وئي. نورجهان اقتدار تي پنهنجو قبضو رکڻ چاهيو، پر کيس ناڪامي ٿي.

هن اميرن جي مجلس شوريٰ گهرائي، پر آصف خان سازش ڪري مجلس ٽيڻ کان روڪي ڇڏي، ڇو ته دلي طرح هو خرم جو وفادار هو. هن نه فقط نورجهان کي قيد ڪيو، پر بنارسي نالي پنهنجي وفادار کي دکن روانو ڪيو، جتي خرم ترسيل هو. جيئن ته خرم کي شاهي اختيار سنڀالڻ ۾ دير لڳي ها، ان لاءِ وچين وقفي لاءِ داور بخش کي بادشاهه ڪيو

ويو. داور بخش، شهريار جي سفارش تي خان اعظم جي لقب جو حقدار هو.

درٻاري امير جيئن تہ خرم جا حامي هئا، ان لاءِ هنن داور بخش جي مخالفت نہ ڪئي. ان سان گڏ خرم جي چوڪرن کي نورجهان جي محل مان ڌار ڪرڻ جون تجويزون بہ عمل هيٺ هيون.

ظلم تہ ڏسو. اهي سڀ ڳالهيون جهانگير جي وفات واري ڏينهن ٿيون. نورجهان شايد زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي شڪست قبولي. پيءُ يار ۾ داور بخش جي نالي جو باضابط خطبو پڙهيو. اتي مرحوم بادشاهہ کي دفنائڻ جون رسمون ادا ٿيون ۽ جنازي کي شاهدره لاهور ۾ نورجهان جي ذاتي باغ ۾ دفن ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. انهن حالتن ۾ اهو ممڪن نہ هو تہ مغل سلطنت جي مالڪ ۽ مختيار جو ڪفن دفن انهيءَ شاهاڻي طريقي سان ٿئي ها، جيئن هن زندگي گذاري هئي. هن جي محبوب راڻي هن لاءِ جيڪا جاءِ چونڊي، اتي ڪيس دفن ڪيو ويو. باقي شهزادي خرم، شهاب الدين شاهجهان تي ڪري هندستان جو مالڪ ٿيو تہ نورجهان ذاتي خرچ تي پنهنجي محبوب مڙس جو مقبرو ناهڻ لاءِ موڪل گهري. حيرت ٿئي ٿي تہ شاهي درٻار ڪيس موڪل ڏني.

نورجهان اڪيلي سر پنهنجي نور الدين محمد جهانگير جو مقبرو جوڙايو. جيڪو پنهنجي وقت جو فن تعمير جو نهايت شاندار نمونو آهي.

لاهور جي ٻاهرين علائقي شاهدره ۾ محبت جي هيءَ يادگار هاڻ بہ موجود آهي. پر ان جي حسن کي گرهڻ لڳي ويو آهي. هڪ زماني ۾ فرگوسن نالي ليکڪ لکيو هو تہ هي مقبرو وسيع پٿين سان گهيريل هڪ باغ آهي، جيڪو 530 گز وسيع ۽ سٺ ايڪڙ زمين تي پکڙيل آهي.

جهانگير جي قبر پنجونجاهہ فٽ ويڪري ۽ ان جي هر طرف پڪيون پٿيون ٺهيل آهن. تابوت سنگمرمر جو آهي. مرڪزي جاءِ سڄي ڳاڙهي سنگمرمر جي آهي. اعليٰ نقش ڏسي ناهيندڙ جي اعليٰ ذوق جي خبر پوي ٿي. باقي وڃيون پاسو خالي آهي.

اهو فن تعمير جي لحاظ کان گهٽو وٽندڙ ناهي. بادشاهہ جي قبر مٿان ڪو گنبذ ناهي ناهيو ويو. ان لاءِ تہ هو قدرتي حسن جو شيدائي هو ۽ هن جي خواهش هئي تہ هن جي قبر کليل هجي ۽ ماڪ ڦڙن سان تر ٿيندي رهي. جهانگير جي دفن ٿيڻ کانپوءِ مغل شهزادن تخت لاءِ پنهنجيون تلوارون ڪڍي ورتيون ۽ هڪ ٻئي جو

تمام تمام گهٽجي رت وهايو. نورجهان جنگ ۾ پنهنجو محدود ڪردار ادا ڪيو، جو تہ مڙس جي وفات ڪانپوءِ ڪيس قيد ڪيو ويو هو.

ڪجھ تاريخدان چون ٿا تہ نورجهان کي ٿوري بہ آزادي نصيب ٿئي ها تہ شايد هوءَ پهرين مغل راڻي سڏجي ها.

نورجهان هڪ سمجھدار ۽ چالاڪ عورت هئي. ان لاءِ آخر ڪار ميدان مان نڪري پاسيري ٿي وئي. هيءَ اها سلطنت هئي، جنهن جي هوءَ مالڪ ۽ مختيار هئي. پر هن (مغلن جي محبوب راڻي) جي عشقيہ زندگيءَ ۾ اهڙو وقت بہ آيو جو هر وقت مداحن جي جهرمٽ ۾ تارن جيان جرڪندڙ نورجهان اڪيلي رهجي وئي. هڪ دفعي اهي افواهہ بہ اٿيا تہ ڪيس قتل ڪيو ويو آهي، پر پوءِ خبر پئي تہ اقتدار تي وينلن ڪيس جيئرو رهڻ ڏنو هو. پر هن جي اقتدار جون سڀ نشانيون ڊاهيون ويون. هن جي نالي جا سڪا موٽائي ورتا ويا. اها راڻي جيڪا مغل دولت کي پنهنجن هٿن سان لٽائڻ ۽ ونڊڻ جي مالڪ هئي، بہ لک وظيفي تي قناعت ڪري ويهي رهي. ستم تہ اهو هو جو وظيفو اهڙي ماڻهوءَ مقرر ڪيو هو، جنهن کي نورجهان عروج تي پهچايو ۽ پوءِ هيٺ ڪيرايو. پر قسمت ڪيس ٻيهر اوج تي رسايو يعني شاهجهان بادشاه.

جهانگير جي مرڻ ڪانپوءِ هميشہ نورجهان اڇا ڪپڙا پاتا ۽ خوشيءَ جي محفلن ۾ وڃڻ کان پاسو ڪيو. گهڻو ڪري پنهنجي ڌيءُ ۽ شهريار جي بيوه لاڏلي بيگم سان گڏ سوڳ ۾ لاهور ۾ ترسي پئي. آخر ڪار مئي 1645ع ۾ محبت ۽ ذهانت جو هي مجسمو هميشہ هميشہ لاءِ خاڪ نشين ٿي ويو. هن جي تدفين انهيءَ قبر ۾ سادگيءَ سان ٿي، جيڪا هن پنهنجي لاءِ تيار ڪرائي هئي.

چون ٿا تہ وقت جي شهنشاهہ ۽ نورجهان جي جاني دشمن شاهجهان، هن جي قبر مٿان مقبرو نهرايو هو. ٿي سگهي ٿو تہ هن اهو سوچيو هجي تہ مغلن جي لڄ مرڻ ڪانپوءِ بي پرده نہ هجي. پر هو نورجهان جي مقبري کي سونهن نہ بخشي سگهيو.

شايد ان لاءِ مغل راڻيءَ جي مرقد تي جيڪو بيت لکيل آهي، اهو هن جي حالت جي صحيح عڪاسي ڪري ٿو:

بر مزارِ ما غريبان ني چراغي ني گلي

ني پر پروانہ سوزو ني صداءِ بلبلي.

****

**پيار ۽ محبت جي هڪ ڪهاڻي جنهن ۾ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ هڪ ڪان گناهه سرزد ٿي ويو پر پوءِ به هن پيار جي پاڪائيءَ کي قائم رکڻ خاطر ان جي سزا ڀوڳڻ پئي گهري.**

# گناهه

امر جليل

قانون وٽ هي جي جرم لاءِ سزا نه هئي. هن پاڻ کي پاڻ سزا ڏني



پنهنجي زندگي اجاڙيندا آهن. مان انهن مان هڪ آهيان."

ڪن لاءِ سوچيائين. پوءِ چيائين،
"ڪجهه انسان جيون جي ڪٺن راهن ۾ منجهي پوندا آهن. اسان ڪين گمراهه نه چوندا آهيون."

"اهي تنهنجا پنهنجا خيال آهن. پر، اخلاق جو اپائجڻ، آتما جي هتيا آهي."

"ان لاءِ لاءِ پراشچت؟"

"پراشچت نه، جرم لاءِ سزا."

"ڪهڙي؟"

"پيار جو بليدان."

گاڏيءَ ڪي ٽيڪ ڏيئي، مون ڏانهن پٺي ڪري بيهي رهي. وارن جي ڪنبڻ مان سمجهيم ته هوءَ پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ذهن ۾ جيڪو طوفان اپري آيو هئس، تنهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. منتشر لفظن جي لرزندڙ لهجي ۾ چيائين:

"بيحد اپهرو آهين."

"تڏهن ته زهر کي امرت سمجهي پي ويندو آهيان."

"زندگي مسلسل غلطين جو هار – زخمن جي مالها آهي."

مونکي لهڻ جي ڪوجنا ڪيائين. مونکي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪيائين. هن پنهنجا زخم وساري ڇڏيا، ڪيس فقط منهنجو مجروح ضمير ياد رهيو، منهنجي بي انت پيڙا ياد رهي. مان خاموش رهيس. هن ڳالهايو:

"هڪ غلطيءَ تي هزار جتنن سان حاصل ڪيل هيءَ زندگي قربان نه ڪبي آهي. وساري ڇو نه ٿو ڇڏين؟"

"اهو منهنجي وس ۾ ناهي."

"ائين ڪيئن جي سگهندين؟"

"جيستائين ساهه ماهه سان چنبڙيل رهندو، مان جيئندو رهندس."

گناهه جي ڏبڻ ۾ دفن ٿي چڪو هئس. پاپ جو پڇتاءُ منهنجي خون ۾ سيسڙاٽ ڪري رهيو هو. هڪ هڪ گهڙي نپوڙي رهي هئي.

گاڏي ڇنڻ ۾ ٿوري دير وجي بچي هئي.

منهن ورائي مون ڏانهن ڏنائين. اکين ۾ اداسي تري آئي هيس. چيائين:

"ڏينهن واري گاڏيءَ ۾ وڃين ها."

"مان اونده کان ڊار ٿي نه سگهندس. منهنجي زندگيءَ جو ايندڙ حصو تاريڪين ۾ گذرندو."

"ڪاش، هن دک ۾ مان توسان ساڻ رهي سگهان."

"مان اڪيلائين ۽ تنهائين جو ساٿي آهيان. مان هيڪلاين ۾ ڦٿڪڻ چاهيان ٿو."

" ڪالهوڪي رات ڪڏهن به وساري نه سگهندس. ڪاري رات جو ڪاريهر مون کي سدائين ڏنگيندو رهندو."

" تو ڄاڻي واڻي ته نه ڪيو. جيڪي ڪجهه ڪيئي، دوستن جي هرڪائڻ تي ڪيئه."

"دوست! هون. بدي دشمن جو نه، دوست جو روپ ڌاري ايندي آهي. پر مون مورک اکين کان، عقل کان ڪم نه ورتو."

" آئينده لاءِ اهڙن دوستن کان ڪناراڪش به ته ٿي سگهين ٿو."

"مون وٽ بچيو ئي ڇاهي، جنهن جي حفاظت ڪيان."

"منهنجين اکين سان ڏسين ته تو منجهه اڃا به سڀ ڪجهه موجود آهي."

"ڪالهه رات شراب پيتم. سڄي رات هڪ وئشيا جي ننگي جسم کي ڄوڙ وانگر چهٽيل رهيس."

نڙيءَ ۾ ٻير جي ٽاري ڦٽندي محسوس ڪيم. هوءَ ڪجهه نه ڪڇي. چيم:

"مون تنهنجي پيار جو ايمان ڪيو آهي. تنهنجي محبت جي توهين ڪئي اٿم."

ضمير جي ملامت ۾ منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. شرم جي احساس ۾ جسم آلو ٿيندو محسوس ڪيم. منهنجي

پڳهريل هٿ کي ڇهندي چيائين:

"فخر ڪندي رهنديس ته اعتراف ڪيو اٿئي. جيڪا غلطي ڪئي اٿئي، تنهن لاءِ مونکي افسوس ڪونهي."

"ءِ اهو ئي ڏک اٿم ته تو افسوس ڇو نه ڪيو. مونکي ڌڪاريئي ڇو نه. نڪرايئه ڇو نه؟"

هن جواب نه ڏنو، فقط مون ڏانهن ڏسندي رهي، نهاريندي رهي ۽ اکيون به نه ڇنڀيائين. پوءِ چيائين:

"جيئن آهي، جهڙو آهين، منهنجو آهين. مان توکي اپنايان ٿي."

دل مان چيخ نڪتي ۽ منهنجي رڳ رڳ چيريندي هلي وئي.

"تون نادان آهين، ڀڳلي آهين. جيڪڏهن تون پنهنجو جسم ڪنهن اجنبي مرد جي ٻانهن ۾ ڏين ها، ته هوند مان سڄي عمر توکان نفرت ڪندو رهان ها، توکي ڌڪاريان ها، توکي بيوفا چوان ها، گاريون ڏيان ها."

"مان تنهنجي امانت آهيان. اهڙو وقت اچڻ کان اڳ مان پنهنجي خواهشن، جنسي تقاضائن کي گهٽو ڏيئي ڇڏيان ها."

"پوءِ مون ڇو نه ڳلو گهٽي ڇڏيو پنهنجي نفس جي اگهاڙين خواهشن جو؟ سوچيندو هئس مان ڪنهن اهڙي ڇوڪريءَ

کي چاهيندس ۽ ساڻس شادي ڪندس، جيڪا گنگا جهڙي پويتر ۽ شفق وانگر اڇيهيل هوندي- ڇو جو مون به پنهنجي جسم کي جنسي باهه جي الن کان دور رکيو هو. پر...."

"اعتراف سان ان آڳ کي اجهائي ڇڏيوائٿي."

"نه" وراڻيم، "مان تنهنجي لائق نه آهيان. هينئر اهو نه آهيان، پاروتو آهيان، استعمال ٿيل آهيان."

"ڪيس منهنجي ضد جي ڇاڻ هئي. خاموش رهي. چيم:

"هوش ۾ اچڻ ڪانپوءِ، ان رات دل ڏارينڌڙ رڙ ڪئي هئم، پر آڪاش نه ٽڙڪيو. ڌرتي نه ڦاٽي. مان جهري پيس. منهنجو ضمير جهري پيو. منهنجي اندر واري انسان شرم وچان آپگهات ڪري ڇڏيو."

ڪاري رات جي اوندهه ڪائنات کي پنهنجي چادر ۾ ويڙهي، نامعلوم اوڙاهه ۾ ٻڏندي رهي. سنسار ڀيانڪ خاموشيءَ ۾ لڙهي ويو. ڪجين جا وڻ ڇڙيون هڻڻ لڳا. تڏهن منهنجو ڏيل ڏري پيو. ٽٽل ڦٽل اکرن ۾ ڳالهيم:

"منهنجو جسم مون وٽ تنهنجي امانت هو. مون امانت ۾ خيانت ڪئي آهي. مونکي سزا ملڻ گهرجي."

جهيڻي آواز ۾، ترسي ترسي، هٻڪندي هٻڪندي چيائين:

"ان رات کي وساري نه سگهندين؟"

"نه، جڏهن به شاديءَ ڪانپوءِ تنهنجي جسم کي پيار منجهان ڇهندس، تڏهن هڪدم ان وٺشيا جو ننگو سرير منهنجين اکين اڳيان اچي بيهندو. مان ڪڏهن به تو سان سچار ٿي نه سگهندس."

رات جي ڪارنهن ڪٽي، پراشچت ڪرڻ لاءِ پاڻ کي سزا ڏيڻ لاءِ، پنهنجي شهر کان دور وڃي رهيو هئس. هن کي فقط سڌ هئي ۽ هوءَ اسٽيشن تائين آئي.

گاڏي ڇٽڻ ۾ وقت وڃي ٿورڙو بچيو هو.

دل تي ضبط ڪري، لڙڪ لڪائيندي چيائين:

"ٽڪيٽ ڪٿان جي ورتي اٿيئي؟"

"روهڙيءَ جي."

"ڇو؟"

"روهڙيءَ کان اروڙ ويندس. اروڙ جي ويرانين، تنهاين ۾ ڀٽڪندو رهندس. مان ڪنهن سان به ملڻ نه ٿو چاهيان. ڪجهه وقت ڪالڪان جي مندر ۾ رهڻ جو ارادو ڪيو اٿم."

اکيون اشڪن سان ٽمٽار ٿي ويس.

"اڪيلاين ۾ ڪڏهن به وساري نه سگهندين. ٻين سان ملي جلي رهندين ته

سمورو غم پلائي ڇڏيندين."

"مان پلائڻ نہ ٿو چاهيان. پلائڻ جي ڪوشش ڪندس تہ زخم ناسور ٿي پوندا. مان پاڻ کي سزا ڏيڻ چاهيان ٿو. وحشي جذبن کي ڇيڻ چاهيان ٿو."

گارڊ وسل وڄائي.

هوءَ پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهي. سڏڪن ۾ پڇيائين:

"اروڙ ۾ ڪيستائين رهندين؟"

"جيستائين نفس جي خواهشن کي نيچي نہ نوائيندس، مان رلندو رهندس."

"ائين ڪري سگهندين؟"

"ائين ڪرڻ لاءِ مان اروڙ ۾ رلندس، ٽيڪسيلا ۾ گوتم جي عبادت گاهن ۾ پٽڪندس، اماوس جي راتين ۾ موهن جو دڙو لتاڙيندو رهندس. مان پاڻ تان نفس جا بنڌڻ ٽوڙي، نفس کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ چاهيان ٿو."

"ڪوبہ ائين ڪري نہ سگهيو آهي. پر جي تو وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي تہ مان توکي نہ روڪيندس. مون پيار ڪيو آهي. مان سڄي عمر تنهنجي پيار کي سيني سان لڳائي جيئندي رهنديس."

سائي بتيءَ جي لوڏن سان ريل چرڻ لڳي. هن وک وڌائي. چيائين:

"ڪوبہ انسان پنهنجين خواهشن تي قبضو ڪري نہ سگهيو آهي."

گاڏي ڊوڙڻ لڳي.

پڇيومانس، "مونکي معاف ڪيو اٿئي نہ؟"

ڪنڌ لوڏي اقرار ڪيائين. گاڏيءَ جي رفتار وڌندي ويئي. هوءَ ڊوڙڻ لڳي، پر ريل جي فولادي ڦيٿن سان پڄي نہ سگهي. مون ڏانهن هٿ وڌايائين. دريءَ مان ٻانهن ڪڍي ڏانهس وڌايم. هڪ لمحي لاءِ اسانجون آڱريون پاڻ ۾ مليون ڏار ٿي ويون. وڏي واڪي چيم:

"انسان لوهہ ۾ زندگي وجهي سگهيو آهي. لوهہ جون ڪلون سندس قبضي ۾ اچي سگهن ٿيون، تہ ڇا پنهنجي ئي نفس جي جنسي خواهشن تي انسان قبضو ڪري نہ ٿو سگهي؟"

ريل جي رفتار تيز ٿي ويئي.

هوءَ پوئتي رهجي ويئي. اسان جي وچ جو مفاصلو وڌندو ويو. وچوٽي وڌندي ويئي. هوءَ پري ٿيندي ويئي، دور ٿيندي ويئي. پليٽ فارم جي آخري ڇيڙي تي ٻئي ٻانهون ڦهلائي بيهي رهي. لوهي ڦيٿن جي رفتار گرد اڏائي ۽ هوءَ منهنجين نظرن کان اوجهل ٿي ويئي.

ڪوپيءَ ۾ مان اڪيلو هئس ۽ روح ۾ گناهہ جا گهاوَ هئا.

# هيءَ بہ زندگي!

رينا شهاڻي

هڪ گهرواريءَ جي دل مٿان وهندڙ ڇرين جو ڏس، جنهن پنهنجي اڌيڪار کي نہ ٿي ڇڏڻ- چاهيو، جڏهن تہ سندس مڙس کيس اهو اڌيڪار ڏيڻ کان نابري هو. گهرو ڪشمڪش جو دلچسپ احوال، جيڪو هندستان جائي سنڌي ليکڪا رينا شهاڻيءَ اسان کي پنهنجي دلنشين انداز ۾ ٻڌائي ٿي.



**زال ۽ مڙس جي انهن رشتن جي ڪهاڻي، جيڪي سڀ کان مقدس هوندا آهن**

پريہ شانتي!

گهڻن ڏينهن کان توکي خط لکڻ جي تياري ڪري رهي آهيان، پر الائي ڇو ساڳئي وقت ٽاريندي بہ رهي آهيان. وقت نہ ملڻ جو بهانو ڪانہ ڪنديس. وقت هوم ۽ مرضي بہ. پوءِ

بہ لکي ڪانہ سگھيس! شايد قلم ۽ ڪاغذ ڪٽي هڪ هنڌ ويهي لکڻ جي عادت ڇڏائجي وئي اٿم. يا تہ شاديءَ ڪان اڳ هڪ جرنلسٽ هئڻ جي ناتي، هر وقت لکڻ ۽ پڙهڻ جي ڪم ڪندي رهندي هيس ۽ هاڻي؟ سمورو وقت پنهنجي بيڊ روم جي دريءَ جي ٻاهران نهاريندي ٿي رهان. اهڙي ڪا سندر شيءِ ڏسڻ وٽان آهي بہ ڪانہ. پوءِ بہ ڏسندي ٿي رهان. سرن ۽ سيمينٽ جي پٿين کي تڪيندي ٿي وتان. سينورَ سان پريل بدبودار ڊرينيج جا پائيپ ۽ غليظ ديوارون، عجيب نظارو آهن. منهنجي دريءَ جي ٻاهران! مان هتي اهڙي بيڪار ٿي پونديس ۽ پنهنجو وقت ضايع ڪندي رهنديس، ڪنهن ائين سوچيو هو؟ اسانجي درين ڏانهن نهاريندي، مونکي پاسڻ لڳندو آهي، ڄڻ تہ هزارين ڪروڙين اکيون مونکي گهوري رهيون آهن ۽ چٺي رهيون آهن. "جو آئي آهين هن نگريءَ ۾؟ تنهنجي هتي ڪنهن کي بہ گهرج ناهي!" اها بہ منهنجي ڪلپنا جي خوشفهمي ٿي ليکبي. پلا هيڏي راڪاس جيڏي شهر ۾ منهنجي ننڍڙي هستيءَ کي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ منهنجو سمورو وجود هن اٿاهہ ساگر ۾ الوپ ٿي ويو آهي.

سچ، شالو! هي نهايت ئي انوکو، بيڊولو ۽ بي زيبو شهر آهي. خاص ڪري اسان جهڙن ماڻهن لاءِ. سهڻو ۽ فيشن ايبل ميٽرو پولس هوندو...پر اهو طبقو ڪو بيو آهي، اسانجو شمار ان ۾ ناهي. اسانجي بالڪنيءَ جي هيٺان گنديون بستيون آهن، جن جون پٽيون ۽ ڇتيون آهن. ڇپر، ٽين جا پترا ۽ ڦاٽل ٽٽل ميرا ڪپڙا، جن مان ڏپ، بانس هوا سان گهلجي، ملجي منهن جي نڪ ۾ گهڙي ٿي وڃي ۽ ساهہ ساهہ ۾ سمائجي ٿو وڃي. مڇي جي بانس تہ هن واتاورڻ (ماحول) ۾ آهي ئي آهي. اهڙي بدبوءِ، جو شروعات ۾ منهنجي لاءِ ساهہ کڻڻ بہ ڏکيو ٿي پوندو هو ۽ گهٽي ۾ گهڻو وقت مان پنهنجي نڪ تي ڪپڙو رکي ڇڏيندي هيس يا رکي رکي ساهہ کي ڪجهہ دير لاءِ ٿي سهي، روڪي ڇڏيندي هيس، جيئن بانس جي اندر وڃڻ جو رستو چند لمحن لاءِ بند ٿي وڃي...پر هاڻي شايد درگند منهنجي رونءِ رونءِ ۾ گهڙي، اتي اهڙو تہ گهر ڪري ويٺي آهي، جو منهنجي جسم جو هڪ انگ بڻجي پئي آهي ۽ مان ان جي موجودگيءَ ڪان بيخبر ٿي وئي آهيان...يعني بانس منهنجي سونگهڻ جي حواس تي غالب پئجي وئي آهي. پهرين اها ٻاهر جي چيز هئي ۽ هاڻي منهنجي اندر جي. تون مشڪين ٿي نہ؟ پر ائين بہ ٿيندو آهي!

هڪ استري (عورت) هئڻ جي ناتي، اسانکي زندگيءَ ۾ ڪيترا سمجهوتا ڪرڻا پون ٿا، ڪيتريون ايڊجسٽمينٽس ڪرڻيون پون ٿيون. پنهنجن پراڻن ڌاڳن کان ڇڏائجي، بنهه ڪٽجي، نون ڌاڳن سان جوڙڻو پوي ٿو. اهو ڇا گهٽ ڏکيو ڪم آهي؟

پرانت (صوبا) الڳ، شهر الڳ، گهر الڳ، گهر جا ياتي الڳ! اجا تہ وري بہ مونکي ساهرن سان گڏ رهڻو ڪونہ پيو آهي. بس مان آهيان ۽ راڪيش آهي. پوءِ بہ ايڊجسٽمينٽ جو مسئلو سولو نہ رهيو آهي.

ڪٿي اسانجو ننڍڙو شهر ديرادون ۽ ڪٿي هيءُ مها نگر! فرق جو انديشو هوم. پر ايڏو فرق!! هتي عمارتون زمين ۾ ائين ڪتل آهن، ڄڻ تہ ڪنهن وڏي کيت ۾ ڪمند ۽ سنگ جي پوک ڪپائي ڇڏي آهي. ڪٿي آهي اسانجي شهر جي ساوڪ، تازگي ۽ پنهنجائپ؟ اتي تہ وڻن جون شاخون بہ پنهنجون ٻانهون ڦهلائي ڀاڪر ۾ ڀرڻ چاهينديون هيون ۽ هتي جيئرا جاڳندا انسان اک کڻي نہ ٿا نهارين! تون اعتبار ڪندينءَ؟ مون تہ پنهنجن پاڙيسرين جون شڪليون بہ ڪونہ ڏٺيون آهن، جيتوڻيڪ هنن ۽ هنن جي ريڊيو جي آوازن سان واقفيت اٿم. ڇاڪاڻ تہ هنن جي ڪوٺي ۽ اسانجي ڪوٺيءَ جي

يت ساڳي آهي،

شالني، منهنجو وقت ويرت پيو وڃي. ڀلا رات جون بہ ٻاڇيون ناهڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو آهي ؟ صبح جو راڪيش کي لنچ جو ڏبو ڏيڻ ڪانپوءِ رڌڻ لاءِ مونکي صرف اڌ ڪلاڪ مس ڏيڻو پوندو آهي. باقي وقت منهنجو آهي، جيئن ڪيي تيئن گهاريان. پر اجا صحيح نموني گذارڻ جو طريقو مون ڳولهي ڪونہ لڌو آهي. منهنجا ڪڻ اهڙا تہ بيڪار آهن جو هڪ هڪ ڪڻ منهنجي لاءِ ڄڻ تہ هڪ هڪ لاش بڻجي پيو آهي ۽ انهن لاشن جا ڍير ڪنا ڪندي پئي وڃان ۽ انهن کي هڪ ٻئي جي مٿان رکندي پئي وڃان. سڄو ڪمرو ڪٽن جي مردن سان سٽجندو پيو وڃي. انهن مان ڏپ بانس نڪري رهي آهي ۽ اها ٻاهرين گندين بانسن ان گڏجي واتاورڻ کي زهريلو ۽ ڪراهت آميز بڻائيندي پئي وڃي ۽ مان وڌيڪ پريشان ٿيندي پئي وڃان.

مونکي لڳي ٿو تہ مان وڌاءُ ڪري رهي آهيان. اهي سڀ غير رواجي ڳالهيون ناهن. انهن معمولي ڳالهين کي مان ضرورت کان وڌيڪ اهميت ڏئي رهي آهيان. انهن سطحي ڳالهين تي مان هوريان هوريان هري وينديس. مان پاڻ کي سمجهائي رهي آهيان ۽ ڏئي رهي آهيان دل کي

تسڪين. ائين نہ سمجهہ تہ مان تو سان شڪايت ڪري رهي آهيان. مان شڪايت ڪانہ ڪري رهي آهيان. مان صرف ٻڌائي رهي آهيان...ها، شڪايت اٿم، هڪ شخص سان، هڪ پرش سان، جنهن پنهنجي پرشپٽي جي هٿيار سان هڪ ناريءَ کي زخمي ڪيو آهي!....پر مان اها يڌ (جنگ) لڙنديس، مان اها يڌ لڙڻ لاءِ تيار آهيان. پنهنجي اڌيڪار لاءِ ان لڙائيءَ جي للڪار کي سويڪار اوس ڪنديس.

تون ئي ٻڌاءِ، اهڙي ڪهڙي استري (زال، عورت) هوندي، جيڪا نہ چاهيندي تہ هن جو پنهنجو گهر سنسار هجي، جنهن جي هوءَ سوامڻ هجي ۽ جنهن تي هوءَ راڄ ڪري؟ مون بمبئي پهچي پهرين گهر ڏانهن ڌيان ڏنو. ڏيري ڏيري باسڻ ميڙڻ لڳيس ۽ رنڌڻي کي سنوارڻ لڳيس. گهر ۾ ہ پلنگ ۽ هڪ ڪٻٽ اڳ ۾ ئي هئا. اسان ٻنهي گڏجي هڪ ميز ۽ ہ ڪرسيون خريد ڪيون. شاديءَ جي خرچين مان ڪجهہ پئسا ميڙي، الڳ رکيا هئم، انهن مان پڙدا وٺڻ جو خيال آيم. من ڪيڏي تہ اتساهہ سان پريل هو، جڏهن اڪيلي سر پڙدن جو ڪپڙو مون چونڊيو هو! هيٺ لهي درزيءَ جي دڪان تي ان کي سبڻ لاءِ بہ ڏئي آيس. پهرين درين ۽ دروازن جي ماپ ورتي هئم ۽ بازار مان پردن ٽنگڻ لاءِ هڪ چين بہ وٺي آئي هيس. مون راڪيش کان اها ڳالهہ ڳجهي رکي هئي. مون دراصل هن کي پنهنجي هوشياري ڏيکارڻ تي چاهي ۽ پنهنجي چترائي ۽ سمارٽنيس سان هن کي وائڙو ڪرڻ تي چاهيو.

۽ جڏهن پڙدا درين ۽ درن تي ٽنگجي ويا ۽ نئين چادر پلنگ تي وڇائجي وئي تہ منهنجو من خوشيءَ سان پرجي آيو. مان سمجهڻ لڳيس تہ مان ان گهر جي راڻي هيس ۽ مان ان ننيڙي گهر تي راڄ ڪري رهي هيس. اها شام مان راڪيش جو بي صبريءَ سان انتظار ڪرڻ لڳيس. هو ايندو، گهر کي نون پڙدن ۽ نيئن چادر سان سينگاريل ڏسي، منهنجي پسند جو داد ڏيندو ۽ پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪندو ۽ مون تان ٻلهار پيو ويندو...پر جڏهين هو آيو تہ هڪ سرسري ۽ بيدلي نظر پڙدن ۽ ٻئي سامان تي اڇلائي، منهن ڪوڙو ڪري چوڻ لڳو، 'اهڙي ڪهڙي تڪڙ پئي هئي، اهو سڀ ڪرڻ جي؟ ڪيڏو سارو خرچ اچي ويو هوندو!"

مان سراپجي ويس ۽ منهنجون اکيون آليون ٿي ويون."ڇا توکي هن طرح سينگاريل گهر نہ ٿو وڻي؟"

"ٺيڪ آهي!" هن رکي لهجي ۾ چيو. "پر....."

"پر ڇا؟"

"اڄڻ شرط فضول خرچ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيئه نه؟"

"فضول خرچ؟"

مون ته هن کان پئسا به ڪونه گهريا هئا. پاڻهي جيئن تيئن پورائي ڪئي هيم. ڪهڙي نه معمولي خرچ ۾!!

راڪيش جي اهڙي غير اتساهه ڀرئي رويي، منهنجي ساري خوشي ۽ امنگن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. مان پنهنجي دل کي مضبوطيءَ سان پڪڙي ويهي رهيس.

"پر اهي سڀ رواجي ۽ سطحي ڳالهيون آهن." مان وري دل کي تسلي ڏيڻ لڳيس."ڪجهه به هجي، هيءُ سنسار منهنجو ٿي آهي. مان ڌيري ڌيري سڀ ڪجهه پنهنجن هٿن ۾ ڪٺي وٺنديس." مان پاڻ کي سمجهائڻ لڳيس.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ مون کي خبر پئي ته برابر مان گهر جي راڻي آهيان، پر منهنجي رعيت ڪٿي آهي؟ منهنجو پتي، منهنجو پتي ناهي. منهنجو هن تي، هن جي ويچارن تي راڄ ناهي. اهڙي سلطنت کي مان ڇا ڪريان، جتي منهنجي هستيءَ جو ڪو ملهه ناهي؟ منهنجن هٿن ۾ ڪجهه به ته ناهي!

پهرين ملاقات ۾ راڪيش مون کي بيحد مانيٽو، سوڌو، پڙهيل ڳڙهيل نوجوان ڀاسيو هو. هو نڪو فيشن ايبل هو ۽ نه ئي تمام سادو سودو. مونکي پنهنجن مائٽن جي پسند، پسند آئي....پر اڳتي هلي خبر پيم ته جيڪي ڪجهه ٻاهران ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو سچ ناهي. شاديءَ کان پوءِ مونکي لڳو ته هو مون سان ڪليءَ ريت ڳالهائي نه رهيو هو. مونکي هن جو وهنوار اسپاويڪ ۽ اساڌارڻ لڳڻ لڳو. پنهنجي پتيپڻي جو فرض نباهيندي ۽ حق ماڻيندي مونکي هن ۾ اتساهه ۽ ڀاونا جي ڪمي نظر اچڻ لڳي. ڇا اها حقيقت هئي يا صرف منهنجي ڪلپنا؟ يا ائين ته ڪونهي ته مان ان رشتي مان ضرورت کان وڌيڪ آشائون رکي رهي هيس؟

مان محسوس ڪرڻ لڳيس ته مان هن کان مانسڪ سطح تي دور هيس ۽ اسان ۾ سنواد (Communi-cation) جي ڪمي هئي. مون پنهنجي طرفان ڪوشش ڪئي....پر هڪ طرفي گفتگو يا هڪ طرفي ڪوشش، هڪ هٿ واري تاڙيءَ مثل هئي. ائين ناهي ته هو بلڪل ٻاوهيڻ يا ڪنو آهي. اسان جي ڏيرادون کان

بمبئي واري سفر دوران، ٽرين ۾ هو هر هر منهنجي لاءِ ڪاڏي جون شيون وٺي پئي آيو. تنهن ساڻ منهنجي ننڍ مان سجاڳ ٿيڻ ڪان اڳ منهنجي لاءِ چانهه جو ڪوپ ٺاهي آيو ۽ مونکي آڇيندي چيائين، "نيلو، هيءَ گرم گرم چانهه پي وٺ تہ شايد متو هلڪو ٿيئي."

۽ هن لاءِ منهنجي من ۾ عزت وڌي وئي. مان من ئي من ۾ پاڻ کي ڌڪارڻ لڳيس. مان ننڍين ننڍين ڳالهين کي وٺي اجايا ابتا انومان ڪڍي رهي آهيان. راڪيش ڄڻيير آهي، ٿورو ڳالهائو آهي. وقت پوڻ سان پاڻهي حجاب جي ديوار ٽٽي پوندي ۽ اسانجي سنواد جا ڪنارا ويجهو ايندا.

۽ مان نئين سر، هن جي پسند جو خيال ڪندي هن جي پسندگيءَ جي وشين ۾ پنهنجي معلومات وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيس. هن کي پاليٽڪس ۾ دلچسپي آهي (ڪنهن حد تائين مونکي بہ پئي رهي آهي) مان هر روز اخبار پڙهي، ڪرنٽ سياسي معاملن ۾ پاڻ کي اپ-ٽو-ڊيٽ ڪرڻ لڳيس. جيئن هن سان دنيا جي راجنيتيءَ تي گفتگو ڪري سگهان. جيئن هن جي پنڙيءَ تي پنڌ ڪندي، هن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي واهہ کولي سگهان.

پر....هڪ جهٽڪي سان، منهنجا آشاوادي سپنا چڪناچور ٿي ويا. خوابن جا محل پٽ تي پئجي ويا ۽ سکي گرهست جيون گهارڻ جي آشائن تي پاڻي ڦري ويو.

اهو ان وقت ٿيو، جڏهن هن جي ٽيريلين پئنٽ جي کيسي مان هڪ خط هٿ آيو.

مون خط کولي پڙهيو، هڪ ننڍڙو خط!

خط پڙهندي پڙهندي منهنجي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿيندي وئي ۽ هٿ پير ٺري ويا. خط پڙهڻ ڪانپوءِ نستي ٿي پلنگ تي ڪري پيس ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳيس. هيءُ مون سان ڪهڙو ڌوهہ ڪيو پيو وڃي؟

شام جو، هن مونکي ڪچن ۾ چانهہ ٺاهيندي غور سان ڏٺو. منهنجي چهري ۾ اکيون کپائيندي پڇي ويٺو،""اڄ توکي ڇا ٿيو آهي، شڪل ڇو اهڙي ڪئي اٿئي؟"

مان خاموش.

چانهہ جو پيالو سندس هٿن ۾ ڏيندي اهو خط بہ ٽري تي رکي ڇڏيومانس ۽ چپ چاپ سندس چهري جي ڀاون کي ڏسندي رهيس.

پهرين تعجب، پوءِ گهبراهٽ ۽ پوءِ غصي جا ڀاوَ سندس چهري تي پڌرا ٿيا.

"هيءَ خط؟ هيءَ خط تو وٽ ڪيئن آيو؟" هن ڪاوڙ وچان چيو.

"ءِ توهان وٽ ڪيئن آيو؟ مان پڇي سگهان ٿي تہ شاديءَ کانپوءِ توهانکي اهو حق ڪنهن ڏنو آهي، اهڙي خط و ڪتابت ڪرڻ جو؟"

"اهو چا تون مونکي ٻڌائيندينءَ تہ منهنجو حق ڪهڙو آهي ۽ ڪهڙو ناهي؟ اهو سڀ تو کان سکڻ لاءِ مان تيار ناهيان. چا شاديءَ کانپوءِ مان دوست بہ نہ ٿو رکي سگهان؟"

"دوست؟ هيءَ دوست جو خط آهي؟ چا دوست اهڙا خط لکندا آهن؟" منهنجو آواز اوچو ٿيندو پئي ويو.

پر پوءِ مان ڍرڪي ويس. مان پنهنجو روئڻ روڪي نہ سگهيس. هن مونکي پرچائڻ جي ڪوشش بہ ڪانہ ڪئي. پاڻ هن جو پارو ويو پئي چڙهندو. مان روئندي رهيس، روئندي رهيس. هو خاموش ويٺو رهيو. ڪجھ وقت کان پوءِ مون پنهنجو آلو چهرو مٿي ڪيو تہ هن جي چهري جو انوکو ڀاوُ ڏٺم. هو ڪنهن ٻئي هنڌ پئي وسيو. هن جي ويچارن ۾ مان ڪانہ هيس.

ٿوري دير بعد هو هيٺ لهي ويو. رات جو نوين لڳي واپس موٽيو. چپ چاپ کاڌو کائي سمهي پيو.

هن اهو بہ ضروري نہ سمجهيو تہ پنهنجي غيرذميداراڻي وهنوار جي مونکي ڪا سمجهاڻي ڏئي! آخر هو سمجهاڻي ڏئي بہ ڪهڙي ٿي سگهيو؟ اهو ظاهر آهي تہ هن ڪي ان غير واجب تعلق کي قائم رکڻ جو پورو ارادو آهي.

ان کانپوءِ ڪيترا ڏينهن ائين ئي گذري ويا. نہ صبح جو، نہ رات جو. پر هر روز شام جو اسان جي گفتگو ٿيندي هئي ۽ ان جو وشيہ (موضوع) هڪڙو اهو ئي هو.

هن چوڪريءَ جو نالو مونا آهي. هن جو هن سان رستو، مون سان شاديءَ کان اڳ لڳاتار ٻن سالن کان آهي. چوڪريءَ جا مائٽ پورا ڀنا آهن. هوءَ نوڪري ڪندي آهي. هن مون سان شادي پنهنجن مائٽن جي زور ڀرڻ تي صرف ڏيتي ليتيءَ جي ڪري ڪئي هئي، جيئن منهنجن مائٽن وٽان مليل "لڏي" مان سندس ڀيڻ جي شادي ٿي سگهي!

ڪهڙو نہ عجيب طنز آهي هيءُ؟

هڪ چوڪريءَ جي گهر آباد ڪرڻ واسطي ٻن چوڪرين جون زندگيون برباد ڪيون ٿيون وڃن؟ پوءِ بہ ڪهڙي گارنٽي آهي تہ اڳتي هئي ان چوڪريءَ جو گهر بہ آباد رهجي سگهندو؟ ان ڀيڻ جو گهوٽ بہ اهڙو

ڪجهه ڪونہ ڪندو. جيڪو منهنجو
پتي ڪري رهيو آهي؟ ڇي، ڇي!
منهنجي آتما ڪراهت، ايمان ۽ بغاوت
جي جذبي هيٺ لڇي رهي آهي. ڦٿڪي
رهي آهي ۽ دل اندر پڇري رهي آهي.
بغاوت جي باه! هر پيري ناريءَ سان ئي
انياءُ ڇو؟ هر هڪ پيري ناريءَ کي ئي
ٻليءَ تي ڇو ٿو چاڙهيو وڃي؟ ڇاهي
ٻلي چاڙهڻ واري بہ ٻي ناري ڇو نہ
هجي؟ عجب تہ اهو آهي تہ هڪ
استريءَ کي نيست نابود ڪرڻ ۾ مدد
ڪرڻ واري، پرش جي ٻانهن ٻيلي،
اڪثر ٻي استري ئي ٿئي! متر هر حالت
۾ سهٽو پوي ٿو ناريءَ کي، پرش جي
هٿان!

آخر ڇو، ڇو؟

توکي تہ خبر آهي تہ مون بہ
پنهنجن مائٽن جي مرضيءَ اڳيان سر
جهڪائيندي، پنهنجي پيار جي قرباني
ڏني هئي....مگر شاديءَ ڪانپوءِ هڪ
ڪن لاءِ بہ پٺ ورائي ڪونہ ڏٺو هوم.
پنهنجي جيون کي، پنهنجو پاڻ کي،
سمپورڻ ريت پنهنجي جيون ساٿيءَ کي
سمرپڻ ڪري ڇڏيم. مرد ائين ڇو نہ ٿو
ڪري سگهي؟

ان خط واري واقعي کي اڄ
پورا بہ هفتا ٿيا آهن، پر لڳي ائين ٿو
ڄڻ تہ ان ڳالهہ کي بہ ورهيہ گذري
چڪا آهن! اهي ڏينهن گذريا بہ تہ هڪ
عجيب ڍنگ سان آهن! ڪي ڏينهن
اهڙا رهيا آهن، جڏهن مان صبح کان
شام تائين صرف روئندي رهي آهيان ۽
ڪي وري اهڙا جو مايوسيءَ ۽ اداسيءَ
جي گرفت ۾ رهيس پر....هر حالت ۾
مون پاڻ کي مجبور ۽ لاچار محسوس
ڪيو هو، ڄڻ تہ ڪنهن منهنجي آتما
کي جڪڙي ڇڏيو هجي.

اڄا ڪالهہ جي ڳالهہ آهي،
صبح ساڻ راڪيش ڇٽي ويو تہ هو رات
جو ڏهين بجي کان اڳ ڪونہ موٽندو.
آفيس جي ڪنهن ڊنر پارٽيءَ تي ويٽو
هوس(۽) اهو سمورو ڏينهن منهنجو
ڊپريشن وارو ڏينهن هو. شام جو الائي
مون کي ڇا ٿيو؟ سوٽي رواجي ساڙهي
پائي پنهنجا قدم سمنڊ جي ڪناري
طرف وڌايم. سمنڊ اسان جي فليٽ
کان ڏهن منٽن جي دوريءَ تي آهي.
پڪو رستو پورو ڪري، مان ننڍن ۽
وڏن پٿرن واري رستي تان پنڌ ڪندي،
ريتيلي ساحل تي پهتيس ۽ ان طرف
وکون وڌايم، جتي ساگر جون لهرون
گجگوڙ ڪنديون وڌنديون پئي آيون.
ايڪڙ ٻيڪڙ مردن، اڪيلي عورت کي
ان پاسي ويندي ڏسي عجيب نظرن سان
نهاريو ۽ هڪ ٻئي سان اشارا ڪيا.
مون انهن جي پرواهہ نہ ڪئي.
جيستائين فضا تي سليٽي رنگ جي
چادر وڇائجي نہ وئي، مان پنڌ ڪندي

رهيس. هڪ ٻن هنڌ، وڏن پٿرن جي پنيان لڪل جوڙن جي نظاري ۾ ولايتي سينٽ جي خوشبوءِ، منهنجي چپن تي طنز ڀري مرڪ آڻي ڇڏي. نيٺ انهن سيني ڪان پري، هڪ اونچي پٿر تي، جيڪو سمنڊ جي لهرن جي بلڪل نزديڪ هو، ويهي رهيس. لهرن جي پاڻيءَ جي ڇٽڪار، رکي رکي منهنجن ڪپڙن کي پڄائي رهي هئي.

مان ساگر جي لهرن جي اڇڻ، ۽ اڇي وري موٽي وڃڻ جي نظارَي کي ڪيتري دير تائين ڏيان سان ڏسندي رهيس. ان وقت وير چڙهيل هئي ۽ مونکي لڳو ته ساگر جي سيني ۾ منهنجي سيني جي حالت ۾ هڪجهڙائپ هئي. جهڙو ۽ جيترو جوش ساگر جي لهرن ۾ سمايل هو، اهڙ ۾ اوترو ئي جوش منهنجي اندر ۾ هو! ٻنهي جي دلين ۾ هئي اٿل پٿل ۽ بيقراري، ڇڻ ته سينو ڦاٽي رهيو هو. مگر هن جو جوش دنيا کي ڏسڻ ۾ آيو پئي ۽ منهنجو هو دل ئي دل ۾، دبيل ۽ ڳجهو!

اچانڪ مونکي خيال آيو، ڇو نه مان پاڻ کي سمنڊ جي جوشيلي لهرن جي حوالي ڪري ڇڏيان ۽ پنهنجي دل جي بيقراريءَ کي هميشه لاءِ شانت ڪري ڇڏيان! آخر منهنجي زندگيءَ جو مقصد ڪهڙو؟ مان ڪنهن جي لاءِ ۽ ڇو زنده آهيان؟ منهنجي جيئڻ مان ڪنهن کي به فائدو ڪونه رسي رهيو آهي. پاڻ منهنجي جيون جو انت، ٻين لاءِ هتڪاري ئي ٿيندو. ۽ مون فيصلو ڪري ڇڏيو. ها، مان آتم هتيا ڪنديس.

حقيقت ۾ اهو خيال صبح ساڻ ئي، ور ور اڇي رهيو هوم ۽ شايد منهنجو اڇيتن (بيچين) من ان لاءِ ئي مون کي ان هنڌ آندو هو.

۽ مان ويٺي ويٺي سوچڻ لڳيس ته ڪهڙي نموني لهرن جي اندر سمائجي وڃان؟ آهستي آهستي پاڻ لهرن طرف وڌندي وڃان يا لهرن کي پاڻ وٽ اچڻ ڏيان ۽ جل-سماڌيءَ ۾ غرق ٿي وڃان؟ مان اخبار ۾ وير چڙهڻ ۽ لهڻ جي ويلا جو به جائزو وٺي آئي هيس. مون جاچيو ته ڏيري ڏيري پاڻيءَ جي سطح مٿي چڙهندي ۽ اڳيان وڌندي پئي آئي ۽ مان....انتظار ڪرڻ لڳيس.

اوچتو منهنجي نگاه، ڪجهه دوريءَ تي بيٺل هڪ جهاز تي پئي، جنهن جون به دريون اونده ۾ چلڪي رهيون هيون. مونکي لڳو ڇڻ ته موت جوفرشتو، مونکي وٺي وڃڻ لاءِ پڌاري چڪو هو ۽ هو پنهنجين ٻن اکين سان مون کي تلاشي رهيو هو. ٿوري دير بعد، نوڙين ذريعي هڪ ڪشتي هيٺ

لهندي ۽ مون طرف وڌندي ايندي ڏٺم.

مان هڪ ٽڪ، اپلڪ، ان موت جي فرشتي ڏانهن نهاريندي رهيس ۽ ڪال ديوتا جو ڌيان ڪرڻ لڳس.

۽ مون کي ساوتري ستيوان جي آکاڻي ياد اچي وئي.

ساوتريءَ ڪيئن پنهنجي پتيءَ جي جان بچائڻ خاطر ڪال جو پيڇو ڪيو هو!

هن کي شاديءَ کان اڳ ئي ڄاڻ هئي ته هن جو پتي هن کان ڪسجي ويندو. پوءِ به هن ڪال جي للڪار کي قبوليو هو. ڇو؟....ڇو جو هن کي پنهنجين شڪتين تي مڪمل وشواس هو. ڪيڏي نه دلير هئي هوءَ! ۽ ڪهڙيءَ نه اٽڪل سان هن ستيوان کي ڪال جي قبضي مان آزاد ڪرايو هو! هن ۾ هئي سهنشيلتا، درڍتا، ڌيرج، ساهس، پنهنجي طاقت تي پورو پورو ڀروسو. ها هن ۾ هو آتم وشواس!

ستيوان جو نشپران شري، ڪال جي ٻانهن ۾ ۽ ساوتري، هن جي پنيان پنيان!

ساوتريءَ کان پيڇو ڇڏائڻ جي خيال کان، ڪال ديوتا هن کي وردان جي پنيان وردان ڏيندو پيو وڃي، "گهر، جيڪي گهرڻو هجيئي، پنهنجي پتار جي حياتيءَ کاسواءِ ڪجهه به گهر."

"منهنجي سهري ۽ سس جي درشٽي واپس ڪر، ڪال ديوتا!"

"تٿاستوَ!"

ڪال اڳيان ۽ ساوتري پٺيان!

"اجان ڇا کپئي؟"

"منهنجي پتيءَ جو وڃايل راڄ پاٽ!"

"تٿاستوَ!"

ڪال اڳيان ۽ ساوتري پٺيان!

"اجان ڇو پٺي اچين منهنجي پٺيان؟ ڇا گهرجئي؟"

"هي ڪال ديوتا، مونکي ور ڏي ته مان ماتا بڻجان."

"تٿاستوَ!"

"ڪال اڳيان ۽ ساوتري پٺيان!

"تون جيڪي به ور گهريا، مون توکي پردان ڪيا. هاڻي واپس پنهنجي گهر وڃ."

"واهه ڙي ڪال ديوتا، واهه! مونکي ماتاپڻي جو وردان ڏئي تون منهنجي پتيءَ کي پاڻ سان گڏ کڻي پيو وڃين؟ ڇا تون چاهين ٿو ته مان ڪلنڪا بڻجان، پاڻ کي ڪلنڪت ڪريان؟ جي منهنجو پتي جيوت نه هوندو ته مان ماتا ڪيئن بڻبيس؟"

۽ ساوتريءَ جي ٽرڪ (اٽڪل)، ڪال ديوتا کي لاجواب

ڪري ڇڏيو.

ساوتريءَ جي چترائي ۽ هوشياريءَ کان پرسن ٿي، هن کي سندس پتيءَ جي پراڻ موٽائي ڏنائين.

ساوتريءَ جي ست جي جيت ٿي.

۽ مان آهيان جو اهڙي سولائيءَ سان پنهنجي هارقبول ڪري، پاڻ کي ڪال جي گود ۾ ارپڻ ڪري رهي آهيان.!

"ترس، ترس، جهاز، پنهنجن پوائٽين ڪاين سان مون ڏي نہ نهار ۽ نہ ئي پنهنجي ڪشتي هيٺ لاهڻ شروع ڪر!"

اوچتو هڪ لهر اچل ڏني ۽ جل جي بوندن منهنجي مٿان وسڪارو ڪيو. الائي ڪٿان هڪ ٽارچ جي تکي بتي منهنجين اکين کي چڪاچوند ڪري ڇڏيو.

مون تکڙ ۾ پنهنجو پٽريلو آسڻ ڇڏيو ۽ گهر ڏانهن پويان پير کيم.

۽ تنهن وقت کان سوچي رهي آهيان، سوچي رهي آهيان، ڇا ڪريان، ڇا ڪريان؟

ڇا حالتن سان سمجهوتو ڪريان؟

نہ، هرگز نہ! ان ڳالهہ ۾ مان ڪوبہ سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان. مان پيڙا سهنديس. پر پنهنجو اڏيڪار ٻئي کي ماٽڻ کانہ ڏينديس.

ڇا تون مونکي ٻڌائيندينءَ تہ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پليز مونکي تو وٽان مشوري جي گهرج آهي.

تون ۽ مان گڏجي ڇا نہ ٿا ڪري سگهون؟ ياد ڪر ڪاليج جا اهي ڏينهن جڏهن مشڪلاتن سان ڪيڏڻ اسانجي هابي هئي ۽ ناممڪن مسئلن کي سلجهائڻ اسان جو ٽائيم پاس.

هيءَ بہ زندگي آهي ۽ هوءَ بہ زندگي هئي!

توسان دل جو حال اوري ڪيڏو نہ من هلڪو ٿيو اٿم. ورنہ ٽيو ڏينهن تائين موڙهي سوڙهي پئي هيس. بس، هٿ مٿان هٿ رکي، دريءَ کان ٻاهر نهارڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ سجهيو ئي نہ ٿي.

هن خط لکڻ کانپوءِ ڄڻ تہ وري همٿ اچي وئي اٿم. پنهنجي اڏيڪار لاءِ لڙڻ جي شڪتي موٽي آئي اٿم.

مان ڪجهہ بہ ڪنديس پر پنهنجي گهر جي راڻي بڻبيس. نہ رڳو پنهنجي پتيءَ جي گهر تي، پر سندس دل تي بہ راڄ ڪنديس.

ڏسج ويهي!

***پيارن مان***

***نيلم***

جڏهن سيني عزيزن، دوستن ۽ احبابن پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن رخ ڪيو. امان ۽ بابا بہ اٿي ويا ۽ منهنجي نندي پيڻ سپنا، جنهن مونکي پلاند ڏنو هو، سا بہ پنهنجو رڱو منهنجي ڪلهي تان

# ٽي شاديون

ميرزادبير



**هڪ مڙس جو احوال، جنهن ٻن زالن سان ڀيرين منهن پئي ڏنو، جو تہ ڪيس هڪ خوبصورت ڇوڪري دل ۾ گهر ڪري ونئي. نيٺ هن کي ٽين شادي ڪرڻي پئي، پر ڪمال تہ اهو هو جو ٽئين ڪنوار پنهنجي ڀاڄن هوندي بہ خوش هئي.**

**هڪ مائهوءَ جو مونجهارو، جنهن کي ٽين شادي ڪرڻي پئي هئي**

لاهي هلي وئي. تڏهن مون در بند ڪيو ۽ پنهنجي ڪنوار جي پر ۾ اچي ويٺس، جنهن جي مون سان ڪجهه دير پهرين شادي ٿي هئي. هوءَ ڊبل بيڊ پلنگ تي ويٺل هئي ۽ سندس ڪنڌ هيٺ هو. پلنگ جي چوڌاري گلاب جي گلن جون لڙهيون لٽڪي رهيون هيون. سندس منهن ڳاڙهي زريءَ سان پريل جهارجهڻ جي رئي ۾ لڪل هو، پر سندس چهري جا هلڪا هلڪا عڪس جهارجهڻ جي رئي مان ڏسڻ ۾ پئي آيا. سندس چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ جيان چمڪي رهيو هو.

اصل ۾ هن کي مون هڪ خاموش تصوير ۾ ڏٺو هو، جنهن ۾ هوءَ هڪ منفرد انداز ۾ بيٺي هئي. سندس اهو فوٽو مونکي امان ڏيندي چيو هو ته "سلمان آئون چاهيان ٿي ته منهنجي ننهن ۽ تنهنجي ڪنوار هيءَ ٿئي. آئون سندس مائٽن سان رشتي جي ڳالهه به ڪري آئي آهيان، جي راضي آهن. بس رڳو تنهنجي رضامندي گهرجي."

مونِ امان ڪان اها تصوير ورتي ۽ ڏسڻ لڳس. تصوير ڏسي آئون پاڻ به تصوير بڻجي ويس. جا ته سندس حسن هو. ان تصوير ۾! مون وٽ ساراهه لاءِ لفظ ئي ڪونه هئا جو سندس تعريف ڪري سگهان. بس ان مهل زبان مان هي شعر نڪتا:

رات توکي پئي پڪاري، آءُ!

ڪنهن نئين چنڊ جي سهاري، آءُ!

هيءَ ٻني رات، هيءَ هوا، هي چنڊ!

هر گهڙيءَ ساهه توکي ساري، آءُ!

امان مونکي خاموش ڏسي منهنجي ٻانهن لوڏيندي چيو ته "سلمان! او ابا سلمان! چا ٿيو ٿئي؟ ڪجهه ته چئو."

منهنجون اکيون فوٽوءَ ۾ ئي کتل هيون. امان جو سوال ٻڌي چيم، "امان آئون چاچوان؟"

امان چيو ته "مطلب ته توکي ڇوڪري پسند آهي."

مون وراڻيو ته "امان مون انڪار ڪڏهن آهي ڪيو؟"

اهو چئي مان تصوير کڻي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويس ۽ انهيءَ تصوير ۾ قيد ٿيل پريءَ سان ملڻ لاءِ بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳس.

۽ هاڻي اها ئي ڇوڪري ان ئي خاموش تصوير جيان چپ چاپ منهنجي سامهون ويٺي آهي، پر اڄ رڳو سندس اسٽائيل چينج آهي. ان خاموش تصوير ۾ سندس حسن نمايان نظر اچي رهيو هو ۽ اڄ سندس حسن جهارجهڻ جي رئي ۾ لڪل هو، پر سندس پرنور چهري جا هلڪڙا هلڪڙا عڪس نظر پئي آيا. هوءَ خاموش ٿي ويٺي هئي. ڳالهايائين ته نه پئي، پر پلنگ تي چري به ڪانه. هوءَ دت هٽي ائين ويٺي هئي، ڄڻ ڪ ڳالهائڻ ۽ چرڻ پرڻ تي ڪو ڪرفيو لڳل هجي.

اوچتو ئي اوچتو دل ۾ خيال آيم ته

شاديءَ کان اڳ سندس مائٽن تصوير موڪلي تہ ڇوڪري پسند آهي يا نہ ۽ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اڄ وري ڇوڪريءَ جو همشڪل بت ناهي موڪليو هجين! دل ٿي دل ۾ وري ائين چوڻ لڳس تہ نہ نہ! ائين وري ڪيئن! نڪاح نامي تي هن پنهنجي هٿ سان صحيح ڪئي آهي ۽ وري منهنجي ڪمري ۾ بہ تہ پنڌ ڪري پنهنجن پيرن سان آئي آهي نہ. وري دل ۾ چيم تہ پلا سڏ ڪري ڏسانس تہ جواب ڏئي ٿي يا نہ. مون سندس نالو پڪاريو:

"پروين!"

هن چيو، "جي"

هن جي "جيءُ" چوڻ سان منهنجي بت ۾ ساهہ پيو ۽ آئون سندس ويجهو ٿي وينس ۽ کيس چيم تہ "پروين! تون ايڏي تہ سهڻي آهين جو مون تنهنجي جڏهن تصور ڏني هئي تہ مان پاڻ ئي تصوير ٿي ويو هئس. پروين توکي ڏسڻ سان ئي مونکي تو سان پيار ٿي ويو هو ۽ تو سان ملڻ جو انتظار مان بي صبريءَ سان ڪرڻ لڳو هئس.

موٽ ۾ هوءَ خاموش هئي. وري بہ مون چيومانس "پروين تنهنجو هيءُ چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو حسين چهرو، گلاب جي گلن جهڙا ڳاڙها ڳل، هي تنهنجون مور جهڙيون اکيون ۽ گلن جي پنکڙين جهڙا تنهنجا ڳاڙها چپ، جن مون کان سڀ ڪجهہ کسي ورتو آهي ۽ مونکي تنهنجو ديوانو بنائي ڇڏيو. مون، توسان ملڻ جا ڏينهن ائين پئي ڳڻيا، جيئن مارئي پنهنجن ماروئڙن سان ملڻ جا ڏينهن پئي ڳڻيا."

جنهن تي هن ڌيمي آواز ۾ چيو "آئون تہ هاڻي هميشہ هميشہ لاءِ توهان جيءُ ٿي وئي آهيان نہ."

مون کيس ٻاڪر پائيندي چيو، "ها پروين تون هميشہ هميشہ لاءِ منهنجي ٿي چڪي آهين ۽ مان تنهنجو. پروين آئون تو سان پهرين ئي نظر ۾ عشق ڪري وينس ۽ توکي پنهنجي جنم جنم جو جيون ساٿي بنائڻ لاءِ رب کان دعائون پنندو پئي رهيس."

"پروين تون منهنجو خواب آهين. تون منهنجي زندگي آهين. پروين تون مونکي رب جي طرفان مليل هڪ خاص تحفو آهين."

مون پنهنجي ٻاڪر جي گرفت مضبوط ڪئي ۽ هن کي پنهنجي سيني سان لڳائيندي چيو، "پروين تون منهنجي آهين، تون منهنجي آهين پروين، تون منهنجي...."

اهڙيءَ طرح ڪجهہ پل مانار ۾ گذارڻ بعد مون هن کي ٻاڪر جي گرفت مان آزاد ڪندي چيو "پروين! مونکي تو سان تمام گهڻي محبت ۽ پيار آهي، پر منهنجي هن پيار ۽ محبت ۾ جيئن تون حصيدار آهين، تيئن ٻيو بہ ڪو ان پيار ۽ محبت ۾ حصيدار آهي ۽ جيئن تون منهنجي زندگي آهين، تيئن اهي بہ منهنجي زندگي آهن. مونکي انهن سان بہ

اٿين ٿي زندگي گذارڻي آهي، جيئن تو سان گذارڻي اٿم. ڪٿي تون اٿين ٿي سمجهه ته جيئن مون، تو سان شادي ڪئي آهي نه، تيئن منهنجي انهن ٻن سان به شادي ٿيل آهي ۽ انهن کي به اوترو ئي ٽائيم ڏيڻو آهي، جيترو ٽائيم آئون تو سان گذاريندس ۽....!"

اجا منهنجي ڳالهه اڌ ۾ هئي ته منهنجن ڪنن تي روئڻ جو آواز پيو ۽ اهو آواز روئڻ جو مون پنهنجي ويجهو کان ايندي محسوس ڪيو. منهن مٿي ڪري پروين ڏانهن ڏٺم. جيڪا زارو قطار سڏڪا ڀري روئي رهي هئي. مون سمجهيو ته شايد مائٽ پيا ياد اچنس، تنهنڪري پئي روئي، سو مون ڪيس ياڪر پاتو ته يڪدم منهنجو هٿ پري ڪندي ڇڙ منجهان چوڻ لڳي، "جڏهن توهانجون اڳي ئي به شاديون ٿيل آهن ته پوءِ مون سان شادي ڇو ڪيوَ؟"

آئون سندس سوال ٻڌي حيران ٿي ويس ۽ حيرانگيءَ مان چيومانس ته "پروين! تون ان ڳالهه تان پئي روئين!"

مون وري هن کي ياڪر پاتو ۽ سندس ڪلهي تي پنهنجو هٿ رکي منهن سندس منهن سان رڳڙيندي چيم، "پروين تون منهنجي پوري ڳالهه ته ٻڌ؟"

هن خار مان مونکي پري ڪندي چيو، "ڇا ٻڌان؟ ٻڇيو ڇا آهي باقي ٻڌڻ لاءِ. جيڪو مان ٻڌان! تو ته منهنجي زندگي برباد ڪري ڇڏي." اهو چئي هوءَ ٻئي هٿ، منهن تي رکي روئڻ لڳي.

مون ٻيهر همت ٻڌي ڪيس ياڪر پائيندي چيو، "پروين! منهنجون جيڪي ٻه شاديون ٿيل آهن، اهي ڪي ڇوڪرين سان ٿوروئي ٿيل آهن. اهي ته پروين...."

هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيو، "نه نه! اهي ڇوڪريون ناهن ته ڇا ڇوڪرا آهن، جن سان شادي ڪئي اٿوَ؟"

هن ٻيري هن منهنجو هٿ، جيڪو سندس ڪلهي تي رکيل هو، سو پري نه ڪيو، پر هن جو جواب ٻڌي آئون ڇرڪي پيس ۽ يڪدم پنهنجو هٿ سندس ڪلهي تان هٽائي ڇڏيم. مونکي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو. آئون خاموش ٿي وينو هوس ۽ هن جا سڏڪن مٿان سڏڪا ٻڌي رهيو هوس ۽ هن کي حيرانيءَ مان ويٺي ڏٺم. نيٺ وري چيومانس، "پروين! سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته پنهنجي ماري ٻئي جي ٻڌجي. منهنجي ڳالهه اجا اڌ ۾ هئي ته تو روئڻ شروع ڪري ڏنو ۽ مونکي ڪجهه چوڻ به ته نه پئي ڏين نه تون. منهنجي پوري ڳالهه ٻڌ ته آئون ڇا ٿو چوان؟"

هوءَ خاموش هئي ۽ مون چيو ته "پروين! مون توکي اهو چيو نه ته ڪٿي تون اٿين ٿي سمجهه ته جيئن مون تو سان شادي ڪئي آهي نه تيئن منهنجي انهن ٻنهي سان به شادي ٿيل آهي. اهو چيو نه مون پروين؟"

هن ڪنڌ لوڏيندي چيو "ها."

مون وري هڪ پل لاءِ مانَ ٿي هن جي منهن ۾ نهاريو ۽ پوءِ چيم، "پروين! مون توکي اهو هڪ مثال ڏنو هو ۽ تون

وري ان کي الائي ڇا پئي سمجهين؟ پروين!
ٻڌايئين ته اهي ڪير آهن؟"

هن چيو، "ها، ڪير آهن؟"

مون چيو ته "پروين! منهنجي پهرين شادي ڪتابن سان ٿي. جيڪي مونکي پنهنجي جان کان به وڌيڪ پيارا آهن. اهو انڪري جو حضرت عليءَ جو فرمان آهي ته "ڪو دور اهڙو ايندو، جنهن ۾ توهان سان ڳالهائڻ لاءِ ماڻهن وٽ وقت نه هوندو. تڏهن اوهانجي تنهائيءَ جو هڪ ئي ساٿي هوندو ۽ اهو آهي ڪتاب." انڪري پروين، مونکي پنهنجن ڪتابن سان ايڏي محبت آهي."

"۽ پلا ٻي شادي ڪنهن سان ڪيوَ؟" پروين سوال پڇيو، جنهن تي چيم، "مونکي جڏهن نوڪري ملي نه، تڏهن منهنجي ٻي شادي سمجهه ته ان سان ٿي وئي."

مون سندس گهونگهٽ مٿي ڪنيو. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي هئي. مون سندس حسين چهري کي پنهنجي هٿ سان مٿي ڪري سامهون شيلفن ۾ الماڙين ۾ رکيل ڪتابن طرف اشارو ڪندي چيو، "پروين! منهنجي پهرين شادي هنن ڪتابن سان ٿي."

هن سامهون ڪتابن ڏانهن نهاريو ۽ نهاريندي رهي. مون چيومانس ته "پروين! منهنجي ٻي شادي نوڪريءَ سان ٿي، سا به تون چوندئين ته توکي ضرور ڏيکاريندس ۽ ٽين شادي تو سان ڪئي اٿم."

هوءَ ڪتابن ڏانهن ڏسي رهي هئي ته مون سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو "ڇا پئي ڏسين پروين؟"

هن ڪتابن مان اک ڪڍي مونکي ڏسي حيرانگيءَ مان چيو، "ايڏا ڪتاب! سلمان، توهان هنن مان ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهندا آهيو؟ توهان ته منجهي پوندا هوندؤ ته ڪهڙا ڪتاب پڙهان؟"

مون چيو ته "پروين! نه نه، جيڪو به ڪتاب وٺندو آهي، سو پڙهندو آهيان."

هن چيو، "اهو ڀلا ڪيئن؟"

مون چيو، "پروين! بلڪل ائين، جيئن تون حسين ۽ خوبصورت آهين ۽ توکي ڏسڻ مان دل ئي نه ٿي ڀرجي جو تو مان اک ڪڍجي. تيئن ئي هنن ڪتابن جو به هڪ هڪ لفظ حسين ۽ خوبصورت آهي، جن کي پڙهڻ سان دل ٿي چاهي ته ويٺو پڙهجي ۽ ها پروين! پوءِ اهو ته اسان تي ٿو ڊپينڊ ڪري ته اسان ڇا به پڙهون ۽ ڇا به ڏسون يا وري ڇا به چمون."

پروين حيران ٿيندي پڇيو، "ڇا مطلب؟"

تنهن تي مون سندس چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي پرنور چهري کي پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهليو. سندس اکيون بند هيون ۽ هوءَ تڪڙا تڪڙا ساهه کڻي رهي هئي. مون سندس گلاب جي پنکڙين جهڙن ڳاڙهن چپن تي پنهنجا چپ رکيا ۽......."

****

# پوتار سائين

اختر رند

هڪ پوتار سائين جي ڪهاڻي، جنهن پنهنجي هڪ عرب دوست سان دوستي ملهائي. ان دوستيءَ جي قيمت ڪنهن کي چڪائڻي پئي ۽ ان جو ملهه ڇا مليو، سو اوهان هن دل ۾ ڇهندڙ ڪهاڻيءَ ۾ پڙهو.

## هڪ عرب شيخ ۽ سندس شڪار هڪ معصوم نينگر جي ماجرا جو احوال

پوتار سائين اوطاق ۾ ويٺل هو، جو ڪمدار اندر داخل ٿي، پوتار سائينءَ جي ويجهو اچي رازداراڻي انداز ۾ چيو، "پوتار سائين، يا شيخ ماڻهو موڪليو آهي؟ چئي ٿو، شغل لاءِ ماڻهو گهرجي!"

پوتار سائين ميرحسن خان ڇڻ پريشان ٿي ويو، "پهرين ٻڌائي ها، هيئنر ماڻهو ڪاٿون آڻيندا سين رات جو!"

ڪمدار ٿورو سوچي چيو، "پوتار سائين، خاتون واري ڇوري جو آهي. ان کي ڏا ڪٿي موڪليونس."

"اها ستين انين مهيني پيٽ سان آهي، اها يا شيخ کي ڪاٿي وڻندي، اڳ خبر هجي ها ته گاڏي موڪلي شهر مان ڪا ڪسبياڻي گهرائي وٺون ها."

پوتار سائين ويچار مان ڪرسيءَ تي جهڪي ويو. دير تائين خيالن جا پکي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙايائين. اوچتو چهري تي چمڪ پيدا ٿيس. ڪر کڻي ڪرسيءَ تي سڌو ٿي ويٺو. "ڳالهه ٻڌ!...جمعي مرهيات جي ڇوڪري آهي نه....ڇا نالو اٿس...؟" پوتار سائين ذهن تي زور ڏئي نالو ياد ڪرڻ لڳو.

"پوتار سائين! بختاور..."

ڪمدار ڄڻ پوتار سائينءَ جي مشڪل آسان ڪري ڇڏي .

"ها بختاور.... ڪنهن سان



مگيل تہ ڪانهي؟"

"تہ پوتار سائين!"

چڱو تون هيئن ڪر، جمعي مرهيات جي ياءُ لاهوتيءَ کي وٺي اچ. ڏيونس ٿا ٻہ ٽي روپين جي لالچ. ڏسون تہ ڪهڙا ٿو خيال ڏسي؟"

"پوتار سائين، وڏي چيڙي اٿوَ ڳالهہ ٿوري گهمائي ڦيرائي ڪجو. متان التو خواري ٿئي؟"

"بابا تون ان جي ڳڻتي نہ ڪر. اسان بہ راڄ هلايا آهن، ڪلايا ناهن! مونکي خبر آهي تہ مال مهار سان ٻڌبو آهي ۽ ماڻهو زبان سان."

"بس تہ پوءِ پوتار سائين مان هينئر ئي ٿو وٺي اچانس." ڪمدار، پوتار سائينءَ کي تعريفي نظرن سان ڏسي هٿ ٻڌنديچيو.

ڪمدار، لاهوتيءَ کي وٺڻ لاءِ اوطاق کان ٻاهر نڪري ويو ۽ پوتار سائين مير حسن، لاهوتيءَ جي انتظار ۾، وڏي بيقراريءَ مان اوطاق ۾ پسار ڪرڻ لڳو. دير ڪانپوءِ ڪمدار ۽ لاهوتي سهڪندا اوطاق ۾ داخل ٿيا.

"پوتار سائين حڪم؟" لاهوتيءَ نماڻائيءَ مان چيو.

"بابا، جمعي مرهيات جي ڇوڪري بختاور جو والي وارث تون آهين يا ڪنهن ٻئي سان ڳالهايان."

"سائين تون حڪم ڪر."

"بابا توکي خبر آهي تہ سلطنت عرب جي ولي عهد شهزادي حمبل بن جمبل البيان سان منهنجي دوستي آهي. ڏاڍي محبت ڪندو آهي مون سان...مون سان چا، سيني سنڌين سان، چئي ٿو، ان دوستيءَ کي مٽي مائٽيءَ ۾ بدلائڻو آهي! سوچيم، جمعو بہ پنهنجو ٻچو هو، ان جي تہ حياتي ايتري وفا ڪا نہ ڪئي، ڇو نہ ان جي نياڻي بختاور جي حمبل بن جمبل البيان سان شادي ڪرائجي. يتيم ٻار آهي، پل تہ جڻ شهزادي ٿي راڄ ڪري!"

"سائين ڀلارو آ، ڀلي ڀار جو آ. آئون موشو ڪونہ ٿو ڪريان. پر پوتار، ڪٿي آئون مشڪين، ڪٿي هو شهزادو! مٽي مائٽي جوڙ جي ٿيندي آهي. تون ست راڄي چڱو مڙس آهين...حاڪم آهين، تنهنجي ان سان مٽي مائٽي نهندي، اسان ڪٿي پيا اٺا ڊوئينداسين!؟"

لاهوتيءَ جڻ پوتار کي گار ڏئي ڪڍي هجي، پر پوتار ڪاوڙ تي ڪنٽرول ڪري ويو. آخر يا شيخ جي شغل جو بندوبست ڪرڻو هوس.

"اڙي بيوقوف! مڪڻ پئي ٿو مٿو سٽئي! سوچ، جي شهزادن سان مٽي ٿيئي تہ هتي ائين ڪونہ اوتارن ۾ پيو ينگ چاٽيندين. سلطنت عربؔ جي محل ماڙين ۾ رهندين. حورون ۽ غلمان پيا پينگهن ۾ لوڏيندئي. ينگ چا، چرس چا، آفيم چا، سڀ نهيل نڪيل مفت ۾

لاھوتيءَ ڪمدار جي وچڻ ڪانپوءِ دير دير سان پوتار ڪي اوطاق جي در تي پنھنجي سوزوڪي جيپ جو گھرڪو ٻڌڻ ۾ آيو. ٻاھر نڪري جيپ وٽ اچي ڏٺائين تہ جيپ جي ڊاليءَ ۾ رسن ۾ جڪڙيل ھٽڻ جي باوجود بہ بختاور مزاحمت ڪندي رڙين ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رھي ھئي. پر ڪمدار ۽ لاھوتي وات تي ھٿ رکي بند ڪيو ويٺا ھئس. پوتار مير حسن خان جلديءَ ۾ اچي فرنٽ سيٽ تي ويٺو ھو ۽ جيپ ڳوٺ جي اولھہ طرف واريءَ جي وڏين ڀٽن ۾ قائم عرب شھزادي حمبل بن جمبل البيان جي ڪيمپ ڏانھن ڊوڙڻ لڳي.

اتي پھچي ڏٺو ھئائون تہ جنريٽر تي ٻرندڙ بلبن جي روشنيءَ ۾ ڇھن فٽن کان ڊگھوي ھيوي ويٽ يا شيخ، سڄي ڏينھن جي شڪار ڪيل تلور ۽ تترن جا شيخ ڪباب نوش ڪري، اڍائي ٽي بوتلون شراب جون چاڙھڻ ڪانپوءِ، ڪجھہ ڪبابن جي گرمي، ڪجھہ شراب جي نشي ۽ ڪجھہ شغل جي شوق ۾ بيقراريءَ مان ھڪ پٽ کان ٻي پٽ وچ ۾ اچ وڃ ڪري رھيو ھو.

جيپ مان پوتار مير حسن خان کي لھندو ڏسي شيخ حمبل بن جمبل البيان ڪاوڙ مان اڌ عربي، اڌ انگريزيءَ ۾ شڪايت ڪندي چيو، "ايڏي دير ڇو ڪئي اٿوَ؟."

پوتار سائين، يا شيخ کي ٻانھن کان ڇڪي ٿورو پاسيرو وٺي وڃي سڄي ماجرا سمجھائي. جڏھن يا شيخ کي پوتار سائينءَ جي ڳالھہ سمجھہ ۾ آئي تہ ٻلھار ٿيندڙ خماريل نظرن سان پوتار سائينءَ کي ڏسڻ لڳو تہ پوتار کي ھن جي شغل لاءِ ڪيڏي نہ محنت ڪرڻي پئي ھئي.

پوتار سائين، ڪمدار ۽ ٻين کي اشارو ڪيو تہ ڇوڪريءَ کي جيپ مان لاھي ياشيخ جي خيمي ۾ پھچايو. پوتار سائينءَ جو حڪم ملندي ئي ڪمدار ۽ ٻيا، رڙين ۽ دانھن ڪري ڪيري ٿيل بختاور کي ياڪر ۾ پري وجي يا شيخ جي خيمي ۾ سٽيائون.

يا شيخ، تلور ۽ تترن جيان پنھنجي ھن نئين شڪار کي بہ چيري ڦاڙي شيخ ڪباب ڪرڻ لاءِ خيمي ڏانھن وڌيو. پر اوچتو ياد آيس تہ پوتار جي، ڇوڪريءَ جي مالڪ لاھوتيءَ سان ڪا زبان ڪيل آھي. پوئتي موٽي اچي مئنيجر جي خيمي ۾ ويھي، مئنيجر کي عربيءَ ۾ ڪجھہ چيائين. مئنيجر، لاھوتيءَ کي يا شيخ جي پرسان ويھاري عربيءَ جو ڪو شعر پڙھي دعا واري انداز ۾ ھٿ مٿي ڪري ڪجھہ دير ڇپن ۾ پڻ پڻ ڪري ھٿ منھن کي مليا. ٻين بہ مئنيجر جي پوئواري ڪندي ائين ئي ڪيو.

لاھوتيءَ سواليہ انداز ۾ پوتار

کي ڏنو ته هي ڪهڙو نڪاح ٿيو؟ نه شاهد، نه مشير، نه سونھن، نه ساٿ! پوتار سمجهي ويو ته لاهوتيءَ کي شڪ پيو آ. آهستي چيائين، "عربي نڪاح آ، عرب پاڻ وانگر گهٽي ديگهه ڪونه ڪن."

يا شيخ پنهنجي مئنيجر کي اشارو ڪري لاهوتيءَ کي پئسن ڏيڻ جو چئي، پوتار سائينءَ کان اجازت ورتائين. پوتار سائين سنڌي اسٽائل ۾ ٻانهون ٻڌي مرڪي ڪنڌ کي ڌوڻ ڏني. يا شيخ، پوتار سائينءَ کان اجازت ملندي ئي ڌاڙيندو خيمي کان ٻاهر نڪري ويو. ڪمدار، لاهوتيءَ کي وساميل وساميل ڏٺو ته ياد آيس، پاڻ سنڌين ۾ جڏهن به ڪنهن جو شرع شريعت جي آڙ وٺي ڪو اهڙو ڪم ڪيو آ، تڏهن ان کي مبارڪ ڏئي خوش ڪيو آ. هڪل ڪري چيائين، "لاهوتي بابا مبارڪ اٿئي!"

"خير مبارڪ." لاهوتيءَ ڪجهه دير تائين ڪمدار کي سراپيل نظرن سان ڏسندي جواب ڏنو. پوتار سائينءَ کي ياد آيو ته هن کي به لاهوتيءَ کي مبارڪ ڏيڻ گهرجي. آخر اچ يا شيخ اڪيان ڪنڌ مٿي ڪرايو اٿئين! جي نه ته يا شيخ چا چئي ها، واهه جا سنڌي مهمان نواز آهن. کنگهي گلو صاف ڪري چيائين، "لاهوتي پٽ مبارڪ اٿئي. الله سرخرو ڪيو اٿئي.....بابا، نياٽين جا بار وڏا هوندا آهن."

پر لاهوتي، پوتار سائينءَ کي چڻ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو هو. ڇو ته لاهوتيءَ جو سمورو ڌيان انهن پئسن ڏانهن هو، جيڪي مئنيجر پرس مان ڪڍي ڳڻي رهيو هو.

مئنيجر پرس مان هزار دينار جا ڇهه ست نوٽ ڪڍي لاهوتيءَ ڏانهن وڌايا ته پوتار سائين جهڙپ ڏئي مئنيجر کان وٺي لاهوتيءَ کي چيو، "لاهوتي بابا، هي عربي ڌوڪڙ توکان ڪونه هلندا! تون صبح جو مون کان ڏهه هزار روپيا وٺي ويجان...بابا ائين سمجهه اهي تنهنجا مون وٽ امانت آهن."

لاهوتي، پوتار کي ڪچو ڪائڻ وارين نظرن سان ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪيو.

پوتار سائين ۽ لاهوتي اچا انهن ئي ڳالهين ۾ هئا، خيما مان بختاور جون اپ ڌاريندڙ دانهون گونجڻ لڳيون. بختاور جي دانهن تي پوتار ۽ ڪمدار ته فڪرمند ٿيا ئي هئا، پر لاهوتي روئڻهارڪو ٿي ويو هو.

"لڳي ٿو ڇوڪريءَ اچا ڪيٽو ناهي ڇڏيو. لاهوتي تو ڇوڪريءَ کي ڪونه سمجهايو هو ڇا؟" پوتار سائينءَ انهيءَ دپ ۾ ته متان ڇوڪريءَ جي رڙين تي لاهوتي ڦيٽاڪ ڪري، سو ڪيس پڪو ڪرڻ لاءِ مٿس چڙهت ڪئي.

"پوتار سائين، جيڪو قسم چئين، اهو کڻان، مون ڇوڪريءَ کي ڏاڍو سمجهايو هو. ڇٺمانس ته پٽ، راٽي ٿي پينگهن ۾ لڏنديئءَ؟ پر ڇوڪريءَ مڃيو

ئي نہ ٿي." لاھوتي پنھنجي صفائي پيش ڪرڻ لڳو.

اوچتو ئي اوچتو چوڪريءَ جون دانھون اچڻ بند ٿي ويون. پوتار سائين سمجهي ويو تہ ضرور يا شيخ ڪا گڙٻڙ ڪري وڌي آھي. معنيٰ خير نظرن سان ڪمدار ۾ ڏنائين. ڪمدار، پوتار جي نظرن جي پيد ڪي ڄاڻندي خيمي کان ٻاھر نڪري ويو ۽ ڪجھ دير ڪانپوءِ پريشان حال واپس موٽي اچي پوتار کي اشارو ڪندي خيمي کان ٻاھر وٺي وڃي ٻڌايائين، "پوتار سائين! ظلم ٿي ويو. ھن پيٽسان اٺ جي پٽ يا شيخ، چوري ماري وڌي آھي!"

"چوري ماري وڌي!!..... پر ڪيئن....؟ چوري ڪجهي ھئي ڇا؟" پوتار کان رڙ نڪري وئي.

"لڳي ٿو پوتار سائين، چوري اجا لائق نہ ٿي ھئي."

"ھاڻي ان لاھوتيءَ کي ڪير منھن ڏيندو. ھي تہ سڄي راڄ ۾ خوار ڪندو. دنيا ملامت ڪندي تہ ست راڄي ڇڳو مڙس ٿي ڪري، شيخن جي پڙوت تو ڪري!" پوتار جو ڪنڌ شرم کان جهڪي ويو.

ڪمدار، پوتار سائينءَ کي ائين ھاريل ڏسي ٽيڪ ونرايائين، "پوتار! تون ٿوري پڪائي ڪجانءِ، ڇڄاڻءِ حق شرع ۾ مئي آھي؟ لاھوتي پاڻ پئسا وٺي چوري ڏني آ، اسان زوريءَ گهران تہ ڪونہ ڪٽي اچي يا شيخ کي ڏني ھئي!"

"ڪمدار چئين تہ تون بہ سچ ٿو، پر ماڻھن جا وات ڪير بند ڪندو. خون ڪٿوري ڪا لڪڻي تہ ناھي!"

"سائين لڪي ٿي وڃي، توھان دل نہ لاھيو. ماڻھو آھن موچڙي سٿو. ٿوري اک ڏيکارجو، مجال آ جو ڪو پڙڪ ٻاھر ڪڍن."

پوتار سائينءَ جي اوچتو سامھون بيٺل يا شيخ جي نئين ماڊل جي لينڊ ڪروزر گاڏيءَ تي اک وڃي پئي. ڪن لاءِ سڀ غم غلط ٿي ويس.

"يار ڪمدار، ھن شيخ جي پٽ بہ واھ جي ٻڌائي آ....! اڳئين دفعي بہ شھر مان رن گهرائي ڏني ھئيمانس تہ اڏ مئي ڪري ڇڏي ھئائين. ڪيترا ڏينھن تہ ڪٽ تي پئي ھئي....۽ مليو ڇا، ھڪ جنريٽر، پندرنھن ويھ گيلن ڊيزل جا ۽ ٽي چار خيما!...پر ھن دفعي پنھنجو بہ ڏڪ الستي اٿس، ائين سمجھ تہ اھا سامھون واري لينڊ ڪروزر پڪي آ!!!" پوتار سائين سامھون بيٺل لينڊ ڪروزر کي ائين تڪڻ لڳو، جيئن ڪاسائي ٻڪر کي.

"جي سائين ائين ٿو ٿئي تہ پوءِ تہ ڏہ ئي آڱريون گيھ ۾. سچ پڇو تہ سوزوڪي جيپ ۾ ھلي ھلي ڇتڙ ٿي پڇي پيا آھن!"

جڏهن شهر جي ماڻهن جون دليون سوڙهيون ۽ زبانون ڇريون ٿيڻ لڳيون هيون، تڏهن مون شهر کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ هاڻ شهر جي وڻن ۾ پکين واهيرو ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ گلن جي خوشبو هارٽ اٽيڪ سبب مرڻ لڳي هئي. نوعمر ٻارڙن جون اکيون پوپٽن ۽ پرين جا خواب ڏسڻ بدران، بمن ۽ بارود جو آکاڙو بنجڻ لڳيون هيون. احساس، ڪهڪاءُ، محبت، وشواس ۽ قربانيءَ جا لفظ ڊڪشنرين ۾ پنهنجي گم ٿيل معنيٰ ڳوليندي ڳوليندي پاڳل ٿيڻ لڳا هئا. شهر جا ميٽرنٽي هومز ۽ امدادي اسپتالون، ميچوئر ٻارڙن جو قبرستان بنجڻ لڳيون هيون....رشتا ناتا، ادب آداب، ميڊيا جو ديو ڳڙڪائي ويو هو....مونکي شدت سان محسوس ٿيڻ لڳو هو تہ آئون انسانن جي وستيءَ ۾ نہ پر روبوٽن ۽ ڀاڇولن جي وچ ۾ بري طرح سان گهيرجي ويو آهيان....هن شهر نامراد جا ماڻهو پنهنجو پاڻ سان ۽ ٻين سان ڪوڙ ڳالهائڻ جا نوان نوان طريقا ۽ فارمولا ايجاد ڪرڻ جي مقابلي ۾، پنهنجو پاڻ کي گهڻو پوئتي ڇڏي چڪا هئا....هر گهڙي، هر پهر ان احساس جو ڪنڊو، منهنجي خيال جي ريشمي بدن کي رتورت ڪري رهيو هو تہ دنيا ڪيتري ڦهلجي وئي آهي...ڪيڏي پڪڙجي وئي آهي...گلوبل وليج...انسان جي وحشي جبلت، ڪائنات جي ڇٽني ڪنڊن ۽ ڪهڪشائن تي پنهنجي هستي، هوڏ ۽ انا جا سائن بورڊ هڻي ڇڏيا آهن....ڪائنات جي تيزيءَ سان ٿيندڙ ڦهلاءَ جي باوجود ايڪهين صديءَ جو انسان، پنهنجي اندر جي ايوانن ۾ نجو اڪيلو، پنهنجي اڪيلائيءَ جو نادر هيرو ڳيهي رهيو آهي....اڄوڪو انسان، ڄڻ هڪ ئي وقت ٻن سطحن ۽ ٻن زاوين جي زندگي گذاري رهيو آهي...هڪ اها دنيا،

هڪ پيار ڪندڙ جو احوال، جنهن کي موهن جي دڙي گهرايو ويو هو

# مونکي موهن جو دڙو سڏي رهيو آهي!

فياض چند ڪليري

*پيار ۽ محبت جي حسين جذبن سان ڀريل ٻن نوجوان دلين جي هڪ اهڙي ڪهاڻي، جنهن جو توڙ توهان کي ڇرڪائي ڇڏيندو. انهن معصوم جذبن کي ڇنڻ ۾ جيڪو ڪمال مصنف ڪيو آهي، اهو قابل تحسين آهي. اميد تہ پڙهندڙ هن ڪهاڻيءَ کي بيحد پسند ڪندا.*



گھٽجي ويندو...مان شهر جي رهجي ويل ان آخري پوڙهي ڪوچوان جي زندگيءَ تي چاهڻ جي باوجود ڪهاڻي بہ نہ لکي سگهيو آهيان. جيڪو شهر ۾ رڪشائن، فورسيٽرن ۽ ٽيڪسين جي حد کان وڌيڪ رش ۽ ڪمائيءَ جي باوجود پنهنجو ٽانگو، گهوڙو ڪپائي، رڪشو وٺڻ لاءِ تيار ناهي...۽ جنهنجو چوڻ آهي تہ رڪشو يا ٽيڪسي هلائڻ ڪانپوءِ ماڻهو بہ انسان مان بدلجي مشين تي پوندو آهي ۽ هو عمر جي آخري حصي ۾ مشين بنجڻ جو لعنتاڻو کڻڻ لاءِ تيار ناهي....مان شهر جي ان معذور نوجوان پرائمري ماستر تي بہ ڪيترائي ڀيرا سوچڻ جي باوجود ڪهاڻي لکي نہ سگهيو آهيان. جيڪو روز صبح جو مقرر وقت کان پندرنهن منٽ پهرين اسڪول پهچندو آهي. موڪل ٽيڻ تائين گلن جهڙن ٻارن کي پڙهائيندو آهي. موڪل ڪانپوءِ اڌ ڪلاڪ گهر ۾ رهي منجهند جي ماني کائي پنهنجي ويل چيئر تي سوار ٿي، شهر جي پرئين پر کان، جبل جيڏي اورو هيڊ پل ڪراس ڪري، اورئين پر اچي وڏن ماڻهن جي ٻارن کي ٽيوشن پڙهائيندو آهي ۽ سموري ڏينهن جو ٿڪ، ڏهين وڳي، بي اي ۾ پڙهندڙ هڪ بزنس مين جي نوجوان ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ کي انگريزي جي ٽيوشن پڙهائيندي سندس گهرين ناسي اکين ۾ پيجندو آهي ۽ روزانو دل جون ڳالهيون گهران خط ۾ لکي اچڻ جي باوجود اهو خط، ان ناسي گهرين اکين

واري ڇوڪريءَ کي ڏئي نہ سگهندو آهي ۽ روز رات جو واپس ويندي، اوور هيڊ برج تان پاڻ کي ويل چيئر سوڌو هٺ ڦٽي ڪرڻ جو سوچيندو آهي...پر مان ڇا ڪيان، جنهن وقت بہ آئون ڪهاڻيءَ لاءِ سنيري پنهنجي اسٽڊي ٽيبل جي پرسان ويهندو آهيان تہ مونکي پنهنجي هڪ سهيلي ياد اچي ويندي آهي....جيڪا گذريل ڪيتري عرصي کان گمشدگيءَ جون گوريون ڦڪي، لاتعلقيءَ جي گهري ننڊ ۾ ڪٽي وڃائجي وئي آهي ۽ مونکان ناراض ٿي وئي آهي....آئون هن ڪانسواءِ هاڻ ڊپريسڊ بہ رهڻ لڳو آهيان...رات جو بہ ٽي زينيڪس جون گوريون وٺڻ جي باوجود اکيون آسمان جا تارا ڳڻڻ ۾ مصروف رهنديون آهن ۽ آئون هن ڪانسواءِ خانہ بدوشيءَ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهان...ڇو تہ آئون هن ڪانسواءِ ٻنهہ اڌورو آهيان...ناممڪن، نيم پاڳل آهيان...هوءَ ئي منهنجي هلڻ جو احساس ۽ جيئڻ جي جس ۽ چس آهي. هوءَ تہ مون سان آخري ڀيرو، آڌيءَ رات ڏاري شهر جي اوور هيڊ برج جي مٿان بيٺي... ڳالهين ڳالهين ۾ رسي هلي وئي هئي...غلطي منهنجي ئي هئي...مونکي هن جي ڳالهہ مڃي وٺڻ گهربي هئي...۽ هوءَ، ڪنهن حد تائين درست بہ هئي...مونکي ڏنل سندس بئي ڇتاءَ قابل قبول هئا...سندس پهريون ڇتاءُ هو تہ مونکي پنهنجي ان محبوبا سان سڀ لڳ لاڳاپا ٽوڙڻ نہ

پرزا پرزا ٿي ويندا آهن..."

سهيليءَ، سگريٽ مان هڪ ٻيو طويل ڪش هڻي، سگريٽ مون ڏانهن وڌائيندي چيو هو. "۽ تون ڇو سدائين هن معصوم ڇوڪريءَ جي عشق ڪي آزمائشن جي تارازيءَ ۾ تورڻ جي ڇريائي ڪندو آهين...عشق ۾ حد کان وڌيڪ آزمائشون، تانگهه جي نازڪ تار کي ٽوڙڻ جو سبب بڻجي ويندا آهن..."

اوور هيڊ برج جي هيٺان ٽرين گذرڻ لڳي ته اسان ٻنهي جا خيال اوور هيڊ برج جي ڏڪندڙ فرش سان گڏ ڏڪندا رهيا...ٽرين گذري وئي ته مون دور ويندڙ ٽرين جي ڏيئن جهڙين ٻتين ڏانهن نهاريندي چيو، "پر عشق ۾ ڪي ماڻ، ماپا ۽ حدبنديون به ته هئڻ گهرجن نه ته عشق ۽ واپار ۾ ڪهڙو فرق باقي ٿو رهي؟"

سهيليءَ جي چپن تي ساڳي معصوم مرڪ جهومي رهي هئي. چيائين، "تو شيڪسپيئر جو ڊراما انتوني ۽ قلوپطره نه پڙهيو آهي جنهن ۾ ڊرامي جو هيرو هڪ هنڌ تنهنجي انهيءَ ٻاراڻي سوال جو ڪمال جو جواب ڏيندي چوي ٿو، "جيڪڏهن عشق ۾ حدبنديءَ جو شوق آهي ته پوءِ ٻيو آسمان ۽ ٻي زمين پيدا ڪرڻي پوندي، جنهن ۾ عشق سمائجي سگهي..."

سهيليءَ، منهنجي سواليه نگاهن ۾، پنهنجي لاجواب جوابن جي روشني اوتيندي وڌيڪ چيو، "پاڳل! جيڪي ڪجهه توکي خوشبوءِ وٽان مليو آهي نه، اهو ته هزارن لکن مان ڪنهن ڪنهن جي حصي ۾ ايندو آهي...۽ تون هن ٻي ثبات خوشين جو روئڻ روئين ٿو، انهن جي عشق جي غم آڏو اوقات ئي ڪهڙي آهي...توکي خبر هئڻ گهرجي ته ڪڏهن ڪڏهن خوشيءَ جو هڪڙو لمحو، سموري حياتيءَ جي ماٽيل ڏکن تي ڀاري پئجي ويندو آهي ۽ ڪڏهن هڪڙي شاهڪار گهڙيءَ جو ماٽيل درد، سڄي زندگيءَ جي ماٽيل ٻي ثبات لذتن کي بيذائقه ڪري ڇڏيندو آهي..."

مون سهيليءَ سان اجايو اختلاف ڪندي چيو هو، "تون ڇا به چوين، عورتذات ازل کان وني مرد کي تباهه ۽ برباد ڪندڙ رهي آهي...اها بسترو ڪنهن هڪڙي جو گرم ڪندي آهي ۽ خواب ڪنهن ٻئي کي ڏيکاريندي آهي. ٻار هڪڙي مرد جا ڄڻيندي آهي ۽ ٻار ڪنهن ٻئي کي پيءُ بڻائيندي آهي..."

منهنجي جذبات پٽي تي هن جلترنگ جهڙو ٽهڪ ڏنو هو ۽ چيو هئائين، "مونکي اديب ۽ فلاسافر انهيءَ ڪري ته نه وڻندا آهن. اهي ڏاڍا خودغرض هوندا آهن. تون به انهن مان آهين. توهان سڀ سڄي جهان کي پنهنجي محرومين ۽ مايوسين جي آئيني ۾ ڏسندا آهيو...سڄي عمر سفيد ڪفن جهڙن ڪاغذن تي پنهنجون محروميون اتاريندا آهيو. پرايا ڳوڙها ۽ ڏک چورائي پنهنجن خوابن جا اڪائونٽ ڀريندا آهيو ۽ عورت، جيڪا اوهانجي انسپائيريشن جو سبب هوندي

آهي، انهيءَ کي پنهنجي مرضيءَ جي غلام بنائڻ چاهيندا آهيو..." سهيليءَ جي طنز جي تير کي روح تائين لهندي محسوس ڪيم ته چيم، "گهٽ ۾ گهٽ تون ته ائين نه چئه...!"

ڳنڀيرتا وچان چيائين، "آئون نيڪ پئي چوان...تون رڳو جسمن جي جوالامکي ڏني آهي...پر منهنجي اها ڳالهه ياد رکي ڇڏ.......جتي جسم جي بک ختم ٿيندي آهي، اتان روح جي پياس جو سفر شروع ٿيندو آهي. جڏهن اهو سفر شروع ڪيئي، تڏهن توتي عورت جا اسرار منڪشف ٿيندا...."

مون سهيليءَ جي اکين ۾ اماوس رات جو روح ڏٺو. ڪجهه ساعتون سانت، اسانجا ساهه ڳڻيندي رهي، مون چوٿون سگريٽ دکايو ۽ وڏو ڪش هڻي ٿڌو ساهه ڀريندي چيو، "سهيلي! ڏس غربت مون سان ڪيڏا ڪيس ڪيا آهن...جي مان مفلس نه هجان ها، جي منهنجي ميراث ڪتابن جا ڍير نه هجن ها....ته اڄ هتي منهنجي پرسان توسان گڏ خوشبو به بيٺي هجي ها...پر هينئر ڪنهن ٻئي جي آغوش ۾... مون سوچي ڇڏيو آ....مونکي امير ٿيڻو آ...خوابن جا اڪائونٽ ڀرڻ بدران، دولت جا انبار ڪٺا ڪرڻا آهن....انهيءَ مونکي ڪجهه به ڪرڻو پوي، ڪندس...."

سهيليءَ جي لهجي ۾ سرءَ جي ڇڻيل پنن جي اداس سرگوشي اڀري وئي، چيائين، "ڪجهه به...."

"ها ڪجهه به...." منهنجي لهجي ۾ بغاوت جو بارود ڀريل هو.

"انهيءَ جو مطلب ته تون پئسي لاءِ ڪنهن جو خون به ڪري سگهين ٿو...ڪنهن جو گهر اجاڙي سگهين ٿو...منشيات ڪپائي سگهين ٿو....؟"

سهيليءَ جي اداس لوريءَ جهڙي جملي تي منهنجي اندر ۾ ستل ٻن سالن جو ٻارڙو آرس ڀڃي جاڳي پيو...مان سهيليءَ کي جواب ڏيڻ کان قاصر رهجي ويس. تڏهن سهيليءَ منهنجي ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ پاتل لطيف سرڪار جي ميلي تان خريديل ڪاري ڪنگڻ کي پنهنجن مخروطي آڱرين سان ڦيرائيندي چيو هو، "تون دولت سان ڪنهن جي شام، ڪنهن جي رات، ڪنهن جو اوجاڳو، ڪنهن جو جسم ته خريد ڪري سگهين ٿو، پر افسوس صد افسوس...تون پئسي سان ڪنهنجي دل، ڪنهن جي ننڊ ۽ ڪنهن جا خواب ڪڏهن به خريد نه ڪري سگهندين...." ساعتن جي سانت ڪانپوءِ سهيليءَ هلڪو ٽهڪ ڏيندي چيو هو، " And your kind information for .....تون ڪڏهن به دولتمند ٿي نه سگهندين...تون ڌاڙو هڻي نه سگهندين...ڪنهنجو گهر اجاڙي نه سگهندين...اجڙيل ماڻهو اهڙا ڪم ڪڏهن به نه ڪري سگهندو آهي...."

مونکي لڳو، سهيلي، مونکي بزدليءَ جو مهڻو ڏئي رهي آهي. پيشانيءَ تي گهنڊ آڻيندي چيم، "ڇو....؟"

چيائين، "زندگيءَ جون سنايون ۽ برايون، ڪائنات جي تخليق سان گڏ، برابريءَ جي بنياد تي ورهائجي ويون هيون ۽ خوشقسمتيءَ سان تون، جنهن ساعت ۾ جنم ورتو هو، اها نحس نه هئي. ان ڪري تون ڪتاب گهرن تان ڪتاب نه چورائي سگهين ٿو، ڏاڙو هٽڻ تنهنجي ڪاتي ۾ ئي ناهي...."

سهيليءَ جي واتان پنهنجي شرافت جو تعريف ٻڌي مان ڪن لاءِ خوشيءَ وچان ٻيٺو ٽيٺو ٿي ويس. اتاولو ٿيندي چيم، "سهيلي! تون سچ پئي چوين....؟؟"

هن جي چهري تي پراسرار مرڪ نانڍڙن ٻارن وانگر ڊوڙون پائڻ لڳي. چيائين، "سچ جي ڪا به زبان، ڪو به ويس نه هوندو آهي..."

الائي به ڇو، منهنجن چپن مان ساڳيو جملو نڪري ويو، "بهرحال...مان هاڻ خوشبوءِ سان ڪڏهن به نه ملندس... Never not at all...."

خوابن مان هن جو جملو، پڙاڏو بڻجي گونجيو، "جيڪڏهن تون خوشبوءِ سان نه ملندين ته مان به تو سان ڪڏهن به نه ملندس... Never، not at all...."

ان ڪانپوءِ سهيلي گم ٿي وئي. مان هن کي مسلسل ڳوليندو رهيو آهيان. آڌيءَ ٽاڻي اسٽيشن جي اڪيلي، اداس ويٽنگ روم ۾، پٽائي ۽ قلندر جي درگاهن تي...ميلي ۾، هجوم ۾....سول اسپتال جي ٻارڙن وري وارڊ ۾.......دارالامان ۾.....باغن ۾....خانه بدوشن جي قافلي

هڪ سياح پنهنجي دوستن کي قبائلي علائقن جي سير بابت ٻڌائي رهيو هو، " جنهن گهر ۾ مان مهمان هئس، اهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو. ان گهر جي مالڪ طرح طرح جا پالتو جانور پالي رکيا هئا.پهرين ڏينهن انهن مان هڪ ڪڪڙ مري ويو، ان ڪري ان ڏينهن اسان ڪڪڙ جو پلاءُ کاڌو. ٻئي ڏينهن ان گهر ۾ هڪ ٻڪري مري وئي. ان ڪري ان ڏينهن اسان ٻڪريءَ جو ڀنل گوشت کاڌو.ٽئين ڏينهن ان گهر ۾ هڪ ٻدڪ مري وئي، ان ڏينهن اسان تندوري ٻدڪ کاڌي. چوٿين ڏينهن مون کي کاڌي کان پهرين ڪوچ ڪرڻو پيو، ڇو ته ان ڏينهن ان گهر جي مالڪ جو موت ٿيو.

********

هڪ مڙس صبح جو دير سان آفيس پهتو،ته ساٿين ڪائنس دير جو سبب پڇي، "اڄ ايتري دير آفيس پهچڻ ۾ ڇو ٿي وئي؟"

مڙس جواب ڏنو، " زال کي اسٽيشن تي ڇڏڻ لاءِ ويو هئس.هوءَ هڪ مهيني جا لاءِ پنهنجي گهر وئي آهي."

" پر تنهنجي چپن تي اها ڪالڪ ڇو لڳل آهي؟"

" اوه ڪالڪ..." مڙس کلي چيو، " ريل جي انجڻ جي هوندي. مون ڪيس خوشيءَ کان چميو هو."

۾...مسافرخانن ۾...پر هوءَ ڪٿي بہ نظر نہ آئي آهي ۽ هاڻ جڏهن شهر جي ماڻهن جون دليون سوڙهيون ۽ زبانون ڇريون بڻجڻ لڳيون آهن، پڪين شهر جي وٽن ۾ واهيرو ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي...گلن جي خوشبوءِ هارٽ اٽيڪ سبب مرڻ لڳي آهي ۽ منهنجو پاڇو بہ مون کان ناراض رهڻ لڳو آهي...مان شهر جي آخري رهجي ويل ڪراڙي ڪوچوان ۽ روز خودڪشيءَ جو سوچيندڙ معذور نوجوان تي چاهڻ جي باوجود ڪهاڻي نہ لکي سگهيو آهيان.....۽ مان هي شهر ڇڏڻ ٿو چاهيان...تڏهن سهيليءَ جي گمشدگي مونکي پنهنجي هن جنم جي گمشدگي محسوس ٿي رهي آهي....

اڳئين پيري، ٻن مهينن جي طويل گمشدگيءَ ڪانپوءِ سهيلي، مونکي شهر جي قديم ترين پارسي باغ ۾ پراڻي پراسرار کوهہ جي پرسان، زيتونن جي وڻن هينان ملي هئي. تڏهن اسان ٻئي ڪيترا پهر قديم پراسرار کوهہ جي پرسان اچي وينا هئاسين ۽ مون ڪيس سندس گمشدگيءَ ڪانپوءِ ڪيس پاڳلن وانگر ڳولڻ جي وارتا ٻڌائي هئي تہ هوءَ دير تائين ٽهڪ ڏئي کلندي رهي هئي. سندس ٽهڪن تي باغ ۾ ويٺل پکي خاموش ٿي ڪيس حسرت سان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لڳا هئا. هن کوهہ جي پرسان سرنهن جي وڻ جي ٽڙ تان سڪل ڇوڏا لاهيندي چيو هو، "صفا ڪوچريو آهين...آئون تہ سدائين تنهنجي آسپاس رهي آهيان...پر تون ئي دريافت جو رستو ڀلجي ويندين تہ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ..." مون سندس بخملي هٿ مان هڪ ڇوڏو وٺي کوهہ ۾ اڇلائيندي چيو، "ڪوڙي...ڪٿي هيئنءَ ايڏو عرصو...منهنجي نهار...تو ڪانسواءِ بيمار ٿيڻ لڳي آهي..."

هن اکين ۾ انيڪ اسرار آڻيندي چيو، "پراڻن پاڻين جي خاموشي نہ ٽوڙبي آهي...ائين ڪرڻ سان، پنهنجون اکيون وس ۾ نہ رهنديون آهن...." لمحن جي وٿيءَ ڪانپوءِ چيائين، "مان تہ ان عطر فروش ڇوڪريءَ جي اکين ۾ هيس...جنهن کان موٽئي جو عطر وٺندي تون سندس اکين ۾ ٻڏي ويو هئين."

مونکي آچر جي هڪ صبح، گهر ۾ ڪپڙي جي ڪاري ٿيلهي ۾، عورتن جي وارن جون پونيون، واليون، ٻڪل، سرخي، مساڳ ۽ عطر ڪٽي ايندڙ سترنهن، ارڙهن ورهين جي يوناني ديومالائي ڪردارن جهڙي حسين ۽ دلفريب قد ڪاٺ ۽ نقش نگار واري موهني ياد اچي وئي...جنهن کان عطر وٺندي آئون واقعي بہ سندس اکين ۾ گم ٿي ويو هوس...

سهيليءَ، منهنجي ڪلهي کي پنهنجي نرم هٿ سان ڇهندي چيو هو، "ڀلا ماڻهوءَ جي اڪيلائي بہ ڪڏهن ان کان دور ٿي سگهي ٿي...پر جڏهن انسان پاڻ، ان کان دامن ڇڏائڻ جي چالاڪي ڪندو آهي تہ اها موهن جي دڙي ۾ وڃي پناهہ وٺندي

آهي....."
پر هن پيري سهيلي نہ موهنيءَ جي اکين ۾ نظر آئي...نہ ئي سندس هجڻ جو پتو بڪ شيلف ۾ رکيل منهنجن ڪتابن وٽان ملي سگهيو...سندس گمشدگيءَ جي ڳڻتي مونکي هيٺو ۽ بيحال ڪري ڇڏيو هو...سڄو ڏينهن ڪيس پاڳلن وانگر ڳولڻ ڪانپوءِ سج لهڻ ڪان ٿورو پهريان آئون گهر وريس. هال ۾ رکيل فرج مان ٿڌي پاڻيءَ جي بوتل ڪڍي پيئڻ لڳس تہ امان جو جملو حواسن سان ٽڪرايو.
"سڄو سڄو ڏينهن الائي ڪٿي هوندو آهين ۽ پويان فون...اسانجا ڪن ڪايو ڇڏي...."
امان جي لفظن ۾ اڳريتيءَ جهڙي پراسرار بوءِ هئي.
"امان! منهنجي فون....مون ڏانهن منور يا عنايت ڪانسواءِ ڪير ٿو فون ڪري سگهي..."
"اڄ خبر پئي تہ تون بہ لڪل رستم نڪتين..." امان جي مانيٽي چهري تي عجيب چمڪ ظاهر ٿي."
"امان...ڪنهنجي فون هئي؟"
"هئي ڪا پاڳل، چري، تو جهڙي...."
چپن تي ڦڪي مرڪ آڻيندي چيم.
"امان شهيدن سان ڇو ٿي يوڳ ڪرين..."
"مان ڇو يوڳ ڪنديس. يوڳ تہ اها ڪندي هوندئي، جيڪا سڄو ڏينهن فون ڪندي رهي آهي ۽ عجيب ميسيج ڏيندي رهي آهي...شايد پاڳل آهي..." امان جي لهجي ۾ سهيليءَ جي ساهن جي خوشبوءِ محسوس ڪيم. بيچينيءَ مان پڇيم،
"امان! ڇا ٿي چيائين....؟"
امان جي چهري تي تجريديت ڊوڙي رهي هئي. وات ۾ آڱر ڏيندي چيائين،
"ابا! هر پيري ٿي چيائين تہ اڄي تہ چئجوس..."
منهنجي بيچيني شدت پڪڙي وئي. دل تيز ڌڙڪڻ لڳي. امان جي پرسان وجي سندس ڪمزور ڪلهن کي جهلي اکين ۾ نهاريندي چيم، "ها...ها...ڇا ٿي چيائين، جلدي ٻڌاءِ..."
"چيائين ٿي تہ اڄي تہ چئجوس.....سچ جي ڪاٻہ زبان، ڪوبہ ويس نہ هوندو آهي...اڄ رات چوڏهينءَ جي رات آهي...۽ موهن جي دڙي جي ناچڻي خوب رقص ڪندي...."
امان جي اکين ۾ بي سمجهيءَ جو بي رنگ گل جهومي رهيو هو. مان تڪڙ ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويس...سفري ٿيلهي ۾ جينس جي پينٽ، بہ ٽي شرٽس وڌم ۽ گهران نڪرڻ لڳس تہ امان هاراپل لهجي ۾ چيو، "وري ڪيڏانهن سنيريو آهين...پيرن ۾ واچوڙو اٿئي الائي ڇا....ٿر مان مس موٽيو آهين وري وڃين پيو...!"
"ويندي ويندي چيم، "امان! مونکي موهن جو دڙو سڏي رهيو آهي."
****

**ڀرڙائيءَ ۾ ڪهڙي نموني چالاڪ ماڻهو ۽ مايون، غريب ۽ اڻڄاڻ ماڻهن کي مذهب جي نالي بيوقوف بنائين ٿا، تنهن جي هڪ جهلڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا. هي صرف ڪا خيالي ڪهاڻي نه آهي، پر گهڻو ڪري ڳوٺن ۾ اهو ٿئي ٿو، جيئن هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي.**

هڪ دعوت جو قصو، جنهن ۾ بقول هڪ چالاڪ عورت جي، نبي پاڪ ڪي اچڻو هو

# رسول جي دعوت

علي حسن راڄپر

عمر ۾ راسيءَ کان ٻه ٽڙيل هئي. مگر قد هيس ساڍا ٽي فوٽ! مٿان وري هٿ ۾ ڪٽندي هئي جهن فوٽن کان ٻه وڏو ڏنڊو! ڏنڊو ظاهري طرح ته سنت پوري ڪرڻ لاءِ ڪٽندي هئي، مگر اڪثر اهو ڏنڊو ماڻهن جي پنن کي ڏنييندو هو. مگر ڪوبه سندس دل ۾ نه ڪندو هو. ڇاڪاڻ ته هڪ ته اڪثر ڳوٺ جون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا هن وٽ يا ته ڪلام پاڪ پڙهي چڪا هئا، يا وري پڙهي رهيا هئا ۽ ٻيو ته وري ڪڙپيل عورتن جو منجهس تعويذ يا وظيفي خاطر هميشه ڪونه ڪو ڪم ڦاٿل ئي هوندو هو.

پوڙهي جنت ٻن ٽن گهرن جا چڪر ڪاٽڻ ڪانپوءِ هر روز اچي اسانجي گهر ۾ ديرو ڄمائيندي هئي. پوءِ اتي ئي ويهي سڄو ڏينهن دعا تعويذ ۽ جهاڙ ڦوڪ جو ڪم به ڪندي هئي ته ڪچهري به مچائيندي هئي. هوءَ هر روز ڪونه ڪو نئون قصو پئيون وئي هوندي هئي ۽ ڳوٺ جون نندڙيون توڙي وڏيون عورتون (سندس ڦيٽي سڀ هيٺ هيون) اهي قصا وڏي چاهه سان ٻڌندون هيون.

هڪ ڏينهن پوڙهي جنت عورتن تي ڪجهه وڌيڪ مهربان ٿي پئي ۽ ڪين اهي راز ٻڌائڻ شروع ڪيائين، جيڪي هن پنهنجي دل ۾ سالن کان سانڍي رکيا هئا. هن ٻڌايو ته هوءَ نه فقط تعويذات، عمليات ۽ جنات جا علم ڄاڻي ٿي، مگر هن وٽ هڪ اهڙو علم به هو، جنهن جي وسيلي هوءَ ڪنهن به ماڻهوءَ کي سندس فوت ٿيل عزيز يا قريب جي روح سان آسانيءَ سان ملائي سگهي ٿي. اها ڳالهه ٻڌندڙن جي لاءِ بلڪل نئين هئي. ڪنهن کي به خبر نه هئي ته پوڙهي جنت وٽ ايڏو وڏو علم به آهي. انهيءَ ڪري تقريبن سڀني جون وايون بتال ٿي ويون. ماسي شاهل جو ته وات ئي پٽجي ويو ۽ سندس وات ۾ باقي بچيل ٻه هوڙون پري کان ئي نظر اچڻ لڳيون. امان، پوڙهي جنت جي سوا فوٽ ڊگهين ڄنگهن کي وڌيڪ محبت سان زور ڏيڻ لڳي.

مرزا ظفر بيگ



منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ امان (جيڪا بظاهر ٽيهن سالن جي لڳي رهي هئي) پوڙهي جنت ڪي بابي مرحوم جي اسي سالن جي روح سان ملائڻ لاءِ عرض ڪندي، مگر هن ائين نہ ڪيو.

اهو سڄو ڏانهن پوڙهي جنت، عورتن کي ٻڌائيندي رهي تہ هن کهڙي ڳوٺ ۾ ڪنهن ڪنهن کي ڪنهن ڪنهن جي روح سان ملايو هو. ان کان وڌيڪ هن اهو راز بہ کولي وڌو تہ ان علم جي ذريعي هوءَ پنهنجي مرحوم مڙس سان ڪافي سالن کان ڪچهري ڪندي پئي اچي.

شام لڙي تہ ڳوٺ جون عورتون پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لڳيون. مگر ماسي شاهل اتي ئي ويٺي رهي. جڏهن سڀ عورتون هليون ويون تہ ماسي شاهل، پوڙهي جنت جي پيرن وٽ سري آئي ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري پوڙهي جنت کي عرض ڪيائين تہ هوءَ ڪيئن بہ ڪري ڪيس، سندس مرحوم مڙس سان هڪ ڀيرو ملائي. ڇاڪاڻ تہ هن کي پنهنجي مڙس کان اهو پڇڻو هو تہ ڪاموري ٻڪري، واڏوءَ کي حصي ۾ ملڻ کپي يا ڏني کي. ڇاڪاڻ تہ ٻئي ڀائر هر روز انهيءَ ٻڪريءَ

تي پيا وڙهندا هئا.

پوڙهي جنت ٿورو سوچيو ۽ پوءِ اهو ڪم ڪرڻ لاءِ هائوڪار ڪيائين.

"مگر ان ڪم جي عيوض توکي صدقي ۾ ڳاڙهي ڳئون ڏيڻي پوندي."

پوڙهي جنت، ماسي شاهل کي چيو.

هاڻ تہ ماسي شاهل جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. ڇاڪاڻ تہ هڪ ڳئون تہ اڳيئي هوءَ جوان شاهہ کي صدقن ۽ ڪفارن جي بهاني ڏئي چڪي هئي. باقي ٻي ڳئون، جيڪا سندس مرحوم مڙس جي نشاني هئي، هوءَ ڪنهن بہ طرح سان ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي.

هڪ ڏينهن پوڙهي جنت اسانجي گهر ۾ لٽ نڙڪائيندي ڪجهہ ساجهر پرو اچي نڪتي. اسان جي نوڪر آچر ويچاري تي اهڙو تہ تپيل هئي جو خدا پيو خير ڪري. هڪڙي گار لاهيس پئي تہ ٻي چاڙهيس. چئي، "هي....جو ڦرُ منهنجو کهاڙو چورائي آيو آ. سو يا تہ مون کي کهاڙو واپس وٺي ڏيو. يا وري مونکي دسي ڏيو تہ ڏنڊي سان ڇيلهہ ڇڄانس."

آچر ويچارو بادشاهہ پير دستگير ڪان ويندي جوان شاهہ تائين سيني پيرن جا قسم کائيندو رهيو تہ هو اڄ گهر کان ٻاهر نڪتو ئي نہ هو. مگر پوڙهي جنت ڪا بہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئي. ڇاڪاڻ تہ وٽس پڪي شاهدي موجود هئي. مامي خيري کيس ٻڌايو هو تہ جنهن جڳهہ تي هوءَ کهاڙو ڇڏي وئي هئي، اتان فقط آچر ئي لنگهيو هو.

امان بہ اها ڳالهہ ٻڌي حيران ٿي وئي. هن پوڙهي جنت کي سمجهائيندي چيو، "آچر اسانجي گهر ۾ عمر ڏني آ. منجهس چوريءَ جي عادت بنهہ ڪانهي."

مگر پوڙهي جنت مطمئن نہ ٿي. امان ڏانهن ڪاوڙ مان ڏسڻ ڪانپوءِ پاسي واري ڪيسي مان ڪاٺ جي مڻين واري سٺ ستر سالن جي پراڻن تسبيح ڪڍي فال وجهڻ شروع ٿي وئي. ڳوٺ مان جنهن جنهن ماڻهوءَ تي منجهس شڪ هو يا ڪڪڙ، ٻڪر جي چوري ڪندڙ هئا، انهن جا نالا وٺڻ شروع ڪيائين. خميسي جي نالي تسبيح نہ بيٺي. مامي خيري جي نالي تي بہ تسبيح نہ بيٺي، ڪبڙ، ڪانديري ۽ زوار جي نالي تي بہ تسبيح تي ڪو فرق نہ پيو. مگر پوڙهي جنت جيئن آچر جو نالو ڪنيو تہ يڪدم تسبيح ڪٽي بريڪ هنئين. هاڻي تہ امان کي بہ پڪ ٿي وئي تہ اهو ڪم آچر ئي ڪيو هوندو. ڇو تہ پوڙهي جنت جي فال اڳي ڪڏهن غلط ثابت نہ ٿي هئي. امان، پوڙهي جنت کي يقين ڏياريندي چيو تہ پهرين تاريخ تائين آچر کهاڙو واپس نہ ڪيو تہ کهاڙي جي رقم ان جي پگهار مان ڪاٽي پوڙهي جنت کي ڏني ويندي.

مهيني جي آخر ۾ الله سائينءَ، مامي خيري جي روح ۾ رحم وڌو. هو پوڙهي جنت وارو کهاڙو گاهہ واري چادر ۾ لڪائي اچي امان کي ڏئي ويو. هن، امان کي ٻڌايو تہ هن اهو کهاڙو فقط اهو ثابت ڪرڻ لاءِ چورايو هو تہ جيئن ڳوٺ وارن کي خبر پئي تہ ڏوتي (مامو خيرو،

پوڙهي جنت کي ڏوتي چوندو هو) وڏي نڳ آهي.

اهو رمضان مهيني جي پهرئين مبارڪ جمعي جو ڏينهن هو. پوڙهي جنت، عورتن کي هڪ نئين ڳالهه ٻڌائي رهي هئي. چئي، "مان هر سال رسول پاڪ جي دعوت ڪندي هان ۽ رسول پاڪ پنجويهن سالن کان مون وٽ اچي دعوت کائي ويندا آهن."

اها ڳالهه ٻڌي سڀ عورتون حيران ٿي ويون. ڇاڪاڻ ته رسول پاڪ جو ڪنهن جي گهر ۾ اچڻ ڪا معمولي ڳالهه نه هئي. اها ڳالهه ٻڌندي ئي پوڙهي جنت مٿان سوالن جي يرمار ٿي وئي. ماسي آست پڇيس ته "رسول پاڪ روحاني طرح ايندو آهي، يا جسماني طرح؟" ادي حرمت پڇيس ته "رسول پاڪ گهوڙي تي چڙهي ايندو آ يا پنڌ؟" ياجائي فاطمه پڇيس ته "رسول پاڪ اڪيلو ايندو آ يا ٻين دوستن سان گڏ؟" ڏاڏي زبيده پڇيس، "يلا سونهاري رسول جو لباس ڪهڙي رنگ جو هوندو آ؟ سائي، اڇي يا ڪاري جو؟ اهڙيءَ طرح سوال ٿيندا رهيا. مگر ڪابه عورت پوڙهي جنت کي لاجواب ڪري نه سگهي. آخر ۾ امان جو وارو آيو. جنهن، پوڙهي جنت کان نماڻائيءَ سان پڇيو ته "ڇا رسول ڪريم اسانجي دعوت کائڻ اسانجي گهر ايندو؟"

پوڙهي جنت وراڻيو، "بلڪل! مگر دعوت ۾ منهنجو هجڻ تمام ضروري آ. ڇاڪاڻ ته دعوت کان اڳ مونکي ڪي خاص ورد وظيفا پڙهڻا پوندا."

امان نه ڪئي هم نه تم. چيائين، "سياڻي مان رسول ڪريم جي دعوت ڪنديس ۽ توهان سيني اچي وججؤ."

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير، پوڙهي جنت ڏنبو ڙڪائيندي اچي پهتي ۽ امان کي دعوت متعلق هدائتيون ڏيڻ لڳي. چئي، "دسترخوان لاءِ جيڪو ڪپڙو هجي، اهو اڇو هجڻ ضروري آ. گهر ۾ ڪابه تصوير نه هجي. ڪتن کي گهر مان ڌوڙائڻ گهرجي. گهر ۾ ڪوبه ميري مٽي سان نه هجڻ گهرجي. ڪمري کي صاف سٿرو ۽ خوشبودار رکجي. سَيون، حلوو ۽ مٺايون ديسي گيهه ۾ پڪل /رڌل هئڻ گهرجن." اهڙيءَ طرح ٻيا طعام به ڪهڙيءَ طرح سان تيار ڪجن ۽ ڪٿي ڪٿي سجائي رکجن، پوڙهي جنت، امان کي سمجهائيندي رهي. امان اهي سڀ ڳالهيون غور سان ٻڌندي رهي ۽ اسانکي اهي ڪم پورا ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏيندي رهي. اسان به ڏاڍو جوش ۽ خروش سان ڪم ۾ رڌل هئاسين. ڇاڪاڻ ته رسول پاڪ جي دعوت لاءِ ڪم ڪرڻ باعث ثواب هو. (پوڙهي جنت اسانکي ائين ٻڌايو هو.)

جڏهن سادا ڏهه ٿيا ته طعام پچڻ شروع ٿي ويا. ديسي گيهه ۾ خوشبودار طعام! مان بار بار طعامن جي خوشبوءِ سونگهڻ ۽ مزي وٺڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن بهاني باورچي خاني ۾ پئي ويس. حلوي ۽ سَين جي خوشبوءِ ۽ طاهري ۽ مٺائين جي نظاري مونکي صفا بيتاب ڪري وڌو. دل

چاهيو ته ٽورو حلوو ۽ هڪ گراهه سَيون نوش فرمايان، مگر رڌڻي ۾ ادي وڏي ويٺي هئي. جيڪا اتان ڪاڏي به وڃڻ لاءِ تيار نه هئي. نيٺ مونکان به رهيو نه ٿيو. اديءَ کي عرض ڪيو ته جيڪر ٽورو ڪجهه مونکي ملي وڃي ته بهتر. مگر اديءَ ٺپ جواب ڏئي ڇڏيو. چئي، "امان جو سخت حڪم آ، جيستائين رسول پاڪ دعوت کائي نه ويندو، تيستائين ڪنهن کي ڪجهه به نه ملندو."

خير جڏهن طعام تيار ٿي بس ٿيا ته اُنهن کي دسترخوان تي سجائڻ جو وارو آيو. پوڙهي جنت انهيءَ سڄي ڪم جي نگراني ڪري رهي هئي، چاڪاڻ ته ڪيس خبر هئي ته رسول پاڪ کهڙي طرف کان ايندو ۽ ڪٿي ويهڻ پسند ڪندو. امان جي حڪم مطابق مان به طعام، دسترخوان تي سجائڻ ۾ بين جي مدد ڪري رهيو هوس. ايڏا پلا ۽ خوشبودار طعام ڏسي منهنجي وات مان گگ ڳڙڻ لڳي. دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳس ته ڪاش مان به رسول پاڪ جي دوستن مان هجان ها! ساڻس گڏ هن دعوت ۾ اچان ها ۽ هنن طعامن جو مزو وٺان ها!

جڏهن طعام سجائڻ وارو ڪم پورو ٿيو ته امان، پورهي جنت کان پڇيو ته هي طعام ڪٺندا ته نه، چاڪاڻ ته امان کي خبر نه هئي ته رسول پاڪ سان گڏ ٻيا گهڻا ماڻهوايندا.

پوڙهي جنت، امان کي آٿت ڏيندي

چيو ته رسول پاڪ اڪثر ڪري اڪيلائي ايندا آهن ۽ هر هڪ طعام مان فقط هڪ گراهه کڻندا آهن، پر جي ساڻن گڏ ٻيا به دوست هوندا آهن ته اهي به فقط هڪ هڪ گراهه کڻندا آهن. ان لاءِ فڪر ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي.

مان اهي ڳالهيون ڪن ڏئي ٻڌندو رهيس ۽ جڏهن پوڙهي جنت ۽ امان ڪمري مان ٻاهر آيون ته مان انهن سان گڏ ٻاهر هليو آيس. پوڙهي جنت جي حڪم مطابق دروازي کي ٻاهران تالو لڳايو ويو. امان مونکي موتي ڪتي کي گهر مان ڀڄائي ڪڍڻ لاءِ چيو. مون جڏهن انهيءَ نياڳي ڪتي کي رڌڻي ۾ خالي پيل ديڳڙيون چٽيندي ڏٺو ته منهنجي دماغ تي ايڏو ته غصو چڙهي ويو جو دل پئي چاهيو ته چپ چپ ڪري ان جي پڇ ۾ اهڙو ته چڪ هڻان جو ڪوڪون ڪندائي وڃهانس. مگر مون دعوت ۾ رخنو نه پئي وجهڻ چاهيو. سو مڙيئي پوڙهي جنت جو ڏنبو الاري سلاري، موتيءَ کي گهر مان ٻاهر ڪڍي، ٻاهريون در بند ڪري آيس.

هيڏانهن دعوت کان اڳ وارا ورد وظيفا شروع ٿي چڪا هئا. پوڙهي جنت، امان کان ٻه سؤ روپيا صدقي جا وٺي (جيڪي پوڙهي جنت کي دعوت کان پوءِ يتيمن ۽ غريبن کي ڏيڻا هئا) پنهنجي استاد جو ٻڌايل وظيفو شروع ڪري چڪي هئي. اسانجو اڱڻ عورتن ۽ روئنشي خاطر آيل ٻارن سان ڀريل هو. ڪجهه مايون

پنهنجين ساهيڙين جون ڳالهيون ڪري رهيون هيون. ڪجهه نوجوان ڇوڪريون هڪ ٻئي جي ڪنن ۾ سس پس ڪري رهيون هيون. ڪجهه مايون رسول پاڪ جي معجزن جا قصا هڪ ٻئي کي ٻڌائي رهيون هيون. منهنجين اکين جي آڏو اندر رکيل طعامن جا نظارا ڦرندا رهيا.

ڪافي دير پڙهت ڪرڻ کانپوءِ پوڙهي جنت اعلان ڪيو ته هاڻي رسول پاڪ اچڻ وارا آهن. تنهنڪري سيئي ماڻهو پري هليا وڃن. پاڻ به لٺ ٺڪائيندي وچي لانڊيءَ ۾ ويٺي. امان به ان جي پنيان هلي وئي. مگر مان اک بچائي ورانڊي جي ٿلهه جي اوٽ وٺي بيهي رهيس. جڏهن سڀ هليا ، ته منهنجي دل چاهيو ته جيڪر ٻنهي ڪمرن واري دريءَ مان بيهي رسول ڪريم جو ديدار ڪيان. خير، ڊڄندي ڊڄندي، دعوت ڪان پر واري ڪمري ۾ داخل ٿيس. مگر دريءَ ڏانهن وڌندي منهنجي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. خير جيئن تيئن ڪري دريءَ وٽ پهتس. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم. مگر اندر ڪوبه موجود نه هو. سوچيم. شايد مونکي دير ٿي چڪي آهي. رسول پاڪ دعوت کائي وڃي چڪا هئا. مگر طعام ته جيئن جو تيئن پيا هئا!

طعامن جي نظاري منهنجي دل کي اهڙو ته بي قرار ڪيو جو مان ٻڌائي نه ٿو سگهان. دل ٿي دل ۾ موتي ڪتي کي حسد وچان گاريون ڏيڻ لڳس، جيڪو مون کان اڳ ٿي طعامن جو مزو وٺي ويو هو.

هڪ دل چاهيو ته دريءَ مان اندر ٽپي وڃي ٽوريون سَيون ۽ ٽورو حلوو کائي اچان. مگر مون رسول پاڪ کان اڳ ڪجهه کائڻ نه ٿي چاهيو. مون چاهيو پئي ته رسول پاڪ مونکي دريءَ وٽ بيٺل ڏسي، اندر گهرائي پنهنجي پرسان ويهاري ۽ ماني کائڻ جي صلاح ڪري. سو بهتر اهو هو ته مان رسول پاڪ جي اچڻ جو انتظار ڪيان. پر مان گهڻو وقت اتي ترسي به نه پئي سگهيس. ڇاڪاڻ ته مونکي معلوم هو ته جي پڪڙجي پيس ته نه رڳو امان، بابا مرحوم جي ڪاوڙ به مون مان ڪڍندي، پر پوڙهي جنت جو ڏنڊو به منهنجون پاسرائيون ڀڃي وجهندو.سو دل ٻڌي در ٽپي دعوت واري ڪمري ۾ هليو ويس ۽ دسترخوان واري ڪپڙي جي ڪنڊ تي ويهي، رسول پاڪ جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. هڪ ته بک مونکي پاهه ڪري وڌو هو، مٿان وري خوشبودار طعامن منهنجي ايمان کي ڪجهه سرس ڏڪ رسايو هو.

اڌ منو ڪلاڪ انتظار ڪرڻ کانپوءِ مونکي پڪ ٿي وئي ته رسول پاڪ هاڻي ٻنهه ڪونه ايندو. ڇاڪاڻ ته پڪ سان هو ڪنهن ٻئي پاسي ڪنهن ٻيءَ دعوت ۾ ويل هوندو، تنهنڪري سندن انتظار ڪرڻ فضول هو.

منهنجي ڪنن ۾ پوڙهي جنت جا، امان کي چيل لفظ گونجڻ لڳا.

"رسول پاڪ جي اڪيلو ايندو تہ هر طعام مان فقط هڪ هڪ گراهہ کڻندو."

مان طعامن کي حسرت پريل نگاهن سان ڏسڻ لڳس. "هڪ هڪ گراهہ! هڪ هڪ گراهہ! هڪ هڪ گراهہ!" جا آواز منهنجي ذهن ۾ گونجڻ لڳا. نہ چاهيندي بہ منهنجو هٿ حلوي ڏي هليو ويو. وري ذهن ۾ آواز گونجيو، "هڪ گراهہ!" اهڙيءَ طرح هر طعام مان هڪ هڪ گراهہ کائي، شربت سان پيٽ کي ٿڌو ڪيم. جنهن اصل هنيانءُ ٺاري وڌو.

هاڻي منهنجو دعوت واري ڪمري ۾ وڌيڪ ترسڻ نہ فقط فضول، پر خطرناڪ بہ هو. سو مان جلدي جلدي دريءَ مان ٽپي ٻئي ڪمري ۾ داخل ٿيس ۽ اتان پوءِ ٻاهر نڪري، گهر جي پويان ڦري وڃي پوڙهي جنت جي پرسان وينس. امان ڪان نماشائيءَ مان پڇيم، "امان در ڪيڏي مهل کوليندو؟ ٿي سگهي ٿو رسول پاڪ جن دعوت کائي ويا هجن."

امان، پوڙهي جنت ڏانهن ڏٺو. جنهن اهو واضع ڪيو تہ در کلڻ ۾ اجا ڏهہ منٽ باقي آهن. ڏهہ منٽ گذارڻ خاطر مان در ڪان ٻاهر نڪتس. ٻاهر موتي در ۾ اڪيون وجهيو ويٺو هو. مونکي ڏسندي ئي منهن کڻي ٻئي پاسي ڪيائين. مونکي مٿس ڏاڍو رحم آيو. چاڪاڻ تہ هن ويچاري رڳو ديگڙيون چٽيون هيون. اصل مال تہ مون ڪاڌا هئا.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ جڏهن اندر گهر آيس تہ دعوت واري ڪمري جو دروازو کلي چڪو هو. امان کي جيڏانهن ڪيڏانهن مبارڪون ملي رهيون هيون. ملن بہ چو نہ! بقول ماڻهن جي، رسول پاڪ خاص مهرباني ڪري اسانجي گهر آيا هئا ۽ اچي دعوت کاڌي هيائون. سڀ عورتون پڻ پرجوش هيون ۽ رسول پاڪ جي شان ۾ گيت ڳائي رهيون هيون.

جيئن تہ سيني عورتن جي اها خواهش هئي تہ اهي دعوت واري ڪمري جي زيارت ڪن ۽ رسول پاڪ جو کاڌل کاڌو پنهنجين اکين سان ڏسن. ان لاءِ امان ۽ پوڙهي جنت دروازي تي بيهيون ۽ سيني کي هڪ هڪ ڪري ڪمري جي زيارت ڪرائڻ لڳيون.

زيارت پوري ٿي تہ پوڙهي جنت ۽ امان، رسول پاڪ جو بچايل کاڌو گڏ ٿيل عورتن ۾ پارن ۾ ٿور وٿورو ڪري ورهائڻ لڳيون. هر هڪ پنهنجو حصو "بسم الله" ڪري وٺڻ ڪانپوءِ ان کي چمي اکين تي رکي، قبلي طرف منهن ڪري کائڻ لڳو. چاڪاڻ تہ پوڙهي جنت مطابق ائين نہ ڪرڻ تمام وڏو گناهہ هو. جڏهن مونکي ڪجهہ ملڻ جو وارو آيو تہ امان حلوي مان ٿورو ذرو مونکي ڏنو. مگر مون جليبيءَ جي ٽڪري جي گهر ڪئي. چاڪاڻ تہ جليبيون ڏسي مونکي ياد پيو تہ جڏهن مان رسول ڪريم واري دعوت کائي رهيو هوس تہ مون جليبين کي چکيو بہ نہ هو.

****

مونکي پنهنجي ٻلي تمام گهڻو وڻندي هئي. هڪ ته سندس پٽاپٽي رنگ ۽ پورو پڇ کيس پاڙي جي ٻين ٻلين کان مختلف بڻائيندا هئا ۽ ٻيو اهو ته هوءَ پنهنجي ڪم ۾ ماهر هئي.

هوءَ ڪوئن جي دشمن هئي ۽ جڏهن کان منهنجي گهر آئي هئي، تڏهن کان ڪجهه ڪوئا سندس پيٽ اندر وڃي آرامي ٿيا هئا ته، ڪي ڪانئس بچڻ لاءِ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ٻه ماڙ تان ٽپي ويا هئا ۽ ائين پنهنجين جانين تان گذري ويا هئا. باقي ڪوئا خوشقسمت هئا ۽ گٽرن جي لائينن ۽ سرنگهن جهڙن ٻرن وسيلي ڀڄي ويا هئا ۽ هاڻ منهنجن پاڙيسرين لاءِ عذاب هئا.

**ان ٻليءَ جي ڪٿا ، جنهن پنهنجي مالڪ کي دوکو ڏنو.**

# ٻلي

حسن منصور

جانور ۽ انسان جي وچ ۾ هڪ بي نام رشتي جي ڪهاڻي، جنهن ۾ پاليل ٻلي پنهنجي مالڪ سان ويساهه گهاتي ڪري ٿي.



ڪوئن خلاف ڪامياب آپريشن ڪانپوءِ مون هڙتي ۾ ڪانچا، سيمنٽ جي گاري سان ليپي بند ڪرائي ڇڏيا هئا. ٽنل ڦنل گٽرن مٿان اسٽيل جون جاريون چاڙهي ڇڏيون هئم ۽ زنگيل ۽ ڪس لڳل سيوريج جي پائيپن کي هٽائي نوان ۽ مضبوط پائپ هٽائي ڇڏيا هئم.

ڪوئن لاءِ هاٽي ڪو رستو نه بچيو هو منهنجي گهر ۾ داخلا لاءِ. سندس سامهون هڪ قلعو هو، جنهن ۾ وري منهنجي پياري ٻلي هڪ راڪاس جي صورت ۾ موجود هئي.

جيتوڻيڪ مون جنهن ڪارج لاءِ ٻليءَ کي آندو هو، هاٽي اهو پورو ٿي چڪو هو، پر مونکي ٻليءَ سان انسيت ٿي وئي، جنهن ڪري مون فيصلو ڪيو ته اها منهنجي گهر ۾ هڪ ياتيءَ جيان رهندي. يعني مون جيان رهندي. منهنجي گهر ۾ ٻيو ڪوبه نه هو.

ٻليءَ جي ڪاڌي لاءِ آئون باقاعدي هڪ اسٽور تان بسڪوٽ وٺندو هئس. ستار ڪاشائيءَ کان سستي اگهه تي معياري ڇيڇڙا ملي ويندا هئا ۽ ڪير مارڪيٽ مان ٻليءَ لاءِ وڏيڪ پاٽي مليل ۽ پاڻ لاءِ اجا وڏيڪ پاٽي مليل ڪير وٺي ايندو هئس. اسان ٻنهي جي چڱيءَ ريت پورت ٿي ويندي هئي.

مونکي ٻليءَ سان انتهائي پيار هو. پر ستت ئي پوءِ ان پيار ۾ تشويش جو عنصر شامل ٿيڻ لڳو. منهنجي تشويش تڏهن تمام گهڻي وڌي وئي، جڏهن مون ان ٿانوَ کي بنهه خالي ڏٺو، جنهن ۾ آئون پنهنجو ڪير ڪاڙهي رکندو هوس.

منهنجو پهريون شڪ ٻليءَ تي ويو ۽ آخري شڪ به ظاهر آهي ته ٻليءَ تي ئي ويو. ڇو جو گهر ۾ اسان ٻنهي ڪانسواءِ ڪير هو، جيڪو ڪير پيئي!؟

ٻليءَ کان آڏي پڇا ڪرڻ مون مناسب نه ڄاتو. ڇاڪاڻ ته ان سان سندس دل ڏکي ها. فيصلو ڪيم ته سندس چرپر تي ڪرڙي نظر رکي وڃي ۽ ڪيس تڏي تي پڪڙيو وڃي.

اهو سوچي مرڪي پيس. پاڻ کي چيم، "اڄڪلهه ڪو چوري ڪندي تڏي تي پڪڙجي ٿو ته سڌو وزير ٿي ٿو وڃي. ٻلي ڇا ٿيندي؟"

سوچ ۾ ٻڏي ويس. وري پاڻ کان پڇيم، "ٻلا ٻلي ڇا ٿيندي؟"

پوءِ پاڻ ئي جواب ڏنم، "ڪوئن سان اتحاد ڪندي ۽ منهنجي خلاف بغاوت!"

مون کان ٽهڪ نڪري ويو ۽ ڪيتري دير تائين اڪيلو کلندو رهيس. سامهون صوفا تي ويٺل ٻلي ننڊ مان جاڳي پئي. ان لاءِ منهنجو ائين کلڻ ڪا نئين ڳالهه نه هو. آئون اڪثر پاڻ سان ڳالهائيندو هوس ۽ پنهنجن ئي چرچن تي پاڻ کلندو هوس.

منصوبي موجب ٻئي ڏينهن ٻليءَ کي ڇيڇڙا کارائي ۽ ڪير پياري ٻئي ڪمري منجهه هليو ويس ۽ در جي اوٽ وٺي رڌڻي

کي ڏسڻ لڳس.

پلي ڪافي دير ڪمري جي دروازي کي ڏسندي رهي ۽ پوءِ هوريان هوريان رڌڻي طرف وڃڻ لڳي. آئون ساهه مٺ ۾ ڪري کيس ڏسندو رهيس.

پلي رڌڻي منجهه وڃي، چبوتري تي لڳل چلهي مٿان رکيل کير جي ديڳڙيءَ جي ويجهو پهتي ۽ وري منهنجي ڪمري کي ڏسڻ لڳي.

آئون ڪجهه دير لاءِ در جي اوٽ ۾ ٿي ويس ۽ وري ڏٺم ته اها ديڳڙيءَ منجهه منهن وجهي تکڙ ۾ کير پي رهي هئي.

آئون هڪدم ڪمري کان ٻاهر اچي رڌڻي منجهه پهچي ويس. مونکي ڏسي پلي هراسجي وئي ۽ ٽپو ڏئي چبوتري تان هيٺ لهي آئي.

منهنجيون اکيون ٽانڊا ٿي ويون هيون ۽ آئون کيس هڪ ٽڪ ڏسي رهيو هوس.

ان نظرون هيٺ جهڪائي ڇڏيون ۽ پڇ کي شرمساريءَ وارو لوڏو ڏئي هوريان هوريان ٻاهر وڃڻ لڳي.

مون کيس جهلي پنهنجي ڪڇ ۾ ڪنيو ۽ ڪمري منجهه هليو آيس. ان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي ۽ ڪرونڊڙي ٿي منهنجي ڪڇ ۾ گهڙي وئي.

مون کيس صوفا تي اچلايو ۽ کيس ڪاوڙ مان ڏسندو رهيس.

هوءَ مونکي نماڻين اکين سان ڏسندي رهي.

## ٿمڪڙو

حضرت شيخ سعدي ڪان ڪنهن دوست دوست ۽ ياٺر جي فرق بابت پڇيو.شيخ سعديءَ جواب ڏنو، "دوست هيري مانند آهي ۽ ياءُ سون وانگر."

سوال پڇندڙ ماڻهو ان جواب تي حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو، " ياءُ جنهن سان حقيقي رشتو ٿئي ٿو، تنهن کي اوهان گهٽ شيءُ يعني سون سان منسوب پيا ڪريو، جڏهن ته ~~دوست~~ جيڪو ٻاهريون آهي، ان کي اوهان وڌيڪ شيءُ يعني هيري سان پيا پيٽيو. ان ڳالهه ۾ ڪهڙي حڪمت آهي."

شيخ سعدي فرمايو." سون جيتوڻيڪ هيري جي مقابلي ۾ گهٽ ٿئي ٿو، پر پوءِ به ان کي پگهرائي اصل شيءُ جي شڪل ڏئي سگهجي ٿي. ان جي مقابلي ۾ جيڪڏهن هيرو ٽٽي پوي ته ان کي ان جي اصلي شڪل نه ٿي ڏئي سگهجي. ياٺرن ۾ جيڪڏهن ڪا وقتي ڇڪتاڻ ٿي پوي ٿي ته اها دور ٿي پوندي آهي، پر جيڪڏهن دوستيءَ جي رشتي ۾ ڪا دراڙ پئجي وڃي ته اها دور ٿي نه ٿي سگهي."

اهو ماڻهو شيخ سعديءَ جي ان حڪمت ڀرئي جواب تي حيران ٿي ويو.

مونکي لڳو ته منهنجو بدن ڪنبڻ لڳو هو. چيم، "توکي شرم اچڻ کپي. پنهنجي ئي گهر ۾ چوري ٿي ڪرين!"

پلي ساڳين نماڻين اکين سان مونکي ڏسندي رهي. منهنجي وات مان گگ وهڻ لڳي ۽ ڪافي دير تائين ان کي ڪنبندڙ بدن سان گهوريندو رهيس. ڪجهه چوڻ چاهيم، پر چئي نه سگهنيس.

ڏنم تہ بلي ڪجھ شانت ٿي چنبن پر صوفا تي ويھي رهي هئي. پر سندس نظرون اڃا بہ مون ۾ کتل هيون.

مونکي ڪاوڙ آئي تہ مون ڪيس چوري ڪندي ٿڏي تي پڪڙيو آهي، پر شرمسار ٿيڻ بدران هوءَ آرام سان صوفا تي ائين ويٺي هئي، ڄڻ منهنجي شاعري ٻڌندي هجي.

"اڄ تو اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ تو ۾ ۽ انسانن ۾ ڪو فرق نہ آهي." چيم، "منهنجو انسانن تان ويساهہ اڳي ئي کڄي چڪو هو، پر هاڻ تو تان بہ..."

"تو اڄ دنيا جي سيني ٻلين ۽ ڪتن کي لڄائي ڇڏيو آهي."

"ٻلي مونکي غور سان ٻڌي رهي هئي ۽ وقت گذرڻ سان اڃا بہ شانت ٿي وئي هئي ۽ صوفا تي ڪرونڊڙي ٿي مون ڏانهن ڏسي رهي هئي.

مونکي سمجھ ۾ نہ ٿي آيو تہ ان سان ڪھڙو حشر ڪريان. لڳم تہ سندس چلڪندڙ اکڙين جون ماٽڪيون مون منجھ کپي رهيون هيون.

"تو اڄ چوري ڪئي آهي تہ سياڻي ٿيو ڪجھ بہ ڪري سگھين ٿي. تون بہ هڪ عورت آهين ۽ يقينن بيوفا آهين!"

مونکي سمجھ ۾ نہ آيو تہ اهي لفظ آئون ٻلي کي ڇو چئي رهيو هوس ۽ ڇا اهو چوندي آئون ٻلي سان ڳالهائي رهيو هوس؟

ٻلي جنھن صوفا تي ويٺل هئي، ان مٿان پٽ تي منهنجيون نظرون هيون. ان تي لڳل هڪ فريم ٿيل تصوير ۾ منهنجيون اکيون کتل هيون. مون وٽ هاڻي بس اها تصوير ئي هئي، جنھن جون ڳالهائيندڙ اکيون ۽ مرڪندڙ چپ منهنجي لاءِ مونالزا کان ڪنھن بہ صورت ۾ گھٽ نہ هئا. ڪڏهن اهي جيئرا جاڳندا مون وٽ هئا، پر هاڻ نہ هئا.

مون ٻليءَ کي ڏٺو. اها اوٻاسي ڏئي سمھڻ جو بهانو ڳولهي رهي هئي.

"مونکي ٻڌاءِ اڄ تو مون سان اها ٺڳي ڇو ڪئي؟ منهنجي ويساهہ کي ڇيچي پورپور ڇو ڪيئي؟"

منهنجيون اکيون وري تصوير ۾ کپي ويون ۽ سوچيم تہ جڏهن کان نازش مون کان ڌار ٿي آهي، ڇا ڇا نہ منهنجي اندر ۾ ٽٽو آهي.

اندر ۾ ڏک جو هڪ سمنڊ اٿلي پيو ۽ لڳم تہ آئون ان ۾ ٻڏي رهيو هجان. مون پاڻ کي ان منجھ ٻوڙي ڇڏيو. پوءِ جڏهن ساهہ منجھڻ لڳو تہ هٿوراڙيون هڻڻ شروع ڪيم ۽ پوءِ محسوس ٿيو، ڄڻ تہ ڪنھن گهري ننڊ مان سجاڳ ٿيو هجان.

سامھون ڏٺم تہ ٻلي پلٿي ماري صوفا تي سمهي رهي هئي. ان مٿان گرم چادر وڌم تہ اها ڪجھ چري، پري سمهي رهي. پلنگ تي اهلڻ کان اڳ فيصلو ڪيم تہ روزانو پنهنجو کير ٻليءَ آڏو چوري پيئڻ لاءِ رکندس ۽ کيس ٿڏي تي پڪڙيندس!

# تصوير نمبر 1

جان خاصخيلي

هڪ تصوير جو قصو جنهن جي مٿان مائهو پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق تنقيد ۽ تبصرو ڪري رهيا هئا. سچ ڇا هو، تنهن ڪي هن ننڍڙي پر اثرائتي ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.



اهي سڀئي هن جي پينٽنگ تي بحث
ڪري رهيا هئا. مختصر نمائش ۾ لڳل
اها تصوير اڪثر ماڻهن جي نظرن جو
مرڪز هئي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ ٻار جو
ڪردار انتهائي اهم هو. جنهنجي بک کان
هندستان ۽ پاڪستان جا حڪمران بيخبر
هئا. اهو ٻار انهن ٻنهي ملڪن جي علامت
هو.

"توهانجي پينٽنگ ۾ رنگن کان
وڌيڪ آمريڪي سربراهه کي ڏيکاريو
وڃي ها، جنهن جي وات ۾ هڪڙو ڊگهو
گوليءَ نما سگار ۽ ان جي ڏونهين جي وچ
۾ گلوب هجي ها. ٻيءَ صورت ۾ هيءَ
تصوير پنهنجو ڀرپور تاثر نه ٿي ڇڏي."

ٻئي چيو، "منهنجو خيال آهي ته ان
تصوير ۾ حڪمرانن آڏو ان ماءُ جو ڏک
ڏيکاريو وڃي ها، جنهن جي پٽ کي ڌاڙيلن
ڀنگ نه ڏيڻ جي صورت ۾ قتل ڪري
ڇڏيو ۽ اها ماءُ شهر جي گهٽين ۾ پٽ جي
قاتلن کي پاراتا ڏيندي رهي ٿي."

ٽئين چيو، "منهنجي خيال ۾ ان ٻار
جي بک واري ڪيهه جي قوت کي ڏيکارڻ
لاءِ ضروري هو ته آسمان کي به اڌ ٽٽندي
ڏيکاريو وڃي ها."

هو سڀني راين کي ڌيان سان ٻڌي
رهيو هو ۽ لمحي لاءِ خاموش رهيو ۽ پوءِ
هن چيو، "آسمان ڊانگي ناهي جو ان کي
لت هڻي پيچي ڇڏيان. ان کي توهان ڪوبه
نالو ڏئي سگهو ٿا. منهنجو خيال آهي ته
هن تصوير جي موضوع کي سمجهڻ
ضروري آهي. اصل ۾ مون پنهنجي بک
کي پينٽ ڪيو آهي. اهو ٻار آئون آهيان.
هندستان ۽ پاڪستان منهنجي ڌرتي آهي.
مونکي افسوس آهي ته توهان پنهنجي دل
جي ترجماني به نه ٿا ڪري سگهو!"

هو سگريٽن جو پاڪيٽ ۽ لائيٽر
کڻي اٿڻ لڳو ته هڪ چيو، "جناب عالي!
اسان توهانجي تصوير کي سمجهڻ جي
ڪوشش ڪري رهيا آهيون. منهنجو خيال
آهي ته ڳالهين جي ميز ڏانهن وڌندڙ ٻنهي
ملڪن جي علامتي ڪردارن کي هڪ ٻار
جي ڪمزور ڪيهه تي ٽڙندو ڏيکاري،
آخر توهان ان ٻار کي ڇا ٿا ڏيکارڻ چاهيو؟"

"بلڪل درست" ٻئي چيو، "اسانجي
سماج ۾ ٻار اهڙو جنسي رانديڪو آهي،
جنهن سان جنسي بک اجهائي وڃي ٿي.
اهڙي نا اميد صورتحال ۾ اهو بهتر نه هو
ته ٻار کي روئڻ بدران مرڪندو ڏيکاري
پوري دنيا کي ڪو اميد جو پيغام ڏيو
ها؟"

تصوير ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي
ڳالهين جي ميز تي ٻنهي ملڪن جي
جهنڊن ۾ ويڙهيل ميزائيل ڏيکاريل آهن.
ٻئي حصي ۾ زنده پر ڏٻرا ۽ بک وگهي
مرندڙ ۽ بيحال ماڻهو ڏيکاريل آهن ۽
سندن پرسان ڳجهون ويٺل آهن. انهن

ماڻهن جون نظرون ڳجهن ۾ آهن. ڇاڪاڻ ته اهي سمجهي رهيا آهن ته اهي ڳجهون سندن موت جي انتظار ۾ آهن ۽ انهن جي اکين مان خوف جي ڀيانڪ تصوير نمايان آهي. ان تصوير جي ٽائيٽل تي صرف سواليه نشان آهن:

"اها موتمار مايوسي آهي جناب!" هڪ چٽي چيو. "آخر توهان هن تصوير ۾ بيوسيءَ کي اڀاري اسانجي ايندڙ نسلن کي ڇا ڏيڻ چاهيو؟ توهان ان موڙ تي گڏيل قومن جي پناهگيرن جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ تنظيم جو امدادي هٿ وڌندي ڏيکاريوها."

ٻئي، تصوير جي پسمنظر ۾ ٻرندڙ باهه جي شعلن ۾ سڙندڙ پکيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "هتي ان پکيءَ جي بدران ڪنهن پلاڙا کي ڏيکاريو وڃي ها ۽ خوف ۾ ورتل ماڻهن جي ان باهه جي شعلن خلاف ڪيفيت کي پينٽ ڪيو ها. اهو ئي ته آرٽ آهي."

هن سگريٽ جي آخري حصي کي جانچي ڏٺو ۽ پوءِ اڇلائي ٻيو سگريٽ ڪڍيو ۽ دکائڻ کان اڳ چيو، "اهو منهنجو احتجاج آهي. اها باهه سوچ جي سرحدن تي لڳل آهي. اهو پکي تنهنجي، منهنجي ۽ هنن سڀني ماڻهن جي سوچ جي علامت آهي. آئون سوچن تي مڙهيل پابندين کي ٽوڙڻ جو حامي آهيان. توهان منهنجي هن خواهش کي دنيا جي ڪنهن به نظرئي جو نالو ڏئي سگهو ٿا."

ان تصوير جي هڪ ڪنڊ ۾ واريءَ جي پٽ جي ڪوپ ۾ بيٺل راوي سندس مٿان اڏامندڙ "ايف - 16" کي ڏسي چوي ٿو، "منهنجي هن ڏٻري ڏٻيءَ کي گاهه ۽ پاڻي گهرجي ۽ منهنجي پٽ کي تعليم کپي. آخر توهان هن کي جديد "ريڊار" سان ڇو پيئي رهيا آهيو؟"

تصوير جي آخري حصي ۾ آمريڪي صدر پنهنجي آفيس ۾ رکيل انساني ڍانچي نما مجسمي ڏانهن گهوري رهيو آهي ۽ سندس وات ۾ جهليل سگار مان نڪرندڙ دونهون ان مجسمي ڏانهن وڌي رهيو آهي. دونهون جڏهن ڍانچي سان ٽڪرائجي ٿو ته دونهين جي رنگ ۾ اڻ لکو نوٽ لکجي اچي ٿو، "ڪا اهڙي تخليق نه ٿي ايجاد ڪري سگهجي، جنهن ۾ انساني ڍانچي جو درست استعمال ڪيو وڃي. ائين هر ماڻهوءَ جو موت کان پوءِ ملڪ وڌي ويندو ۽ دنيا جي وڌندڙ غربت کي گهوگهو ڏسي سگهبو."

هن پنهنجي سگريٽ مان لڳاتار ڪش هٽي دونهون اڇلايو ۽ لمحي لاءِ چانئجي ويل خاموشيءَ کي ٽوڙيو، "منهنجي هن خيال کي مڪمل نه سمجهيو وڃي." هو اڳتي نڪري ويو ۽ هو اڇا ٽائين ان تصوير کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

****

**محبت جي جذبي ۽ هوس جي وچ ۾ صرف هڪ سنهي لڪير آهي، جيڪا هي ڪهاڻي سمجهائي ٿي**

**جڏهن وچڙيل پيار ڪندڙ پاڻ ۾ ملن ٿا ته سندن دل جا جذبا اڇل کائين ٿا. ڪڏهن ڪڏهن پيار جو توڙ جسماني وصل ۾ به ٿيندو آهي. سربالا ڪهاڻي ۾ انهي پيار ڀري جذبي ۽ هوس جي وچ ۾ سنهي لڪير جو فرق نهايت ئي خوبصورتي سان ٻڌايو ويو آهي.**

رابندر ناٿ ٽئگور

# سربالا

سنڌيڪار: ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ

1913ع.....رابندرناٿ ٽئگور

رابندر ناٿ ٽئگور، پهريون ايشيائي هو، جنهن کي ادب جي دنيا جو وڏي ۾ وڏو انعام نوبل انعام ڏنو ويو. بنگالي ٻوليءَ جو عظيم شاعر، ڊرامہ نگار، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مفڪر، مصور، موسيقار، سياستدان ۽ ماهر تعليم، زندگي گذارڻ جو هڪ مخصوص ڍنگ رکڻ وارو انسان.

رابندر ناٿ ٽئگور کي "گرو ديو" جو درجو مليل هو. "شانتي نڪيتن" جي حوالي کان هن کي گهڻي شهرت ملي. ڪيس رشي مني يعني هڪ روحاني رهبر تسليم ڪيو ويو. هن حقيقت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته بنگالي شعر، ادب ۽ فن ۾ ٽئگور جو حصو نهايت شاندار ۽ وڏو آهي. موسيقي، مصوري، شاعري، فڪشن ۽ ڊراما، شايد ئي ڪو اهڙو شعبو هجي، جنهن ۾ ٽئگور ڪم نه ڪيو هجي. هو بي پناهہ صلاحيتون رکندڙ انسان هو. انگريزيءَ کان علاوه اردو ۽ ٻين ٻه ڪيترين ئي ٻولين ۾ سندس لکڻين جا ترجما ڇپجي چڪا آهن. هو



پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي هڪ مڪمل ادارو، هڪ منفرد ۽ عالمي شخصيت جي درجي تي پهچي چڪو هو.

رابندر ناٿ ٽئگور 1861ع ۾ ڪلڪتي ۾ پيدا ٿيو. هو ذات جو برهمڻ هو ۽ بي پناهه صلاحيتن جو مالڪ هو. ڪيس خدا تعاليٰ لاتعداد خوبين سان نوازيو هو. هن اسڪول يا ڪاليج مان ڪا به ڊگري حاصل نه ڪئي هئي. هو سياسي طور تي به هڪ مثالي اڳواڻ هو. هڪ وڏي جاگيردار ۽ نواب هجڻ سبب ڪيس پنهنجي پيٽ گذر لاءِ ڪنهن خاص ڌنڌي سان لاڳاپجڻ جي ڪا ضرورت محسوس نه ٿي. هن پنهنجي سڄي زندگي شاعري ۽ ادب جي تخليق لاءِ ارپي ڇڏي. 1915ع ۾ کيس سر جو لقب به ڏنو ويو. سندس اهم ترين لکڻين ۾ گيتانجلي، باغبان، ساڌنا (ليڪچرن ۽ مضمونن جو مجموعو) ڊرامن، افسانن ۽ ناولن ۽ نظمن جا ڪيئي مجموعا شامل آهن. پر سندس جنهن ڪتاب کي سڄي دنيا ۾ شهرت ملي، اهو سندس نظمن جو مجموعو "گيتانجلي" آهي. جنهن ۾

هڪ زندگيءَ جو هڪ عجيب فلسفو ملي ٿو.

سندس شاعريءَ ۾ هڪ اهڙي تازگي ۽ حسن آهي، جيڪو بنگالي شاعريءَ لاءِ نئين شيءِ هو. اهو سندس پنهنجو اصلوب آهي، هڪ ناقابلِ تقليد اسلوب. جنهن جا اثر بنگالي شاعريءَ تي تمام چٽا آهن. پر ان کي پوريءَ ريت ڪو بہ اپنائي نہ سگهيو آهي. هو هڪ صوفي هو، جنهن جي دانش ۽ مذهبي بصيرت سندس تخليقن ۾ نمايان نظر اچي ٿي. هيءَ ڪهاڻي سندس شاهڪار ڪهاڻين مان هڪ آهي، جنهن ۾ هن انساني جذبن جي بيمثال ۽ حساسيت سان ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي.

سر بالا ۽ آئون، هڪ ئي ساڳئي مڪتب ۾ پڙهندا هئاسين ۽ هميشہ هڪ ٻئي سان گڏ راند روند ڪندا هئاسون. آئون جڏهن بہ سندس گهر ويندو هوس تہ سندس ماءُ مونکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندي هئي ۽ منهنجو تمام گهڻو خيال رکندي هئي ۽ ويندي اسانکي هڪ ٻئي سان گڏ ڏسندي ائين چوندي هئي تہ "واہ واہ! اوهان ٻئي ڪيڏا نہ سنا لڳي رهيا آهيو."

منهنجي ننڍپڻ جو زمانو هو. پر مونکي ٿوري گهڻي سمجهہ اچي وئي هئي. سربالا تي منهنجو بہ ڪجهہ حق آهي، اهو خيال منهنجي دماغ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پيدا ٿيڻ شروع ٿي چڪو هو. ڪڏهن ڪڏهن سربالا کي اسڪول اچڻ ۾ دير ٿي ويندي هئي ۽ مونکي ڪافي انتظار ڪرڻو پوندو هو تہ آئون ڪيس ڏاڍو چنييندو هوس ۽ وري بدلي ۾ سربالا مون کان دل کولي بدلو وٺندي هئي. آئون سندس گهر راند ۾ پهچڻ لاءِ ٿوري بہ دير ڪندو هوس تہ پوءِ هوءَ جيستائين مونکي ڪا سزا نہ ڏي، تيستائين مون سان نہ ڳالهائيندي هئي. سڄي ڳوٺ ۾ سربالا جي خوبصورتيءَ جي هاڪ هئي. ڪابہ ڇوڪري سندس سونهن جو مقابلو نہ ڪري سگهندي هئي. پر ڪيس پنهنجي سونهن تي غرور نہ هو. ائين سمجهو تہ هوءَ پنهنجي حسن ۽ خوبصورتيءَ کان بي نياز هئي. پاڙي جا ڇوڪرا پروانن جيان سندس چوڌاري ڦيرا پائيندا هئا ۽ ساڻس وڌ کان وڌ وقت گذارڻ جي تمنا رکندا هئا. پر سرلا انهن سان کيڏڻ پسند نہ ڪندي هئي ۽ نہ ڪو وري ڪنهن ڏانهن اک کڻي ڏسندي هئي. ان کي بہ تہ صرف ۽ صرف مون سان گڏ کيڏڻ ۾ تمام گهڻي خوشي ٿيندي هئي. ائين لڳندو هو تہ جهڙوڪ هوءَ منهنجي لاءِ ۽ آئون هن جي لاءِ پيدا ٿيا آهيون.

منهنجو پيءُ وڏيري جو ڪمدار هو. ان جو خيال هو تہ آئون جڏهن وڏو ٿي ڪم ڪرڻ جي لائق ٿي وڃان تہ هو مونکي پاڻ سان گڏ رکندو ۽ زمينداريءَ جي ڪم ڪار جي نگهبانيءَ لاءِ ڪمدار ڪري رکندو. پر

اها ڳالهہ منهنجي مرضيءَ وٽان نہ هئي. منهنجي خواهش هئي تہ جهڙيءَ طرح اسانجي پاڙي جو نيل رتن، ڪلڪتي ۾ پڙهي ڪليڪٽر صاحب جو ناظر ٿي ويو هو. آئون بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ اهو سيڪجهہ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندس. اگر ڪليڪٽر صاحب جو ناظر نہ ٿي سگهيس تہ ڪنهن ڪورٽ ۾ هيڊ ڪلارڪ تہ ضرور ٿي ويندس. اها ئي منهنجي زندگيءَ جي خواهش هئي ۽ اهو ئي منهنجي زندگيءَ جو مقصد هو. آئون گهڻو ڪري ڏسندو هوس تہ ڪورٽ جو وڏو يا ننڍو عملدار بہ اسانجي گهر ايندو هو تہ بابا سندس تمام گهڻي عزت ڪندو هو. نانا سنيون سنيون مڇيون تيار ڪرائيندو هو. ذائقيدار ۽ وٽندڙ ٻوڙ ۽ پلاءُ تيار ڪري انهن جي خدمت ۾ پيش ڪندو هو ۽ سندن ڏاڍي خدمت چاڪري ڪندو هو. منهنجين اکين آڏو اهو سڀ ڪجهہ ٿيندو رهندو هو.

ان سڀني ماحول جو منهنجي دل تي تمام گهڻو اثر پوندو هو. ان ڪري مون فيصلو ڪري ڇڏيو تہ ڪورٽ ۾ پلي مونکي ڪيتري بہ ننڍي نوڪري ملي تہ بہ آئون ان کي وڏي فخر سان قبول ڪري وٺندس. مون اهو بہ محسوس ڪيو هو تہ ڪورٽن وارا اسانجي ملڪ بنگلاديش جا ديوتا آهن. سندن اندر ڪٽي ڪهڙو بہ هجي، پر ظاهر ۾ هو تمام وڏا ماڻهو آهن. انهن کي ڪنهن جو بہ ڪو ڊپ يا خوف نہ آهي.

ان قسم جي خيالن مونکي بيچين ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ڏينهن آئون لڪي ڇپي ڪلڪتي پڄي ويس تہ جيئن آئون نيل رتن وانگر زندگي ناهي سگهان. شروع وارا ڏهاڙا آئون پنهنجي ڳوٺائيءَ وٽ ٽڪيس.

بابا سائين منهنجي ان حرڪت تي تمام گهڻو ناراض ٿيو. پر ٿوري ئي وقت اندر پاڻ سندس شفقت ۽ پيار جو هٿ منهنجي مٿان رکيائين ۽ مونکي ڪانئس پئسا ۽ ٻي هر مدد ملڻ لڳي ۽ اهڙيءَ طرح آئون باقائده تعليم پرائڻ لڳس. جلسن ۽ قومي تحريڪن ۾ حصو وٺڻ لڳس. وطن جي محبت ۽ ان جي خدمت سڀ کان وڏي محبت ۽ اهم خدمت آهي. ان سچائيءَ کان آئون اڻڄاڻ نہ هوس، پر مختلف تحريڪن ۽ جلسن جي اهميت سمجهہ ۾ اسين ڳوناٽا هئاسين، ان ڪري اسانکي ڪلڪتي جي تيز ڇوڪرن جهڙي چالاڪي ۽ هوشياري ڪانہ ايندي هئي. انهن معاملن ۾ اسين انهن جي پويان ئي رهندا هئاسين. انڪري اسانکي اهڙن ڪمن ۾ لڳايو ويندو هو. جيڪي شهري ڇوڪرا پنهنجي لاءِ پسند نہ ڪندا هئا ۽ ان کي بيعزتي سمجهندا هئا. اسين چندي جون رسيدون هٿن ۾ ڪٽي نڪرڻ اس ۾ گهر گهر وڃي فقيرن وانگر چندو ڪندا هئاسين. ميٽنگ هال ۾ ٻنچون ۽ ڪرسيون ڪٽندا هئاسين ۽ انهن کي صحيح طريقي سان سجائيندا هئاسين. اگر ڪير بہ اسانجي جماعت جي اڳواڻن جي خلاف نعرا هڻندو هو يا انهن خلاف غلط

ڳالهيون ڪندو هو ته اسين ان ڪي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئاسين.

آئون ڪليڪٽر يا ريڊر وغيره بڻجڻ لاءِ ڪلڪتي آيو هوس. پر ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته وطن جي محبت ڪنهن نئين رستي تي لڳائي ڇڏيو آهي. ان وچ ۾ منهنجي ۽ سربالا جي پيءُ، اسانجي شاديءَ جون ڳالهيون پڪيون ڪري ڇڏيون هيون. آئون 15 سالن جي عمر ۾ ڪلڪتي آيو هوس. ان وقت سربالا جو روح زندگيءَ جي ائين بهار ڏسي رهيو هو ۽ آئون حياتيءَ جي 18 منزل تي پهچي چڪو هوس. منهنجي پيءُ جي شادي به ان ئي عمر ۾ ٿي هئي. پر آئون اجا شاديءَ لاءِ راضي نه هوس. آئون پنهنجي زندگي ملڪ جي خدمت لاءِ ارپي چڪو هوس. مون فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته جيئندس ته به ملڪ لاءِ ۽ مرندس ته به ملڪ لاءِ مون پنهنجن انهن سوچن جي باري ۾ پنهنجي پيءُ کي به ٻڌائي ڇڏيو هو ته جيستائين آئون پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نه ٿي وڃان، تيستائين شاديءَ جي قيد کان پنهنجو پاڻ کي آزاد رکندس.

ڪجهه مهينن کانپوءِ مونکي اها خبر ملي ته سربالا، وڪيل رام لوچن بابو جو گهر آباد ڪري چڪي آهي. آئون انهن ڏينهن ۾ سڄي ملڪ مان چندو گڏ ڪرڻ واري مهم ۾ مشغول هوس. منهنجي لاءِ سربالا جي شاديءَ جي خبر دل ڏکوئيندڙ هئي. منهنجي دل کي تمام وڏو ڌڪو لڳو ۽ آئون تڙپي پيس.

آئون انٽر پاس ڪري چڪو هوس ۽ اجا اڳتي تعليم لاءِ پهرئين سال ۾ داخلا ورتي هيم ته اوچتو بابا جي وفات سبب منهنجي سڄي زندگيءَ جو پروگرام ڏانواڏول ٿي ويو ۽ آئون يتيم ۽ بي سهارو ٿي ويس. منهنجي ماءُ ۽ پيءُ جو دنيا ۾ مون کانسواءِ ٻيو ڪير به نه هو. آئون ئي سندسن ڏک سک جو ساٿي ۽ پرجهلو هوس. ڪاليج کي مجبورن ڇڏڻو پيو. ڏنڌي ڌاڙيءَ جي فڪر ۾ لڳي ويس. تمام گهڻين ڪوشش کانپوءِ نواکاٽي ضلعي جي هڪ ننڍي شهر جي اسڪول ۾ سيڪنڊ ماستر (نائب ماستر) جي نوڪري ملي وئي، جنهن تي سک جو ساهه کنيم. ڇو جو پنهنجي سوچ مطابق ڪم ملي ويو هو ۽ فخر هوم ته هڪ هڪ شاگرد جي تعليم ۽ تربيت تي سخت محنت ڪري ملڪ جي وزير ۽ وزيراعظم جي لائق بڻائيندس.

دل ۾ هڪ تڙپ رکي پنهنجي ذميداري نڀائڻ ۾ لڳي ويس. پر هتي ته اسڪول جي حالت ئي بلڪل الڳ لڳي پئي هئي. آلجبرا، حساب ۽ گرامر وغيره ياد نه ڪرڻ تي دڙڪا ڏيندو هوس يا نصيحت ڪندو هوس ته خبر نه آهي ڇو هيڊ ماسٽر صاحب کي ڏاڍو خراب لڳندو هو. آخرڪار ڪجهه ڏينهن اندر ئي منهنجي دل ڪٽي ٿي پئي. اسڪول جي بلڊنگ ۾ ڪنهن به هڪ ماستر جو رهڻ ضروري هوندو هو ۽ منهنجي اچڻ کانپوءِ اها

ذميواري مونکي ڏني وئي هئي ۽ آئون ان وڏي عمارت ۾ اڪيلو رهڻ لاءِ مجبور هوس. اسڪول جي عمارت، آباديءَ کان ڪجهه پري هئي. هڪ وڏي تلاءَ جي ڪناري، تلاءَ جي چوطرف ناريل جا ڊگها وڻ ۽ پري پري تائين نظر ايندڙ سوپارين جي سنهڙن وڻن جون قطارون ڊاڍو وڻندڙ منظر پيش ڪنديون هيون. ان ڪانسواءِ اسڪول جي سامهون نم جي بن وڏن وڻن جون ڦهليل شاخون پنهنجي ڇانوَ ۾ انسانذات کي ٺڏڪار، سڪون ۽ راحت جو سامان مهيا ڪنديون هيون. اسانجي اسڪول جي ويجهو ئي سرڪاري وڪيل رام لوچن بابوءَ جو گهر به هو. مونکي خبر هئي ته هو پنهنجي نهايت ئي خوبصورت زال سربالا سان گڏ رهندو آهي. رام بابوءَ سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ ٿي. سربالا کي ته آئون ننڍپڻ کان ئي سڃاڻندو هوس. اسان ٻنهي سڄو ننڍپڻ هڪ ٻئي کي ارپيو هو. اهو رام بابو ڄاڻندو هو يا نه، پر مون پنهنجي نئين ملاقات ۾ ان باري ۾ ڪوبه اشارو ڏيڻ مناسب نه سمجهيو. حقيقت ۾ مون پاڻ به گذري ويل ڏينهن جي يادن کي وساري ڇڏڻ چاهيو ٿي. انهن ڏينهن کي، جن جي پهلوءَ ۾ اسين وڏا ٿيا هئاسين. ۽ هڪ ٻئي جي تمام ويجهو هوندا هئاسين.

هڪ ڏينهن آئون رام لوچن بابوءَ سان ملڻ لاءِ سندس گهر ويس. ڪجهه ياد ٿو پوي ته اسين هندستان جي آزاديءَ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئاسين.

رام لوچن بابو پنهنجي حقي جا سوٽا لڳائيندو پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندو ويو. منهنجي دل ۾ خيالن جو تسلسل ٽٽي پيو. سامهون ڪمري مان ايندڙ چوڙين جي ڇڻ ڇڻ، ڪپڙن جي سرسر، ۽ پيرن جي آهٽ مونکي ڇرڪائي ڇڏيو ۽ آئون ڳالهه سمجهي ويس. گهر جي ڪنڊ مان خوبصورت ۽ چمڪندڙ اکين مان ايندڙ روشني منهنجي روح کي ماندو ڪري رهي هئي. منهنجين نظرن ان جو پيڇو ڪيو ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪي تيز ٿي وئي. هاءِ ڙي هاءِ! اها وڏن وڏن اکين ۽ ڪارن تارن جي ڪشش، منديءَ جي ٽڪ جهڙيون پتيلون ڇڻ منهنجو روڻءَ روڻءَ ۾ گهڙي رهيون هيون. دل ۾ عجيب هلچل محسوس ڪري رهيو هوس. آئون گهر واپس موٽي آيس پر دل جو درد تڙپائيندو رهيو. ڪاش! تون سربالا کي پنهنجو ڪري وٺهين ها. شاديءَ کان انڪار نه ڪريان ها. تون سربالا کي تمام گهٽو سکيو رکي سگهئين ٿي، پر تو پاڻ سندس محبت کي ٺڪرايو. تو پاڻ غلط رستي جي چونڊ ڪئي آهي. ڪيڏانهن نڪتو هئين ڪورٽ جو ريڊر ٿيڻ ۽ آخر ۾ وڃي ٿئين هڪ اسڪول جو نائب ماستر! رام لوچن راءِ وڪيل هو. ان جو سربالا جي گهوٽ ٿيڻ جو ته ڪو امڪان ئي نه هو. آخري ڏينهن تائين هوءَ مون لاءِ اکيون وڇائي ويٺي هئي. مون ان جي ڪابه پرواهه نه ڪئي. سربالا جو هٿ وڪيل بابوءَ جي هٿ ۾ ڏنو ويو. سربالا به ته وڪيل بابوءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ

مجبور ۽ بيوس هئي. وڪيل جي روز جي
پنج روپيہ آمدني هئي. ان آمدنيءَ تي ئي
بنهي جي سچي گهر جو دارومدار هو. ڪير
ڪاڙهڻ وقت اگر ان ۾ دونهين جي بوءِ
اچي ويندي هئي تہ ڪيس رام لوچن چڙٻون
ڏيندو هو ۽ جنهن ڏينهن ڏينهن خوش هوندو هو،
ان ڏينهن پنهنجي جيون ساٿياڻيءَ لاءِ زيور
خريد ڪري ايندو هو. وڪيل صاحب گهڻو
ڪري ٿلهي ڪاڌي پائيندو هو ۽ خوش
نظرايندو هو ۽ ائين لڳندو هو تہ هو
پنهنجي گهرو زندگيءَ مان تمام گهڻو
مطمئن هو. پر اها ڏاڍي عجيب ڳالهہ هئي
جو هو تارن جي ٿڌي روشنيءَ ۾ تلاءَ جي
ڪناري ان رومان پرور فضا مان لطف اندوز
ٿيندي ڪڏهن بہ نظر نہ آيا هئا.

رام لوچن بابو ڪنهن وڏي ڪيس
جي پوئواريءَ جي سلسلي ۾ ڪنهن ٻئي
شهر ويل هو. ان ڏينهن آئون اسڪول ۾
اڪيلو هوس. اهڙي ئي نموني سربالا ۾
پنهنجي گهر ۾ اڪيلائپ محسوس ڪري
رهي هوندي. شايد سومر جو ڏينهن هو.
صبح جو سوير سج جي وٺندڙ ڪرڻن سڄي
ڪائنات کي سجاڳ ڪري ڇڏيو هو.
ڏهين بجي ڌاري هلڪي ڦڙڦڙ شروع ٿي
وئي. آسمان جو رنگ ڏسندي ئي هيڊ
ماسٽر صاحب جلدي ئي اسڪول بند ڪري
ڇڏيو. ڏسندي ئي ڏسندي سڄو آسمان
ڪارن گهاٽن ڪڪرن ۾ ڍڪجي ويو. ان
ڏينهن تہ اها ئي موسم رهي، پر ٻئي ڏينهن
شام جو تمام زور وارو طوفان آيو ۽ تمام
تيز مينهن وسڻ لڳو. مينهن ۽ مٿا وري
سخت هوائن وارو طوفان، سوبہ اهڙو جو
ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي ۽ ڏسندي
ئي ڏسندي سچي قيامت برپا ٿي وئي ۽
سڄو ڳوٺ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو.

اهڙي رات ۾ ننڊ اچڻ جو تہ سوال ئي
پيدا نہ ٿي ٿي سگهيو. سمهڻ جي ڪوشش
ڪرڻ بيڪار هو. آئون سوچڻ جي دنيا ۾
گم هوس. ان قيامت جهڙي طوفان ۽
برسات ۾ سربالا پنهنجي گهر ۾ اڪيلي
هئي. اسانجي اسڪول جي عمارت ان جي
گهر جي درن ديوارن کان تمام گهڻي
مضبوط هئي. ڪئي ڀيرا سوچيم تہ نہ ڄاڻ
سربالا اڪيلي اڪيلي هن طوفان جو
مقابلو ڪيئن ڪري رهي هوندي. چو نہ
ڪيس سڏائي وٺان. ڪيس پنهنجي گهر ۾
پناهہ ڏيان 7 مان پاڻ مٿين ڪوٺيءَ ۾ وڃي
رات گذاريان. پر هن کي سڏرائڻ جي جرئت
نہ ٿي ۽ مان ائين ئي تڙپندو رهيس.

رات جو اٽڪل هڪ ٿيو هوندو جو
اوچتو ڪيڪون ۽ دانهون ٻڌم تہ درياءَ جو
بند ٽٽي پيو آهي ۽ سمنڊ جو منهن کلي
پيو آهي. پاڻي وڌندو اچي رهيو آهي.
منهنجا هوش خطا ٿي ويا ۽ آئون چرين
وانگر سربالا جي گهر ڏانهن ڀڳس.

تلاءَ جي ٻئي پاسي پهچندي پهچندي
منهنجا ٻئي گوڏا پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا. تلاءَ
جي ويجهو ڏهہ ٻارنهن فوٽ اوچو دڙو هو.
پرپاسي جو جائزو وٺڻ لاءِ آئون ان دڙي تي
چڙهي ويس. منهنجي پنيان کو بيو بہ
چڙهندو نظر آيو. هن جي نظر مون تي
جميل هئي، جڻ هن کي منهنجي دل جو
سچو حال معلوم ٿي ويو هجي. ڏاڍو

ڏيجاريندڙ منظر هو. چوڌطرف گهپ اونده هئي، جڻ ساري دنيا جا ڏيا وسامي ويا هجن. هٿ کي هٿ نظر نہ پئي آيو. سيني کي پنهنجي سر سان لڳل هئي. اهڙيءَ ۾ ٻئي جي خبر ڪير ٿو رکي سگهي. جيڪي ڪجهہ هڪ سان ٿي رهيو هو، اهو ٻين سان بہ ٿي رهيو هو. اسين ٻئي هڪ ٻئي کي گهوري ڏسندا رهياسين. ٻوڏ جو روز وڌندو ويو. تباهي ۽ بربادي سيني کي وڪوڙي رهي هئي. منهنجي ساٿيءَ جو هٿ اوچتو منهنجي هٿ کي لڳو. مون محسوس ڪيو تہ اهڙو نرم نازڪ هٿ تہ صرف سربالا جو ئي ٿي سگهي ٿو. منهنجي حيرت جي ڪا حد ئي نہ رهي، جو سربالا منهنجي سامهون بيٺي هئي. اڄ هن اونداهيءَ ۽ تباهيءَ واري ماحول ۾ آئون پڻ هن جو اڪيلو ساٿي هوس. ان مصيبت جي گهڙيءَ ۾ سندس ڪوبہ مددگار نہ هو. اڄ تمام گهڻي وقت کانپوءِ سربالا پاڻ هلي منهنجي ويجهو اچي وئي هئي. آئون عجيب جذبن جي ڪيفيت مان گذري رهيو هوس. منهنجي دل جي دنيا ۾ هڪ طوفان برپا ٿي چڪو هو ۽ هلچل مچي وئي هئي. اها سربالا، جيڪا منهنجي زندگي ۽ منهنجو روح بنجي چڪي هئي ۽ جنهن جي خيال کان آئون هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ غافل نہ رهيو هوس. اها ڪنهن ٻئي جي دنيا آباد ڪري چڪي هئي. منهنجي دل جي بستي ويران ۽ اجڙيل ٿي چڪي هئي. ان جي باوجود هوءَ سربالا کي وساري نہ سگهي هئي. اڄ رات ان طوفاني برسات ۽ ٻوڏ اسان ٻنهي کي هڪ دفعو وري ملائي ڇڏيو هو. اگر ان ٻوڏ جو پاڻي مٿي کان چڙهي وڃي ۽ ان پاڻيءَ جون مست ڇوليون اسان ٻنهي کي موت جي هنج ۾ سمهاري ڇڏين تہ اسين هميشہ هميشہ لاءِ هڪ ٻئي جا ٿي ويندا‌سين ۽ وري ڪڏهن بہ هيءَ دنيا اسانکي جدا ڪري نہ سگهندي. اوچتو ئي اوچتو انهن خيالن کان ٻاهر نڪري آيس. خدا ان طوفان کان بچائي. سربالا پنهنجي ور سان سدائين خوش رهي. اڄ رات سربالا ملي، ان جو ديدار ٿيو، زندگيءَ هڪ تازگي محسوس ڪئي ۽ اها تازگي سدابهار گلن جي خوشبوءِ وانگر هميشہ دل ۽ دماغ کي مسحوس ڪندي رهندي.

****

رات گذري چڪي هئي. طوفاني مينهن ختم ٿي ويو هو. سربالا ڪجهہ ڪڇڻ بنا پنهنجي گهر هلي وئي. مان بہ ڪيس ڪجهہ نہ چئي سگهيس ۽ پنهنجي ويران گهر ڏانهن هليو آيس. هتڏ تي ليٽي سوچيندو رهيس. ناظر نہ ٿي سگهيس، جج يا سرشتيدار نہ ٿي سگهيس. اسڪول جو سيڪنڊ ماسٽر ٿيڻ مقدر ۾ لکيل هو. ڏينهن گذرڻ لڳا. زندگيءَ ۾ انيڪ راتيون آيون ۽ آنڌين وانگر گذري ويون، پر اها رات هڪ يادگار رات هئي. انهيءَ رات، اسانجي ميلاپ جي آخري مشعل جلائي هئي. ان رات کي آئون ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهيس. جيستائين مان زنده رهندس، اها رات منهنجي تاريڪ دنيا ۾ چانڊاڻ وکيريندي رهندي.

# جڳو

## بلونت سنگهه / مقصود احمد قاضي

هڪ خوني ڌاڙيل جي پيار جي ڪهاڻي، جنهن ڪيس مڻائي وحشيءَ مان انسان بنائي ڇڏيو هو. پر وري هو پنهنجي پيار جي ڪري جڏهن انسان مان ڦري ساڳيو وحشيءَ ٿيو، تہ بہ ان دلين کي جيتي ورتو. اکين ۾ ڳوڙها آڻيندڙ ڪهاڻي.

**پيار جي جذبي جي هڪ لازوال ڪهاڻي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن لکي ويندي آهي.**

ماجهي جي علائقي ۾ پيڪڻ نالي هڪ ننڍڙو ۽ غير معروف ڳوٺ هو، جنهن ۾ هڪ سؤ جي لڳ ڀڳ گهر مس هوندا. ڳوٺ ۾ سکن جي آبادي وڌيڪ هئي. هتي جي هڪ عجيب ڳالهہ اهي هئي تہ ڪڏهن ڪڏهن هتي ڪا غير معمولي طور تي حسين ڇوڪري پيدا ٿيندي هئي، جنهن جو ڪنهن نوجوان عشق جو داستان ايترو تہ مشهور ٿيندو هو، جو سسئي پنهون، سهڻي ميهار ۽ هير رانجهي جا قصا بہ مات ٿي ويندا هئا. هن ڀيري اهو ڪٽو گرنام ڪور جي نالي جو نڪتو هو.

گرنام جي حسن پرپاسي جي وسندين جي نوجوانن ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئي. هوءَ ڪنهن چيني گڏيءَ وانگر هئي. هلندي هئي تہ سندس پير هوا ۾ ترندي محسوس ٿيندا هئا. ڪاريون ڪجليدار اکيون اهڙي گناهہ جي دعوت ڏيندي محسوس ٿينديون هيون، جنهن کان بهتر ثواب جو تصور بہ ذهن ۾ نہ ايندو هو! پر اجا هوءَ معصوم هئي. سندس قدم جوانيءَ جي چائنٽ تائين مس پهتا هئا ۽ هوءَ شباب جي چس جو آواز ائين محسوس ڪندي هئي، ڄڻ ڪنهن ڏورانهين هنڌ کان شهنائيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هجيس. اجا هوءَ مردن جي اشارن ۽ ڪناين جو مطلب نہ سمجهندي هئي. هوءَ هر ڪنهن سان مرڪي ملندي هئي ۽ منجهس اجا حسن جي انانيت پيدا نہ ٿي هئي. ان ڪري هر ماڻهو ساڻس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪانپوءِ سمجهندو هو تہ گرنام ساڻس محبت ڪري ٿي.

هڪ ڀيري تہ شنگارا سنگهہ وڏي واڪي نوجوانن جي ميڙ ۾ ٻيهي ايترو



بہ چئي ڏنو تہ هو گرنام کي پچائي ويندو. ان مهل دليپ سنگهہ اتان ڪان لنگهيو تہ ٻين ڪيس سمجهايو تہ دليپ سنگهہ جو بہ گرنام جي عاشقن ۾ شمار ٿئي ٿو. ان جي اها ڳالهہ ٻڌي ورتي تہ قهر ٿي ويندو. تنهن تي شنگارا سنگهہ وڌو ٺهڪ ڏنو ۽ دليپ سنگهہ جي پٺيان بيهي ان کي ڀڪر چئي ڇڏيائين. ان ڳالهہ تي دليپ سنگهہ جون اکيون رت ٿي ويون. هن ڪاوڙ ۾ شنگارا ڏانهن ڏٺو ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو "اڙي تو مونکي ڀڪر چو چيو آهي؟"

شنگارا گوڏ جي ڳنڍ کي سوگهو ڪري ٻڌو ۽ ڇاتيءَ تي هٿ هٽندي مقابلي لاءِ اچي سامهون بيٺو. ٻئي پاڻ ۾ اٽڪي پون ها، پر سيني وچ ۾ پئي جهيڙو ٽاري ڇڏيو. آخر ڪيستائين؟ نيٺ هڪ موقعي تي سنڌن ٽڪراءُ ٿي پيو. دليپ جي گوڏي جي ڍڪڻي لهي پئي ۽ دليپ جي لٺ جي هڪ ئي وار سان شنگارا جي ڄاڙي ڀڄي پئي. جان تہ بچي ويس، پر شڪل بگڙجي ويس. ان ڏينهن کان سيني جا ڪن ڪڙا ٿي ويا ۽ هاڻي دليپ جي جيئري گرنام جو ٻيو ڪو دعويدار پيدا ٿيڻ ناممڪن هو.

رات جي وقت چنڊ پنهنجي پوري آب ۽ تاب سان چمڪي رهيو هو. ڳوٺ ۾ هڪ پراسرار خاموشي ڇانيل هئي. ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪتن جي ڀونڪڻ جا آواز اچي رهيا هئا يا نار جي چرخي وٽ ويهي هڪ جهنگلي ٻلو ڀچ لوڏيندي نهايت وڏيسر ميائون ميائون ڪري رهيو هو. اهو نار ڳوٺ کان ٻاهرئين پاسي هو. جنهن سان گڏ پپر جو هڪ شاهي وڻ هو. جنهن ۾ چينگهہ لڳل هئي. جيئن تہ ڍڳن کي هڪلڻ وارو ڪير بہ نہ هو. تنهنڪري دل چوندي هئن تہ هلي پوندا هئا ۽ جي دل چوندي هئن تہ ويهي رهندا هئا. هن وقت اهي ماٺ ۾ ويٺا سڱ لوڏي رهيا هئا.

ايتري ۾ ڏاچيءَ تي سوار هڪ سک پپر جي وڻ هيٺان اچي بيٺو. ان ڏاچيءَ کي هيٺ ويهارڻ چاهيو. ڏاچي پهرين تہ مڇري پر پوءِ ڪٽي پاڻ کي زمين تي ڇڏيائين. پنجاب جي ڳوٺن ۾ ڇهہ فوٽ قدآور نوجوان هئڻ ڪا خلاف معمول ڳالهہ نہ آهي، پر هن همراهہ جا ڪلها غير معمولي طور تي ويڪرا هئا. هٿن ۽ منهن جون رڳون اڀريل، اکيون اهڙيون جهڙا ٻرندڙ الاءَ، نڪ باز جي چهنب جهڙو. رنگ ڪارو، ويڪريون ۽ مضبوط ڄاڙيون. مٿو ائين ٿي لڳو ڄڻ ڳچيءَ کي گهڙي ٺاهيو ويو هجي. مٿي تي ٻڌل جوڙي تي رنگ برنگ ڇاري لڳل. جنهن مان ٽي وڏا وڏا ڦندڻ نڪري سندس ڪاري ڏاڙهيءَ وٽ لٽڪي رهيا هئا. ڪنن ۾ وڏا والا پيل. ڪاري رنگ جي ننڍڙي پٽڪي جا ٻہ ٽي ور ڏنل. ٻت ڍڪهو ۽ گهري سائي رنگ جي پٽاپٽي گوڏ سندس ڪڙين تائين لٽڪندڙ. ڳلي جا ٻيڙا ڪليل ۽ سندس ڇاتي وارن سان ڀريل ۽

وانگر ماٺ ۾ بيٺل نظر اچي رهيا هئا.

اهڙي ئي وقت، تارن پريل آسمان جي هيٺان، ڪنهن پرانهين نار تان ڪنهن نوجوان جي مسرتن سان پريل گاني جو هلڪو هلڪو آواز اچي رهيو هو.

باگي وچ ڪيلاءِ

(باغن ۾ ڪيلا پڪل آهن)

نڪل ڪہ مل بالو!

(اي محبوب! اچي مون سان مل)

سادي وچڻ دا ويلاءِ

(اسان جي وڇڻ جو وقت ٿي ويو آهي)

نڪل ڪہ مل بالو!

(اي محبوب! اچي مون سان مل)

ايتري ۾ گرنام دبيل قدمن سان، سلوار جا پانچا مٿي ڪنيو، هيٺيون چپ ڏندن ۾ دٻائي پير پير ۾ ڪري اچي پهتي.

ٿوري دير ڪانپوءِ ٻئي گڏ ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

همراه ڪيترائي سونا زيور ۽ موتن جا هار ڪڍيا. گرنام حيرت ۽ خوشيءَ کان رڙ ڪرڻ واري هئي، جو اجنبيءَ چپن تي آڱر رکي ڪيس ماٺ رهڻ جو اشارو ڪيو.

گرنام ڪيتري دير تائين ڇهڪندي رهي، هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي رهي، پر ان جو ڌيان زيورن ڏانهن هو. نيٺ هن پاڻ ئي پنهنجين ڳالهين مان بيزار ٿيندي هڪ وڏو ساهہ

پريو ۽ ٿڪل آواز ۾ چيائين، "تو هي زيورَ ڪٿان آندا آهن؟ منهنجي خيال ۾ تون ڪو جيب ڪترو بہ تہ نہ آهين. مونکي ڪيسا ڪٽڻ وارن، چورن ۽ ڌاڙيلن کان سخت نفرت آهي. اهي هڪدم گهوگها ڏئي ماٺوءَ کي ماري ڇڏيندا آهن."

اهو چئي گرنام پنهنجين ڪشادين اکين سان خلا ۾ گهورڻ لڳي، ڄڻ ڪو ئي سچو پچو قاتل کيس گهوگهو ڏئي رهيو هجي.

"ڏج نہ، تون بہ ڪهڙيون ٻارن جهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين. منهنجي هوندي توکي ڪهڙي ڳالهہ جو خطرو ٿي سگهي ٿو؟ اٿ، اچي منهنجي پرسان ڪٽ تي ويهہ."

گرنام اٿي اچي سندس پر ۾ ويٺي. هن، همراه جي ويڪرن ڪلهن تي نظر وڌي ۽ پوءِ ڄڻ تہ دل سان مطمئن ٿي چوڻ لڳي، "تون ڏاڍو سٺو آهين. هي زيور تہ تو پنهنجي زال جي لاءِ آندا هوندا؟"

"ها"

گرنام پنهنجي هٿ جي تري ڳل تي رکندي وڏي دلچسپيءَ سان پڇيو.

"تنهنجي زال ڪيئن آهي؟"

"منهنجي تہ اڃا شادي بہ نہ ٿي آهي."

"پوءِ ٿيڻ واري زال لاءِ ورتا اٿئي؟"

همراه پنهنجي ڏاڙهيءَ جي

کھرن وارن تي هٿ ڦيريندي چيو، "اجا تہ مونکي اها بہ خبر نہ آهي تہ منهنجي زال کير ڦيندي! ڦيندي بہ يا نہ؟"

گرنام پنهنجن ٻنهي هٿن جي ترين تي پنهنجي ڪاڏي رکي پنهنجون اکيون ڇنڀيندي، ٿورو نڪ کي موڙو ڏيندي سادگيءَ سان چيو، "ها تون ٿورو ڪارو جو آهين؟"

همراهہ جي چاتيءَ ۾ ڇڻ ڪنهن مڪ وهائي ڪڍي.

پر گرنام نهايت سنجيدگيءَ سان ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏي وئي. شايد هوءَ هن اڻچاتل همراه جي لاءِ زال ڳولهڻ جي ترڪيب سوچي رهي هئي.

"هي زيور تون وجي ڪڻ."

گرنام چرڪي همراه ڏانهن ڏٺو، "پوءِ تون پنهنجي زال کي ڇا ڏيندين؟"

همراه کي ڪو جواب نہ سجهيو تہ هٻڪنديچيائين، "پوءِ آئون توکان واپس وٺيو نندس."

گرنام جون اکيون چمڪڻ لڳيون. سندس واڇون ٽڙي پيون. تاڙي وڄائيندي چيائين، "مان انهن کي پنهنجن چيٽن ۾ لڪائي ڇڏينديس. ڪڏهن ڪڏهن رات جو سٺا سٺا زيور پائي ٻنين ۾ نڪري وينديس."

ڪجهہ دير جي ماٺ بعد همراه چيو، "گرنام تون بہ تہ مونکي ڪجهہ ڏي."

گرنام ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو، "مون وٽ ڇا آهي؟"

"ڪجهہ بہ هجي."

گرنام منهن تان هٿ هٽائيندي ڪجهہ دير سوچيندي رهي. پوءِ هن پنهنجي ڳلي مان ڪوڏين جو هار لاهي همراه ڏانهن وڌايو. هوءَ پنهنجي ان ننڍڙي تحفي کي ڏسي ٿورو لڄي ٿي وئي ۽ سندس ڳل ڳاڙها ٿي ويا.

ٿوري دير بعد گرنام هڪ منڊي ڪڍندي چيو، "هيءَ منهنجي آڱر ۾ پهرائي. ڏسان تہ ڪيئن ٿي لڳي."

همراه پنهنجن ڪارن، ميرن ۽ ويڪرن هٿن سان گرنام جو ڪنول جهڙو هٿ جهليو. گرنام نگاهون هيٺ ڪري پارن جهڙي سادگي ۽ ڏيان سان منڊيءَ کي ڏسي رهي هئي. سندس وارن، سندس ڳلن جو گهٽو حصو ڍڪي رکيو هو. همراه بي ستائيءَ واري حالت ۾ سندس سپين جهڙن پلڪن ۾ نظرون اٽڪايو ويٺو هو. جڏهن هو سندس آڱر ۾ منڊي پهرائڻ لڳو تہ سندس پنهنجون آڱريون ڏڪڻ لڳيون ۽ ڪيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ سندس ويڪرين ڪراين جي سموري طاقت نڪري رهي هجي.

گرنام چرڪ پريو ۽ ڊنل هرڻيءَ وانگر اٿي کڙي ٿي.

"امان ڪنگهي پئي. هاڻي آئون وينديس."

اجنبي پنهنجي خواب مان جاڳي پيو.

گرنام اڳيان جهڪي سازن جيان وڄندڙ آواز ۾ چيو، "وڃان ڇا؟"

همراه جي اجازت ملڻ تي هوءَ زيورن جي پوٽڙي کڇ ۾ ڪٽي جهٽ اندر هلي وئي. سڄي رات جي گرميءَ کان پريشان ٿيل وهٽ صبح ساڻ پاٽيءَ جي تلاءَ ۾ گهڙي ويا.

همراه وڃڻ لاءِ تيار ويٺو هو. گرنام ڪيس هڪ راتوڪي مانيءَ تي مکڻ لڳائي ۽ لسيءَ جو گلاس ڏنو ۽ جڏهن اجنبي ڪپڙا پائي تيار ٿيو تہ گرنام روئڻ لڳي. همراه آهستي پڇيو، "روئين ڇو پئي؟"

"تون مونکي ڏاڍو وڻيو آهين، تون نہ وڃ."

همراه کلي پيو، "مان وري ايندس."

ڏاڏي کي ايندي ڏسي هن پنهنجا لڙڪ اگهي ورتا.

گرنام جو ڏاڏو، اجنبيءَ کي ڇڏڻ لاءِ ڪجهہ پرپرو ساڻس گڏ ويو. هن، اجنبيءَ کان پڇيو، "ڇا آئون پنهنجي معزز مهمان جو نالو پڇي سگهان ٿو؟"

"ها" اجنبيءَ پنهنجيون تيز نظرون سندس منهن تي ٽڪائيندي جواب ڏنو. پوءِ هن پنهنجي اس ۾ چمڪندڙ کهاڙيءَ ڏانهن فخر جوڳي انداز ۾ ڏسندي وڏيڪ چيو، "۽ توکي اهو بہ معلوم هجڻ گهرجي تہ جيڪڏهن منهنجي نالي جو ذڪر ڪنهن پنهنجي يا پرائي سان بہ ڪيئي تہ تنهنجي ۽ تنهنجي خاندان جي سمورن فردن جي رت سان مونکي پنهنجا هٿ رڱڻا پوندا."

پوڙهي جو منهن هڊبو ٿي ويو.

اجنبي پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار ٿيو ۽ ان جي مهار کي جهٽڪو ڏئي پنهنجي ڀڳري آواز ۾ چيائين، "اڄ رات جڳو ڏاڙيل تنهنجو مهمان هو."

جڳو ڏاڙيل جو اصل نالو سردار جڳت سنگهہ ورڪ هو. هو هڪ خوفناڪ ماڻهو هو، جنهن جو نالو ٻڌي وڏن وڏن بهادرن جو پتو پاڻي ٿي ويندو هو. قتل، غارتگري، ظلم، ڦرلٽ هن جي روز جي وندر هئي. ننڍپڻ ۽ جواني رت سان راند ڪيڏيندي گذري هئس. گهڻي زمين جو مالڪ هو. وڏن وڏن خانن تي هٿ صاف ڪندو هو، غريب منجهانس خوش هئا. سندس خلاف گواهي ڏيڻ جو حوصلو ڪير بہ نہ ٿي ڪري سگهيو. هاڻي سندس عمر ٽيهن سالن کان ٽپي چڪي هئي. هو ڏينهن رات موت سان کيڏندو هو ۽ موت جو مذاق اڏائيندو رهندو هو. محبت، حسن، شفقت، نيڪي وغيره جهڙا لفظ سندس نظرن ۾ ڪا بہ معنيٰ نہ رکندا هئا. پري پري تائين سندس نالو نڪتل هو. سڄو علائقو ڪانئس ڪنبندو هو. هن جي دل پٿر جي،

محبت سان ساڻس ملندي هئي. جيڪڏهن هو ڪيس، پنهنجي ويجهو ويهڻ جو چوندو هو تہ هوءَ سندس ويجهو ئي ويهي رهندي هئي. تنهن هوندي بہ اڄ تائين هن ڪيس ڇهڻ جي جرئت نہ ڪئي هئي. گرنام جي نيڪ طبيعت هن جي دل ۾ ڌڙڪو پيدا ڪري ڇڏيندي هئي. ان جو ملڪوتي حسن ڪيس پنهنجي پيرن ۾ سر رکڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو هو. سندس دل جي بيچيني ۽ ضمير جي ملامت وڌي وئي. ايستائين جو ماڻهن حيرت مان اهو ٻڌو تہ:
جڳوءَ ڏاڙا هڻڻ ڇڏي ڏنا آهن!

****

ڏيڍ سال جو عرصو اکڇنڀ ۾ گذري ويو. جڳو صبح شام پاٺ ڪندو هو. غريبن کي ڪاڏو ڪارائيندو هو. دان ڏيندو هو. گوردواري ۾ وڃي سيوا ڪندو هو ۽ هر ڪنهن سان نرميءَ سان گفتگو ڪندو هو.

ان گرنام جي ڏاڏي کي منٿون ڪيون تہ گرنام جي شادي ساڻس ڪئي وڃي. هن ڏاڙا هڻڻ ڇڏي ڏنا آهن ۽ جيڪي ڪجهہ هن لٽيو هو، اهو سڀ وڏن ماڻهن کان لٽيو هو. غريبن جي ڪمائيءَ جو هڪ پيسو بہ هن وٽ نہ هو. هو پنهنجي گهٽي زمين ۽ پئسو ڪيس ڏيڻ لاءِ تيار هو ۽ گرنام جي ڏاڏي کي هو سدائين بزرگ سمجهي خدمت ڪندو. پر هن چاهيو ٿي تہ گرنام کي اهو پتو نہ پوڻ گهرجي تہ هو جڳو ڏاڙيل هو ۽ نہ ئي ان کي في الحال هن ڳالهہ جو پتو پوڻ گهرجي تہ هن جي شادي ڪنهن سان ٿيڻي آهي. ڇو تہ هن کي يقين هو تہ هوءَ ڪيس چاهيندي هئي ۽ جڏهن هوءَ پنهنجي پريتم کي هڪدم پنهنجي مڙس جي صورت ۾ ڏسندي تہ سندس حيرت جي انتها نہ رهندي.
نيڪ دل ڏاڏي اهو سڀ ڪجهہ مڃي ورتو هو.

****

جڳو، پيڪڙ کان چوڏنهن ڪوهہ پري رهندو هو. ان جي اچڻ وڃڻ جي جي ڪنهن کي ٻڙڪ بہ نہ پوندي هئي. ماڻهن ان اوپري ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڪڏهن سندن گهر مان نڪرندي ڏٺو هو. پر ڪنهن کو خاص ڌيان نہ ڏنو. ڇو تہ اول تہ هو ڪڏهن ڪڏهن ئي ايندو هو ۽ ٻيو تہ راتو رات هليو ويندو هو. هو سدائين وڌيل مصروفيتن جو بهانو ڪري ڇڏيندو هو. جڳوءَ جي نالي کان دنيا واقف هئي، پر ان کي سڃاڻندو ڪو بہ نہ هو.
جڳوءَ کي شاديءَ جي منظوري ملي چڪي هئي. هاڻي هن چاهيو ٿي تہ گرنام جي زبان مان بہ ان عشق جو اقرار ڪرائي وٺي، پلي ان کي اهو نہ ٻڌايو وڃي تہ سندس ٿيڻ وارو مڙس هو پاڻ هو.
هڪ ڏينهن سج لهڻ ڪانپوءِ هو پيڪڙ ۾ داخل ٿيو. گهر پهتو تہ ڪيس پتو پيو تہ گرنام پرواري ڳوٺ ۾ ڪاتيارن کي

سٽ ڏيڻ وئي آهي.

جڳوءَ آرسيءَ ۾ پنهنجي صورت ڏٺي. هن ٿورو پٺڪي کي ڇڪي پٽو. ان جو ٿرو ٿورو مٿي کيو ۽ پوءِ هن سيني کان نظرون بچائي ڏيئي مان سرنهن جو تيل ترڻيءَ تي لاتو. پوءِ مچين کي وٺيندو گهر مان نڪتو ۽ آهستي آهستي ٽلندو پنج ڇهه فرلانگن تائين هليو ويو.

هر طرف ڏنڌ ڇانيل هئي. چنڊ جي هلڪي روشنيءَ ۾ هو ڪنهن پوت جيان ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو.

پري کان ڪيس ڪو پاڇولو ڏسڻ ۾ آيو. هن غور سان جاچي ڏٺو ته اها ڪا عورت هئي ۽ يقينن اها گرنام ئي هئي.

جڳو ڪنهن اصيل ڪڪڙ جيان ڇاتي تاڻي بيهي رهيو.

گرنام ويجهو ايندي ئي کلي پئي، پر سندس کل ۾ ڪجهه سنجيدگي پئي جهلڪي. مٿي تي هڪ ڳري هڙ رکيل هئس، "منهنجو ته ڳاٽو ئي ڀڃي پيو آهي؟"

"هن هڙ ۾ ڇا ڪٽي پريو اٿئي؟"

اهو چوندي جڳوءَ هڪ هٿ سان اها مڻ جيتري ڳري هڙ سندس مٿي تان ائين ڪٽي ورتي، جيئن ڪو ٻن سالن جي ٻار کي تنگ ڪان جهلي ڪٽي وٺندو آهي.

"ڇيٽا... ٻيو ڇا هوندو؟" گرنام پنهنجي ننيڙي نڪ کي موڙو ڏيندي چيو. "ايندي مهل رستي تي ڇيٽا چوندڻ ويهي رهيس. ايستائين جو ان ڪم ۾ سج لهي ويو."

ٻئي ڇٽا ٻنيءَ جي ٻني تي ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

اڄ جڳوءَ، گرنام ڏانهن ڏٺو ته سندس دل ۾ عجيب عجيب خيالن جنم وٺڻ شروع ڪري ڏنو. هو پنهنجي ٽيڻ واري زال کي ڏاڍي ڏيان سان ڏسي رهيو هو. ان جي هٿ جي نهيل مانين ۽ ساڳ جو تصور ڪيس بيچين ڪري رهيو هو. ڪڏهن ته سندس دل ۾ آيو پئي ته هو سڄو راز ظاهر ڪري ڇڏي ۽ ڪڏهن سوچيائين ٿي ته ڳالهه کي ڍڪ ۾ رکي ۽ ڪيس هرگز نه ڪجهه ٻڌائي. نيٺ هن کان رهيو نه ٿيو، چو ته گرنام ڪجهه مايوس مايوس لڳي رهي هئي.

"گرنام!" ائين چوڻ مهل سندس واڇن مان گگ ڳڙي سندس ڏاڙهيءَ تي اچي پئي. هن پنهنجي پهراڻ جي پلئه سان ان کي اگهيو ۽ پوءِ چيائين. "گرنام! توکي هڪ خوشخبري ٻڌائڻ چاهيان ٿو."

گرنام ڪو به جواب نه ڏنو. هوءَ پنهنجي پير جي آڱوٺي سان زمين کرڙڻ ۾ مصروف هئي ۽ ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏل هئي. هوءَ اڳ جيان شوخ ۽ الهڙ نه رهي هئي، پر جيئن ته جڳوءَ سان ڪافي مانوس هئي، انڪري ڪانئس گهٽو شرمائيندي به نه هئي.

جڳوءَ کي ڪجهه مونجهارو

ٿيڻ لڳو. هن، سندس ڪلهو لوڏيندي پڇيو، "ڇو گرنام، ڪهڙيءَ سوچ ۾ ٻڏل آهين؟"

گرنام ڀرين تہ ڇرڪ ڀريو. پوءِ هن آهستي چيو، "مان ڏاڍي پريشان آهيان. مان گهڻن ڏينهن کان چاهيو پئي تہ توکي سڄو حال ٻڌايان پر..."

"پر ڇا....؟"

"شرم ٿو اچيم." گرنام ٿورو هٻڪندي چيو.

جڳو ڪجھ ڪجھ سمجهي ويو. سندس چپن تي هلڪي مرڪ تري آئي، "اڙي مونکان شرم ڪهڙو."

گرنام ڪجھ نہ ڪڇي.

جڳو ٿورو سري سندس ويجهو ٿيو. هن جي گهڻي اصرار ڪرڻ تي گرنام ٻڌايو، "اهي منهنجي شادي ڪرڻ ٿا چاهين."

"تہ ان ۾ پريشانيءَ جي ڪهڙي ڳالھ آهي. شادي تہ سڀني جي ٿيندي آهي."

گرنام جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. هن ڳري آواز ۾ چيو، "اهي ڪنهن پئسي واري سان منهنجي شادي ڪرائڻ چاهين ٿا، جنهن کي مون ڏٺو بہ ڪونهي. پر مان ڪنهن ٻئي سان..."

اهو چئي هن روئي وڌو.

جڳوءَ پنهنجي پٽڪي جي ٽري کي ڇهي ڏٺو تہ اهو هيٺ تہ نہ جهڪي ويو هو. پوءِ هن ڇاتي تاڻي چيو، "نہ گرنام نہ. جنهن کي تون چاهيندئين، ان سان ئي تنهنجي شادي ٿيندي. مان تنهنجي پيءُ کي سمجهائي ڇڏيندس...ها تہ ...مگر اهو آهي ڪير؟"

جڳوءَ جي اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ اچي وئي هئي.

گرنام سندس ڇاتيءَ تي سر رکيو ۽ پوءِ اوڇڪارون ڏئي روئڻ لڳي. اڄ ڪيس، هن جا ويڪرا ڪلها ۽ صندوق جهڙو سينو ڇهندي سڪون ملي رهيو هو.

جڳو گهٻرائجي ويو. هن، ڪيس آٿت ڏني ۽ پوءِ ان شخص جو نالو پڇيو.

گرنام ڪجھ چوڻ چاهيو...۽ زور زور سان روئڻ لڳي. جڳوءَ ڪيس آٿت ڏني تہ هن چيو، "تون ضرور منهنجي مدد ڪندين. انهن سڀني جي هٿان آئون ڏاڍي ڪڪ ٿي آهيان. تون ڏاڍو سٺو آهي. ان جو نالو...."

جڳوءَ جي دل ٽپا ڏيڻ لڳي.

"ان جو نالو آهي دليپ...دليپ سنگھ."

"جڳوءَ کي ڄڻ تہ نانگ ڏنگي ويو.

هن جو چهرو هڪدم پوائتو ٿي ويو.

"دليپ سنگھ ان جو نالو آهي."

گرنام ڪوڪورجايو.

جڳوءَ جون مڇيون لٽڪڻ

لڳيون.

سندس نرڙ تي گهنج پئجي ويا. جسم ڪاندارجي ويس. اکين مان چڻگون نڪرڻ لڳس. ڳچيءَ جون نسون ڦنڊجي ويس.... گرنام حيرت مان ڪيس ڏٺو.

"گهر وڃ." هن ڳري آواز ۾ چيو.

اهو چئي هو اتي ڪڙو ٿيو.

"تون هڪدم هلي وڃ." هن ڪڙڪ آواز ۾ چيو. گرنام چپ چاپ حيرت مان اتي ۽ هڙ پنهنجي مٿي تي رکي گهر ڏانهن رواني ٿي. جڳو ساڳيءَ طرح ويٺو هو. ان جو چهرو جيئن پوءِ تيئن پوائتو ٿيندو پئي ويو. عقاب جي چهنب جهڙو نڪ ڳاڙهو ٿي ويس. اکيون رت هاڻيون ٿي ويس ۽ منهن مان بربريت جون جهلڪون اچڻ لڳيون. اوچتو هن خنجر ڪڍيو ۽ ان کي مضبوطيءَ سان هٿ ۾ پڪڙيو. ڏند ڪرٽيندي آهستي چيائين، "دليپ سنگهه...؟"

موت جو فرشتو دليپ سنگهه جي سر تي ڦيرا ڏيڻ لڳو هو.

****

خوني پل سڄي علائقي ۾ مشهور هئي.

اها پل هڪ ننڍي نهر تي ٺهيل هئي. نهر جي ٻنهي ڪنارن تي شيشم جا ڪيترائي گهاٽا وڻ هئا. اتي نه ته سج جي روشني پهچي سگهندي هئي ۽ نه وري چنڊ جي چاندوڪي. پل وڏن وڏن بيدول پٿرن سان ٺهيل هئي. ان جي هيٺان رڳو هڪ ڪوٺي هئي ۽ پاڻي ٻن حصن ۾ ورهجي وهندو هو. رات جي وقت اهي ٻه وڏا منهن اڻين نظر ايندا هئا، ڄڻ ٻن منهن وارو ڪو ديو، انسانن کي هڙپ ڪرڻ لاءِ وات ڦاڙيو بيٺو آهي يا جيئن ڪنهن مرد جون ٻه وڏيون وڏيون اکيون هجن، جن جا تارا ڪانگ ڪڍي ڪائي ويا هجن.

ويجهو ئي هڪ قبرستان هو ۽ ڪجهه مفاصلي تي مرگهٽ. رات جي وقت ڪو به ماڻهو اتان لنگهڻ جو ست نه ساري سگهندو هو. چو ته ان پل تي ايترا ته قتل ٿي چڪا هئا جو ان جو نالو ئي "خوني پل" پئجي ويو هو. نوجوان ڇوڪريون ۽ ٻار ته ڏينهن ڏٺي جو به اڪيلا ان پاسي نه ايندا هئا. مشهور هو ته اتي هڪ سر ڪٽيل سيد رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ان جو سر ته پل جي هيٺان رڙيون ڪندو وتندو هو ۽ هو پاڻ بنا سر جي نهايت اطمينان سان قبرستان ۾ گهمندو وتندو هو.

اڌ رات گذري چڪي هئي.

دليپ سنگهه شهر کان موٽي رهيو هو. هڪ گڏهه تي ٻن ٻورين ۾ سامان لڏيل هوس. هو سونارڪو ڪم ڪندو هو ۽ پنسارڪو هٽ به هلائيندو هو. هن جو پنهنجو تيار ڪيل گلقند ڏاڍو هلندو هو.

هو نوجوان هو ۽ خوش شڪل

هو. سندس جسماني بناوت بہ سٺي هئي.
اجا مچين جي ساوڪ مس آئي هئس. ڳلن
۾ ڪاڏيءَ تي اپريل ننڍڙا ننڍڙا وار زعفران
جيان ۾ اڪيون شربت سان ڀريل وٽي جيان
ٿي لڳيون ان مهل سندس مٿي تي پٽڪو
ٻڌل هو. جنهن جو هڪ ننڍڙو چيڙو هيٺ
لٽڪي رهيو هو ۽ جڏهن تہ ان جو ٽرو
مٿي اپو ٿيو بيٺو هو. هو الغوزو ڏاڍو سٺو
وڄائيندو هو. هير جي شاديءَ ڪانپوءِ
رانجهي جي ونس پنڻ لاءِ وڃڻ واري "وارث
شاهہ جي هير" ۾ بيان ڪيل واقعي کي
ڏاڍو سوز سان ڳائيندو هو. بلڪ ان ۾
جهڙس ڪو ٻيو نہ هو. دليپ طاقتور ۽
دلير نوجوان هو. پر خوني پل جو ڏيک ۽
ان سان جڙيل خوني روايتون ان جاءِ کي
ويتر پوائتو بنائي ڇڏينديون هيون. رات جي
اوندهہ ۾، شيشم جي گهاٽن وڻن هيٺان
نهر مان پاڻي وهڻ جو آواز ٻڌي هن جي دل
۾ بيزاري پيدا ڪري رهيو هو. هن وڏيسر
ڳائڻ شروع ڪيو. اوندهہ ۽ خاموشيءَ ۾
پنهنجو آواز ٻڌي ڪيس سڪون مليو.
سندس گڏهہ پل ٽپي چڪو هو.
هو پاڻ پل جي وچ تي هو. دل ۾ ان ڳالهہ
تي خوش هو تہ ڪو خاص واقعو پيش نہ
آيو. اوچتو پٺيان کان ڪيس پنهنجي ڳچيءَ
تي ڪا تيز شيءِ چڀندي محسوس ٿي ۽
لڳس تہ ڇڻ ڪو سندس ڪڙتي کي جهلي
پٺيان ڇڪي رهيو هجي. هن پٺيان مڙي
ڏٺو.

هڪ ديو جهڙو مڙس پل جي
پٽ سان لڳو بيٺو هو. ان پنهنجي ڪهاڙيءَ
جي چهنب پٺيان کان سندس قميص ۾
اٽڪائي ڇڏي هئي. سندس اکيون الائن
جيان ڏکي رهيون هيون.
"تون ڪير آهين؟" دليپ همت
ڪندي وڏي آواز ۾ پڇيو.
"هيڏانهن اچ." ڳري ۽
حاڪماڻي انداز ۾ ڪيس چيو ويو.
دليپ ان پاسي وڌيو. اوچتو هن
اجنبيءَ کي سڃاڻي ورتو. چيائين، "مونکي
لڳي ٿو تہ مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي. ڇا
تون اهو همراہ نہ آهين، جنهن ٽن ماڻهن
سان وڙهڻ مهل منهنجو ساٿ ڏنو هو... ها
شايد اهو ننڪانہ صاحب جو ميلو هو.
تڏهن جو ٿي واقعو آهي.... ۽ تو ٻن ڄڻن
کي اڌ ماري وڌو هو.
"بيشڪ آئون اهو ئي آهيان، پر
آئون نہ ڄاڻندو هوس تہ تنهنجو نالو دليپ
سنگهہ آهي. مون توکي اجنبي ۽ نوجوان
ڇوڪرو سمجهي تنهنجي مدد ڪئي ۽ قتل
تہ مون گهڻا ئي ڪيا آهن. هن ئي پل تي
يارنهن ماڻهو ماري چڪو آهيان..۽ اڄ
مونکي ٻارهون قتل ڪرڻو آهي."
دليپ کي سندس رکي انداز تي
تعجب ٿيو. چيائين، "مان نہ ٿو ڄاڻان تہ
تنهنجي مون سان ڪهڙي دشمني آهي.
تون تہ منهنجو محسن آهين!"
"تون ڳرنام سان محبت ڪرين

ٿو. جيڪا رڳو منهنجي آهي. مونکي اهو
بہ پتو پيو آهي تہ تو شنگهارا سنگهہ کي
هن ٺي پل تي سخت زخمي ڪري وڌو هو.
اڄ تنهنجو منهنجو فيصلو ٿيندو."
اهو چئي همراه ڪهاڙي مٿي
ڪئي ۽ ڏانهس وڌيو.
"...۽ مان چاهيان ٿو تہ تون
مڙس ماڻهو ٿي منهنجو مقابلو ڪرين."
دليپ ٿورو ٻڏتر ۾ هو. هن
چيو، "مونکي پنهنجي محسن سان وڙهڻ
چڱو نہ ٿو لڳي."
اجنبيءَ ڪڙڪيدار انداز چيو،
"تون بزدل آهين. اهو ماڻ جيان گلي ۾
ريشمي رومال وجهي گهمڻ ٻي ڳالهہ آهي
۽ ڪنهن سان دوستيءَ ۾ ٻل آزمائڻ ٻي
ڳالهہ آهي. جيڪڏهن تون واقعي پنهنجي
پيءُ جو پٽ آهين تہ تون منهنجي سامهون
اڄ." اهو چئي هن، سندس منهن تي ٿڪي
ڇڏيو.
دليپ کي غيرت آئي. هو
شينهن جيان وڦري ويو. اهو ڏنبو، جيڪو
هو گڏهہ هڪلڻ لاءِ هٿ ۾ کڻي پئي هليو،
سندس منهن تي وهائي ڪڍيائين پر
اجنبيءَ وار روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.
دليپ ٻيو ڌڪ ان جي ڪن تي هنيو تہ ڏنبو
ٻڇي پيو. اجنبيءَ جي نرڙ ۽ ڪن مان رت
وهڻ لڳو هو. دليپ جوش ۾ هو. هن پوري
سگهہ سان هڪ مڪ هن جي منهن تي
هڻي ڪڍي. جنهن سان هن جي ڄاڙي ٻڇي
پئي ۽ منهن ٽيڏو ٿي ويس، پر اجنبي
نهايت سڪون سان بيٺو رهيو.
ان مهل سندس نرڙ تان رت
وهي سندس ڏاڙهيءَ کي آلو ڪري رهيو
هو. هڪ ڪن جو مٿيون حصو ٽٽي،
لٽڪي رهيو هوس ۽ ان مان رت جو
ڦوهارو وهي رهيو هوس. وات ٽيڏو ٿيڻ
ڪري سندس شڪل ويتر ڀوائتي لڳي رهي
هئي. پر هو حيرت انگيز طورتي مطمئن
هو.
پوءِ هن دليپ جي اکين ۾
اکيون وجهي پنهنجي ڳري ۽ گونجدار آواز
۾ چيو، "ان طرح نہ، دليپ! تون اڃا ٻار
آهين. پر جڳو ڪا بہ ٻاراڻي حرڪت ڪرڻ
نہ ٿو چاهي."
ائين چئي هن هڪ مڪ پنهنجي
ٺي منهن تي هڻي، جنهن سان سندس
ٽيڏي ٿيل ڄاڙي وري ساڄيءَ جاءِ تي اچي
وئي. دليپ، جڳوءَ جو نالو ٻڌي ڪجهہ
ڏڇي ويو.
همراه، پنهنجي ڪهاڙي جهلي
چيو، "تو وٽ ڪهاڙي آهي؟"
"نہ"
"تلوار اٿئي؟"
"نہ"
"پر لٺ تہ اٿئي، جيڪا تنهنجي
گڏهہ جي پٺ تي ٻوريءَ ۾ لڳي پئي آهي."
دليپ تعجب کان چپ بيٺو
رهيو.

جي گهاٽن جهڳٽن ۾ الجهي ويا.
جڳوءَ ڏاڍي سڪون سان پنهنجي رت هاڻي پيشاني صاف ڪئي، هٿ منهن ڌوتو. پنڪو ڦاڙي ڪن تي پٽي ٻڌي. هن دليپ جي ڇاتيءَ تي هٿ رکي دل جي حرڪت ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. پوءِ کهاڙي ڪنئي ۽ دليپ کي پٺيءَ تي کڻي ٻنين ڏانهن هلڻ لڳو.

****

ان واقعي جي پنجويهين ڏينهن!
ڳوٺن ۾ شام ٿيندي ئي سناٽو ٿي ويندو آهي. خاص طور تي سياري ۾ ته ماڻهو هڪدم پنهنجن گهرن ۾ گهڙي ويندا آهن. گرنام جي گهر جا ڀاتي پنهنجن پنهنجن ڪمن ڪارين مان واندا ٿي وڏي ڪمري ۾ ويٺا هئا. عورتون چرخو ڪتي رهيون هيون، پوڙها ڀڪا ڳالهين ۾ مشغول هئا ۽ ٻار شرارتون ڪري رهيا هئا.
ايتري ۾ جڳو اندر داخل ٿيو.
شايد ڏيڍ سال ڪانپوءِ اڄ وري سندس مضبوط هٿن ۾ چمڪندڙ ڳن واري کهاڙي نظر اچي رهي هئي. سيني ڪيس ڏسي خوشيءَ جو اظهار ڪيو.
گرنام حيرت مان ڏانهس ڏسڻ لڳي. ڏاڏيءَ هن کي ويهڻ لاءِ چيو پر هن چيو ته سندس ڏاچي ٻاهر بيٺي آهي ۽ هن کي جلد ئي واپس وڃڻو آهي.
ڪجهه لمحن جي ماٺار ڪانپوءِ هن نهايت مختصر ۽ چٽن لفظن ۾ چوڻ شروع ڪيو. "مان توهان کي رڳو اهو ٻڌائڻ آيو آهيان ته توهان گرنام جي شادي جنهن ماڻهوءَ سان ڪرڻ چاهيو ٿا، اها هرگز هرگز نه ٿي سگهندي. بلڪ ان جي شادي ان ماڻهوءَ سان ٿيندي، جنهن سان مان چاهيندس."
سيئي حيران هئا، ڇو ته انهن کي پتو هو ته گرنام جو ٿيڻ وارو مڙس هو پاڻ ئي هو. پر جيئن ته ڪين اهو راز لڪائڻ جي سخت تاڪيد ڪيل هئي، انڪري اهي خاموش رهيا.
"... ۽ اهو ماڻهو هي آهي."
اهو چئي هن دروازي ڏانهن ڏٺو ۽ دليپ اندر داخل ٿيو.
هر ڪو حيرت کان ماٺ ۾ هو.
گرنام نه ڄاڻ ڪهڙي دنيا ۾ پهچي وئي. هن کي شرمائڻ گهربو هو، پر هوءَ اتي سندس ويجهو اچي بيٺي.
جڳوءَ، دليپ جي ڪن ۾ چيو.
"جيڪڏهن گرنام کي مون سان محبت هجي ها ته تون اڄ جيئرو نظر نه اچين ها. دليپ! تون مرد آهين. مون توکي چڱيءَ طرح آزمائي ڏٺو آهي. مان چاهيان ها ته توکي قتل ڪري سگهيس پئي، پر مردن سان مونکي محبت آهي. هاڻي جڏهن تنهنجي گرنام تنهنجي حوالي ڪري رهيو آهيان ته اميد اٿم ته تون منهنجو راز ڪنهن تي به ظاهر نه ڪندين..."
دليپ ٿورائتو ٿيندي پنهنجي

ڪڏهن ڪڏهن ڪرامتن جو اهڙو ٻہ انجام ٿيندو آهي

# ڪرامتن جو صاحب

**هڪ پادري جنهن کي ڪجھ ماڻهو پنهنجي مذهبي فرضن کي پورو ڪرڻ لاءِ وٺي ويا هئا. اصل حقيقت ڇا هئي، سو هن مزيدار مصري ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.**

**توفيق الحڪم / گلزار ولياڻي**

مصر جو هاڪارو ڊرامہ نگار، افسانا نگار ۽ ناول نگار، توفيق الحڪم 18 آڪٽوبر 1903ع تي اسڪندريہ ۾ پيدا ٿيو. سن 1925ع ۾ هن قانون جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ اسڪندريہ جي هڪ عدالت ۾ ملازمت ڪيائين. گڏوگڏ سندس قلم بہ هلندو رهيو، جنهن ڪيترائي شاهڪار فن پارا تخليق ڪيا. سندس عربي لکڻ معيار جي لحاظ کان بہ ۽ تمام گهڻو لکيو ۽ دل



ڪوني نه ڪيو. جنهن ڪري عربي ادب، خاص طور تي عربي ڊرامن تي هن جا تمام گهرا اثر پيا. هن 26 جولاءِ 1967ع تي لاڏاڻو ڪيو. (مترجم)

اڄ به پادري معمول مطابق صبح جو سوير بيدار ٿيو. اڪ ڪلنديءَ هن پنهنجو بسترو ڇڏي ڏنو ۽ عبادت ۽ رياضت ڪانپوءِ پنهنجي روزمره جي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويو. هو پنهنجي پرهيزگاري ۽ صالح ڪردار سبب سموري علائقي ۾ عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو.

پادريءَ جي گهر جي سامهون هڪ ڪجيءَ جو وڻ هو. جنهن کي هن پاڻ پنهنجن هٿن سان لڳايو هو. سندس معمول هو ته هو روزانو سج ابرڻ کان اڳ ان کي پاڻي ڏيندو هو ۽ پوءِ اتي ئي ويهي سج جي سنهري ٿالهيءَ کي ايرندي مان ايرندو ڏسندو هو. جنهن جا سنهري ڪرڻا ماڪ جي ڦڙن کي هيرن وارو آب ۽ تاب بخشي ڇڏيندا هئا.

انهيءَ ڏهاڙي به پادري، ڪجيءَ جي وڻ ۾ پاڻي ڏيڻ ڪانپوءِ واپس موٽيو ته ڏٺائين ته پريشان حال ماڻهن جو هڪ ٽولو دروازي جي ٻاهران سندس انتظار ۾ بيٺل آهي. پادريءَ کي پاڻ ڏي ايندو ڏسي انهن مان هڪ جٺو همت ڪري اڳتي وڌيو ۽ تمام ادب سان چوڻ لڳو، "بابا! مونکي بچائي وٺو....اوهان ڪانسواءِ هاڻ ڪير به

منهنجي مدد نه ٿو ڪري سگهي. منهنجي زال موت جي بستري تي آهي ۽ ان کان اڳ جو هوءَ حياتيءَ جو آخري ساهه کڻي، اوهانجي دعائن جي گهرجائو آهي."

"مريض ڪٿي آهي؟" پادريءَ پڇيو.

"پنهنجي ڳوٺ ۾...پر ڳوٺ هتان ڪان ڪو پري ڪونهي. سواريون به تيار آهن." هن هڪ طرف بيٺل ٻن گڏهن ڏي اشارو ڪنديءَ چيو.

"آئون هلڻ لاءِ تيار آهيان، منهنجا ٻچا!" پادريءَ چيو، "پر مونکي ڪجهه مهلت ڏيو ته سڄي ڏهاڙي جا ڪم ڪار مقرر ڪري وڃان...۽ پنهنجي وڃڻ جو اطلاع پنهنجي ديني ڀائرن ۽ گهر وارن کي ڏئي اچان."

"ايترو وقت ڪٿي آهي بابا؟" سيني ماڻهن هڪ زبان ٿي چيو، "مائيءَ جو دم نڪرڻ وارو ٿي آهي...ٿي سگهي ٿو ته جڏهن اسين اتي پهچون ته هوءَ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪي هجي...جيڪڏهن اوهين سڄ پڇ ڪو فيض پهچائڻ گهرو ٿا ۽ هن غريب عورت تي رحم ڪرڻ چاهيو ٿا ته اوهين هڪدم اسان سان گڏجي هلو. اسانجو ڳوٺ ڪو گهڻو پري ناهي. جيڪڏهن اسين هن ئي وقت روانا ٿي وڃون ته ٻنپهرن کان اڳ ئي واپس به اچي سگهون ٿا."

"چڱو! جيڪڏهن اها صورتحال آهي ته اسانکي هڪدم روانو ٿي وڃڻ گهرجي!" پادريءَ خوشيءَ سان ساڻن متفق ٿيندي

چيو.

جڏهن پادري، گڏهه طرف وڌيو ته اتي موجود سيني فردن کيس پنهنجي حلقي ۾ وٺي ڇڏيو. ماڻهن پادريءَ کي هڪ گڏهه تي سوار ڪرايو ۽ مريض جي ور کي ٻئي گڏهه تي سوار ڪرايو. اهڙيءَ طرح اهو قافلو پنهنجي سفر تي روانو ٿيو.

ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين اهو قافلو هلندو رهيو. پادري گهڙي گهڙي ماڻهن کان پڇندو رهيو ته منزل ڪيتري ڏور رهجي وئي آهي ۽ کيس هر ڀيري هڪ ئي جواب ملندو رهيو، "بس! ائين سمجهو ته منزل تي پهچڻ وارا ئي آهيون."

سج لهڻ لڳو ته وڃي ڪنهن ڳوٺ جا آثار نظر آيا. قافلو پونڪنڊڙ ڪتن ۽ استقبال لاءِ آيل ڳوٺاڻن جي نعرن جي وچان گذرندو ڳوٺ ۾ داخل ٿيو.

ڳوٺ وارا، پادريءَ کي سڌو مريض وٽ وٺي ويا، جيڪا بستري تي ليٽيل هئي. سندس اکيون ڇت سان لڳل هيون. پادريءَ کيس پڪاريو پر ڪوبه جواب ڪونه مليو. ائين ٿي لڳو، ڄڻ هوءَ گهڙي پل جي مهمان هجي. اهو عالم ڏسي پادري ڇپن ئي ڇپن ۾ ڪن دعائن جو ورد ڪرڻ لڳو. اڃا پادريءَ جون دعائون ختم به نه ٿيون هيون جو مريض هڪ دلسوز آهه ڀريندي زاروزار روئڻ لڳي. پادريءَ کي خيال آيو ته هاڻ شايد هن جو دم نڪرڻ ئي وارو آهي. پر ٿيو ان جي ابتڙ....عورت جلدي جلدي اکيون ڇنڀڻ لڳي ۽ ڪمري ۾ موجود ماڻهن ڏي ڏسندي جهيڻي آواز ۾ چيائين، "آئون ڪٿي آهيان؟"

"تون پنهنجي گهر ۾ آهين!" پادريءَ اچرج ۾ وراڻيو.

"مونکي پاڻي پياريو." عورت چيو.

"اڙي جلدي پاڻي آڻيو." سندس مائٽن مان ڪنهن رڙ ڪئي.

هڪ شخص تيزيءَ سان ڪمري کان ٻاهر ويو ۽ اکڇنڀ ۾ پاڻيءَ سان ڀريل هڪ جڳ کڻي آيو. عورت پيٽ ڀري پاڻي پيتو ۽ اطمينان جو ساهه کنيائين. هن ٻيهر پنهنجن مائٽن طرف ڏٺو ۽ چيائين، "مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي. مون لاءِ ڪي کاڌي جون شيون کڻي اچو."

گهر ۾ موجود هر شخص سندس لاءِ ڪا نه ڪا شيءِ کڻي اچڻ لڳو. هوءَ هر شيءِ تي هٿ صاف ڪرڻ لڳي ۽ چوڌاري بيٺل سندس مائٽ اچرج مان کيس ڏسڻ لڳا. ان کانپوءِ هوءَ بسترو ڇڏي اٿي کڙي ٿي ۽ گهر ۾ اهڙيءَ طرح هلڻ چلڻ لڳي، ڄڻ ڪڏهن بيمار ئي نه ٿي هجي! اهو حال ڏسي عورت جا مائٽ، پادريءَ جي پيرن ۾ ڪري پيا ۽ سندس هٿن ۽ پيرن کي چمڻ لڳا. هڪ بزرگ چوڻ لڳو، "اي خدا جا برگزيده بندا! اوهانجي دعائن سان هن گهر تي خدا جون رحمتون نازل ٿيون آهن ۽ موت جي چنبي مان مريض جي جان بچي وئي. اسين اوهانجي ڪهڙي خدمت ڪريون...اوهانجا اسان تي املهه احسان آهن. دل گهري ٿي ته اسين انهن احسانن

جي عيوض اوهانجي ڪا خدمت ڪريون!"

"اوهين ته بنا سبب جي پريشان آهيو. مون ڪيو ئي ڇا آهي؟" پادري، جيڪو پاڻ به گهڻو حيران هو، انڪساريءَ سان چيائين، "هڙيئي پلايون ته خدا جي هٿن ۾ آهن ۽ هن ئي پنهنجو ڪرم فرمايو آهي."

"اوهين انهيءَ ڪي ڪهڙو به نالو ڏيڻ چاهيو. ڏيئي سگهو ٿا." گهر جي هڪ بزرگ چيو، "اهو واقعو ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪونهي." خدا کي اهو ئي منظور هو ته اهو واقعو اوهانجي هٿان نروار ٿئي. اوهين خدا جا برگزيده ٻانها آهيو. اوهان هن غريب خاني کي عزت ۽ شرف بخشيو آهي ۽ اسانجي لاءِ خوشبختيءَ جا باب کولي ڇڏيا آهن. هاڻ اسانکي ان ڳالهه جي اجازت ڏيو ته جيترو ٿي سگهي، اسين توهانجي مهمان نوازي ڪري سگهون."

ان ڪانپوءِ پادريءَ جي ترسڻ لاءِ هڪ جدا ڪمري جو انتظام ڪيو ويو. جڏهن به پادريءَ واپس وڃڻ جو ارادو ڪيو، ميزبانن سيني پلارين شين جو واسطو ڏئي چيو ته گهٽ ۾ گهٽ هو ٽي ڏهاڙا ضرور قيام ڪري. انهيءَ سموري عرصي ۾ پادريءَ جي سار سنڀال ۽ خاطر مدارت ۾ ڪابه ڪمي اچڻ نه ڏني وئي. جڏهن مهمان نوازيءَ جي مدت ختم ٿي ته ميزبانن هڪ گڏهه تي آتر چاڙهيا ۽ مٿس پادريءَ کي سوار ڪرائي، بيضا، ڪڪڙ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي گهريلو شيون سندس خدمت ۾ پيش ڪيون. ان ڪانسواءِ هڪ وڏي ماليت جو نوٽ چرچ جي چندي طور سندس هٿ ۾ ڏنو ويو ۽ پوءِ ڪيس رخصت ڪرڻ لاءِ پادريءَ سان گڏ هلڻ لڳا.

اڃا اهي گهر کان ڪجهه قدم ئي اڳتي ويا هوندا جو هڪ ماڻهو ڊوڙندو آيو ۽ پادريءَ جي قدمن تي ڪري پيو. سندس ساهه ڌنوڻ وانگيان هيٺ مٿي ٿي رهيو هو ۽ چهري تي ڊپ جا آثار هئا.

"مقدس پيءُ!" هن پنهنجو پاڻ سنڀاليندي چيو، "اوهانجي ڪرامتن جُي ڌوم سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي چڪي آهي. منهنجو هڪ چاچو آهي، جنهن مونکي پنهنجي اولاد وانگيان پاليو آهي. هو ڪجهه عرصي کان بيمار هو، پر هاڻ اوچتو سندس بيماريءَ اهو رخ اختيار ڪري ورتو آهي جو سندس بچڻ مشڪل آهي. هو اوهانجي دعائن جو محتاج آهي. مهرباني ڪري، ان کان اڳ جو هو، هن دنيا مان موڪلائي وڃي، اوهين ڪيس پنهنجي ديدار سان سرفراز فرمائي وڃو."

"پر پٽ! آئون ته هاڻ موڪلائي رهيو آهيان!" پادريءَ ٻڏتر واري حالت ۾ چيو.

"منهنجي چاچي جي خواهش جي پورائيءَ ۾ اوهانجو وڌيڪ وقت ڪين ويندو. جيستائين اوهان منهنجي چاچي سان نه ملندا، آئون توهانکي وڃڻ نه ڏيندس!" هن شخص گڏهه جو لغام هٿ ۾ پڪڙي ورتو ۽ پنهنجي گهر طرف هلڻ لڳو.

"تنهنجو چاچو رهي ڪٿي ٿو؟" پادريءَ پڇيو.
"ڪجهه منٽن جي مفاصلي تي. هن جو گهر ڪو وڏيڪ پري ڪونهي!"
انهيءَ شخص جي خواهش جو احترام ڪرڻ کانسواءِ پادريءَ وٽ بيو ڪو چارو نه هو. جڏهن هو هن شخص جي گهر پهتو ته ڏٺائين ته هڪ شخص بستري تي ليٽيل آهي ۽ گهر جا هڙئي ڀاتي فڪرمنديءَ سان سندس چوڌرد ڪٺا آهن. پادري جيئن ئي بيمار جي کٽ وٽ پهتو ۽ هن دعا لاءِ هٿ مٿي ڪنيا ته ڪرامت پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪري ڏنو. بيمار هڪدم ٽپ ڏئي اٿي ويٺو ۽ ڪاڏي پيتي جون شيون گهرڻ لڳو. گهر وارا، جيڪي اهو لقاءُ ڏسي حيران ٿي ويا هئا، ڪيس قسمين قسمين ڪاڌا پيش ڪيا ۽ قسم کائي اهو چوڻ لڳا ته مٿن خدا جي هن برگزيده هستيءَ جي خدمت ۽ مهمانداريءَ جو فرض لازم ٿي ويو آهي ۽ هاڻ هو ٽن ڏهاڙن جي مهمانداريءَ کانسواءِ پادريءَ کي هرگز وڃڻ نه ڏيندا.
مهمانداريءَ جو اهو وقفو به پادريءَ کي هتي گذارڻو پيو. ان دوران گهر وارن، پادريءَ جي خاطر تواضع سموري ڏيان ۽ ذوق ۽ شوق سان ڪئي. ان کانپوءِ جڏهن هو پادريءَ کي ڳوٺ کان ٻاهر تائين رخصت ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا جو هڪ ٽيون شخص ڊوڙندو آيو ۽ کيس هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته هو ڪجهه گهڙين لاءِ ئي سهي، سندس غريب خاني تائين هلڻ جي زحمت ڪري ۽ پنهنجين دعائن سان سرفراز فرماءِ.
پادريءَ لا انهيءَ شخص کان به جونڪارو پائڻ ناممڪن هو، ڇو جو هن گڏهه جو لغام پنهنجي هٿ ۾ وٺي ڇڏيو هو ۽ ان کي ڇڪيندو پنهنجي گهر ڏي هلڻ لڳو هو. ٽئين شخص جي گهر پهچي، هن ڏٺو ته هڪ شخص، جيڪو هڪ ٽنگ کان معذور آهي، پلنگ تي سور وگهي ڪنجهي رهيو آهي. اڃا هن مريض کي هٿ ئي مس لڳايو هو جو مريض اڇل ڏئي زمين تي بيهي رهيو ۽ گهر جي اڱڻ ۾ خوشيءَ سان نينگ ٽپا ڏيڻ لڳو.
اهو ڏسي گهر جا وڏڙا، پادريءَ جي چوڌرد ڪٺا ٿي ويا ۽ سندس هٿن کي چمڻ لڳا. هنن متبرڪ هستين جو واسطو وجهي پاڏريءَ کي پاڻ وٽ ترسڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. جيئن اهي مهمان نوازيءَ جا فرض ادا ڪري سگهن. جڏهن مهمان نوازيءَ جو اهو عرصو به لنگهي ويو ته ڳوٺ وارا سندس حضور ۾ حاضر ٿيا ۽ ايتريون ته سوڪڙيون پاڪڙيون پيش ڪيائون جو ان جو بار کڻڻ به گڏهه لاءِ محال ٿي پيو. ڳوٺ وارن، چرچ جي فنڊ ۾ به دل کولي عطيا ڏيا ۽ اهڙيءَ طرح رقم به چڱي خاصي ڪٺي ٿي وئي. پادريءَ اها رقم حفاظت سان پنهنجي ٻٽوڻ ۾ رکي ۽ پهريل پوشاڪ جي اندرين تهن ۾ لڪائي ڇڏيائين. پادري، گڏهه تي سوار ٿيو ته

ڳوٺ وارن کي چوڻ لڳو تہ هو ڪيس سنڌس ڳوٺ تائين ڇڏي اچن. چو جو رستو خطرناڪ آهي ۽ سنڌس ڏنل بہ ڪونهي.

"اسانجون جانيون اوهان تي قربان ٿي ويندون ۽ اسين اوهان لاءِ سر تي ڪفن ٻڌي هلنداسين!" ڳوٺ وارن چيو. "اسين ان وقت تائين اوهانجو ساٿ ڪين ڇڏينداسين، جيستائين اوهين پنهنجي گهر تائين حفاظت سان پهچي نہ ويندا. اوهين، اسان لاءِ هيري وانگيان املهہ آهيو!"

"آئون اوهان لاءِ زحمت جو سبب بڻجي رهيو آهيان." پادريءَ چيو. "پر اوهانجي علم ۾ هوندو تہ هاڻ ڪوبہ رستو محفوظ ناهي رهيو. ڌاڙيلن جي ٽولن هر طرف ڦرلٽ جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي!"

ماڻهو مرڪڻ لڳا ۽ هنن پادريءَ کي چيو، "اوهين ڊڄو نہ...اوهين پنهنجي سواريءَ تان هاڻ ان وقت لهندا، جڏهن اوهين خير ۽ عافيت سان پنهنجي ڳوٺ پهچي ويندا." ۽ پوءِ ماڻهو سنڌس پويان پويان هلڻ لڳا ۽ سنڌس ڪرامتن جا قصيدا پڙهندا رهيا. پادري سنڌن ڳالهيون ٻڌندو رهيو ۽ انهن واقعن بابت سوچيندو رهيو، جيڪي ڳوٺ ۾ رونما ٿيا هئا. آخرڪار اچرج وچان دل جي ڳالهہ زبان تي اچي ئي ويس. "اها حقيقت آهي تہ گذريل ڪن ڏهاڙن ۾ جيڪي بہ واقعا ٿيا آهن، اهي اچرج جوڳا آهن. ڇا اهو ممڪن آهي تہ اهي منهنجين دعائن جي اثر سان ٿيا هوندا؟" هن سيني ماڻهن کان پڇيو.

"ڇا اوهانکي ان منجهہ ڪو شڪ آهي!" هڪ بزرگ شخص وراڻيو.

"آئون ڪو پير پيغمبر ناهيان جو منهنجي هٿان اهڙا معجزا ظاهر ٿين. بلڪ آئون تہ سمجهان ٿو تہ اها اوهانجي محبت آهي جو اوهان اهي ڪرامتون مون ڏي منسوب ڪري وڌيو آهن! ۽ ها! انهن ڪرامتن جو سرچشمو اوهين ئي آهيو."

"اوهان کي اها ڳالهہ ڪنهن ٻڌائي؟" هن چور نظرن سان هڪ ٻئي کي ڏسندي چيو.

"اهو اوهانجو عقيدو ئي آهي!" پادريءَ پوري اعتماد سان چيو. "اوهانجي عقيدي جي ڪري اوهانکي سڀ ڪجهہ مليو آهي. اوهانکي شايد انهيءَ قوت جي ڄاڻ ڪانهي، جيڪا هڪ عقيدي جي صاحب جي روح ۾ لڪل هوندي آهي."

پادري گفتگو ڪندو رهيو ۽ سنڌس پويان هلڻ وارو انبوهہ تمام احترام سان هائوڪار ۾ پنهنجا متا ڌوڻيندو رهيو. پادري پنهنجي گفتگو ۽ خيالن جي وهڪ ۾ تمام پري نڪري ويو ۽ کيس اهو احساس بہ نہ رهيو تہ ساڻس گڏ هلڻ وارو انبوهہ هوريان هوريان گهٽجندو پيو وڃي. آخر هن گڏهہ جو لغام ڇڪيو. هن چاهيو پئي تہ ساڻس گڏ اچڻ وارن جو ٿورو مڃي پر هو اهو ڏسي حيران رهجي ويو تہ انهيءَ هنڌ هو اڪيلو ئي بيٺل آهي.

اوچتو هن ڏٺو تہ سنڌس عزيز،

مائٽ، ساٿي پادري ۽ ٻيا ماڻهو ڏانهس ڊوڙندا پيا اچن. اهي سنڌس ويجهو آيا ۽ کيس ڀَلي سان لڳائڻ لڳا. هڪ شخص پادريءَ کي ڀَلي لڳائيندي چيو، "آخر اوهين خير عافيت سان واپس اچي ويا. هنن پنهنجو واعدو پورو ڪيو. هاڻ اسانکي انهن پئسن جي به ڪا پرواهه ڪانهي، ڇو جو هاڻ اوهين واپس اچي ويا آهيو! اسان لاءِ ته مقدس پيءُ! اوهين دنيا جي سموري دولت کان به عزيز آهيو."

پادريءَ پڇيو، "تون ڪهڙي دولت جي ڳالهه پيو ڪرين؟"

"اها رقم، جيڪا اسان انهيءَ ٽولي کي ادا ڪئي آهي!"

"ڪهڙي ٽولي کي ادا ڪئي اٿو؟"

"ان ٽولي کي، جنهن اوهانکي اغوا ڪيو هو. اهي ڪنهن به صورت ۾ ويهه هزار پائونڊن کان گهٽ وٺڻ لاءِ تيار نه هئا. چوندا هئا ته اوهانجي عيوض اوهانجي وزن جي برابر سون توري ملڻ گهرجي. اسان وڏين منٿن ڪانپوءِ اڌواڌ رقم تي کين تيار ڪيو ۽ ان لاءِ اسان چرچ واري فنڊ مان ڏهه هزار پائونڊ ڪڍي کين ادا ڪري ڇڏيا آهن."

"ڏهه هزار پائونڊ!" پادريءَ رڙ ڪندي چيو، "۽ توهان اها رقم منهنجي بدلي ۾ کين ادا به ڪري ڇڏي آهي؟ هنن اوهانکي چيو ته هنن مونکي اغوا ڪري ورتو آهي؟"

"جي ها مقدس پيءُ! اوهانجي غائب ٿيڻ جي ٽئين ڏهاڙي ڪي ماڻهو هتي آيا هئا ۽ هنن ٻڌايو ته هڪ ٽولي اوهانکي ان وقت اغوا ڪري ورتو آهي، جڏهن اوهين پنهنجي گهر جي آڏو ڪجهيءَ جي وڻ کي پاڻي ڏيئي رهيا هئا. هنن قسم کائي ٻڌايو ته جيڪڏهن پُنگَ جي رقم پري نه ڏني وئي ته اوهانجو مستقبل اونداهو ٿي ويندو!"

پادري سوچ ۾ پئجي ويو ۽ گذريل ڪن ڏهاڙن جا واقعا پنهنجن ذهن ۾ تازا ڪرڻ لڳو. "پڪ ٿي پڪ!" پادريءَ چيو. "هاڻ اهي هڙئي واقعا به سمجهه ۾ اچن پيا. اهو مئل ماڻهو، اهو مريض، اهو معذور، اهي سيئي، جيڪي منهنجين دعائن سان اٿي کڙا ٿيا هئا. واهه واهه. ڇا مهارت آهي؟"

پادريءَ جي مائٽن ۽ عزيزن ۽ ٻين کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو. پوءِ هو ٻيهر ساڻس ڀَلي ملڻ لڳا. هڪ ماڻهوءَ چيو، "ڪنهن به شيءِ جي ان وقت تائين ڪابه اهميت ڪانهي مقدس پيءُ! جيستائين اوهين محفوظ آهيو! اسانکي اميد آهي ته هنن اوهان سان ڪو خراب سلوڪ ڪين ڪيو هوندو. اسيريءَ جي انهن ڏهاڙن ۾ اهي اوهان کان ڪهڙو ڪم وٺي رهيا هئا؟"

"ڪم!؟" پادريءَ ڊپ ۽ بدحواسيءَ جي حالت ۾ پنهنجي ساٿين ڏي ڏنو ۽ پوءِ چيائين، "اهي مونکان معجزا ڪرائيندا رهيا. اهڙا معجزا جيڪي چرچ کي مهانگا پيا... تمام گهڻا مهانگا!"

ناظم حڪمت ترڪيءَ جي جمهوريت جي دور جو بين الاقوامي شهرت جو مالڪ ناظم حڪمت 1902ع ۾ ميلونيڪا ۾ پيدا ٿيو ۽ 1963ع ۾ جلاوطنيءَ جي حالت ۾ ماسڪو ۾ گذاري ويو ۽ ماسڪو ۾ ئي دفن ٿيو. جيتوڻيڪ هن جي شهرت، ان جي بيمثال شاعريءَ جي احسانمند آهي، پر هو ڪهاڻين جي ٻنهي گڻن جو بہ ليکڪ آهي. ماسڪو يونيورسٽيءَ ۾ معاشيت ۽ سوشيالاجيءَ جي تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ 1928ع ۾ وطن واپس موٽيو. گهڻائي سال مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪم ڪندو رهيو. 1938ع ۾ فوجي بغاوت ۾ ملوث ٿيڻ جي الزام ۾ گرفتار ٿيو ۽ اٺاويهہ سال سزا ٻوڌيائين. پر پوءِ 1950ع ۾ عام معافيءَ جي قانون مطابق آزاد ٿي ويو. ترڪيءَ کان پوءِ باقي زندگي صوفيا، وارسا ۽ ماسڪو ۾ گذاريائين. ناظم حڪمت جا ڪجهہ نظم مرحوم فيض احمد فيض انگريزيءَ مان اردوءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن.

**هڪ شادي جي ڪهاڻي جنهن ۾ زال ۽ مڙس الڳ الڳ سوچ جا مالڪ هئا**

# هڪ ڪهاڻي، منهنجي زباني

**ناظم حڪمت/امر اياز**

توهان انسان بہ ڪي وڏا اڻجاڻ آهيو. جن ماڻهن کي توهان عقل ڪل سمجهو ٿا، اهي اڪثر وڏا بيوقوف هوندا آهن. ان حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ اچو تہ توهانکي هڪ حيرت وجهندڙ پر حقيقت ۾ وڏي وڪ واري ڪهاڻي ٻڌايان.

گهڻن ئي ماڻهن جي ليکي اهو شخص هڪ وڏو عالم، موجد ۽ سائنسدان هو. هي غيرمعمولي ذهنيت جو مالڪ عجيب و غريب ڪپڙا پائيندو هو. هن جا ڏکيا ڏکيا تيل سان ٿقيل وار اوور ڪوٽ جي ڪالر تي ڪريا پيا هوندا هئس. پاجامي جا گوڏا نڪتل ۽ پاچا هن جي وڏن پادرن مٿان پيا هوندا هئس. وقت جي ڪري ڪراڙو ٿي وڃڻ جي باوجود اجا رڳو چاليهن جي ڏهاڪي ۾ ڏسڻ ايندو هو. گهري نظرن وارين ٻن اکين ڪانسواءِ هن جي جسم جو هر عضوو وساميل ۽ بي رونق ڏسڻ ۾ ايندو هو. غير شادي شده هو، چو تہ هن کي عورتن کان سخت نفرت هئي. ايريل شيشن ۽ جاميٽريءَ جي اوزارن ڪانسواءِ هن کي ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان عشق ڪونہ هو. هن جو واحد شوق انهن شين سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ مغز کپائڻ ۽ ڪا پاڇي ڪڍڻ کانپوءِ آسانيءَ سان پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ تي ڇڏي ڏيڻ هو. هو پنهنجن عزيزن ۽ مائٽن سان ورلي ملندو هو. جن ماڻهن وٽ نسبتن گهڻو ويندو هو، يعني مهيني ۾ هڪ يا بہ ڀيرا، اها، ان جي ڀڻي هئي، جيڪا ششليءَ ۾ رهندي هئي ۽ جنهن جي هڪ ارڙنهن سالن جي ڌيءَ بہ هئي. جا ڪا ماڊرن تعليم جي زينت سان سينگاريل، ڪجهہ گهٽي ئي



پڙهيل لکيل هئي. شل توهان سمجهي سگهو تہ هيءَ ننڍي ڇوڪري ڪيتري قدر عقلمند هئي! هن جي مٿي ۾ هڪ ئي ڌن واسو ڪيو ويٺي هوندي هئي تہ ڪو اهڙو نرالو ڪم ڪجي، جنهن سان ماڻهن تي، بقول هن جي "پنهنجي اوريجنل" هجڻ جي ڌاڪ ويهاري سگهجي. هوءَ عجيب و غريب قسم جا ڪپڙا پائيندي هئي. مطلب تہ هن جو علم هن شيءِ تي حاوي هو. هن جي اها دعويٰ هئي. "ڇو تہ ملڪ ۾ اڃا تائين ڪا عورت عوامي نمائندي جي حوالي سان سامهون نہ آئي هئي. انهيءَ لاءِ ترڪي هڪ وڏو پوئتي ڌڪيل، بلڪ وحشي ملڪ آهي. پر هاڻي ڪوڙ ڇا ڳالهايان. ان جي عيبن ۽ دليريءَ جي باوجود ڇوڪري سهڻي هئي. بلڪ ڪجهہ ضرورت کان گهڻي ئي سهڻي هئي. هن جي گلابي مک تي سپ جي موتين جيان چمڪندڙ وڏيون اکيون، ۽ هن جي بي داغ اڇي ڳچي، جنهن ۾ نہ ڪو اپار هو ۽ نہ ڪنهن هڏي جو پاڇو! نيم گولائيءَ جي شڪل ۾ هن جي ڪلهن ۽ ڇاتين ڏانهن وڌندي ويندي هيس.

ششليءَ جا نوجوان ڇوڪرا هن جي اردگرد واٽونءَ جيان ڦرندا رهندا هئا. جيتوڻيڪ هوءَ انهن ڇوڪرن سان ان طرح جي دوستي ڪندي هئي، جيڪا ناولن ۾ ڪردار جي طور تي اينڊڙ آمريڪي ميسن دوستي ڪندي آهي. پر ڇوڪرا هئا، جيڪي هن سان سچ پچ جي محبت تصور ڪرڻ لڳندا هئا. هو حقيقي خيالي عشق کي ڦيري گهيري ان ۾ وڏيون وڏيون اميدون ٻڌي ڇڏيندا هئا. پر هيءَ هئي، جيڪا انهن مان ڪنهن اڳيان بہ ڳاهہ نہ وجهندي هئي. هن جي تخيل جو محبوب هڪ اهڙو ڇوڪرو هو، جنهن جو ڪم ڪار جدا هجي ۽ جنهن جي ڪنهن ٻئي سان هڪجهڙائي نہ هجي.

ها تہ مان ڇئي رهيو هوس تہ هن صاحبِ علم ننڍي ڇوڪريءَ ۽ ان تي ناز ڪرڻ واري ان جي بدنصيب ماءُ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ماڻهو ويچاري سيني (ان وڏي سائنسدان جو نالو آهي) جي در تي نہ ايندو هو.

جيڪڏهن توهان پڇو تہ اهي ماءُ ڌيءَ هتي ڇو ايندڙيون ويندڙيون هيون تہ مان توهانکي پنهنجو پاڻ اها ننڍي ڇوڪري ڏيکاري ڇڏيان تہ ان کي ڏسي توهانکي يقين ٿي ويندو تہ هن جي ماءُ هن جي بيحد چوڻ کان پوءِ هن آدم بيزار ماڻهوءَ وٽ ايندي هئي. جيڪو انهيءَ جي خيال مطابق بيوقوف ۽ نادان هو. الڳ الڳ ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ مزين ( ان ڇوڪريءَ جو نالو) تمام خوش ٿيندي هئي. سيني جي پاڻ سان بي لاڳاپي بلڪ ڪن وقتن ۾ هن جي بيوقوفاڻي حد کي ڇهندڙ خود فراموشي ڏسي مزين کي اهو يقين ٿي ويندو هو تہ هي واقعي وڏي ذهانت وارو انسان آهي. سيني سان ايتريقدر قربت هن جي اندر وڏائيءَ جو احساس پيدا ڪري ڇڏيندي هئي. هن جي خواهش هوندي هئي تہ هو روزانو انهيءَ جيان هن جي ويجهو رهي.

هيءَ سڄي ڳالهہ ٻڌي توهان تہ هاڻي

**هڪ عجيب محبت جي ماجرا، جن هڪ نظر ۾ ايندڙ پيار جي پل جو بنياد وڌو**

ٻن غريب دلين جي محبت جو جذبو، جنهن جي آڏو دنيا ڪا به رڪاوٽ وجهي نه سگهي. ايتري قدي جو جڏهن پاڪستان ۽ هندوستان جو فوجون سندن سامهون آيون ته ڪين به سندن پيار آڏو جهڪڻو پيو. پيار ۽ محبت جي هڪ عجيب ڪهاڻي، جيڪا جادوگر ليکڪ ڪرشن چندر جي ظالم قلم منجهان نڪتي آهي.

# نيوٽرل زون

ڪرشن چندر / صفيه ملڪاڻي



جاڙو ۽ جاڙي، جابلو علائقي جي ڳوٺ چانجل ۾ رهندا هئا. چانجل ڳوٺ عليا آباد ڏانهن ويندي، رستي ۾ ايندو هو. اتي هڪ ڪوستاني سلسلو ختم ٿيو ٿي ته بيو ڪوهستاني سلسلو شروع ٿيو ٿي ۽ انهن بنهي سلسلي جي وچان هڪ سوڙهو ۽ ڊگهو جابلو نالو تمام گهڻي زور شور سان وهندڙ هو، پٿرن ۽ جبل جي چوٽين ڪان ٿيندو ڳوٺ جي ميدان ڏانهن هليو ويندو هو. اتي هڪ مضبوط وڏين ڪاٺين جي پل به ٺهيل هئي. چانجل ڳوٺ انهيءَ پل جي بنهي طرفن ڪان آباد آهي. جيڏانهن به انهيءَ نالي جو پاڻي ويندو آهي، اتي ئي سارين جي فصل جون بنيون به آباد آهن. ڳوٺ جا گهر، مردن جا هر، عورتن جي محبت ۽ پارن جا ٽهڪ چوطرف متل هئا. زمين، پاڻي ۽ محبت جو هڪ عجيب ئي ٽڪندو ٺهيل هو ۽ انهيءَ ٽڪندي ۾ ڪا به گهٽتائي نه هئي.

جاڙو ۽ جاڙي جي زندگي به انهيءَ معمول جي راهه تان گذري رهي هئي. جاڙي جو گهراڻو نالي جي هن پار هو. جتي هو هڪ ننڍڙي گهر ۾ پنهنجي پوڙهي ماءُ سان ۽ پيءُ سان گڏ رهندو هو ۽ جاڙي، پل جي هن پار ٻڪريون ۽ رڍون چارڻ لاءِ ايندي هئي. بنهي جي وچ ۾ رڳو اها ڪاٺين جي پل ئي هئي، جيڪا چانجل ڳوٺ جا ٻئي طرف پاڻ ۾ ملائيندي هئي.

عليا آباد ۽ روڙي ڏانهن اچڻ وڃڻ وارن مسافرن ۽ قافلي وارن جي اچ وڃ ڪي هيءَ پل ڏاڍي سولائي ڏيندي هئي. هر شام ڪيترائي قافلاهن پل وٽ ڊاپو ڪرڻ لاءِ اچي لڙندا هئا.

اٿي جي چڪيءَ واري ڪان جاڙو اٿو پيهرائي ويندو هو. جاڙي وري ڪير جي گهاگهر ڀري مٿي تي ڪٽي پل جي هن پار ويندي هئي ۽ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا جاڙي جي سامهون لنگهي ويندي هئي. جيڪو به هن جيان ئي اٿي جون ڳوٺيون قافلي وارن کي پهچائڻ لاءِ ويندو هو. بنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندي ڪيترا ڀيرا کلي ڏنو هو. پر اهي هڪ ٻئي کي سڃاڻندا نه هئا. ڏسڻ ۽ سڃاڻڻ ۾ وڏو فرق هوندو آهي.

جاڙو ۽ جاڙي تمام غريب ماٿهن مان هئا. جاڙي سانوري رنگ جي ڇوڪري هئي. جنهن جي اکين، چپن ۽ چال ۾ ڪا خاص اهڙي ڳالهه به نه هئي. هوءَ سڄو ڏينهن پنهنجي پيءُ جو مال چارڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندي رهندي هئي. پر منجهند ٿيندي ئي هوءَ پنهنجا سمورا ڍور وٺي اچي پاڻيءَ جي نالي پرسان ئي هڪ وڏي گهاٽي وڻ جي ڇانوَ ۾ ٻيهاريندي هئي ۽ پاڻ به وڏي آرام سان ڪنهن ڇيلي کي ڪٽي هنج ۾ ڪري وڏي آرام سان سمهي پوندي هئي. يا وري ڪي جابلو گيت ڳائيندي هئي، جيڪي انهيءَ ڳوٺ جون سندس هم عمر ڇوڪريون اڪثر ڳائيندي رهنديون هيون. انهن جابلو گيتن ۾ ڪا خاص ڳالهه نه هئي. اهي جابلو گيت ڪيترائي ڀيرا جاڙيءَ جي سامهون ڳايا ويا

هئا. هن جي ماءُ پنهنجي ماءُ کان سکيا هئا ۽ انهيءَ جي ماءُ وري پنهنجي ماءُ کان. مطلب تہ اهي گيت نوان نہ هئا. انهن وانگيان پراڻا ۽ سارين جي فصل جيان چاتل سچاتل هئا ۽ جاڙيءَ هزارين ڇوڪرين جي واتان اهي گيت ٻڌا هئا.

انهيءَ ڪري انهن بابت ڇاڻ ڪا خاص ڳالھ نہ هئي. پاڻ جاڙو بہ وري ڪهڙو حسن ۾ يوسف ثاني هو؟ بس هن جو جسم تندرست هو. هيءُ بہ ڪو سهڻو نہ هو. رنگ جو ڪارو هو. هرو ڀرو جو هر وقت ڏند ٽيڙي پيو هلندو هو. پنهنجي مٿي تي ڏيڍ مڻ اٽي جي ڳوڻ کنيو، پل جي چوطرف وڏي سولائيءَ سان ايندو ويندو هو. پر اها بہ ڪا خاص ڳالھ نہ هئي. ڇو جو اتان جي جابلو علائقي جا مرد اڪثر انهيءَ کان بہ گهڻو وزن کڻي پل جي هن پار ايندا ويندا رهندا هئا.

انهيءَ ڪري جاڙيءَ هن ۾ ڪا خاص ڳالھ نہ ڏٺي هئي، جيڪا هن کي ڏانهس ڇڪي.

ها پر، هڪ ڏينهن صبح جو هن ڪجھ عجيب و غريب محسوس ڪيو.

بلڪل صفا غريب کان غريب ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ بہ هڪ اهڙو صبح ايندو آهي، جيڪو تمام گهڻو عجيب و غريب هوندو آهي. جڏهن تہ انهيءَ ڏينهن کان اڳ جاڙيءَ ڪڏهن بہ اهڙي ڳالھ نہ ڏٺي هئي.

ٻين ڏينهن وانگر اهو بہ ساڳئي قسم جو ڏينهن هو. اهو ئي ڳوٺ هو، اهو ئي ساڳيو گهر هو. غريباڻو، جتي جانورن جي رنڀڻ جا آواز هئا. هوءَ اٿي، اٽي جي ٻوريءَ ۾ هٿ وجهي ڏٺائين. ٻر ڳوڻ ۾ اٽو گهٽ هو. هن هڪ ڳوڻ ۾ مڪئيءَ جا داڻا وڌا ۽ صبح ساڻ ئي اٽو پيهائڻ لاءِ نڪتي، ڇو تہ جيڪڏهن هوءَ جانورن کي کوليندي تہ اٽو پيهائڻ ڪنهن مهل ويندي ۽ صبح جي ماني ڪنهن مهل تيار ڪندي؟ هن جو پيءُ اجا تائين کٽ تي ننڊ پيو هو. هوءَ آهستگي سان ٻاهر نڪتي ۽ پل جي هن پار هلي. بلڪل لڪن، هزارن ڏينهن وانگر اڄ بہ اهڙو ئي ڏينهن هو. اهو رستو هو، اهو ئي صبح وارو ڪوهيڙو هو. نالي جو اهو ئي ساڳيو آواز هو. پل جا تختا لڏي رهيا هئا. هر تختي تي پير رکندي ئي ائين ٿي محسوس ٿيو ڄڻ هوءَ ڇاڻ هيٺ ڪري، پر اها ڪاٺ جي پٽين جي ٺهيل پل مضبوط هئي. اها لڏي ضرور رهي هئي، پر ڪرڻ کان مضبوط هئي. تختا لڏڻ جي باوجود بہ پنهنجي جاءِ تي مضبوط هئا. پهرين هوءَ ڪاٺ جي پٽين کي ڳڻيندي هئي. ڇو تہ جيڪي گهڻو ڪاٺ جا پٽا لڏندا هئا. انهيءَ تي پير خيال سان رکندي هئي. پر هاڻي هن ڳڻڻ ڇڏي ڏنو هو. هاڻ هن جا قدم بہ تڪڙا کڄندا هئا. ڇو تہ شايد هن جي پيرن بہ تختن کي سمجهي ڇڏيو هو ۽ ڳڻپ ڄڻ پاڻ هي ئي انهيءَ تي نقش ٿي ويئي هئي. پر جاڙيءَ کي انهيءَ تبديليءَ جو ڪو احساس نہ هو.

ڇو تہ هي صبح بہ ٻين وانگر چاتل سچاتل هڪ رنگ وارو هو. هو وڏي سولائيءَ سان پل ٽپي ڇڪيءَ اندر هلي

وٺي. چڪيءَ اندر ويندي ئي هن چرڪ پريو ۽ ڪجهہ نااميد ٿي وئي ڇو تہ چڪي هلي نہ رهي هئي.

جاڙو چڪيءَ جا پڙ کوليو. هٿوڙو ۽ ڪوڪا ڪنيو انهيءَ جا پڙ درست ڪري رهيو هو.

هن جاڙيءَ کي اندر ايندي ڏسي هن ڏانهن ٿورو نهاريو ۽ وري جلد ئي نظر ڦيرائي ڪوڪا ٺوڪڻ لڳو.

جاڙيءَ چيو، "اٽو پيسائڻو آهي."

جاڙي چيو، "تہ پوءِ مان ڇا ڪيان؟"

جاڙيءَ چيو، "چڪي هلاءِ."

جاڙي چيو، "ڪيئن هلايان؟ ڏسين ڪونہ ٿي تہ هن جي پڙن جي صفائي ڪري رهيو آهيان."

جاڙيءَ چيو، "پر مونکي تہ وري تڪڙو ئي مونٽو آهي."

"ها سيئي اهو چوندا آهن." جاڙو چوڻ لڳو.

"ڏهن سالن کان اهو ئي ٻڌندو ٿو اچان. ڳوٺ ۾ ڪوبہ چڱو ماڻهو ائين نہ چوندو آهي تہ مان جلديءَ ۾ نہ آهيان. تون پلي آرام سان اٽو پيهي ڏي. ائين تہ اڄ تائين نہ ٻڌو آهي!" جاڙو ڪلڻ لڳو.

جاڙي چوڻ لڳي، "تون، مونتي کلي رهيو آهين؟"

"نہ اها منهنجي عادت آهي. سيني کي خبر آهي. ڇا توکي خبر نہ آهي؟" هو وري کلڻ لڳو.

جاڙيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، پر هن کي اٽو پيهرائڻو هو. انهيءَ ڪري ماٺ ٿي وئي.

جارو هٿوڙي سان ڪوڪا ٺوڪيندو رهيو. هٿوڙي ۽ ڪوڪي جي ضربن جو آواز ۽ نالي جي گوڙ، جاڙيءَ جي ڪن ۾ هڪ عجيب پڙلاءُ پيدا ڪري رهيو هو.

هاڻي هوءَ لڇ ۾ چوڻ لڳي، پر اهڙي لڇ، جنهن ۾ ڪاوڙ بہ هئي، "مان پلا ڪنهن مهل اٽو پيسائي گهر ويندس ۽ ڪنهن مهل ماني پچائيندس؟ ۽ ڪنهن مهل ڍورن کي کولي چارڻ لاءِ وٺي ويندس؟ ماڻهن تہ ڍور کولي بہ ڇڏيا هوندا."

جاڙي کي جاڙيءَ جي لچاري آواز تي رحم اچي ويو. هن متر ڪو ۽ چيڙيون ڪٽي هڪ پاسي رهيون ۽ چڪيءَ جي پڙ کي احتياط سان صاف ڪرڻ لڳو. نہ تہ اٽي ۾ پٿرن جا ذرڙا اچي وڃن ها. اهو ئي سوچي جاڙي بہ هن جي مدد ڪرڻ لڳي. ٿوري دير ۾ پڙ صاف ٿي ويو. هاڻي معاملو مٿان واري تختي کي ڦيرائي هيٺ رکڻو هو.

جاڙيءَ وري مدد ڪرڻ ٿي گهري، "ترس! مان پاڻهي ٿو نيڪ ڪيان."

"نہ مان بہ..." جاڙيءَ مدد لاءِ هٿ وڌائيندي چيو.

"چڱو تہ پوءِ هٿ هيڏانهن ڪر."

جاڙيءَ، پڙ کي جهليو، جنهن طرف کان جاڙي اشارو ڪيو هو. ٻئي لمحي ۾ جاڙي وڏي هوشياريءَ سان پڙ ڦيرائي هيٺئين پڙ تي رکيو تہ اوچتو ئي هن جي ڪنن ۾ هڪ زوردار رڙ جو آواز آيو.

"ڇا ٿيو؟ هن جاڙيءَ ڏانهن نهاريندي

ڪجھ ڏينهن تائين وڏن ۽ ننڍن جي ڳالهين جو مرڪز بڻيا. ڪجھ ڏينهن ئي ڳوٺ جي جوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي دلين کي لپائيندا رهيا. جڏهن جاڙي ۽ جاڙيءَ جي پيئرن، ٻنهي پاڻ ۾ صلاح ڪري انهن ٻنهي جي نڪاح ڪرڻ لاءِ ها ڪئي تہ ڳالھ ئي ختم ٿي وئي. معمولي ڳالھ هئي ۽ معمولي محبت هئي ۽ معمولي طريقي سان جيڪا شروع ٿي هئي. اڳئين اينڌڙ سرءُ جي موسم ۾ نڪاح ٿيڻ ڪانپوءِ اهو ڇاتل سڄاتل انداز بہ ختم ٿي ويندو. الله الله خير سلا!

پر جاڙي ۽ جاڙيءَ لاءِ اها ڳالھ اڃا ختم نہ ٿي هئي. بلڪ انهن لاءِ تہ اڃا شروع ئي مس ٿي هئي.

نڪاح جو فيصلو ٿيڻ ڪانپوءِ جاڙيءَ جي پيءُ، جاڙيءَ جي ڇڪيءَ تي وڃڻ بند ڪري ڇڏيو هو. ڇو تہ اهو ڳوٺ جو رواج هو.

هاڻي تہ شاديءَ ڪانپوءِ ئي جاڙي ڏانهن ويندي. جاڙي، جاڙي کي پري کان واٽ ويندي ڏسندي هئي تہ رئي سان منهن لڪائي ڇڏيندي هئي. ڇو تہ اهو ئي ڳوٺ جو رواج هو. رواج محبت جي جذبي کي ڳنڍ ڏئي انهيءَ ۾ وڌيڪ شدت ۽ گهرائي پيدا ڪري ڇڏي هئي.

هاڻي جاڙي پل جي هن پاسي هئي ۽ جاڙو پل جي ٻئي پر.... ڪڏهن ڪڏهن شام ٿيندي ئي هو پنهنجي ڇڪيءَ جي دروازي تي ٻيهي هيٺ نديءَ ۾ وهندڙ وهڪري وٽ ئي ٻڪريون، رڍون چارڻ واري جاڙيءَ کي ڏسندو رهندو هو ۽ يڪو ڏسندو ئي رهندو هو.

ايتري تائين جو جاڙي سندس نظرن جي تپش کي پنهنجن ڳلن تي محسوس ڪندي هئي ۽ هن جا ڳل ڳاڙها ٿي ويندا هئا ۽ هو ايترو پري کان ئي پنهنجو منهن رئي ۾ لڪائي ٻڪرين ۽ رڍن کي سونٽيون هڻڻ شروع ڪري ڇڏيندي هئي ۽ جاڙو اتي جي ڇڪيءَ جي در تي ٻيٺي جهونگارڻ شروع ڪري ڇڏيندو هو، "نديءَ جي پار منهنجو چنڊ ٿو رهي" ۽ وري پوءَ وڏا ٽهڪ ڏيندو هو. هو هرويرو ئي کلندو رهندو هو ۽ هاڻ تہ وڌيڪ ئي هرويرو کلڻ شروع ڪري ڇڏيو هئائين. پر پهرين جيڪي ماڻهو هن جي کلڻ جو سبب نہ ڄاڻندا هئا، اهي هاڻ هن جي ٽهڪن کي سمجهڻ لڳا هئا.

پوءِ ڊگهي انتظار ڪانپوءِ پن ڇڻ جي مند آئي. جاڙي ۽ جاڙيءَ جي گهر شاديءَ جا دهل توتارا وڄڻ لڳا ۽ زور شور سان تياريون ٿيڻ لڳيون.

قبيلي جون عورتون مختلف رسمون ادا ڪرڻ لاءِ پل جي هُن پار کان هِن پار اچڻ وڃڻ لڳيون ۽ پل تي آمدرفتَ وڌي وئي. ڇو جو سوناري جو گهر هڪ طرف هو تہ درزيءَ جو ٻئي طرف. جيڪڏهن مانجهي پير واري جي مزار هڪ طرف هئي تہ نڪاح پڙهائڻ واري مولوي ابراهيم جي مسجد وري ٻئي طرف هئي. عجيب قسم جي گهما گهمي هئي. جابلو رستا ڏاڍا ڏکيا ۽ تڪليف ڏيندڙ هئا. انهيءَ ڪري

ٻنهي قبيلن جا پري پري جي ڳوٺ وارا مٽ مائٽ، مرد ۽ عورتون. شاديءَ کا ڪجھ ڏينهن اڳ ئي ڳوٺ مانجهي پير پهچي ويا هئا ۽ جيڪي اجان نہ آيا هئا، انهن کي بہ شاديءَ کان چار ڏينهن اڳ پهچڻو هو. جنهن ڏينهن تي مانجهي پير جي درگاهہ تي نياز جي ماني ٿيڻ هئي، انهيءَ ڏينهن تي سيني کي پهچڻو هو.

نياز واري ڏينهن تي جاڙو پاڻ مٿي تي طعام کڻي پنهنجن دوستن ۽ مٽن مائٽن جي گهر ورهائڻ لاءِ ويو ۽ بزرگن جون دعائون وٺندو رهيو. سڄو ڏينهن لاهيون چاڙهيون چڙهڻ کانپوءِ هو بلڪل ٿڪجي پيو هو. پوءِ بہ هو سڄو ڏينهن خوش رهيو. ڪيترائي دفعا هن کي نياز ورهائڻ لاءِ جاڙيءَ جي گهر جي سامهون لنگهڻو پيو هو.

ڪيس ڇيڳرين ڇوڪرين جا جملا ٻڌڻا پيا ۽ نگاهن جي سامهون لنگهڻو پيو ۽ انهن ڇوڪرين جون گاريون بہ ٻڌڻيون پيون، پر هن کي انهن گارين تي ڪاوڙ نہ لڳي هئي. پر هو جنهن مهل بہ جاڙيءَ جي گهر جي سامهون لنگهيو ٿي تہ هن کي عجيب خوشيءَ جو احساس ٿي ٿيو.

هن کي انهيءَ ڳالهہ جو بہ احساس هو تہ اڄ کان پوءِ هن کي ڇٽن ڏينهن تائين هتي اچڻ جي اجازت نہ هئي .

هاڻ تہ بس شاديءَ واري ڏينهن ئي هو موڙ ٻڌي هن طرف ايندو. انهيءَ ڪري هن جي هن جي دل گهريو پئي تہ جيترا پيرا بہ اڄ جاڙيءَ جي گهر جي اڳيان لنگهي سگهي تہ سٺو آهي. هن کي خوشي پئي ٿي. پوءِ چاهي پلا جي جاڙي سامهون نہ ٿي اچي يا هو انهيءَ کي نہ ٿو ڏسي. انهيءَ وقت تہ هن کي انهيءَ گهرجي هڪ هڪ ڪند پياري ٿي لڳي.

انهيءَ ڏينهن شام جو جڏهن هو پنهنجي چڪيءَ جي دروازي تي ويٺو، پنهنجي شاديءَ جي خيالن ۽ تصور ۾ گم هو، تہ هن جي دوست دلاور، پل کان پڇندي اچي هن کي ٻڌايو تہ جاڙيءَ جي قبيلي جون عورتون، جاڙيءَ کي پير مانجهي جي درگاهہ تي ڏيئو ٻارڻ لاءِ وٺي وڃن پيون. مانجهي پير جي درگاهہ پل جي هن پار هئي ۽ جاڙي جي چڪي پل جي گهڻو ويجهو هئي. انهيءَ ڪري جاڙو جيڪڏهن چاهي تہ بنا ڪنهن ڪوشش جي پنهنجي اٽي جي چڪيءَ جي دروازي وٽ ئي ويهي انهن جو انتظار ڪري ٿي سگهيو ۽ پنهنجي جاڙيءَ کي نئين وڳي ۾ درگاهہ تي ويندي ڏسي ٿي سگهيو. جاڙو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي دوست کي ڀاڪر پاتائين ۽ اتي ئي دروازي تي ئي ويٺي ويٺي عورتن جي جلوس جي راهہ تڪڻ لڳو.

شام جو جڏهن آسمان تي ڳاڙهاڻ وڌڻ لڳي، جاڙي ۽ دلاور، عورتن جي هڪ ڊگهي قطار پل جي هن طرف اچڻ لاءِ پل ڏانهن ايندي ڏٺي. اڃا اهي عورتون گهڻو پري هيون ۽ آهستي آهستي اچي رهيون هيون. وري انهن جي سهرن جو آواز نالي جي ٻنهي طرفن کان بيٺل جبلن سان ٽڪرائجي هڪ پڙاڏي جو آواز پيدا ڪري

رهيو هو. عورتون اجا بہ گهٽو پري هيون، پر جاڙو ايڏو پري ڪان بہ جاڙيءَ جي گهري ڳاڙهي رنگ جي سلوار ۽ چولو سڄاڻي ٿي سگهيو.

هن جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي ۽ ڏاڍي بيچينيءَ ۽ بيقراريءَ سان عورتن کي پل جي چاڙهيءَ تي چڙهندي ۽ پل ڏانهن ايندي ڏسندو رهيو.

عين انهيءَ مهل آسمان تي بہ جهاز ظاهر ٿيا. انهن جي وڏي آواز ۽ گوڙ، آس پاس جي جبلن کي پنهنجي پوائتي آواز سان لوڏي ڇڏيو. جاڙي ۽ دلاورَ اڄ تائين جهاز نہ ڏٺو هو، انهيءَ ڪري انهن هن کي ڪا آسماني بلا سمجهيو. اهي ٻئي خوف ۽ دهشت وچان زمين تي اونڌا ڪري پيا ۽ اکيون بند ڪري خدا کي ياد ڪرڻ لڳا.

ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو. وري ٻيو ڌماڪو، وري ٽيون ڌماڪو، وري چوٿون ڌماڪو. آخري ڌماڪي تي پل جو وچ وارو حصو چيچڙاٽ ڪري هيٺ نالي ۾ ڪري پيو. نالي جو پاڻي مٿي اڇليو، زمين لڏي وئي، پوءِ هوائي جهاز جو آواز پري ويندي محسوس ٿيو. آخر ۾ بلڪل خاموشي ڇانئجي وئي. ٿوري دير ڪانپوءِ جاڙي اک کولي تہ هن ڏٺو تہ پل ڪان پري هن طرف عورتون خوف مان جبل جي وڏن پٿرن ۾ لڪيون وينيون هيون. ڪي تہ بيهوش ٿي ويون هيون. ڪي وحشي هرڻين وانگر پنهنجن گهرن ڏانهن ڊوڙي رهيون هيون. هو ڀڄندو پل ڏانهن وڌيو ۽ ٻانهون کولي رڙيون ڪرڻ لڳو.

"جاڙي...او جاڙي... تون ڪٿي آهين؟"

هن جو آواز پري تائين وڃي وري موٽي ٿي آيو ۽ هو پل کان اڳيان نہ وڌي سگهيو. ڇو تہ پل جو وچ وارو حصو ٽٽي هيٺ نالي ۾ ڪري پيو هو.

٦ ڪجهہ ئي ڪلاڪن ڪانپوءِ هن جي علائقي ۾ قبائلي پٺاڻ ۽ پاڪستاني فوج جا جوان، ميجر عبدالعزيز جي قيادت ۾ آيا. جاڙي جي ائي جي چڪي بلڪل پل تي هڪ سٺي فوجي پوائنٽ تي اڏيل هئي. انهيءَ ڪري انهن، هن تي قبضو ڪري انهيءَ تي فوجي چوڪي قائم ڪئي. پل جي ٻنهي طرفن ڪان سڄي رات بمباري ٿيندي رهي. جڏهن صبح ٿيو تہ جاڙي ڏٺو تہ هن جو پنهنجو اڌ ڳوٺ هِن طرف آهي ۽ اڌ ڳوٺ هُن طرف آهي. وچ ۾ ٻن فوجن جي سلطنت آهي.

جاڙي کي سياست بابت ڪا بہ ڄاڻ ڪانہ هئي. پر هن کي پنهنجي شاديءَ بابت سڄي خبر هئي. هن کي اها خبر تہ نہ پئجي سگهي تہ اهو ڇو ٿيو؟ پر هن کي اها ضرور خبر پئجي وئي تہ ائين ٿيڻ سان هن جي شادي ضرور رڪجي وئي هئي. انهيءَ جي هن کي ڏاڍي ڪاوڙ هئي ۽ تمام گهٽو ڏک بہ. پر هو هڪ غريب ماڻهو هو. انهيءَ ڏينهن تي هو پنهنجي ڪاوڙ ۽ ڏک کي دل اندر سانڍيو ويٺو هو. جڏهن هن جو صبر جواب ڏئي ويو ۽ هن جي دل کي چين نہ آيو تہ هيءُ سپاهين کي منت ڪرڻ لڳو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ميجر

عبدالعزيز وٽ ويو.

ميجر عبدالعزيز شڪل و صورت مان نوجوان، خوش طبع ۽ ڪلمک ماڻهو پئي لڳو. ميجر عبدالعزيز هن کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ هن کان پڇڻ لڳو، "تون ڪير آهين؟"

"مان جاڙو آهيان."

"جاڙو؟ جاڙو ڪنهن کي چوندا آهن؟"

"جاڙو ننڍي ماڻهوءَ کي چوندا آهن."

"پر تون تہ ننڍو ڏسجڻ ۾ نہ ٿو اچين، چڱو خاصو تندرست ۽ جوان آهين!" ميجر عبدالعزيز کلندي چيو، "چڱو ٻڌاءِ، ڪهڙو ڪم اٿئي؟"

"جاڙو آهستي چوڻ لڳو، "سائين! سياڻي منهنجي شادي آهي."

"چڱو تہ تون شاديءَ جي دعوت ڏيڻ آيو آهين؟ ضرور ايندس. ڪٿي آهي تنهنجي شادي؟"

جاڙي پل جي ٻئي پر اشارو ڪندي چيو، "هن طرف"

ميجر پهرين تہ حيرت سان ڏسڻ لڳو، پوءِ وري کلڻ لڳو. "اڙي چريا! ڏسين ڪونہ ٿو تہ پل ڀڳي پئي آهي. پوءِ تنهنجي شادي ڀلا ڪيئن ٿيندي؟"

"پر سياڻي منهنجي شادي آهي سائين!" جاڙي جڻ ڪجهہ بہ نہ سمجهندي چيو، "چا پل وري بيهر نہ ٿي ٺهي سگهي. وچ مان ئي تہ ڀڳي آهي سائين. جيڪڏهن سائين ٿورڙي ڪوشش ڪريون تہ...."

"اڙي چريا! اسانجي ڪوشش ڪي رد ڪرڻ وارا هو سامهون چوڪي ڄمايو ويٺا آهن. تون چا ٿو سمجهين تہ جي هيءَ پل صحيح سلامت هجي ها تہ چا اسان هتي تنهنجي شاديءَ جو تذڪرو ٻڌڻ لاءِ ويٺا هجون ها؟ پرئين پاسي نہ هجون ها!" ميجر عبدالعزيز هٿ جي اشاري سان جاڙي کي موڪلي ڇڏيو.

جاڙو مايوس ٿي اتان هليو آيو. هن جي نظر پري پري تائين جاڙيءَ جي گهر تي پئي. سياڻي هن جي شادي جو ڏينهن هو.

شاديءَ جي رات جاڙيءَ جي گهر خاموشي هئي. هن جو پيءُ چپ چاپ کٽ تي ليٽيو پيو هو. هن جا مٽ مائٽ پنهنجي پنهنجي ڳوٺ روانا ٿي چڪا هئا.

جاڙي بہ اڪيلي پنهنجي هنڌ ۾ لڪي روئي رهي هئي. چوطرف هڪ ڀوائتي خاموشي ڇانيل هئي. ڪنهن ڪنهن مهل رڳو گولين هلڻ جو آواز ٿي آيو. وري هر پاسي خاموشي ڇانئجي ٿي وئي. انهيءَ خاموشيءَ ۾ جاڙي لڪندي ڇپندي پنهنجي گهران ٻاهر نڪتي ۽ نديءَ ڏانهن هلڻ لڳي. لڪندي ڇپندي جبلن جي پٿرن منجهان گذرندي هوءَ پاٽيءَ جي نالي تي اچي پهتي. هوءَ سهٽي نہ هئي. هن جي هٿ ۾ ترڻ وارو مٽ بہ نہ هو. پوءِ بہ هوءَ ٻئي پاسي وڃڻ لاءِ بيقرار ٿي پاٽيءَ ۾ گهڙي پئي.

ڀلا جي هن جو محبوب هن طرف نہ ٿي اچي سگهيو تہ چا ٿي پيو؟ هوءَ، هن طرف ويندي، چا ٿيو جو پل ٽٽي پئي تہ؟ ۽

پاڻيءَ جو وهڪرو بہ تيز آهي. وهڪرو ڪنهن مهل هن کي هيٺ ڪٽي ٿي ويو تہ وري ڪنهن مهل هن کي ڪنهن پٿر تي اڇلي ٿي ڇڏيائين. پوءِ بہ هوءَ آهستي آهستي وڌي رهي هئي. هن جا هٿ پير ڦٿجي چڪا هئا. پيرن جي ڪڙين ۾ گوڏن مان رت وهي رهيو هو. پر اڄ هن جي شاديءَ جي رات هئي ۽ هوءَ پنهنجي مڙس ڏانهن اڄ ضرور ويندي ۽ مولوي ابراهيم جي مسجد ۾ نڪاح ضرور پڙهائيندي ۽ هي تيز وهڪري جو پاڻي هن کي نہ تو روڪي سگهي. ان ڪان اڳ بہ هوءَ ڪيترائي پيرا انهيءَ نالي مان تري وئي هئي.

ڪيترائي دفعا هن انهيءَ وهڪري ۾ ٻڏندڙ ٻڪريون ۽ رڍون بچيايون هيون تہ پوءِ ڇا هوءَ اڄ پنهنجي شاديءَ لاءِ هن طرف نہ ٿي وڃي سگهي. ڇاڻي ٿي تہ رات ڪاري آهي ۽ پاڻيءَ جو وهڪرو بہ تيز آهي، پوءِ پلا ڇا ٿي پيو؟ هن جي دل ۾ ڪابہ اوندهہ نہ آهي. اتي تہ ڪوبہ خطرو نہ آهي. اتي تہ صرف يقين ئي يقين آهي.

جاڙي ڪيترائي پيرا پٿرن سان لڳي. ڪئين دفعا ڪري بہ پئي ۽ ٻڏڻ بہ لڳي، ۽ غوطہ ڪائڻ لڳي پر نيٺ ٻئي ڪناري تي پهچي وئي. هن جي جسم جو هڪ هڪ سنڌ سنڌ ساٽو ٿي ويو هو. ڇڻ جسم جو هر جوڙ پنهنجي جاءِ ڇڏي ويو هجي. هن جا ڏند بہ سيءَ جي ڪري ڏڪي رهيا هئا. پوءِ بہ هن پنهنجي حوصلي کي مضبوط ڪيو ۽ آهستي آهستي رڙهندي اڳتي وڌڻ لڳي.

اوچتو ئي هڪ ڳرو پٿر ترڪي هيٺ وڌي ڪڏ ۾ آواز پيدا ڪندو وڃي تري ۾ ڪريو.

جاڙيءَ وڏي مشڪل سان پاڻ سنڀاليو، ڇو تہ هوءَ ڪرندي ڪرندي بچي هئي. اوچتو ئي هن جي ڪنن ۾ آواز آيو.

"هالٽ! هو ڪمز ديئر؟"

جاڙي هڪ وڏي پٿر جي پنيان لڪي وئي. گهڻي دير تائين هوءَ اتي لڪيو ويٺي هئي. پر هاڻ اتي ويهڻ هن لاءِ ممڪن نہ هو. ڇو تہ ٿڌ جي ڪري هن جا لڱ سڪندا ٿي ويا. جيڪڏهن ڪجهہ دير اجا بہ هوءَ اتي ويني رهي تہ شايد ٿڌ جي ڪري هوءَ مري ويندي. هن وڏي مشڪل سان پٿر هيٺان اٿڻ لاءِ هٿ ڪنيو. عين انهيءَ مهل هڪ گولي هوا ۾ اڏرندي، هن جي هٿ کي چيريندي اڳتي نڪري وئي ۽ جاڙي هڪ رڙ ڪري بيهوش ٿي وئي. جڏهن هن کي هوش آيو تہ هن پنهنجو پاڻ کي سپاهين جي گهيري ۾ ڏٺو. سپاهين هوش ۾ ايندي ئي هن کي ميجر عبدالعزيز جي سامهون پيش ڪيو. ميجر عبدالعزيز سخت ڪاوڙ ۾ هو.

"تو هيڏي مهل نالو پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؟"

جاڙيءَ انهيءَ ڳالهہ تي ڪنڌ لوڏيو.

"تون هندستان جي جاسوس آهين؟"

"جاسوس ڪنهن کي چوندا آهن؟"

جاڙيءَ وڏيءَ معصوميت سان پڇيو.

"ايڏي بہ معصوم نہ ٿي. تون چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿي تہ جاسوس جي سزا موت آهي؟" ميجر عبدالعزيز ڪاوڙ ۾ رڙ ڪندي

چيو.

"مون کويہ ڏوهہ نہ ڪيو آهي. مان تہ رڳو پل ٽٽي وڃڻ جي ڪري نالو پار ڪري آئي آهيان."

"ڇو آئين آهين؟"

جاڙيءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

"صاف صاف ٻڌاءِ؟"

جاڙيءَ ڏاڍي جهيڻي آواز ۾ چيو. "اڄ.... اڄ منهنجي شادي ٿيڻ واري هئي. جاڙي سان.... هو، هتي ائي جي چڪيءَ تي رهندو آهي. انهيءَ کي سڏ ڪريو.... اهو مونکي سڃاڻندو. توهانکي سچي ڳالهہ ٻڌائيندو."

ميجر ٻڌتر ۾ پئجي ويو ۽ گهڻي دير تائين انهيءَ سنهڙي سانوري ڇوڪريءَ جي منهن ۾ تڪيندو رهيو. پوءِ هن، هڪ سپاهيءَ کي جاڙي کي سڏڻ لاءِ موڪليو. سپاهي ٿوري دير ڪانپوءِ واپس آيو. هن کي خبر پئي تہ جاڙو بہ رات کان غائب آهي. جاڙيءَ جي منهن تي خوف ۽ ڊپ جي باوجود بہ اميد جي جيڪا روشني هئي، اها هڪدم گم ٿي وئي. هن جا چپ سڏڪن جي ڪري ٿڙڪڻ لڳا. هن ڪجهہ چوڻ چاهيو، پر زبان هن جو ساٿ نہ ڏنو ۽ انهيءَ وقت ئي هوءَ بيهوش ٿي ڪري پئي.

ميجر عبدالعزيز حڪم ڏنو تہ هن ڇوڪريءَ جو چڱيءَ طرح خيال ڪيو وڃي. هن کي سٺي غذا ۽ دوا ڏني وڃي. اهو حڪم ڏيڻ کان پوءِ هو اتان هليو ويو.

انهيءَ ڪانپوءِ جيڪي بہ ٿيو، اهو ناقابلِ يقين هو. هندستان ۽ پاڪستان جي ڪنهن بہ فرد کي شايد انهيءَ ڳالهہ تي يقين نہ اچي. مونکي پاڻ انهيءَ تي يقين نہ ٿئي ها، جيڪڏهن خوشقسمتيءَ سان يا بدقسمتيءَ سان مان انهن ڪردارن سان نہ مليو هجان ها، جن اهو واقعو پاڻ مون سان بيان ڪيو.

انهيءَ ڪانپوءِ اهو ٿيو جو ميجر عبدالعزيز هڪ خاص طريقي سان پنهنجي مخالف چوڪيءَ جي ڪمانڊر، ڪيپٽن ڪپورچند سان ڳالهايو ۽ ڪهڙي طريقي سان ڳالهايائين، ان کي بہ راز ۾ رکڻ ٿو چاهيان. رڳو اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ انهيءَ واقعي کان گهڻو وقت اڳ عبدالعزيز ۽ ڪيپٽن ڪپور، گارڊن ڪاليج راولپنڊيءَ ۾ گڏ پڙهيا هئا. ڪيترائي سال هو هڪ ڪلاس ۾ گڏ پڙهندا هئا. ڪجهہ سال فوج ۾ بہ گڏ هئا. پوءِ ڪپور چند، هندستاني فوج ۾ رهجي ويو ۽ اڄ اتفاق سان هو پنهنجي پراڻي دوستيءَ جي باوجود بہ هڪ ٻئي جي مخالف چوڪين تي گن مشين ڪنيو وينا هئا. انهن جي ڳالهہ ٻولهہ ڏاڍي دلچسپ هئي.

"پاڪستان زنده باد." ميجر عبدالعزيز

ڪپورچند، "جي هند، جي هند"

عبدالعزيز، "ٻڌاءِ او خبيث!"

ڪپورچند، "ٻڌاءِ تڙي خبيث!"

عبدالعزيز "تنهنجو هڪ جاسوس اسان جهليو آهي. ڇا ڳالهہ آهي، ڇا هاڻي

توکي کو مرد جاسوسيءَ لاءِ نہ ٿو ملي ڇا جو هاڻي عورتن کي موڪلڻ لڳو آهين. پر مرد هجي يا عورت، مان انهيءَ کي گوليءَ سان اڏائي ڇڏيندس."

ڪپور "گهبراءِ نہ پيارا، هڪ جاسوس اسان ٻہ جهليو آهي، پر اها عورت نہ آهي، مرد آهي. انهيءَ ڪري ڪيس گولي هڻڻ ۾ مونکي ڪابہ پريشاني نہ ٿيندي."

عبدالعزيز "انهيءَ جاسوس جو نالو ڇا آهي؟"

ڪپور چند، "انهيءَ جو نالو ڄاڙو آهي."

عبدالعزيز "ڪاري رنگ جو آهي، ننڍي قد جو ۽ صحتمند آهي."

ڪپورچند، "ها، اهو ئي آهي."

عبدالعزيز، "اڙي اهو جاسوس نہ آهي."

ڪپورچند، "تہ پوءِ ڪير آهي؟"

"عبدالعزيز، "جنهن ڇوڪريءَ کي مون جهليو آهي، اها بہ جاسوس نہ آهي."

ڪپور چند، "تون اهي ڪهڙيون منڌل ڳالهيون پيو ڪرين؟ اسان سان گڏ تہ ڏاڍيون عقل واريون ڳالهيون ڪندو هئين!"

"عبدالعزيز، "ٻڌ ڙي بددماغ!" انهيءَ کانپوءِ عبدالعزيز ڪيس سڄي روئداد ٻڌائي. هاڻي هو ٻئي انهيءَ کهاڻيءَ جا ذرڙا پرزا ڳنڍي مزو وٺي لڳا. پر سڀ کان وڌيڪ لطف تہ انهيءَ ڳالهہ ۾ آيو تہ جنهن رات چانجل جي هن پار کان پاڻيءَ جو نالو

پار ڪري هن طرف آئي، انهيءَ رات ئي ڄاڙو بہ محبت کان مجبور، بيقرار ٿي هن طرف کان هن طرف ويو.

ڪپورچند، "انهيءَ جو مطلب تہ ٻئي سچا عاشق آهن."

ائين چئي ڪپورچند وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو. عبدالعزيز ٿورو سنجيده ٿيندي پڇيو، "هاڻي پلاڇا ڪرڻ گهرجي؟"

ڪپور چند، "منهنجي خيال ۾ تہ ٻنهي جي شادي ڪرڻ گهرجي. تون انهيءَ ڇوڪريءَ کي مون ڏانهن موڪل. مان گولي نہ هلائڻ جو بندوبست ٿو ڪريان آخر اها ڇوڪري منهنجي علائقي جي آهي. شادي منهنجي علائقي ۾ ٿيندي."

عبدالعزيز "واه! ڇو پلا؟ گهوٽ تہ منهنجي علائقي جو آهي. اها شادي منهنجي علائقي ۾ ٿيندي. تون انهيءَ کي هيڏانهن موڪل."

ڪپور چند، "اهو مونکي منظور نہ آهي."

انهيءَ کانپوءِ ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو ڪٽجي ويو. پر ٻئي ڏينهن تي وري ميجر عبدالعزيز ۽ ڪپورچند جي ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو وري شروع ٿي ويو.

عبدالعزيز، "اڙي هيءَ ڇوڪري ڏاڍي خراب حالت ۾ آهي. ڊاڪٽر جي خيال مطابق تہ هن کي سخت ڏک رسيو آهي."

ڪپورچند، " ان کي مون ڏانهن موڪلي ڏي. آئون توکي پهرين ئي چئي چڪو آهيان."

عبدالعزيز "اجائي ڳالھ ٿو ڪرين."
ڪپورچند، "تنهنجي مرضي...جي هند."
عبدالعزيز، "پاڪستان زنده باد، پر هڪ ڳالھ، هڪ ترڪيب ٻڌ. پل جو اترين پاسو اسانجي قبضي ۾ آهي ۽ ڏاکڻو پاسو توهانجي قبضي ۾ آهي. پر وچ وارو حصو، جيڪو ٽٽل آهي، اهو نہ تہ پاڪستان وٽ آهي ۽ نہ وري هندستان وٽ آهي. منهنجي اها تجويز آهي تہ اهو ٽٽل حصونهرائي....."
ڪپورچند، "ڏاڍو سٺو، مان تنهنجي چال کي سمجهان ٿو."
عبدالعزيز، "خدا جو قسم! اها ڪا بہ چال نہ آهي. تون جيڪو چاهين، اهو قسم مون کان ڪٽائي سگهين ٿو. پر مان چاهيان ٿو تہ انهن ٻنهي جي شادي ضرور ٿيڻ گهرجي ۽ انهيءَ جاءِ تي ٿئي، جتي منهنجو ضمير بہ مطمئن هجي ۽ توتي بہ ڪو حرف نہ اچي. هيءَ پل جي وچ واري جڳھ ٺيڪ رهندي."
ڪپورچند، "چڱو، پر شاديءَ کانپوءِ وري انهيءَ پل کي اڏايو ويندو."
عبدالعزيز، "مونکي منظور آهي، پر ڏس ڪنهن کي بہ اها خبر نہ پئي. ڪاءِ انهيءَ گورڊن ڪاليج واري ڇوڪريءَ جو قسم....."
ڪپورچند، "هاءِ ڇو ٿو انهيءَ جي ياد ڏيارين.....هي ڇاڙي ڪيئن آهي؟"
عبدالعزيز، "انهيءَ جي شڪل نہ ڏس، پر انهيءَ جي دل ڏس...."
ڪپورچند، "تہ پوءِ اڄ رات ئي مولويءَ کي گهرائي، پر ياد رهي تہ ڪابہ گڙٻڙ نہ ٿيندي، نہ تہ پوءِ........"
عبدالعزيز، "ڇاٽين بہ ٿو تہ ڪنهن جو قسم ڪاڏو آهي؟"
سلسلو وري ختم ٿي ويو.
انهيءَ ڏينهن چانجل جي ماٿهن عجيب و غريب منظر ڏٺو. پل جو وچ وارو حصو، چانجل جي ٻنهي طرف وسندڙ ماٿهن پنهنجي محنت سان ناهي راس ڪيو. ٻنهي طرفن جا سپاهي ڇاڄي ٿي گهمي ڦري رهيا هئا. پل تي روشني هئي، نغمہ هئا، خوبصورتي هئي، امن هو. بندوقون ماٿ ۾ هيون ۽ توپن جا منهن بند هئا. ڇڻ ڪوبہ ڪنهن کي گولي هڻڻ لاءِ راضي نہ هو. چوطرف هڪ عجيب فضا ڇانيل هئي ۽ مولوي ابراهيم تمام سهڻي انداز ۾ قرائت سان خطبو پڙهي رهيو هو.
اڄ چانجل جي پل وري بہ ڪانهي. مخالف فوجون پل جي اترئين ۽ ڏاکڻي حصي تي مشين گن سان ليس همت ۽ حوصلي سان مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار ويٺيون آهن.
پر ڇاڙي ۽ ڇاڙيءَ جي شادي ٿي وئي ۽ چانجل جي ماٿهن هڪ بي پل ناهي آهي، جيڪا دلين جي اندران گذري ٿي ۽ جنهن جو ڪوبہ تختو ناهي لڏندو.
****

سر ميٿيو رابرٽس فائيل کي بند
ڪري پنهنجي سامهون واري ميز جي خاني
۾ رکي ڇڏيو. هو ٿورو ڏڪارو پئي

محسوس ٿيو. هن ميري بٽنڪس جي
ڪيس جو بچاءُ ڪرڻ پئي چاهيو، پر ڪيس
اهو يقين نہ هو تہ هوءَ ڏوهارڻ ناهي. سر

ڏوھ جي پسمنظر ۾ انساني يقين ۽ اعتماد جي رساڪشيءَ جي ڪهاڻي

**هڪ قاتلہ ۽ ان جي وڪيل جي وچ ۾ ڪشمڪش جي هڪ دلچسپ ڪهاڻي، جنهن ۾ وڪيل کي سندس بي گناهيءَ جو يقين نہ هو، جڏهن تہ اها قاتلہ ڪيس اهو يقين ڏيارڻ تي بضد هئي.**

# ڪيتو

جيفري آرچر/ علي راز شر



ميٿيو، پنهنجي چمڙي مان ٺهيل ڪرسيءَ جي پشتي تي ٽيڪ ڏئي ويٺو ۽ ڪيس بابت سوچڻ لڳو.

ڪيس ان وڪيل جي اچڻ جو انتظار هو، جنهن ان ڪيس بابت ڪيس ٻڌايو هو. ان سان گڏ هڪ ننڍو وڪيل به اچڻو هو، جنهن کي هن ڪيس جي مدد لاءِ چونڊيو هو. ڪيس ان ڳالهه جي به اميد هئي ته هن ڪيس جي سلسلي ۾ ٻنهي وڪيلن ڪان مدد وٺڻ جو صحيح فيصلو ڪيو هو.

مسز بٽنڪس جو ڪيس هڪ سنئون سڌو قتل جو ڪيس هو، پر بروس بٽنڪس ٻارنهن سالن دوران پنهنجي شاديءَ ڪانپوءِ پنهنجي زال سان جيڪي ڪجهه ڪيو هو، ان آڌار تي سر ميٿيو کي ڪيس کٽڻ جي اميد ٿي وئي هئي ۽ گڏوگڏ اهو به جيڪڏهن ججن ۾ عورتن جي گهڻائي هوندي ته هو انهن جي عورتاڻن جذبن جي بنياد تي ڪيس کٽي سگهي پيو، پر ان جي باوجود ڪيس ڪافي مونجهارا نظر پئي آيا. هن سگريٽ دکايو ۽ ان جي دونهين کي ڦڦڙن ۾ اونهائيءَ تائين ڇڪيندي پنهنجي زال جي دڙڪن بابت سوچڻ لڳو. هن پنهنجي سامهون رکيل پنهنجي زال وڪٽوريا جي فوٽوگراف ڏانهن ڏٺو. هي تن ڏينهن جو فوٽو هو، جڏهن وڪٽوريا اڃا جوان هئي.

بيدليءَ سان هن پنهنجي مؤڪل جي ڪيس ڏانهن ذهن کي موڙيو. هن فائيل کڻي ٻيهر کوليو. ميري بٽنڪس جو مؤقف هو ته هن پنهنجي مڙس کي ڪهاڙيءَ سان نه ماريو هو ۽ نه ئي ڪيس گهرجي اڳڻ ۾ پوريو هئائين، جو ته جنهن وقت سندس مڙس جو قتل ٿيو هو، ان وقت هوءَ نه رڳو هڪ مڪاني اسپتال ۾ زير علاج هئي، پر گڏوگڏ هوءَ انڌي پڻ هئي.

سر ميٿيو جڏهن سگريٽ جو ٻيهر اونهو ڪش هنيو ته دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي.

"هليا اچو." هن زور سان رڙ ڪئي، جو ته سندس ڪمري جو دروازو ايڏو ته ٿلهو هو جو سندس آواز ٻاهر نه پئي وڃي سگهيو.

سر ميٿيو جو ڪلارڪ اندر آيو ۽ ڪيس مسٽر برنارڊ ۽ مسٽر ودرنگٽن جي اچڻ جو اطلاع ڏنو. جيئن ئي اهي ڪمري ۾ داخل ٿيا ته سر ميٿيو سوچيو ته ٻه مختلف ماڻهو گڏ ڪيئن آيا آهن؟ پر هن انهن ٻنهي لاءِ هن ڪيس جي سلسلي ۾ ڪم سوچي رکيو هو.

برنارڊ هڪ پراڻي سوچ جو وڪيل هو. ڏاڍو روايتي، پرتڪلف مزاج وارو ۽ ايمانداريءَ جا خيال رکندڙ. سندس سوٽ مان اهو اندازو لڳائي سگهجي پيو ته اهو سال کن کان تبديل نه ڪيو ويو هو. سندس اڌ چنڊ نما چشمي ۽ سندس بيوقوفاڻي وارن جي اسٽائيل مان هر مخالف وڪيل ڪيس آسانيءَ سان هارائڻ جي اميد رکي سگهيو پئي ۽ سوچي پئي سگهيو ته هي ٻئي درجي جو وڪيل آهي. سر ميٿيو سدائين ان جو شڪر گذار رهيو هو، جو ته برنارڊ سٺو مقرر (تقرير ڪندڙ) نه هو ۽ ان ڪري سر ميٿيو سندس مقابلي وارا سمورا ڪيس کٽيا هئا.

برنارڊ جي پٺيان سندس جونيئر

ودرنگٽن بيٺو هو. جنهن کي ان ڪيس بابت ٻڌائڻو هو. خدا ان ڏينهن ڪيڏي نہ ڪنجوسائيءَ کان ڪم ورتو هو. جڏهن ودرنگٽن هن دنيا ۾ پيدا ٿيو هو، چو تہ نہ سندس مهانڊا چڱا هئا ۽ نہ ئي وري ڪو دماغ سٺو هوس. جيڪڏهن هن ۾ ڪي چڱيون خصلتون هيون تہ اهي اجا ظاهر نہ ٿيون هيون.

سر ميٿيوءَ جي ڪلارڪ ان وقت اکيون ڪرڙيون ڪري ڏنو، جڏهن ودرنگٽن جو نالو هن ڪيس ۾ جونيئر طور ڪنيو ويو هو، پر سر ميٿيو سندس جواب ۾ ڪابہ وضاحت پيش ڪرڻ بدران رڳو ٿورو مسڪرائي ڇڏيو هو.

سر ميٿيو پنهنجي سامهون رکيل ٻن ڪرسين تي ٻنهي مهمانن کي ويهڻ جو اشارو ڪيو.

"توهانجي وڏي مهرباني مسٽر برنارڊ جو توهان منهنجي آفيس ۾ آيا. " سر ميٿيو اهو جملو رسمي طور تي چيو، ڇو تہ بار ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ وارن وڪيلن جي روايتن ۾ شامل هو.

"اها منهنجي خوشبختي آهي سر ميٿيو. " مسٽر برنارڊ پنهنجو مٺو نوائنندي چيو.

"مان نٿو سمجهان تہ تون ودرنگٽن کي سڃاڻندو هوندي. هي هن ڪيس ۾ منهنجو جونيئر آهي. " سر ميٿيو، جونيئر وڪيل ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

ودرنگٽن بيقراريءَ مان ڪوٽ جي اڳئين کيسي ۾ پيل ريشمي رومال کي ڇهيو.

"نہ مون ڪڏهن بہ مسٽر ودرنگٽن جي دوستيءَ مان مزو نہ ماڻيو آهي. اسان تہ ڪي لمحا اڳ ئي ورانڊي ۾ گڏيا آهيون." مسٽر برنارڊ چيو، "سر ميٿيو، مان گهڻو خوش ٿيو آهيان جو توهان مونکي هن ڪيس ۾ پاڻ سان گڏ ڪنيو آهي. "

ميٿيو پنهنجي دوست جي روايتي انداز تي مسڪرائي ڏنو.

"مسٽر برنارڊ مان تمام گهڻو خوش آهيان تہ توهان سان هڪ ڀيرو ٻيهر گڏ ڪم ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ هن ڀيري توهان مونکي سخت مقابلي جو ڪيس ڏنو آهي. " ڪيس سر ميٿيو چيو.

روايتي جملن جي ڏي وٺ کانپوءِ پوڙهي وڪيل پنهنجي بيگ مان ناسي رنگ جو فائيل ڪڍيو، "مون توهانجي ملاقات کانپوءِ پنهنجي مؤڪل سان مشورو ڪري ورتو آهي. " هن فائيل کوليندي چيو، "پر مونکي اجا بہ ڊپ آهي تہ مسز بٽنڪس پنهنجي ڏوهاري هئڻ کان نابري واري بيٺي آهي. "

"تہ اجا بہ هوءَ پنهنجي بيگناهيءَ لاءِ رڙيون ڪري رهي آهي؟ "

"هائو سر ميٿيو، مسز بٽنڪس تہ زورائتي نموني سان دعويٰ ڪري رهي آهي تہ هن پنهنجي مڙس کي قتل نہ ڪيو آهي، ڇو تہ هن کي پنهنجي مڙس ڪجهہ ئي ڏنهن اڳ انڌو ڪري ڇڏيو هو. يعني سندس مڙس سندس اکيون ڪڍي ڇڏيون هيون ۽ ٻيو تہ پنهنجي مڙس جي قتل وقت هوءَ هڪ مڪاني اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل

توهانجي مؤڪل جي هٿن جا نشان آهن. "
"اسان ان جي بہ وضاحت ڏئي سگهون ٿا. " برنارڊ چيو.
"پر ڇا جج اسانجي وضاحت کي قبول ڪندا؟ " سر ميٿيو پنهنجي آواز کي اوچو ڪندي چيو. "جڏهن اهي قتل ٿيل ماڻهوءَ جي پرتشدد زندگيءَ جي باري ۾ ٻڌندا، خاص ڪري جڏهن تہ توهانجي مؤڪل کي پر واري ڳوٺ ۾ اڪثر ڏکن لڳل حالت ۾ يا وري اڪ سڄائي گهمندي ڦرندي ڏٺو ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ سندس مٿي جي ڏکن مان رت وهندي بہ ڏٺو ويو آهي ۽ هڪ ڀيري تہ سندس ٻانهن بہ ڀڳي پئي هئي. "
"هن سدائين اهو پئي چيو آهي تہ اهي ڏڪ ڪيس ان وقت لڳندا هئا، جڏهن هوءَ زرعي فارم تي ڪم ڪرڻ ويندي هئي، جتي سندس مڙس مئنيجر هو. "
"سندس اهي ڳالهين کي منهنجي دل نہ ٿي قبولي. " سر ميٿيو ڪمري مان گهمندي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهندي چيو. "۽ اسان لاءِ اها ڳالهہ ڪا گهٽ مددگار نہ آهي تہ زرعي فارم تي روزانو ويندڙ ڪو اڪيلو ٽپالي ئي هوندو. ڳوٺ جي هر ڪنهن ماڻهو زرعيءَ فارم جي مکيہ دروازي کان اندر ٽپڻ يا وڃڻ کان انڪار ڪيو آهي. " هن پنهنجي نوٽس جو بيو پنو اٿلائيندي چيو.
"ٿي سگهي ٿو تہ اها ئي ڳالهہ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي مسٽر بئنڪس کي مارڻ لاءِ سولي لڳي هجي. " ودرنگٽن مشورو ڏنو.
سر ميٿيو نهايت حيرانيءَ مان ودرنگٽن کي ڏٺو، جنهن جي موجودگيءَ کي سر ميٿيو ذري گهٽ وساري ڇڏيو هو.
"دلچسپ نقطو آهي. " هن چيو. جيتوڻيڪ ڪيس جي سلسلي ۾ ڪيڏڻ لاءِ رنگ جو هڪ پتو پيو بہ وٺس هو.
"هڪ ٻيو مسئلو جنهن کي اسان منهن ڏئي رهيا آهيون. " هن وري ڇوڻ شروع ڪيو. "آهو اهو آهي تہ توهانجي مؤڪل جو موقف آهي تہ هوءَ ان وقت اندي ٿي پئي، جڏهن سندس مڙس ڪيس گرم فرائي پين وهائي ڪڍيو هو. مسٽر برنارڊ ان سلسلي ۾ تون ڇا چوڻ ڇاهنيدين؟ "
"منهنجي مؤڪل جي ڇهري جي پرن وٽ ڦٽ جو نشان اڇا بہ ڏسي سگهجي ٿو. " برنارڊ چيو. "۽ ڊاڪٽرن کي يقين آهي تہ هوءَ انڌي آهي. "
" جج ۽ وڪيل، ڊاڪٽرن جي بنسبت گهٽ ئي اهڙين ڳالهين تي جلد يقين ڪندا آهن مسٽر برنارڊ. " پنهنجي فائين جو بيو پنو اٿلائيندي سر ميٿيو چيو. "۽ ٻيو تہ جڏهن لاش جي طبي ڇڪاس ڪئي وئي .... خدا ٿو ڄاڻي تہ اهو قتل وارو ڪم ڪنهن ڪيو آهي...؟ پر ان جي جسم مان زهر بہ مليو آهي. "
"اهو خيال صرف سرڪاري اسپتال جي پيٿالاجسٽ جو آهي... " مسٽر برنارڊ چيو.
"۽ هڪ ٻي ڳالهہ، جنهن جي ترديد مان شايد ڪورٽ ۾ نہ ڪري سگهان. "

سر ميٿيو چيو. "تہ جڏهن سرڪاري وڪيل مسز بئنڪس کان اهو پڇندو تہ تو پنهنجي مڙس جي قتل کان ڪجھہ ئي ڏينهن اڳ زرعي دوائون پهچائڻ واري ماڻهوءَ کان چار گرام زهر  چو خريد ڪيو؟ ۽ مان جيڪڏهن سرڪار وڪيل جي جاءِ تي هجان ها تہ مان ڪانئس هر هر اهو ئي سوال پڇان ها. "

"ممڪن آهي. " برنارڊ پنهنجا پنا ڏسندي چيو. "پر هن ان ڳالھہ جي بہ وضاحت ڏني آهي تہ هن اهو زهر ڪوئن کي مارڻ لاءِ ورتو هو. چو تہ اهي ڪوٺا سندس چوزن کي ڪاٽي پئي ويا ۽ هن کي زرعي فارم ۾ لنگهي ايندڙ بين جانورن جو بہ ڊپ هو. چو تہ وٽس نون سالن جو ٻارڙو بہ هو. "

"اوهہ! ها! رپرٽ! پر اهو تہ ان وقت هڪ بورڊنگ اسڪول ۾ هو. " سر ميٿيون ڪانئس پڇيو. "توکي خبر آهي مسٽر برنارڊ تہ منهنجو مسئلو نهايت سادو آهي. " هن فائيل بند ڪيو. "مان هن عورت جي ڳالھہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهيان ۽ ان ڪري هي ڪيس ڪڻڻ کان ڪيٻايان پيو. "

برنارڊ، سر ميٿيو ڏانهن. اکيون ڇهنجيون ڪري ڏٺو.

"پنهنجي مڙس جي ابتڙ مسز بئنڪس نهايت ذهين ۽ شاطر عورت آهي. " سر ميٿيو چيو. "شاهديون ٻڌائين ٿيون تہ هن ڪيترن ئي ماڻهن کي بيوقوف بڻايو آهي. پر مسٽر برنارڊ مان توهان کي ٻڌائي ڇڏيان تہ مان سندس ان جڙتو ڪهاڻيءَ جي ڪري بيوقوف ٿيڻ وارن مان نہ آهيان. "

"پر اسان ڇا ٿا ڪري سگهون؟ سر ميٿيو...جڏهن مسز بئنڪس ضد ڪري بيٺي آهي تہ اسان سندس ڪيس ڪٺون تہ پوءِ اسان ڇا ڪريون؟ " برنارڊ سوال ڪيو.

سر ميٿيو اٿيو ۽ خاموشيءَ مان هڪ ڀيرو پيھر ڪمري جو چڪر هنيائين ۽ برنارڊ جي اڳيان اچي بيٺو. "اسان گهٽ ڪجھہ نٿا ڪري سگهون. مان مڃان ٿو. "

سر ميٿيو جي آواز ۾ رضامنديءَ جو لهجو هو. "پر منهنجي خواهش آهي تہ مان عورت کي مڃايان تہ هن پنهنجي مڙس جو قتل ڪيو آهي. اسانکي ججن جي رضامندي حاصل ڪرڻي پوندي تہ هن ائين چو ڪيو. ان لاءِ اسانکي عورتن جي ڪنهن گروپ تي ڀروسو ڪرڻو پوندو. جيڪو ان سموري شنوائيءَ دوران اسانجي مدد ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪو جج مسز ميري بئنڪس لاءِ سخت جملا چوندو تہ ان کي هر اخبار ۾ شائونسٽ ۽ عورتن جو مخالف ڪري مشهور ڪيو ويندو. مان مسز بينڪس کي ڪجھہ ئي هفتن ۾ جيل کان ٻاهر ڏسڻ گهران ٿو. نہ مسٽر برنارڊ اسانکي سندس خيالن کي تبديل ڪرڻو پوندو تہ هو اها ڳالھہ مڃي تہ خون هن ڪيو آهي. "

"پر اسان اها اميد ڪيئن ٿا ڪري سگهون! جڏهن هوءَ ضد تي بيٺي آهي تہ هوءَ بيڏوهي آهي ۽ هن پنهنجي مڙس جو قتل نہ ڪيو آهي. " برنارڊ، سر ميٿيو کان

پڇيو.

سر ميٿيو جي چهري تي مسڪراهٽ تري آئي.

"مسٽر ودرنگٽن ۽ مون هڪ ٽل سوچي آهي." هن ودرنگٽن ڏانهن ٻيو پيرو ڏسندي پڇيو.

"هائو سر ميٿيو." نوجوان وڪيل خوشيءَ گاڏڙ لهجي ۾ وراڻيو. ڪيس اها خوشي هئي ته ان کي اهڙي بچڙي طريقي سان ٿي سهي، پر اظهار جو موقعو نه مليو. جيئن ته سر ميٿيو پنهنجي ان ٽل جي باري ۾ ڪجهه به نه ڪڇيو هو، ان ڪري برنارڊ به ان بابت سر ميٿيو کان ڪجهه نه پڇيو.

"ته پوءِ مان ڪڏهن پنهنجي مؤڪل جي منهان منهن ٿيندس؟" سر ميٿيو وڪيل ڏانهن ڌيان سان ڏسندي پڇيو.

"سومر ڏينهن يارهين لڳي صبح جو ٺيڪ رهندو؟" برنارڊ پڇيو.

"ان مهل هوءَ ڪٿي هوندي؟" سر ميٿيو ڊائريءَ کي بند ڪندي پڇيو.

"جيل ۾." برنارڊ وراڻيو.

"ته پوءِ اسان سومر ڏينهن صبح جو يارهين وڳي ساٽس جيل جي ملاقاتي ڪمري ۾ ملنداسين." سر ميٿيو وراڻيو.
"۽ توهان سان اها ايمانداريءَ جي ڳالهه آهي ته مان مسز ميري بئنڪس سان ملاقات ۾ وڌيڪ دير نٿو ڪري سگهان. هوءَ عورت اسان جي سوچ کان وڌيڪ چالاڪ آهي. مسٽر برنارڊ منهنجا لفظ ياد رکجانءِ، هوءَ هر مخالف وڪيل کي مجائي سگهي ٿي."

سر ميٿيو جڏهن جيل جي ڪمري ۾ ميري بئنڪس سان ملڻ پهتو ۽ ان عورت کي پهريون پيرو ڏٺو ته ڪيس هڪ لمحي لاءِ جهٽڪو محسوس ٿيو. ڪيس فائيل جي ڪاغذن مان خبر پئي هئي ته هوءَ سٺيهن سالن جي هئي، پر پورن ناسي وارن واري عورت، جيڪا پنهنجن هٿن کي هنج ۾ آرام سان رکيو ويٺي هئي، پنجاهه سالن کان ڪنهن به ريت گهٽ ڪانه ٿي لڳي. سر ميٿيو سوچيو ته سنهڙي بدن واري هڏن نڪتل اها عورت ڪنهن دور ۾ ضرور خوبصورت رهي هوندي. سر ميٿيو کي مسٽر برنارڊ ان عورت جي اڳيان ميز جي ٻئي پاسي ويهڻ لاءِ چيو. ڪمري ۾ لڳل دريءَ مان عورت تي روشني پئجي رهي هئي. سر ميٿيو ۽ ان جو جونيئر پنهنجي پنهنجي ڪرسين تي وڃي ويٺا ۽ مسٽر برنارڊ هڪ ڪوپ ۾ ڪافي اوتڻ لڳو.

"گڊ مارننگ مسز بئنڪس." برنارڊ چيو.

"گڊ مارننگ مسٽر برنارڊ." عورت وراڻيو ۽ منهن ان پاسي ڦيرائي ڇڏيو، جيڏانهن آواز ٿي آيو. "توهان سان گڏ ٻيو به ڪو آهي؟"

"هائو مسز بئنڪس، مون سان گڏ سر ميٿيو رابرٽ به آهي، جيڪو توهانجي ڪيس جي پيروي ڪندو."

عورت، سر ميٿيو جي ڪرسيءَ ڏانهن منهن ڦيرائي هلڪي نموني ڪنڌ کي جهڪايو. سر ميٿيو اٿيو ۽ اڳتي وڌي چيائين، "گڊ مارننگ مسز بئنڪس." ۽

ان ڪانپوءِ اوچتو سندس ساڃي ڪلهي وٽان اچي بيٺو.

"گڊ مارننگ سر ميٿيو. " عورت بنا ڪنهن چرپر جي مسٽر برنارڊ ڏانهن لڳاتار منهن ڪندي وراڻيو. "مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ته توهان منهنجو ڪيس پيا وڙهو. "

"سر ميٿيو توهان کان ڪي سوال پڇڻ ٿو چاهي مسز بئنڪس. " برنارڊ ڪيس چيو، "ته جيئن هو اهو فيصلو ڪري سگهي ته ڪيس کي بهتر نموني ڪيئن پيش ڪري سگهجي. تون ائين سمجهه ته هي سرڪاري وڪيل آهي ۽ توکان شاهديءَ واري ڪٽهڙي ۾ ڪي سوال پڇي رهيو آهي. "

"مان سمجهان ٿي. " هن وراڻيو. "مونکي سر ميٿيو جي هر سوال جو جواب ڏيندي خوشي ٿيندي. مونکي يقين آهي ته اها ڳالهه ڪنهن کي به ثابت ڪرڻ ۾ ڏکيائي محسوس نه ٿيندي ته هڪ ڪمزور ۽ انڌي عورت ڪنهن طاقتور مرد کي قتل نه ٿي ڪري سگهي. "

"ان جي باوجود ته طاقتور مرد کي قتل ڪرڻ کان اڳ زهر ڏنو ويو هجي. " سر ميٿيو آرام سان چيو.

اها يقينن وڏي همت جي ڳالهه هوندي ته ڪو ماڻهو پنهنجي گهر کان پنج ميل پري اسپتال ۾ داخل هجي ۽ اتان کان پنڌ ڪري اچي ڪو قتل ڪري. " مسز بئنڪس وراڻيو.

"ائين به ٿي سگهي ٿو، جڏهن قتل ڪرڻو هجي ته.. " سر ميٿيو وراڻيو. "تنهنجي دعويٰ آهي ته تون مٽي تي ڏک لڳڻ ڪري انڌي ٿي وئي آهين. "

"هائو سر ميٿيو!...مان جڏهن صبح جو پنهنجي گهر ۾ نيرن تيار ڪري رهي هيس ته منهنجي مڙس مونکي چلهي تان گرم فرائي پين کڻي وهائي ڪڍيو هو. مان گسائي ويس، پر فرائي پين جو ڪنارو منهنجي ڪاٻي پاسي کي چنبڙي پيو. " هن چهري تي لڳل ڦٽ جي نشان کي هٿ لاتو، جڻ اهو هاڻي ساڻس سڄي زندگي چنبڙيل هوندو.

"۽ ان ڪانپوءِ ڇا ٿيو؟ "

"پوءِ مان بورچيخاني جي فرش تي ڪري پيس. جڏهن مونکي هوش آيو ته مون محسوس ڪيو ته ڪمري ۾ ٻيو به ڪير آهي، پر ايستائين مون ڪيس ڪونه سڃاتو، جيستائين هن نه ڳالهايو. سندس آواز مان مونکي محسوس ٿيو ته اهو اسان جي ڳوٺ جو نيپالي جيڪ هو. هن مونکي پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاريو ۽ هڪ اسپتال ڏانهن کڻي ويو. "

"۽ تون جڏهن اسپتال ۾ ئي هئين ته پوليس تنهنجي مڙس جي لاش کي ڳولهي هٿ ڪري ورتو هو؟ "

بلڪل ٺيڪ سر ميٿيو...ان ڪانپوءِ به مان اسپتال ۾ ٻه هفتا ڪن رهيس ۽ ان وچ ۾ ڳوٺ جو پادري مون ڏانهن روزانو ايندو هو. "

"تو ڪڏهن ائين نه سوچيو ته اها ڪيڏي نه حيران ڪن ڳالهه آهي ته تنهنجو مڙس توسان اسپتال ۾ هڪ به ڀيرو ملڻ نه آيو؟ " سر ميٿيو ڪافيءَ جي ڪوپ کي

ميز جي ڪناري ڏانهن سيريندي پڇيو.
"نه، مونکي هن ڪوڙ پيرا چلڻ جي ڌمڪي ڏني هئي ۽ مان نه ٿي پانيان... " ايتري ۾ سر ميٿيوءَ جو ميز تي رکيل ڪوپ ميز تان هيٺ ڪري پيو ۽ فرش تي هڪ وڏي آواز سان ڀڄي پيو. سر ميٿيو جون اکيون مسز بئنڪس جي چهري تي ڪتل رهيون.
عورت ڊپ ۾ پڙڪو ڪاڏو، پر ان طرف نه ڏٺائين، جنهن پاسي ڪوپ ڪريو هو.
"مسٽر برنارڊ تون ٺيڪ نه آهين؟ " عورت پڇيو.
"اها منهنجي غلطي هئي. " سر ميٿيو وراڻيو، " مون ڪپ کي ميز جي ڪپ تي رکيم ۽ اهو اتان ڪري پيو. "
برنارڊ مرڪي ڏنو ۽ ودرنگٽن خاموشيءَ سان ويٺو رهيو.
"توهان پنهنجي ڳالهه جاري رکو...
"سر ميٿيو چيو ۽ ڪوپ جا ٽڪرا فرش تان ميڙڻ لڳو. توهان چيو پئي نه مان نٿي پانيان... "
"اوهه! ها! مسز بئنڪس وراڻيو، "مان نٿي پانيان نه منهنجي مڙس کي ان ڳالهه جي ڪا پرواهه هئي نه مان بنيءَ ڏانهن واپس موٽنديس يا نه. "
"بلڪل ائين... " سر ميٿيو ڀڳل ڪوپ جا ٽڪرا ميز تي رکندي چيو، "پر توهان ان ڳالهه جي وضاحت ڪندؤ نه پوليس کي ان ڪهاڙيءَ جي ڳن تان توهانجا وار ڇو مليا آهن، جنهن سان توهانجي مڙس جي سسي ڪپي وئي هئي!؟ "
"هائو سر ميٿيو! مان وضاحت ڪري سگهان ٿي. ان ڪهاڙيءَ سان مان ان ڏينهن نيرن تيار ڪرڻ کان اڳ ڪاٺيون وڍيون هيون. "
"نه پوءِ مسز بئنڪس مان اهو به پڇڻ ۾ حق بجانب آهيان نه ڪهاڙيءَ جي ڳن تي توهانجي آڱرين جا نشان ڇو نه آهن. "
"ڇو نه مونکي دستانا پاتل هئا سر ميٿيو. توهان جيڪڏهن بنيءَ ۾ ڪم ڪيو هجي نه توهان کي پليءَ پت اها خبر هوندي نه آڪٽوبر مهيني ۾ صبح جو پنجين وڳي ڪيڏي نه ٿڌ هوندي آهي؟ "
هن پيري وري برنارڊ مسڪرايو.
"پر ان رت جي باري ۾ ڇا چوندئن، جيڪو تنهنجي مڙس جي قميص جي ڪالر تي لڳل هو؟ رت، جيڪو سرڪاري اسپتال جي ڊاڪٽرن تنهنجي رت سان پيٽي ڏٺو آهي ۽ اهو تنهنجو ئي رت آهي. "
" جيڪڏهن توهان منهنجي گهر جي شين کي غور سان ڏسندا نه توهان کي انهن مان گهڻين شين تي منهنجي رت جا نشان ملندا. "
"۽ اها ڪوڏر، جنهن جي سموري ڳن تي توهانجي آڱرين جا نشان آهن. توهان ان سان نيرن جي تياريءَ کان اڳ زمين کوٽڻ جو ڪو ڪم ڪيو هو ڇا؟ "
ان ڏينهن نه نه، پر ان کان گذريل سڄو هفتو مون ان ڪوڏر سان ڪم ڪيو هو. "

"چڱو. " سر ميٿيو چيو. "چڱو هاڻي اسان ان ڳالهہ تي ٿا اچون، جيڪا توهان روزانو نہ ڪنديون هيون. مثال طور زهر خريد ڪرڻ.... پهرين تہ مسز بئنڪس توهانکي ايتري مقدار جي زهر خريد ڪرڻ جي ضرورت ڇو پئي ۽ بيو تہ توهان ستاويهن ميلن جو سفر ڪري ان کي خريد ڪرڻ ڇو ويون؟ "

"مان هر ٻي خميس تي ان مارڪيٽ ۾ ويندي آهيان . " مسز بئنڪس وضاحت ڪئي، "ڇو تہ زرعي دوائون ڏيڻ وارو ڪوبہ ماڻهو ويجهڙ ۾ ڪونهي. "

سر ميٿيو ڪيس گهوري ڏٺو ۽ ڪرسيءَ تان اٿيو. هن مسز بئنڪس جي چوڌاري چڪر ڪاٽيا، جڏهن تہ برنارڊ سندس اکين کي ڏسي رهيو هو. پر اهي هڪ جاءِ تي بيٺل هيون

جڏهن سر ميٿيو، عورت جي پٺيان ڦري آيو تہ هن واچ ۾ وقت ڏٺو. ان وقت يارنهن لڳي سترنهن منٽ ٿيا هئا. هن ڄاتو ٿي تہ سندس ڪم بلڪل وقتائتو هو. ڪيس خبر هئي تہ سندس واسطو نہ رڳو هڪ ذهين، پر شيطان قسم جي عورت سان هو. ڇو تہ جيڪڏهن اها عورت ايڏي ذهين ۽ شيطان دماغ واري نہ هجي ها تہ بروس بئنڪس جهڙي ماڻهوءَ سان يارنهن سال گڏ ڪيئن گذاري سگهي ها.

"توهان اڃا بہ ان ڳالهہ جي وضاحت نہ ڪئي تہ توهانکي ايتري مقدار ۾ زهر ڇو گهربل هو. " سر ميٿيو سندس پٺيان بيٺي پڇيو.

مسز بئنڪس مٺو ڦيرائڻ ڪانسواءِ ئي چيو "اسان جا ڪيترائي ڇوزا مارجي چڪا هئا. منهنجي مڙس جو خيال هو تہ اهو ڪم ڪوئن جو هو، ان ڪري هن مونکي چيو تہ زهر گهڻي مقدار ۾ وٺي اچجان تہ جيئن ڪوئن کي ناس ڪري سگهجي. هڪ ڀيرو ۾ هميشہ لاءِ. اهي ئي هن جا لفظ هئا. "

" پر حقيقت ۾ ان زهر جو شڪار خود اوهان جو مڙس ٿيو. " سر ميٿيو ٽوڪ واري انداز ۾ چيو.

"مونکي پنهنجي پٽ رپرٽ جي سلامتيءَ جو خوف هو. " مسز بئنڪس، سر ميٿيو جي ڳالهہ کي نظرانداز ڪندي چيو.

"ڇا اهو صحيح ناهي تہ ان وقت توهانجو ٻار اسڪول جي بورڊنگ ۾ رهندو هو؟"

"توهان بلڪل صحيح ٿا چئو سر ميٿيو، پر اهو ان ئي هفتي مڊٽرم جي امتحان ڪانپوءِ واپس اچڻو هو. "

"توهان ان کان اڳ بہ ڪڏهن زرعي دوائون ورتيون هيون. "

باقاعديءَ سان. " مسز بئنڪس وراڻيو ۽ سر ميٿيو ڦري عورت جي اڳيان اچي ويو، "مان گهٽ ۾ گهٽ مهيني ۾ هڪ ڀيرو ان طرف ضرور ويندي هيس ۽ مئنيجر بہ ان ڳالهہ جي شاهدي ڏيندو. " هن پنهنجو مٿو هيٺ ڪري پنهنجي ساڄي پير ڏانهن ڏٺو.

سر ميٿيو خاموش رهيو ۽ پنهنجي واچ کي ڏسندو رهيو. هن سوچيو تہ اها ڳالهہ ڪجهہ ئي ساعتن جي هئي. ٿوري

دير ڪانپوءِ ان ملاقاتي ڪمري جو پويون دروازو کليو ۽ ان مان نون سالن جو هڪ ٻارڙو داخل ٿيو. جيڪو ان عورت جو پٽ هو . ٽئي ڇٽا عورت ڪي غور سان ڏسڻ لڳا. ٻار پنهنجي ماءُ جي پرسان اچي مسڪرايو پر ماٽس ڪيس ڪوبہ ردعمل نہ ڏنو. هن ڏهہ سيڪنڊ ٻيا بہ انتظار ڪيو. جيئن هن کي سمجهايو ويو هو. پر مسز بئنڪس جون اکيون سر ميٿيو ۽ برنارڊ جي وچ تي ڪٽل هيون. برنارڊ جي چهري تي سرهائي ۽ سوپ واري مسڪراهٽ اچي وئي.

"ڪمري ۾ ڪو ٻيو بہ آهي ڇا؟ " مسز بئنڪس پڇيو. "مون در ڪلڻ جو آواز ٻڌو! "

"تہ " سر ميٿيو چيو. "رڳو آئون ۽ مسٽر برنارڊ ڪمري ۾ آهيون. "

ودرنگٽن خاموش ويٺو رهيو.

سر ميٿيو وري مسز بئنڪس جي چوڌاري چڪر ڪاٽڻ لڳو ۽ سوچيائين تہ اهو آخري چڪر هوندو. ڪيس ان ڳالهہ جو يقين ٿيڻ لڳو هو تہ هن، ان عورت کي غلط سمجهيو هو. جڏهن هو بلڪل عورت جي پنيان آيو تہ ان وقت هن پنهنجي جونيئر کي ڪنڌ جو اشارو ڪيو. جيڪو عورت جي بلڪل سامهون ويٺو هو.

ودرنگٽن پنهنجي ڪوٽ جي اڳئين کيسي مان ريشمي رومال ڪڍيو ۽ عورت جي اڳيان ميز تي پکيڙي ڇڏيائين.

مسز بئنڪس ڪوبہ ردعمل نہ ڏيکاريو. ودرنگٽن پنهنجي ساڄي هٿ کي کوليو ۽ مٽي کي هيٺ جهڪائي پنهنجو مٺو پنهنجي کليل هٿ مٿان رکي ڇڏيائين. هن پنهنجي هڪ اک جي ڪوپي مان مصنوعي اک کي ڪڍي ميز مٿان رکيل رومال تي رکي ۽ ان کي ٽيبل تي پورا ٽيهہ سيڪنڊ ڇڏي ڏنو ۽ ان ڪانپوءِ ان کي رڳڙڻ شروع ڪيو. سر ميٿيو پنيان ڦري مسز بئنڪس جي اڳيان اچي ويٺو ۽ ويهڻ شرط هن مسز بئنڪس جي نراڙ تي پونڊڙ گهجن کي محسوس ڪري ورتو. جڏهن ودرنگٽن بادام ٽائيپ شيشي مصنوعي اک کي صاف ڪري ورتو تہ هن پنهنجي مٿي کي آهستي آهستي مٿي ڪنيو ۽ عورت کي سندس اکين ۾ گهوري ڏٺو ۽ ان ڪانپوءِ اک کي وري اکياڙيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. مسز بئنڪس اوچتو منهن ٻئي ڦيرائي ڇڏيو. هن پاڻ کي تڪڙو سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گهڻي دير ٿي چڪي هئي.

سر ميٿيو، پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ پنهنجي مؤڪل ڏي مسڪرائيندي ڏٺائين، جنهن تي عورت بہ مسڪرائي وڌو.

"مونکي اعتراف آهي تہ هاڻ مان اوهان جو ڪيس بهتر انداز ۾ وڙهي سگهندس، جنهن ۾ منهنجو اهو موقف هوندو تہ اهو قتل هڪ غيرارادي عمل جو نتيجو هو. جنهن جو ڪارڻ توهان جي مڙس جو توهان کي تشدد جو نشانو بنائڻ هو." سر ميٿيو مسز بئنڪس جي پرن واري ڦٽ کي ڏسندي چيو.

شام ٿي ۽ شهر اونداهيءَ ۾ ويڙهجي ويو. البته پاڙن، جهپڙين ۽ دڪانن مان روشنيءَ جا ڪرڻا نڪري رهيا هئا. گهٽيون هجوم سان ڀرپور هيون. ماڻهن ڪي سٺا لباس پهريل هئا ۽ انهن جي چهرن تي خوشيءَ جا ۽ اطمينان جا آثار وافر مقدار ۾ موجود هئا.

آئون ماڻهن جي ميڙ کان هٽي ڪري هلڻ لڳس ۽ انهيءَ عظيم انسان جي باري ۾ سوچڻ لڳس، جنهن جي عظمت جا گيت اڄ ڳايا پئي ويا ۽ منهنجي دل ۽ دماغ تي انهيءَ عظيم انسان ۽ اعليٰ شخصيت جا خيال ڇانئجي ويا، جيڪو افلاس جي ماحول ۾ ڄائو ۽ جنهن تقويٰ ۽ پرهيزگاري

# جشن جي شام

خليل جبران/امين اڏيرائي



جشن جي شام جڏهن هر ڪو مرد، عورت ۽ ٻار خوش هو تڏهن هڪ ماڻهو غمگين ٿيو وينو هو. سندس غم جو ڪارڻ ڇا هو، سو دنيا جي هن مهان لکيڪ جي لکڻيءَ ۾ پڙهندا.

**خوشي جي موقعي تي هڪ ماڻهو جي غم جو احوال**

۾ پاڪدامنيءَ سان سموري زندگي بسر ڪئي ۾ صليب تي چڙهي جان جو نذرانو پيش ڪيو.

آئون انهيءَ ٻرندڙ مشعل ڏانهن غور ۾ فڪر ڪرڻ لڳس، جيڪا "شام" جي انهيءَ ڳوٺ ۾ روح القدس روشن ڪئي هئي...اهو ئي روح القدس، جيڪو صدين ڪان فضا ۾ پرواز ڪري رهيو آهي ۾ انهيءَ جي ئي سچائي آهي، جيڪا هڪ تهذيب مان گذري، ٻي تهذيب ۾ داخل ٿئي ٿي.

جڏهن باغ ۾ پهتس تہ هڪڙي بينچ تي ويهي رهيس ۾ وڏن وڏن وڻن جي وچان شهر جي گهنٽين کي ڏسڻ لڳس. جشن ملهائڻ وارن جا گيت منهنجن ڪنن ۾ گونجڻ لڳا.

پورو هڪڙو ڪلاڪ آئون غور ۾ فڪر ۾ ٻڏل رهيس. تنهن ڪانپوءِ مون چوڌاري نظر ڊوڙائي....مون ڏٺو تہ هڪڙو شخص پريرو ويٺو زمين تي ليڪا ڪڍي رهيو هو. هي ڪٿان آيو؟ آئون اهو سوچي حيران ٿي ويس.

آئون پاڻ مرادو ورڻ لڳس.

مون هن شخص ڏانهن غور سان ڏٺو. هن جو لباس پراڻي طرز جو هو. وار ڊگها هئس، جيڪي ڪلهن تي پکڙيل هئس ۾ نموني مان ڪو باوقار ماڻهو ٿي لڳو.

هن ڪي بہ شايد اهو احساس ٿي ويو تہ آئون سندس باري ۾ ئي سوچي رهيو آهيان. هن مون ڏانهن ڏٺو ۾ چيائين، "شام جو سلام پٽ!"

مون بہ جواب ۾ چيو، "توهانکي بہ شام جو سلام"

هن ٻيهر زمين تي ليڪا ڪڍڻ ۾ نقشا ناهڻ شروع ڪري ڇڏيا. پر منهنجن ڪنن ۾ هن جي سريلي آواز جو پڙلاءُ پوڻ لڳو.

مون خاموشيءَ کي ٽوڙيو. "ڇا توهان هن شهر ۾ نوان آهيو؟"

"ها! آئون هن شهر ۾ توڙي هر شهر ۾ اوپرو هوندو آهيان."

"مون ٿورو ترسي آٿت واري نموني ۾ چيو، "جڏهن شهر ۾ جشن هجي تہ پوءِ ڪنهن کي بہ اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ هو اوپرو آهي. ماڻهو توهان سان سٺي نموني سان پيش ايندا."

هن ٿڪل نموني چيو، "آئون انهن جشن جي ڏينهن ۾ وڌيڪ اجنبيت محسوس ڪريان ٿو."

ائين چئي هن شفاف آسمان ڏانهن ڏٺو. هن جون نظرون چانڊوڪيءَ ڪان بہ هن پار لهي ويون. هن جي چپن ۾ هلچل پيدا ٿي، ڄڻ هن آسمان ۾ ڪنهن ڏوراهين ملڪ جو پاڇو ڏٺو هجي. مونکي هن جي ڳالهہ ۾ ڪجهہ محسوس ٿيو تہ مون چيو، "هي سال جو اهو ڏينهن آهي، جڏهن سڀ ماڻهو هڪ ٻئي لاءِ مهربان هوندا آهن.

امير غريب تي ڪرم نوازي ڪري ٿو ۽ طاقتور انسان، ڪمزورن تي رحم جي نظر ڪن ٿا."

هن جواب ڏنو، "ها! اميرن جي وقتي طور ڪنهن سان همدردي ڪرڻ وڏيڪ تلخ هوندي آهي ۽ طاقتور، ڪمزور تي قياس ڪري ڪين اهو ياد ڏياري ٿو ته هو طاقتور آهي."

مون هن سان سهمت ٿيندي چيو، "توهانجي ڳالهه ۾ به وزن آهي. پر غريبن ۽ ڪمزورن کي انهيءَ سان ڇا ته اميرن جي نيت ۾ ڇا آهي؟ بکايل کي انهيءَ ڳالهه سان ڪهڙو واسطو ته هن کي جيڪا ماني ملي آهي، اها ڪهڙيءَ طرح ڳوهي ۽ پچائي وئي آهي."

پوءِ هن جواب ۾ چيو، "جيڪو شخص ڪجهه وٺي ٿو، سو انهن ڳالهين کي ذهن ۾ نه ٿو رکي. پر جيڪو ڏيندو آهي، انهيءَ تي اهو بار ضرور هجڻ گهرجي ته هن انساني همدردي ۽ دوستاڻي امداد طور اهو سڀ ڪجهه ڪيو آهي يا رڳو ذاتي عظمت، وقار ۽ ڏيکاءَ خاطر.."

آئون هن جي سمجهه ۽ ادراڪ تي حيران ٿي ويس ۽ هن جي لباس ۽ نموني بابت غور ڪرڻ لڳس ۽ پوءِ ڪجهه سوچي چيم، "ائين ٿو لڳي ته توهان کي مدد جي ضرورت آهي. ڇا توهان مون کان ڪجهه سڪا وٺڻ قبوليندا؟"

هن جي چهري تي غمگين مسڪراهٽ اڀري. هن چيو، "ها! مونکي امداد جي بيحد ضرورت آهي. پر سون ۽ چانديءَ جي نه....."

مون منجهيل نموني پڇيو، "ته پوءِ توهانکي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي؟"

"مونکي پناهه جي تلاش آهي. مونکي ڪا اهڙي پناهه گاهه گهرجي، جتي منهنجي دل ۽ دماغ کي سڪون ملي سگهي."

مون وري چيو، "توهان، مونکان ٻه دينار وٺو ۽ سرائي ۾ وڃي آرام ڪريو."

هن ڏکاري نموني چيو، "ڇا ڪريان؟ آئون هر سرائي (مسافرخانو) ۾ ترسيو آهيان ۽ هر دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪئي اٿم، پر اهو سڀ ڪجهه بيڪار آهي. آئون ڪاڏي خوراڪ جي هر دڪان ۾ داخل ٿيس. ليڪن ڪوبه منهنجي مدد ڪري نه سگهيو. آئون زخمي آهيان، بکايل ناهيان. آئون مايوس آهيان، زناور ناهيان. آئون ڇت جي اجهي جي تلاش ۾ نه، پر انساني ڇپر ڇانوَ جو متلاشي آهيان."

مون پاڻمرادو چيو، "هي ته ڪو عجيب ماڻهو آهي. ڪيڏي مهل فلسفين وانگر ڳالهيون پيو ڪري ته ڪيڏي مهل چريو وانگر!"

مون اهو دل ئي دل ۾ خيال ڪيو هو، تڏهن هن مونکي گهوريندي ٽڪل لهجي ۾، جنهن ۾ افسردگيءَ نمايان هئي، چيو، "ها آئون چريو آهيان، پر چريو به ته پناهه ڪانسواءِ بلڪل اجنبي ۽ ڪاڏي ڪانسواءِ

بکيو رهندو. ڇاڪاڻ تہ انسان جي دل تہ بلڪل خالي ٿي چڪي آهي."

مون معذرت ڪندي چيو، "آئون اهڙن اجاين خيالن جي معافي ٿو گهران. جيڪڏهن توهان منهنجي درخواست قبول ڪريو تہ منهنجي غريب خاني تي هلو."

"آئون تنهنجي دروازي تان بہ ڪيترائي دفعا نااميد ٿي موٽيو آهيان." هن چيو.

هاڻ مونکي پڪ ٿي تہ هي شخص چريو آهي. تڏهن مون هن کي چيو، "چڱو توهان، مون سان گڏ هلو."

هن آهستي پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ چيو، "جيڪڏهن مونکي سڃاڻندو هجين ها تہ ڪڏهن بہ مونکي پاڻ وٽ هلڻ جي دعوت نہ ڏين ها."

مون ڪجهہ خوفزده ٿي پڇيو، "تون ڪير آهين؟"

اوچتو هن جي آواز ۾ گجگوڙ پيدا ٿي، جنهن ۾ ڄڻ ڪو طوفان لڪل هجي. هن چيو، "آئون.....آئون انقلاب آهيان.....۽ جن شين کي قومون تباهہ ۽ برباد ڪن ٿيون، آئون انهن کي ٻيهر جوڙيان ٿو. آئون اهو طوفان آهيان، جيڪو قديم ترين وڻن کي بہ پاڙئون پٽي ڇڏيندو آهي. آئون اهو آهيان، جيڪو زمين تي جنگ برپا ڪري ٿو ۽ امن ڪان پري رهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ انسان مصيبت ۾ ئي خوش رهي ٿو."

هو اٿي بيٺو. لڙڪ هن جي اکين ڪان ٽيندا ڳلن تائين اچي ويا هئا. هن جي چوڌاري روشنيءَ جو حلقو ظاهر ٿيو. هن پنهنجا هٿ پکيڙي ڇڏيا. مون هن جي هٿ جي ترين ۾ ڪوڪن جا نشان ڏٺا. تڏهن آئون بيتاب ٿي هن جي آڏو گوڏن ڀر جهڪي ويس ۽ رڙ ڪندي چيم، "اي مسيح ناظري!..."

هن دردناڪ لهجي ۾ چيو، "هي ماڻهو منهنجي عظمت جا گيت ڳائي رهيا آهن ۽ منهنجو ڏهاڙو ڪيترن ئي صدين ڪان ملهائيندا پيا اچن. پر منهنجي حالت هيءَ آهي تہ آئون اوير ڪان اولهہ ۽ اتر ڪان ڏکڻ تائين پيو ڦران. پر مونکي ڪير بہ نہ ٿو سڃاڻي. لومڙين جي رهڻ لاءِ ٻرَ موجود آهن، پکي پنهنجن آکيرن ۾ آرام ڪري رهيا آهن، پر مون لاءِ ڪابہ پناهہ گاهہ ناهي."

تڏهن مون اکيون کڻي مٿي نهاريو تہ سامهون ڪوبہ ڪونہ هو. بلڪ چوڌاري مڪمل خاموشي هئي.

مون سامهون نهاريو تہ هجوم مان ماڻهن جي گيتن جا آواز منهنجي ڪنن تي پيا پئي. منهنجي ضمير مان آواز آيو، "اها طاقت، جيڪا دل کي نقصان پهچڻ ڪان محفوظ رکي ٿي ۽ جيڪا دل کي پنهنجي عظمت جا پير ڊگهيڙڻ ڪان پاسيرو رکي ٿي. گيت، جيڪو آواز مان پيدا ٿيندو آهي. وِڻدڙ ۽ پيارو ضرور هوندو آهي، پر دل جو گيت، محض آسمانن جو آواز آهي."



# محشر

سلسليوار ناول جي ستين قسط

سڊني شيلڊن /محمد ميمڻ

هڪ ڇوڪريءَ جي همت جو داستان
جيڪا خطرناڪ ماڻهن جي گروه کان انتقام وٺڻ
گهري ٿي. سڀئي هن جي هار ۾ يقين رکن ٿا پر هوءَ
جبل وانگر اڏول بيهي دشمنن جي اکين ۾ اکيون
وجهي کين للڪاري رهي آهي.

همت ۽ حوصلي جو هڪ اڻ وسرندڙ داستان



# گذريل قسطن جو تت

ٽريسي وٽني فلاڊلفيا ۾ نوڪري ڪري ٿي.اتي هن جو چارلس نالي هڪ شخص سان پيار آهي ۽ ٻئي جلد شادي ڪرڻ وارا آهن.ٽريسيءَ جي پيٽ ۾ چارلس جو ٻار سرجي رهيو آهي.ايتري ۾ کيس گهران فون اچي ٿو ته سندس ماءُ خودڪشي ڪري ڇڏي آهي.هي پنهنجي اباڻي شهر نيو اورلينس واپس وڃي ٿي. جتي کيس پتو پوي ٿو ته جو رومانو نالي هڪ ماڻهوءَ سندس ماءُ کي ٺڳي ڏيواليو ڪري ڇڏيو هو. ان ڳالهه جي ڪري سندس ماءُ خودڪشي ڪري ڇڏي هئي.هيءَ بدلو وٺڻ جي لاءِ رومانو جي گهر وڃي ٿي . جتي اهو ماڻهو کيس قابو ڪري عزت لٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.انهيءَ ڪشمڪش ۾ ٽريسيءَ جو پسٽل هلي پوي ٿو ۽ رومانو زخمي ٿي پوي ٿو.ٽريسي کيس مئل سمجهي گهبرائجي وڃي ٿي ۽ ايئرپورٽ پهچي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، جتي پوليس وارا کيس گرفتار ڪري وٺن ٿا. سندس مٿان رومانو کي قاتلاڻه حملي جو مقدمو هلي ٿو. سندس وڪيل ۽ جج ٻئي انهن ڏوهارين جي گروه جا ڪارندا آهن.جن جي ڪري سندس ماءُ آپگهات ڪري ڇڏيو هو.اهي کيس دوکو ڏئي، ان دلاسي تي ڏوه قبولائين ٿا ته ان ڳالهه ڪري کيس قيد جي سزا نه ملندي ۽ سندس پويون بي داغ ريڪارڊ ڏسي کيس آزاد ڪيو ويندو. ٽريسي سندن ڄار ۾ ڦاسي پنهنجو ڏوهه عدالت ۾ باسي ٿي ۽ جج کيس پندرهن سالن جي قيد جي سزا ٻڌائي ٿو.ٽريسيءَ کي جيل نيو وڃي ٿو. جيل جي ڪوٺيءَ ۾ قيدياڻيون ساڻس جنسي بدفعلي ڪن ٿيون. جنهن جي ڪري سندس پيٽ ۾ سرجيل ٻار ڪهائي ٿيو وڃي.ظلم ته وڌيڪ اهو ٿئي ٿو ته کيس سزا طور قيد تنهائيءَ ۾ رکيو وڃي ٿو. اتي ٽريسي پنهنجي دشمنن کان انتقام وٺڻ جو عهد ڪري ٿي.هوءَ پنهنجي جسم ۽ دماغ کي ورزش وسيلي چست رکي ٿي. ٻاهر نڪري پنهنجي پراڻيءَ ڪوٺيءَ ۾ وڃڻ جي خواهش ڏيکاري ٿي. اتي هوءَ انهن ٻن قيدياڻين کي مار ڏئي ٿي جن ساڻس بدفعلي ڪئي هئي. هوءَ ٽين قيدياڻيءَ ارنيسٽائين کي ڪجهه ڪو نه چوي ٿي چو ته اها ان جيل جي بي تاج بادشاهه هئي.اها سندس بهادري ڏسي هن کان پنهنجي اڳين ڪرت جي معافي وٺي ٿي ۽ جيل ۾ سندس مربي ٿيو وڃي. ٽريسي کيس جيل مان فرار جي لاءِ مدد جي گهر ڪري ٿي.ان جيل جي ريڪارڊ مطابق، اڄ ڏينهن تائين ڪا به قيدياڻي ان جيل مان فرار ٿي نه سگهي هئي. ٽريسي ان ريت کي ٽوڙڻ جو قسم کائي ٿي.اتي ٽريسيءَ مٿان هڪ وڏي بدمعاش برٿا جي اک آهي پر ارنيسٽائين جي ڪري ٽريسي ان جي شرارت کان بچيل آهي.ارنيسٽائين کي هفتي کن ۾ آزادي ملڻي آهي.آخر ٽريسي ۽ ارنيسٽائين جيل مان ڪپڙن جي ٽراليءَ ذريعي ڀڄڻ جو منصوبو ٺاهين ٿيون. ٽريسيءَ کي ٻئي ڏينهن فرار ٿيڻو آهي. رات جو ڪو اچي ٽريسيءَ کي سرهاڻ ڪري سڏ ڪري ٿو. ٽريسي سندس آواز ڪو نه سڃاڻي سگهي ته اها ڪير آهي، دوست يا دشمن.

جواب ملڻ تي خبر پيس ته اها به جيل جي هڪ قيدياڻي ليلان هئي، جيڪا کيس فرار ۾ مدد ڏيڻ لاءِ آئي هئس. ٽريسي وٽنيءَ جي فرار ٿيڻ جو سموريون ڪارروايون مڪمل هيون، پر بد قسمتيءَ، مان فرار ٿيڻ واري ڏينهن تي، جيل جي وارڊن جي زال کيس ايميءَ کي باغ ۾ گهمائڻ لاءِ چيو، ڇو ته وٽس مهمان آيل هئا. باغ ۾ ايميءَ کي ڪيڏائيندي فرار ٿيڻ لاءِ ڊوڙ پاتي. ڊوڙندي ڊوڙندي کيس، پويان ايميءَ جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. ايمي باغ جي اونهيءَ ڍنڍ ۾ ڪري پئي هئي. ٽريسيءَ ايميءَ جي جان بچائڻ جي لاءِ، فرار ٿيڻ کي ڇڏي، وڃي ڍنڍ ۾ ايميءَ کي بچائڻ لاءِ ٽپو ڏنائين. جيتوڻيڪ کيس ترڻ به نه ايندو هو. هن جي بهادريءَ جي ڪري ايميءَ جي جان بچي وئي. سرڪار سندس اهڙي جذبي کي ڏسي کيس آزاد ڪري ڇڏيو. ٻاهر نڪرڻ سان ٽريسيءَ پنهنجي دشمنن جوزف رومانو، پيري پوپ، جج هينري لارينس ۽ اوورسانيءَ کان بدلو ورتو. هن چارلس کي ڇڏي ڏنو، ڇو ته هو ازدواجي طور تي بدترين زندگي گذاري ويو هو. سيني دشمنن کان بدلو وٺي، ٽريسي وٽني پنهنجي بينڪ ۾ وئي ته جيئن اتان سندس بقايا رقم وٺي سگهي. بينڪ کيس نئپ جوب ڏنو. ٽريسي هڪ نيٽ ڪيفي ۾ ويهي بينڪ جو حفاظتي ڪوڊ کي کولڻ لڳي.

ٽريسي بينڪ جي ڪوڊ کي کولي ان مان صرف ايترا پئسا پنهنجي اڪائونٽ ۾ موڪليا، جيترا هن جا بينڪ طرف ٿيا پئي. تنهن بعد ٽريسي نوڪريءَ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي پر سندس جيل جو ماضي ڏسي کيس هر ڪنهن شڪ جي نگاهه سان ٿي ڏٺو.مجبورن مدد لاءِ کيس ڪونارڊ مارگن نالي جوهريءَ وٽ وڃڻو پيو. جنهن جو ڏس پتو کيس جيل جي هڪ ساٿياڻيءَ ڏنو هئس.ان جوهريءَ کيس شاهوڪار ماڻهن جي گهرن ۾ چوريون ڪرائڻ ٿي گهريون. ٽريسيءَ پهرين ته انڪار ڪيو پر بعد ۾ نوڪري نه ملڻ ڪري ان ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وئي. هن هڪ گهر ۾ چوري ڪئي. جيتوڻيڪ موقعي تي پوليس به پهچي وئي، پر ٽريسي پنهنجي عقل کان ڪم وٺندي پاڻ کي بچائي ورتو.کيس اهي هيرا جواهر هڪ ريل اسٽيشن تي ڪونارڊ مارگن جي حوالي ڪرڻا هئا پر رستي ۾ ٻن ٺڳن کيس پوليس آفيسر بڻجي اهي هيراجواهر ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽريسي پهرين ته اصلي پوليس وارا سمجهي گهبرائجي وئي، پر پوءِ ڳالهه کي سمجهي وئي ۽ انهن کان ڪمال هوشياريءَ سان ان وقت اهي هيرا جواهر واپس ورتا جنهن وقت هو ايئرپورٽ تي جهاز ۾ چڙهي رهيا هئا .

ٽريسي انهن ٻنهي ٺڳن کان اهي هيرا واپس وٺڻ کان پوءِ مارگن کان پيٽا پئسا پرائي ورتا. جو تہ ڪيس پيٽي . محنت انهن هيرن ڪاڻ ڪرڻي پئي هئي. ٽريسي ان بعد هڪ جهاز تي گهمڻ لاءِ وڃي ٿي. اتي سندس ملاقات جيف سان ٿئي ٿي، جيڪو انهن ٺڳن منجهان هڪ هو. جن ٽريسيءَ کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان جهاز تي شطرنج راند جا دنيا جا ٻہ مجيل چئمپين بہ هئا. جيف ڪيس انهن سان راند ڪرڻ جي لاءِ چيو.

( هاڻ اڳتي پڙهندا )

"پوءِ توکي اهو پسند آهي؟" جيف وڏي اشتياق سان پڇيو.

"ها، مونکي پسند آهي، پر هڪ مسئلو آهي."

"هڪ مسئلو آهي؟ اهو وري ڪهڙو؟"

"مونکي شطرنج راند ڪيڏڻ ڪانہ ٿي اچي." ٽريسيءَ جي مک تي شرير مرڪ هئي.

جيف مسڪرائڻ لڳو. "اهو بہ ڪو مسئلو آهي! آئون توکي سيکاري ڇڏيندس."

"لڳي ٿو تہ تون چريو آهين. جيڪڏهن توکي مشوري جي ضرورت هجي تہ آئون ڏيان. تون پنهنجو پاڻ کي ڪنهن سٺي ماهر نفسيات کي ڏيکار. خدا حافظ."

****

ٻئي صبح جو سوير ٽريسي پنهنجي ڪيبن کان ٻاهر آئي. جهاز جي عرشي تي ميلنڪوو جاگنگ ڪندي اچي ٽريسيءَ سان ٽڪرايو ۽ ٽريسي وڃي زمين تي ڦهڪو ڪيو.

"جيڏانهن ماٺهو ٺلي، ان پاسي ٿي نهاري." ميلنڪوو ڪرڪندي چيو ۽ ڊوڙندو اڳيان نڪري ويو.

ٽريسي عرشي تي ويهي ڪيس جاگنگ ڪندي اڳيان ويندي ڏسندي رهي.

جهاز جو هڪ ملازم ڊوڙندو آيو. "محترمہ! اوهانکي ڌڪ تہ نہ لڳو؟"

"نہ، اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي، مهرباني."

جڏهن ٽريسي موٽي پنهنجي ڪيبن ۾ آئي تہ سندس لاءِ جيف جا ڇهہ پيغام آيل هئا. پر هن انهن ڏانهن توجهہ نہ ڏنو. منجهند جو هوءَ سئمنگ پول ڏانهن وئي ۽ سنان ڪرڻ ڪانپوءِ اتي ئي ويهي ڪتاب پڙهڻ لڳي. اتي بہ ڪيس جيف جا پيغام مليا پر هن انهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. نيٺ شام ٿي، هن ارادو ڪيو تہ رات جي مانيءَ کان اڳ مئڪشيءَ جو لطف ونجي، سو ڪاڪ ٽيل پارٽيءَ ۾ شامل ٿي وئي. اتي ڪيس ڪافي لطف آيو، پر سندس لطف جي چمار تمام ٿوري هئي. نيڪيوليسڪو بہ ان شرابخاني ۾ ويٺل هو. جڏهن سندس نگاهہ ٽريسيءَ تي پئي تہ اتي هن وٽ آيو.

"محترمہ توهان کي برو نہ لڳي تہ توهان لاءِ هڪ پيگ آڻيان؟"

پهرين تہ ٽريسيءَ کي ٿوري هٻڪ محسوس ٿي، پر پوءِ چيائين، "ها چو نہ، ڀلي آڻيو."

"توهان ڇا نوش ڪرڻ فرمائينديون؟"

"ووڊڪا، ٽونڪ سان گڏ."

نيڪيوليسڪو آرڊر ڏنو ۽ وري ٽريسيءَ سان مخاطب ٿيو. "آئون آهيان پيٽرنيڪيوليسڪو."

"ها، مونکي خبر آهي."
"ها، هر شخص مون کان آشنا آهي. آئون دنيا ۾ شطرنج جو عظيم رانديگر آهيان." اهي لفظ چئي هو ٽريسيءَ جي ويجهو جهڪيو ۽ پنهنجو هٿ هن جي گوڏي تي رکيائين، "۽ ها، رومانس جي معاملي ۾ به آئون گهٽ نه آهيان. ڇورتون مون تي مرنديون آهن."

ٽريسيءَ کي اهي لفظ چڱا سمجهه ۾ نه آيا، سو ورائي پڇيائين، "توهان ڇا چيو؟"

"آئون رومانس جي معاملي ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهيان.عورتون مون تي مرنديون آهن."

جيئن ئي اهي لفظ ٽريسيءَ جي ڪنن تي پيا، سندس پهريون ردعمل اهو هو ته هوءَ شراب جو گلاس اڇلائي سندس منهن ۾ هڻي، پر پنهنجو پاڻ کي ضابطي ۾ رکندي پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي، "معاف ڪجو، مونکي هڪ دوست سان ملڻو آهي."

اتان نڪري هوءَ جيف اسٽيونز کي ڳولهڻ لڳي. جيف ان وقت "پرنسس گرل" ريسٽورنٽ ۾ ويٺل هو. ٽريسي سندس ٽيبل ڏانهن وڌڻ لڳي. اوچتو کيس احساس ٿيو ته جيف هڪ خوبصورت سانوري رنگ جي ناريءَ سان گڏ ماني کائي رهيو هو. يڪدم هوءَ اتان کان ٻاهر نڪري راهداريءَ ۾ آئي. ڪجهه لمحن کانپوءِ پٺيان جيف جو آواز سندس ڪنن سان ٽڪرايو.

"ٽريسي...شايد توکي مون سان ملڻو آهي؟"

"آئون اوهان کي، اوهانجي...مانيءَ کان الڳ ڪرڻ نه ٿي چاهيان."

"هوءَ...هن کي هڻ ڪڍ ۾. تون ٻڌاءِ آئون تنهنجي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟"

"ڇا تون، ميلنڪوو ۽ نيگيوليسڪو جي باري ۾ سنجيده هئين؟" ٽريسيءَ ٻڌتر واري انداز ۾ پڇيو.

"ها بلڪل، ڇو؟" جيف جي انداز ۾ تعجب هو.

"آئون سمجهان ٿي ته انهن ٻنهي کي سبق سيکارڻ جي ضرورت آهي." ٽريسيءَ جي رويي ۾ تلخي هئي.

"ها، آئون به اهو ئي ٿو چاهيان ته انهن کي سيکت به ملي ۽ ان سان گڏ اسان مال به ڪمايون."

"ته تنهنجو منصوبو ڇا آهي."

"۽ تون انهن کي شطرنج راندڪيڏي کين مات ڏيندين."

"جيف، آئون بلڪل سنجيده آهيان."

"تنهنجي خيال ۾ ته آئون مذاق ڪري رهيو آهيان."

"مون، توکي ڏسيو هو ته آئون شطرنج جي الف ب کان به واقف نه آهيان. مونکي خبر نه آهي ته بادشاهه کي ڪيئن ماربو آهي."

" تون پريشان نه ٿي . فقط ٻه رانديون مون سان گڏ کيڏ ۽ پوءِ سمجهه ته تو ڇڻ انهن ٻنهي کي شڪست ڏئي ڇڏي."

"ٻنهي کي؟"

"ڇا مون توکي ٻڌايو نه هو ته توکي انهن ٻنهي سان گڏ هڪ ئي وقت شطرنج راند کيڏڻي آهي!"

—

جهاز جي هوٽل ۾ جيف، بورس ميلنڪوو سان گڏ ويٺو گفتگو ڪري رهيو

هو.
"شايد توهان کي خبر نہ آهي تہ هوءَ دوشيزه ڪمال جي رانديگر آهي. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن جي همت نہ ٿي آهي جو کيس مات ڏئي سگهي. هوءَ تہ چائي ٿي ڪنهن لاءِ آهي. شڪست کائڻ سندس مزاج جي خلاف آهي." جيف وري پنهنجي لهجي ۾ ٿوري جرئت آڻيندي گفتگو جاري رکي، "هوءَ دراصل پنهنجي اصليت کي لڪائڻ جي عادي آهي. نہ چاهيندي آهي تہ هر ايري غيري کي سندس صلاحيتن جي ڪل پوي. اهو ئي سبب آهي جو هن اوهان سان بہ ذڪر ناهي ڪيو. هوءَ دعويٰ ڪري ٿي تہ هو توهان کي منٽن ۾ هارائي ويندي."

جيف جا لفظ روسي رانديگر جي اندر ڪي ڄڻ وڍڻ لڳا. "هوءَ اڄا ٻار آهي. ڪيس شطرنج جي ڪا خبر نہ آهي. اسان تہ ڪيس چپٽي وڄائي اڏائي ڇڏيندا سين."
"مونکي لڳي ٿو اها اوهانجي غلط فهمي آهي. توهان ٻئي تہ هن جي اڳيان ويهي بہ نہ سگهندا." جيف جو مقصد ميلنڪوو کي برهم ڪرڻ هو.
"ميلنڪوو اهي لفظ ٻڌي وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو، "مونکي شڪست! ڇا اهو ممڪن آهي؟"
"هن جو ارادو آهي تہ توهانکي شڪست ڏئي. هوءَ چاهي ٿي تہ توهان ٻئي هڪ ئي وقت ساڻس ڪيڏيو. بازي ڏهہ هزار ڊالرن جي هوندي." جيف کيس ريجهائيندڙ انداز ۾ چيو.
"ڇا، ميلنڪوو شراب جو نوش ڪيل ڍُڪ ٻاهر ڪڍيو. ڪهڙي ڄٽپائيءَ واري ڳالهہ پيو ڪرين. اسان ٻنهي سان هڪ ئي وقت ڪيڏيندي اها ڇوڪري؟"
"ها، هوءَ ٻنهي سان گڏ ڪيڏيندي ۽ هر هڪ تي ڏهہ هزار ڊالر جي بازي."
"ٺيڪ آهي، هن بيوقوف، احمق کي سبق سيکارڻ لاءِ ائين ڪرڻو پوندو."
"۽ جيڪڏهن توهان کٽيو تہ کٽيل پئسا دنيا جي جنهن بئنڪ ۾ چوندا، هوءَ جمع ڪرائي ڇڏيندي."
ميلنڪوو جي چهري جا تاثر ڏسڻ وٽان هئا، "عجيب ڳالهہ آهي، هوءَ اسان ٻنهي سان هڪ ئي وقت ڪيڏڻ ٿي چاهي! آئون سمجهان ٿو تہ هوءَ ڪا پاڳل آهي يا اڃا ڪو بيو مسئلو اٿس."
"هن وٽ ويهہ هزار ڊالر ڪيش بہ آهي." جيف هن جي اندر ۾ اتساهہ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
"هن جو تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي؟" ميلنڪوو پڇيو.
"هوءَ آمريڪا جي آهي."
"پوءِ اها ڳالهہ ڪر نہ. هونئن بہ سڀ آمريڪي، جيڪي امير هوندا آهن، سي گڏوگڏ چريا بہ هوندا آهن ۽ خاص ڪري عورتون." ميلنڪوو طنزيہ انداز ۾ وراڻيو.
جيف پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو، "پوءِ ٺيڪ آهي، جيڪڏهن توهانجي مرضي اها آهي تہ پوءِ آئون سمجهان ٿو تہ هوءَ نيگيوليسڪو سان اڪيلي ڪيڏيندي."
"ڇا نيگيوليسڪو ساڻس ڪيڏڻ لاءِ راضي ٿي ويو آهي؟" ميلنڪوو جي چهري تي تعجب جي نئين لهر ظاهر ٿي.
"ها، مون اوهانکي ڪونہ ٻڌايو ڇا؟"
"دراصل هوءَ تہ توهان ٻنهي سان گڏ ڪيڏڻ ٿي چاهي، پر جيئن تہ توهان هن ڪان ڊڄو ٿا تہ پوءِ....."

"ڏجان ٿو! بورس ميلنڪوو ڏڃي ٿو؟" سندس آواز ۾ گجگوڙ هئي، "آئون ڪيس تباهه ڪري ڇڏيندس. تون ٻڌاءِ ته مئچ ڪڏهن آهي؟"

"هن جو ارادو هو ته مئچ جمعي واري رات ٿئي." جيف چيو.

"ٺيڪ آهي، ٽن جي جاءِ تي ٻه رائونڊ ٿي ٿيندا." ميلنڪوو پنهنجو پاڻ کي چيو.

"ته، ڏهه هزار ڊالرن لاءِ فقط هڪ رائونڊ." جيف وضاحت ڪندي چيو.

"پر مون وٽ ايترا پئسا ڪيش نه آهن." ميلنڪوو لاچاريءَ جو اظهار ڪندي چيو.

"اهو ڪو مسئلو نه آهي." جيف خاطري ڏياريندي چيو، "دراصل هن جي منشا پئسا ڪمائڻ نه بلڪ دنيا جي عظيم رانديگرن سان کيڏڻ آهي. جيڪڏهن هوءَ کٽي وئي ته پئسن جي بدران توهان کيس آٽوگراف ڏجو ۽ جيڪڏهن توهان کٽيس ته توهانکي ڏهه هزار ڊالر ملندا."

"ٺيڪ آهي، پوءِ شرط جي رقم ڪنهن وٽ رکبي؟"

"هن جهاز جي ڊپارٽ آفيس ۾."

"ٺيڪ آهي، پوءِ جمعي جي رات، ٺيڪ ڏهين وڳي."

"توهان جي رضامنديءَ جو ٻڌي هن کي گهڻي مسرت ٿيندي." جيف چيو.

****

ٻئي ڏينهن صبح جو جيف، نيڪيوليسڪو سان گڏ جمنازيم ۾ گفتگو ڪري رهيو هو.

"ها هوءَ آمريڪي آهي." نيڪليوليسڪو چيو، "مونکي خبر آهي ته سيئي سرنديءَ وارا آمريڪي بيوقوف ٿيندا آهن."

"پر هوءَ هڪ بهترين رانديگر آهي." جيف هوڏ ڪندي چيو.

پيئر نيڪيو لسيڪو جي چهري تي حقارت جا تاثر ابريا، "راند اچڻ سڀ ڪجهه نه آهي. ان ۾ مهارت گهربل آهي، جيڪا مون وٽ آهي."

"اهو ئي سبب آهي جو هن کي توهان سان کيڏڻ جو ڪافي اشتياق آهي. جيڪڏهن توهانکي شڪست آئي ته توهان فقط هن کي هڪ تصوير ڏيندا، جنهن تي توهانجو آٽوگراف ڏنل هوندو ۽ جيڪڏهن هن کي شڪست آئي ته هوءَ اوهانکي ڏهه هزار ڊالر ڏيندي."

"نيڪيوليسڪو جڻ رانديگرن سان نه کيڏيندو آهي." نيڪيو ليسڪو جي انداز ۾ سرڪشي هئي.

"پئسا دنيا جي جنهن به بينڪ ۾ توهان چاهيندا، جمع ٿي ويندا...."

"سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي."

"پوءِ ٺيڪ آهي، هن جو ارادو هو ته توهان ٻنهي سان گڏ کيڏي، پر جيئن ته توهان هن کان ڊڄو ٿا ته هوءَ شايد ميلنڪوو سان اڪيلي کيڏيندي."

"ڇا مطلب، ميلنڪوو هن سان کيڏڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي؟"

"ها بلڪل، پر دراصل هن اوهان ٻنهي سان گڏ کيڏڻ ٿي چاهيو."

مون پنهنجي سموري ڄمار ۾ اهڙي ان کان وڏيڪ ڪا ڇريائپ جي ڳالهه نه ٻڌي آهي. ڪيس ايتري سرڪشي ۽ غرور آهي جو دنيا جي ٻن مايه ناز رانديگرن کي شڪست جي ڳالهه ٿي ڪري. مونکي لڳي ٿو ته هوءَ ڪنهن چرين جي اسپتال

مان پڇي آئي آهي."
"ها هوءَ ٿوري بيوقوف آهي، پر اوهان سندس پئسن جي باري ۾ سوچيو."
"تو چيو، شايد ڪيس شڪست ڏيڻ جا ڏهه هزار ڊالر!"
"ها، پورا ڏهه هزار ڊالر." جيف ڇڻن لفظن ۾ چيو.
"بورس ميلنڪوو کي به ساڳي رقم ملندي؟" نيڪيوليسڪو تعجب وچان پڇيو.
"ها، جيڪڏهن هن ڪيس شڪست ڏني ته."
"چئبو ته ائين آهي. هو وري ڪيئن ڪيس شڪست ڏيندو. منهنجي موجودگيءَ ۾. خير شرط جي رقم ڪير رکندو؟" نيڪيوليسڪو پرجوش انداز ۾ پڇيو.
"جهاز جي ڊپازٽ آفيس ۾." جيف چيو.
پيٽر نيڪيوليسڪو سوچڻ لڳو ته ميلنڪوو اڪيلو ان آمريڪي ڇوڪريءَ کان پئسا ڪيئن ڪٽي ويندو. "پوءِ ٺيڪ آهي، پر ڪڏهن جو تعين آهي؟"
"جمعي جي رات، ٺيڪ ڏهين وڳي، جهاز جي آڊيٽوريم هال ۾."
پيٽر نيڪيوليسڪو جي چپن تي مسڪراهٽ تري آئي، "ٺيڪ آهي، آئون رٿيل ڏينهن تي، مقرر ڪيل وقت تي چاڻايل هنڌ پهچي ويندس."
****
ٽريسيءَ جوش ۾ چيو، "تنهنجو مطلب ته هو ٻئي راضي ٿي ويا؟"
"ها، بلڪل، توکي ڪو شڪ آهي؟"
"مونکي لڳي ٿو ته آئون ڪجهه بيمار ٿي پئي آهيان."
"ڪو مسئلو نه آهي. آئون توکي هڪ ٿڌو ٽوال آڻي ٿو ڏيان متي تي پٽي ڪرڻ جي لاءِ." جيف تيزيءَ سان اٿيو ۽ ٽريسيءَ جي غسلخاني مان هڪ ٽوال ڪڍي ان کي ٿڌي پاڻيءَ ۾ پچائي ٽريسيءَ جي نراڙ تي رکيائين. ٽريسي بيڊ تي ليٽيل هئي، "هاڻي ڪيئن ٿي محسوس ڪرين." جيف آٿت ڏيندي پڇيو.
"ڪو خاص فرق نه پيو. لڳي ٿو ته مونکي اڌ متي جو سور (Migraine) آهي."
"ڇا هن کان پهرين به توکي ڪڏهن Magraineٿيو آهي."
"نه، مونکي سڄي ڄمار ۾ ڪڏهن پوري متي ۾ به سور نه پيو آهي." ٽريسيءَ وراڻيو.
"ته پوءِ اهو گمان پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏي ته توکي اڌ متي جو سور آهي. دراصل اها انساني فطرت آهي ته جڏهن اهڙي قسم جي صورتحال سامهون ايندي آهي ته هو وقتي طور نفسياتي دٻاءَ هيٺ اچي ويندو آهي. جنهن سبب سندس طبعي جسم جا عضوا عليل ٿيندي محسوس ٿيندا آهن. تون همت کان ڪم وٺ. ٿوري دير ۾ تون وري تازي توانائي ٿي وينديئن." جيف دل جوئي ڪندي چيو.
ٽريسي ٻڙڪو ڏئي متي اٿي ۽ ٽوال کي پري اڇلائيائين، "ڪا ڳالهه اهڙي.... پوري زندگيءَ ۾ مون سان ائين نه ٿيو آهي. عجيب ڳالهه ٿو ڪرين. آئون توکان شطرنج جو فقط هڪ سبق حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ بن بين الاقوامي مڃتا ماڻيندڙ شطرنج جي رانديگرن سان کيڏندس."
"هڪ سبق نه پر ٻه." جيف درست ڪندي چيو، "تو ۾ شطرنج لاءِ فطري لاڙو

۽ مهارت آهي."

"اف منهنجا خدا! خبر نہ آهي تہ مون کي کھڙي کٽيءَ کنيو جو توکي پاڻ سان ايترو حجتو ڪيو؟"

"تمام آسان آهي ان سوال جو جواب. ان جو سبب اهو آهي تہ اسان کي گڏجي ڪم ڪري ڪافي دولت ڪمائڻي آهي."

"پر مونکي دولت ناهڻ جو ڪو شوق نہ آهي." ٽريسيءَ هٿ لهرائيندي چيو. "آئون چاهيان ٿي تہ هي بحري بيڙو هينئر جو هينئر ٻڏي وڃي. ان ڪان پهرين جو سڄي جهاز جي مسافرن آڏو منهنجي بيعزتي ٿئي؟"

"هاٺي آئون چوان ٿو تون چپ ڪر." جيف ڪيس خاموش ڪندي چيو. "توکي خبر نہ آهي ڇا ٿيڻ........"

"ها، مونکي خبر آهي تہ هڪ وڏو تماشو ٿيڻو آهي ۽ ها، هن جهاز تي موجود سيئي ماڻهو ان تماشي کي ڏسندا ۽ زندگيءَ ڀر وساري نہ سگهندا."

"ها، اهو ئي منهنجو ارادو آهي."

****

جيف سيني معاملن کي طئہ ڪري ڇڏيو هو. هن جهاز جي ڊپازٽ آفيسر سان بہ ڳالهائي ڪيس ويهہ هزار ڊالر ڏئي ڇڏيا. جمعي جي ڏينهن ٻن شطرنج جي ٽيبلن جو بہ اهتمام ٿي ويو. پوري جهاز تي اعلان ڪيو ويو تہ هڪ خوبصورت آمريڪي ناري دنيا جي ٻن مشهور ۽ تجربيڪار شطرنج جي رانديگرن سان کيڏندي ۽ دعويٰ اٿس تہ انهن کي اهڙي شڪست ڏيندي جو عمر ڀر ياد رکندا. مسافرن ۾ گرمجوشيءَ جي لهر پيدا ٿيڻ لڳي. هر مسافر جيف ڪان پڪ ڪرڻ لاءِ پئي آيو تہ ڇا واقعي جمعي واري ڏينهن اهڙي مئچ ٿيڻي آهي؟

"ها، اها حقيقت آهي." جيف پڇندڙن کي پڪ ڏياريندي چيو. "ويچاري ڇوڪري احمق آهي. هوا ۾ قلعا ناهڻ واري صورتحال آهي ۽ گڏوگڏ تمام وڏي رقم شرط لاءِ بہ رکي اٿس."

"عجيب ڳالهہ آهي!" هڪ مسافر چيو. "آئون بہ شرط رکڻ چاهيان ٿو."

"ها، پلي. جيتري رقم اوهان شرط رکڻ چاهيو، مس وٽني هڪ تي ڏهہ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. توهان جي هڪ ڊالر مٽان ڏہ ڊالر ملندا، جيڪڏهن مس ٽريسي وٽني هارايو، نہ تہ توهان جو هڪ ڊالر ويو."

سيني مسافرن کي ان بيوقوف آمريڪي ڇوڪريءَ بدران دنيا جي مجيل رانديگرن جي کٽڻ جي سو سيڪڙو نہ پر هزار سيڪڙو پڪ هئي. ان ڪري جهاز تي سوار هر ماڻهو شرط رکڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ تہ ماحول ئي تبديل ٿي ويو. جهاز تي موجود هر مسافر، جهاز جو عملو ۽ آفيسر وغيره سڀ شرط لڳائڻ ۾ مصروف هئا. شرط جي رقم پنجن ڊالرن کان پنج هزار ڊالرن تائين هئي ۽ سيئي روسي ۽ رومانوي رانديگر تي شرط رکي رهيا هئا. جهاز جي ڊپازٽ آفيسر، جهاز جي ڪيپٽن کي چيو، "هن کان پهرين اهڙي صورتحال مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺي آهي. هر طرف عجيب پيچ ڊڪ لڳي پئي آهي. جهاز تي موجود تقريبن سيني مسافرن شرط رکي آهي ۽ ها توهان کي اندازو نہ هوندو تہ هن وقت ڊپازٽ ۾ ڪيترا پئسا گڏ ٿي ويا آهن. اٽڪل بہ لک ڊالر!"

ڪيپٽن هن کي غور سان ڏٺو. "تنهنجو چوڻ آهي تہ مس ٽريسي وٽني، ميلنڪوو ۽ نيڪيوليسڪو سان ڪيڏڻ واري آهي؟"

"ها. ڪيپٽن صاحب! ميلنڪوو ۽ نيڪيوليسڪوسان."

"ڇا تو تصديق ڪئي آهي تہ اهي واقعي نيڪيوليسڪو ۽ ميلنڪوو ئي آهن يا ڪو فراڊ وغيره تہ نہ آهي؟" ڪيپٽن پڇيو.

"بلڪل، مون تصديق ڪئي آهي. اهي بلڪل ميلنڪوو ۽ نيڪيوليسڪو ئي آهن. ان حساب سان ڪو فراڊ وغيره ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي."

"۽ توکي اها بہ خبر آهي تہ اهي ائين ئي راند نہ هارائيندا."

"آئون ائين ٿو سمجهان. هو ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي انانيت کي ڇيهو رسائڻ نہ چاهيندا. اهو سندن شهرت ۽ حيثيت جو مسئلو آهي. آئون سمجهان ٿو تہ وٽنيءَ هٿان شڪست کائڻ کان وڌيڪ هو مرڻ پسند ڪندا ۽ جيڪڏهن هو ٽريسيءَ کان شڪست کائي ويا تہ پوءِ آئون سمجهان ٿو تہ گهر رسندي ئي اهي ٻئي ڄڻا خودڪشي ڪري ڇڏيندا."

ڪيپٽن پنهنجي هٿ جون آڱريون پنهنجن وارن ۾ گهمايون ۽ عجيب افسردگي سندس چهري تي واضع هئي، "تون هن مس ٽريسي وٽني يا جيف اسٽيونز جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻين ٿو تہ هو ڪير آهن. سندن ماضي ڇا آهي؟"

"نہ بلڪل نہ. مونکي سندس باري ۾ ڪابہ معلومات ڪانهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ هو ٻئي هن جهاز ۾ الڳ الڳ سفر ڪري رهيا آهن." ڊپارٽ آفيسر سوچيندي منجهيل انداز ۾ وراڻيو.

ڪيپٽن هڪ فيصلو ڪيو، "مونکي لڳي ٿو تہ اها ڪا ٺڳي آهي. آئون سمجهان ٿو تہ ان کي بند ڪرڻ گهرجي. اهڙيون ٺڳيون مونکي بہ اينديون آهن. پر نہ، آئون سمجهان ٿو تہ شطرنج هڪ اهڙي راند آهي، جنهن ۾ ڪابہ ٺڳي هلي نہ ٿي سگهي. ڇڏ، پلي هلي ۽ ها، هي وٺ پنجاهہ ڊالر منهنجي طرفان شرط ۾ لڳائي ڇڏ." ڪيپٽن ٻئون ڪڍيو ۽ ڊپارٽ آفيسر کي پنجاهہ ڊالر ڏنا.

"قسمت جي ڳالهہ آهي، ٿي سگهي ٿو، بلڪل مونکي يقين آهي تہ مونکي پنج سؤ ڊالر ٿي ملندا. ڪٿي هيءَ اناڙي ڇوڪري ۽ ڪٿي هو بين الاقوامي سطح جا رانديگر." ائين چئي ڪيپٽن، ڊپارٽ آفيس کان ٻاهر هليو ويو.

—

جمعي رات نيڪ نوين وڳي آڊيٽوريم هال ۾ تمام گهڻي رش لڳي پئي هئي. ويهڻ تہ پري، پر بيهڻ جي بہ جاءِ نہ هئي. سيئي پنهنجي ذميوارين کي ڇڏي آڊيٽوريم هال ۾ موجود هئا. جيف مطالبو ڪيو تہ هال جي وچ ۾ پردو هٽي بہ الڳ الڳ ڪمرا (هال) ٺاهيا وڃن. هڪ هڪ ٽيبل ٻنهي هالن جي وچ ۾ رکي وڃي. جنهن تي ٽريسي وٽني راند ڪيڏندي.

"هي انتظام ان ڪري ڪيو پيو وڃي تہ جيئن رانديگر بغير ڪنهن رنڊڪ ۽ مونجهاري جي ڪيڏي سگهن." جيف وضاحت ڪئي، "۽ تماشائين جي مرضي آهي، جنهن هال ۾ پسند اچين، اتي ويهن يا بيهن ۽ لطف اندوز ٿين. گڏوگڏ شرط

ڪٽڻ يا هارائڻ جو انتظار بہ ڪن."
بخمل جا رسا ٽيبلن جي گرد لڳايا ويا تہ جيئن تماشائي ٽيبلن کان پري رهن. تماشائين کي اها خاطري هئي تہ هو جيڪي ڪجھ اڄ ڏسندا، اهو شايد زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڏسڻ جو موقعو نہ ملين. اهي ان آمريڪي ناريءَ جي باري ۾ ڪجھ بہ نہ ڄاڻندا هئا، سواءِ ان جي تہ اها يا دنيا جو ڪو بيو انسان بہ نيڪيوليسڪو ۽ ميلنڪوو سان هڪ ئي وقت کيڏيندي انهن کان کٽي نہ ٿو سگهي. اهو هڪ معجزو ٿيندو. جيڪڏهن ايئن ٿي ويو.

جيف، ٽريسيءَ جو انهن ماسٽر رانديگرن سان تعارف ڪرايو. ٽريسيءَ کي تمام شاندار ۽ دلفريب پوشاڪ پهريل هئي. سندس چهرو ميڪ اپ سبب چمڪي رهيو هو.

پيئٽر نيڪيوليسڪو، ٽريسيءَ جي منهن ۾ غور سان تڪيندي پڇيو، "ڇا هن کان اڳ ڪڏهن تو ڪنهن مقامي بنياد تي ڪيڏيل ڪا شطرنج جي ٽورناميٽ ڪيڏي يا کٽي آهي. ؟"

"ٽريسيءَ مرڪي وراڻيس، "ها، سڀ جون سڀ جيڪي مون هيستائين کيڏيون آهن، اهي مون کٽيون آهن."

"نيڪيوليسڪو ڪلها لوڏيندي چيو، "مون تہ تنهنجي باري ۾ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو آهي!"

بورس ميلنڪوو تلخ انداز ۾ چيو، "توهان بيوقوف آمريڪين کي خبر نہ آهي تہ پئسا ڪيئن خرچ ڪجن،" هن وڌيڪ چيو، "مونکي تنهنجو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ توکان آئون جيڪي پئسا کٽيندس، ان سان منهنجو خاندان ڪافي امير ٿي ويندو."

ٽريسيءَ جي نيڻن ۾ شوخي نمايان هئي، "پر اڃا تائين تو کٽيو تہ ڪجھ بہ نہ آهي."

ميلنڪوو جي ٽهڪن جو آواز پوري هال ۾ گونجڻ لڳو، "منهنجي پياري، مونکي اها تہ خبر نہ آهي تہ تون ڪير آهين، پر آئون پنهنجو پاڻ کان ڪافي آشنا آهيان. آئون عظيم بورس ميلنڪوو آهيان. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ بيشمار ٽورناميٽون کيڏيون ۽ کٽيون آهن. وڏا وڏا مايہ ناز رانديگر منهنجي سامهون ويهي نہ سگهندا آهن. انهن جي پيٽ ۾ تون تہ بلڪل اناڙي آهين. اهو تنهنجو جذباتي پڻو آهي ۽ شايد جيستائين آئون سمجهان ٿو تہ تو وٽ بي انتها دولت آهي، جو مون سان کيڏڻ جو اشتياق رکين ٿي. رهي ڳالھ مونکي شڪست ڏيڻ جي تہ اهو خيال پنهنجي ذهن ۾ بہ نہ آڻ."

جيف گهڙيال ڏانهن ڏٺو. نيڪ ڏھ ٿا هئا. تماشائي منتظر هئا تہ کيڏي مهل ٿي راند شروع ٿئي. "منهنجو خيال آهي تہ هاڻي راند جو آغاز ڪجي. ڇاڪاڻ تہ مقرر وقت ٿي ويو آهي."

ٽريسي، ميلنڪوو جي سامهون ٽيبل تي ويٺي. هن کي ڪافي تعجب هو تہ هوءَ ڪيئن ان معاملي ۾ ڦاسجي وئي آهي. هن جي اندر ۾ عجيب ڪشمڪش هئي، "ڪٿي مان جنهن کي شطرنج جي الف ب بہ نہ ٿي اچي ۽ ڪٿي هو، جيڪي راند جي هر باريڪيءَ کان واقف بلڪ ماهر آهن! اف منهنجا خدا! جيف مونکي خاطري ڏياري هئي تہ ڪو مسئلو نہ ٿيندو پر....ٕ مون بہ احمقن وانگر هن تي ڪٽي

اعتبار ڪيو..شايد ان وقت منهنجا هوش
ٺڪاڻي تي نہ هئا...هن وقت آئون دنيا جي
مجيل رانديگرن جي اڳيان آهيان ۽ مونکي
راند جي باري ۾ ڪا خبر نہ آهي...ڇا
جيڪ ڪان چار ڪلاڪ سکيا وٺڻ ڪانپوءِ
آئون ان قابل آهيان جو انهن سان ڪيڏيان بہ
۽ ساڳئي وقت....انهن کي مات بہ
ڏيان.....ناممڪن...ڇا ائين بہ ٿيندو
آهي؟" سندس ذهن ۾ ڪشمڪش وڌڻ
لڳي. سندس جسم نرڙ کان وٺي ڪڙين
تائين پگهر سان ٽمٽار ٿي ويو. سندس
ٽنگون ڏڪي رهيون هيون. ائين لڳي رهيو
هو ڄڻ ڪنهن وڏي ڏوهہ جي شنوائيءَ لاءِ
عدالت ۾ بيٺل هجي ۽ جج اجهو ڪيس
پيانڪ سزا ٻڌائڻ وارو هو.

ٻئي ماسٽر رانديگر ان تي راضي ٿي
ويا.

هاڻي تماشائين تي سڪتو طاري ٿي
ويو. ميلنڪوو اڳيان وڌي اٺ جي مهري
۾ هٽ وڌو ۽ راند جي شروعات ڪندي ان
کي ٻہ قدم اڳيان ڌڪيائين. "آئون هن
محترمہ کي شڪست ڏيڻ نہ پيو چاهيان،
بلڪ ڪيس تباهہ ڪرڻ جو ارادو اٿم."

ميلنڪوو، ٽريسيءَ جي منهن ۾
نهارڻ لڳو. ٽريسي خاموشيءَ پنهنجي
جڳهہ تان اٿي ۽ بغير مهري هلائڻ جي،
هوءَ نيڪيوليسڪو واري حصي ڏانهن وڌي.
تماشائين ڪيس گس ڏاهي ڏنو.
نيڪيوليسڪو ٽيبل تي سندس انتظار
ڪري رهيو هو. ٽريسي اچي نيڪيوليسڪو
جي سامهون ويٺي.

"منهنجي ڪبوتري! ڇا تو ميلنڪوو
کي شڪست ڏئي ڇڏي؟" نيڪيوليسڪو
پنهنجي ٺوڪ تي پاڻ ئي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ
لڳو.

ها، آئون اهو ئي ڪرڻ جي ڪوشش
۾ رڌل آهيان." ٽريسيءَ سنجيدگيءَ سان
جواب ڏنو. هوءَ اڳيان وڌي ۽ سفيد اٺ کي
ٻہ قدم اڳيان ايئن چوريائين، جيئن
ميلنڪوو ڪيو هو. نيڪيولسڪو هن
ڏانهن نهاريو. هن ارادو ڪيو تہ هو ڪيس
هڪ ڪلاڪ کان بہ اڳ شڪست ڏئي
ڇڏيندو. هو اڳيان وڌيو ۽ ڪاري سپاهيءَ
جي مهري کي ٻہ قدم اڳيان ڌڪيائين.
ٽريسيءَ غور سان ڏٺو ۽ پنهنجي جاءِ تان
اٿي واپس ميلنڪوو جي ٽيبل تي وئي.

ٽريسي ويني ۽ ڪاري سپاهيءَ جي
مهري کي ٻہ قدم اڳيان ايئن ڌڪيائين
جيئن نيڪيولسڪو مهري کي هلايو هو.
ائين ڪندي هن جيڪ ڏانهن نهاريو،
جيڪو سندس داءَ تي ڪيس شاباس ڏئي
رهيو هو.

بغير ڪنهن جهجهڪ جي ميلنڪوو
اچي اٺ کي ٻہ قدم اڳيان وڌايو. ٽريسيءَ
ان کي غور سان ڏٺو ۽ واپس نيڪيوليسڪو
وٽ اچي سفيد اٺ جي مهري کي
ڌڪيائين. نيڪيوليسڪو پنهنجي ڪاري
بادشاهہ کي اڳيان هلايو. ٽريسيءَ اهو ذهن
۾ رکيو ۽ واپس اچي ميلنڪوو سان
ڪاري بادشاهہ کي ڌڪيائين.

"واقعي چوڪريءَ ۾ دم آهي."
ميلنڪوو وزير جي مهري کي اٺ جي
مهري جي اڳيان آندو. ٽريسي اٿي
نيڪيوليسڪو ڏانهن پئي ۽ ساڳيو داءُ اتي
هلايائين.

دراصل ٽريسي نہ پر نيڪيوليسڪو
۽ ميلنڪوو هڪ ٻئي سان کيڏي رهيا هئا.
جيئن تہ اهي الڳ الڳ ويٺل هئا،

تنهنڪري سڌ نہ هئن تہ ٽريسي پاڻ نہ ڪيڏي رهي هئي، بلڪ سندن نقل ڪري رهي هئي. ٻنهي رانديگرن جي چهرن تي پريشاني واضح هئي. هر داءَ کانپوءِ هنن ڪافي وقت سوچيو ٿي... سگار جا وڏا ڪش هٽي....هال ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٽهلڻ کان پوءِ داءُ هليو ٿئي. پر ان جي مقابلي ۾ ٽريسيءَ مڪمل خاموشيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان ڪيڏي رهي هئي.

جيئن جيئن راند اڳيان وڌڻ لڳي تہ ٻنهي رانديگرن کي احساس ٿيو تہ هوءَ هڪ ماهر رانديگر آهي. هاڻي تہ انهن کي پنهنجي عزت بچائڻ جو خيال هو. هنن تہ سوچيو هو تہ منٽ ڪري وٺندا ۽ شرط جا پئسا سندن کيسي ۾ هوندا. پر هتي تہ ڳالهہ ئي ابتي نڪتي!

راند هلندي چار ڪلاڪ گذري ويا .

راند جلدي ختم ڪرڻ لاءِ ميلنڪوو پنهنجا ڪافي پيادا مارائي چڪو هو. اهي ساڳيا قدم ٽريسيءَ نيگليوسڪو سان هلايا هئا . راند جي پڇاڙي ٿيندي نظر نہ پئي آئي. ٽريسي خاموشيءَ سان ڪيڏيندي رهي. تماشائي چپ چاپ راند ڏسي ۽ شرط جي پئسن جي باري ۾ سوچي رهيا هئا .

هن کان پهرين هو ٻئي هزارين رانديگرن سان ڪيڏي چڪا هئا. سندن تجربي جي ڪا انتها نہ هئي، پر ٽريسيءَ جهڙي رانديگر سندن مدمقابل ڪڏهن نہ آئي هئي. کين ڪيڏڻ ۾ ڪافي مشڪل محسوس ٿي رهي هئي. هاڻي انهن کي پڪ ٿي وئي تہ ٽريسي هڪ ماهر رانديگر آهي، جنهن کي اڪيلي ۾ هارائڻ ناممڪن هو.

هاڻي انهن ٻنهي جي ذهنن ۾ عجيب وسوسا پيدا ٿيڻ لڳا. ميلنڪوو سوچيو، "پڪ سان هوءَ هن خبيث نيگيوليسڪو جي شاگرديائي آهي. هن کيس تربيت ڏئي منهنجي مقابلي ۾ آندو آهي."

نيگيوليسڪو سوچيو، "هوءَ ميلنڪوو جي پالڪي آهي. هن ئي کيس راند جا سڀ گُر سيکاريا آهن، تہ جيئن مون کي ماڻهن آڏو ذليل ڪري سگهي."

جيترو غور ۽ ويچار سان هو ڪيڏڻ لڳا، اوترو کين احساس ٿيو تہ هن کي مات ڏيڻ ايترو آسان نہ آهي، جيترو هنن شروع ۾ سوچيو هو. انهن کي لڳو تہ مئچ هار جيت جي فيصلي کانسواءِ ختم ٿي ويندي. شرط بہ اهو هو تہ ٽريسي کين شڪست ڏيندي يا ڊرا (راند برابر رهي ۽ ڪو بہ نہ کٽي) ڪندي، ٻنهي صورتن ۾ شرط هوءَ کٽندي.

راند هلندي ڇهہ ڪلاڪ گذري ويا .

هاڻي صبح جا چار ٿيا هئا . راند لڳ ڀڳ پنهنجي پڇاڙيءَ کي پهتي. هاڻي باقي هڪ بادشاهہ ۽ ٽي پيادا بچيا هئا . اڳيان وڌڻ جو ڪو گس نہ هو. ميلنڪوو غور سان بورڊ کي ڏٺو ۽ پوءِ ٿڌو ساهہ ڀري ٽريسيءَ کي چيائين، " راند اڳيان هلائڻ جي لاءِ ڪو گس نہ آهي. منهنجي خيال ۾ پاڻ هن راند کي ڊرا ختم ڪيون."

"نيڪ آهي. مان بہ اهو ئي سمجهيان ٿي." ٽريسيءَ چيو.

هوءَ اٿي نيگيوليسڪو وٽ وئي. نيگيوليسڪو بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي.

شائقين ۾ عجيب قسم جو جوش ۽ خروش هو. دانهن ۽ ڪوڪن جو آواز هال جي ڇت سان ٽڪرائجڻ لڳو. هڪ اجنبي عورت هڪ ئي وقت شطرنج جي ٻن عالمي

رانديگرن جا هوش اڏائي ڇڏيا!

جيف، ٽريسيءَ کي ٻانهن مان وٺي ٻاهر آيو. "توکي ڊرنڪ جي ضرورت آهي. نيگيوليسڪو ۽ ميلنڪوو بيحس انداز ۾ ويهي پنهنجن بورڊن کي گهوري رهيا هئا.

"ڪيڏو نه شاندار رهيو. تو ميلنڪوو جي ڇهري کي ڏٺو. مونکي لڳو ته کيس دل جو دورو پئجي ويندو." جيف مسڪرائيندي چيو.

"مونکي لڳو ته مونکي دل جو دورو پئجي ويندو." ٽريسيءَ چيو، "خير اسان ڪيترا پئسا ڪٺيا؟"

"اٽڪل ٻه لک ڊالر. صبح جو جڏهن اسان سائوٿ همپٽن ۾ پهچنداسين ته ڊپازٽ مان وٺنداسين. آئون تو سان ناشتي تي ملندس." جيف چيو، "هاڻي ڪجهه وقت آرام ڪرڻ گهرجي. اچ ته پنهنجي پنهنجي ڪيبن ۾ هلون."

"نه، آئون سمهڻ نه ٿي چاهيان. تون يلي هل."

"ها، تون ته چيمپيئن آهين." هن کيس ڳل تي آهستي چميو، "خدا حافظ"

"خدا حافظ جيف." ٽريسيءَ موٽ ۾ جواب ڏنو.

ٽريسي کيس ويندي ڏسندي رهي. اها رات سندس لاءِ انتهائي شاندار هئي. روسي ۽ رومانوي رانديگرن کي پنهنجو پاڻ تي ڪيڏو نه ٻانور ۽ غرور هو. پر جيف کيس خاطري ڏياري هئي ته هوءَ کين مات ڏئي ويندي. پر کيس ڪو گمان به نه هو ته ائين به ممڪن آهي. جيف واقعي هوشيار ۽ چالاڪ آهي. هن سان گڏ رهڻ ۾ فائدو آهي. پر شايد هوءَ ڪڏهن به ان ۾ دلچسپي نه وٺندي. ٽريسيءَ جي ذهن ۾ مسلسل خيال اچڻ لڳا. هوءَ ڪافي جذباتي به هئي ته مايوس به. ڇاڪاڻ ته هن اهو ڪجهه ڪري ڏيکاريو هو، جيڪو ڪڏهن تصور به نه ڪيو هئائين.

جيف پنهنجي ڪيبن ڏانهن وڃي رهيو هو ته گس تي کيس جهاز جي عملي جو آفيسر مليو. "بهترين ڪارڪردگي رهي. محترم اسٽيونز اسان وائرليس جي ذريعي ان مئچ جو اطلاع ٽي وي ۽ اخبارن وارن کي ڏئي ڇڏيو آهي. اسان جيئن ئي سائوٿ هيمپٽن پهچنداسين ته صحافي اڳي ئي اتي موجود هوندا. ڇا تون مس ٽريسي وٽنيءَ جو سيڪريٽري آهين؟"

"نه، بلڪل نه. اسان جي ته ملاقات ئي هن جهاز تي ٿي آهي." جيف نفيءَ ۾ جواب ڏنو. هن جي ذهن ۾ تڪڙو خيال آيو ته هو ائين ئي چوي. جيڪڏهن انهن کي خبر پئي ته هو ٻهرين ڪان واقف آهن ته پوءِ شڪ پيدا ٿي سگهي ٿو ته هو گڏيل صلاح ڪري مسافرن ۽ ميلنڪوو ۽ نيگيوليسڪو کي ٺڳڻ آيا هئا. ان ڪانپوءِ تفتيش ڪرائي ويندي. هن چاهيو ته ان کان اڳ جو شڪ پيدا ٿئي، هو پئسا حاصل ڪري رفوچڪر ٿي وڃن.

جيف هڪ پيغام ڪاغذ جي ٽڪري تي لکي، لفافي ۾ وجهي ٽريسيءَ ڏانهن موڪليو.

"پئسا ڪٽڻ ڪانپوءِ اسان ناشتي لاءِ سيواءِ هوٽل ۾ ملنداسين - جيف" هن لفافو ملازم کي ڏنو ۽ هدايت ڪيائين ته صبح جو سوير اهو ٽريسي وٽنيءَ کي پهچائي. ان ڪانپوءِ جيف سڌو ڊپازٽ آفيس ۾ آيو.

"سائين معاف ڪندءُ.." جيف، ڊپازٽ آفيسر کي چيو، "اسان چند

ڪلاڪن ڪانپوءِ پنهنجي منزل تي هونداسين. توهان وٽ هاڻي آهستي آهستي مسافرن جي رش ٿي ويندي. ان لاءِ آئون چاهيندس ته اسانجي گهربل رقم اسانکي هينئر ئي ڏئي ڇڏيو."

"ها، ڪو مسئلو نه آهي. توهان جا پئسا آهن. مونکي اعتراض ڇو ٿيندو!" آفيسر هائوڪار ڪئي، "تو واري چوڪري واقعي غضب جي نڪتي...."

"ها، توهان درست آهيو. هوءَ واقعي ڪمال جي رانديگر آهي." جيف سندس نقطي جي تصديق ڪئي.

"سائين ناراض نه ٿيو ته هڪ ڳالهه پڇان. هوءَ ان راند جا گر ڪتان ۽ ڪيئن سکي؟ شطرنج واقعي دماغ جي راند آهي ۽ اهو به ٻن تجربيڪار ۽ ماهر رانديگرن سان مدمقابل!......"

جيف، آفيسر جي ويجهو جهڪيو ۽ آهستي چيائين، "مون ٻڌو آهي ته بوبي فشر جي شاگرد ياڻي آهي."

"آفيسر ٽجوڙيءَ مان به لفافا ڪڍيا، "هي آهن توهان جا ڪنيل پئسا. پر نقدي ڪڻڻ مناسب نه آهي. چو ته توهان کي اسان چيڪ لکي ڏيون؟"

"نه، اسان لاءِ ڪيش مناسب رهندي. هڪ ٻي مهرباني جيڪڏهن ٿي سگهي ته، ٽپال واري ٻيڙي آئون سمجهان ٿو ته اڏي تي رسڻ کان پهرين ايندي؟" جيف التجائيه انداز ۾ چيو.

"ها، اها نيڪ ڇهين وڳي پهچندي." آفيسر چيو.

"جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته آئون ان ۾ چڙهي هليو وڃان. ڇاڪاڻ ته منهنجي ماءُ گهڻي بيمار آهي ۽ مونکي جلدي اتي پهچڻو آهي. ان کان اڳ جو ڪافي دير..." جيف ٽنل آواز ۾ چيو.

"سائين مونکي اوهانجي ماءُ جي لاءِ افسوس آهي. آئون بلڪل اوهان جي لاءِ بندوبست ڪريان ٿو." آفيسر تي سندس لفظن جو ڪافي اثر ٿيو هو.

****

نيڪ سوا ڇهين وڳي صبح جو جيف جهاز جي ڏاڪڻ ذريعي هڪ ٻيڻل ننڍي ٻيڙيءَ ۾ لٿو، جيڪا ٽپال کڻي آئي هئي. هن وٽ هڪ بريف ڪيس هو، جنهن ۾ ڊالرن سان ڀريل ٻه لفافا هئا. هيٺ لهي هن هڪ آخري نگاهه ان پريت جيڏي بحري جهاز تي وڌي، جيڪو هڪ ٽاور جيان سندس مٿان ٻيڻل هو. جهاز تي موجود سيئي مسافر گهري ننڊ ۾ ستل هئا. هاڻي جيف جهاز جي اڏي تي پهچڻ کان به ٽي ڪلاڪ پهرين اتي موجود هوندو. "سفر ڏاڍو شاندار گذريو." جيف ٻيڙيءَ جي عملي جي هڪ آفيسر کي چيو.

"ها، واقعي ان جهاز ۾ سفر ڪرڻ شاندار هوندو آهي." هن جي ڪنن تي هڪ آشنا آواز پيو. جيئن ئي جيف ٿورو مڙيو ته سندس نگاهه ٽريسيءَ تي پئي، جيڪا رسي کي ٽيڪ ڏيو بيٺي هئي. سندس زلف ٿڌڙي هوا ۾ اڏامي رهيا هئا.

"ٽريسي، تون هتي ڇا پئي ڪري؟" جيف وائڙن جيان پڇيو.

"تنهنجي خيال ۾ آئون ڇا پئي ڪريان؟"

جيف، ٽريسيءَ جي چهري تي موجود تاثرن جو جائزو ورتو، "هڪ سيڪنڊ، تنهنجي خيال ۾ آئون پئسا کٽي ڀڄڻ جي چڪر ۾ آهيان؟"

"آئون ائين ڇو سوچيندس؟" ٽريسيءَ جو انداز تلخ هو.

"مون، تنهنجي لاءِ هڪ سنديسو موڪليو هو ته اسان سيواءِ هوٽل ۾ ملنداسين ۽ گڏ ناشتو ڪنداسين. دراصل مون چاهيو ته جيترو جلدي ٿي سگهي، هتان پئسا ڪٽي نڪرجي. ان کان اڳ جو ڪو مسئلو کڙو ٿي پوي ۽ اسان ڦاسي پئون."

"ها، مونکي خبر آهي، تنهنجي ۽ تنهنجن ڪرتوتن جي؟"

"جيف سندس منهن ۾ نهاريو. هن وٽ پنهنجي صفائيءَ ۾ چوڻ لاءِ بيو ڪجهه به نه هو.

****

ٽريسي سيواءِ هوٽل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ هئي ۽ جيف کي پئسا ڳڻيندي ڏسي رهي هئي.

"هي وٽ تنهنجو حصو هڪ لک ۽ هڪ هزار ڊالر."

"مهرباني."

"تنهنجو، منهنجي باري ۾ رايو بلڪل غلط هو. آئون ان جي وضاحت ڪرڻ چاهيندس. ڇو نه اسان منجهند جو لنچ گڏ ڪريون يا رات جي ماني گڏ کائون؟" جيف چيو.

پهرين ٽريسيءَ ٿوري جهجهڪ ڏيکاري پر پوءَ ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪيائين. "ٺيڪ آهي، آئون ٺيڪ اٺين بجي تنهنجو انتظار ڪندس. تون منهنجي ڪمري ۾ فون ڪجان، آئون هيٺ لهي ايندس."

****

شام جو جڏهن جيف هوٽل جي ڪلارڪ کان ٽريسيءَ جي باري ۾ پڇيو ته ڪلارڪ چيو، "مونکي افسوس آهي ته مس ٽريسي وٽني ڪمرو ڇڏي وڃي چڪي آهي ۽ ڪيڏانهن وئي آهي، ان جي اسان کي ڪا سڌ نه ڏني اٿس."

****

هڪ هٿ سان لکيل دعوت نامي ٽريسيءَ جي زندگيءَ ۾ هڪ نئين تبديلي آندي. جيف کان پئسا وٺڻ کانپوءِ هوءَ سيواءِ هوٽل ڇڏي اچي پارڪ اسٽريٽ هوٽل ۾ رهي. اها هوٽل انتهائي شاندار هئي. ڪمرا ڪشادا ۽ عمدي نموني سينگاريل هئا. سروس جو نظام تمام بهترين هو. يعني هر لحاظ کان هڪ گهر وانگر.

هوٽل ۾ ٽرسندي بيو ڏينهن هوس جو کيس هڪ دعوت نامو مليس.

"مونکي هڪ دوست مشورو ڏنو آهي ته جيڪڏهن اسان هڪ ٻئي سان واقفيت رکون ته اسان ٻنهي لاءِ مفيد رهندو. جيڪڏهن اوهانکي اعتراض نه هجي ته اسان چار وڳي کن چانهه "رٽز هوٽل" ۾ گڏ پيون؟ توهان مونکي آسانيءَ سان سڃاڻي سگهو ٿيون. منهنجي ڪوٽ ۾ هڪ گلابي گل لڳل هوندو. فقط گنٽر هارٽاگ."

ٽريسي ان نالي واري شخص کي نه سڃاڻندي هئي ۽ نه وري ان جي باري ۾ ڪڏهن ٻڌو هئائين. پهرين ته هن دعوت نامي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو، پر پوءِ هن کي تجسس ٿيڻ لڳو ته آخر هو ڪير آهي.

ٺيڪ چار لڳي پندرنهن منٽن تي هوءَ هوٽل جي ڊائننگ هال جي در وٽ بيٺي هئي. هن نگاهه ڦيرائي ۽ ڪوٽ تي لڳل گل واري شخص کي ڏٺائين. اهو سٺ سالن کان وڏي

ڄمار جو هڪ با رعب شخص ٿو. ڪيس تمام قيمتي پوشاڪ پهريل هئي.
جيئن ئي ٽريسي هن جي ٽيبل جي ويجهو پهتي ته هو اٿي بيٺو ۽ تعظيم ۾ هن جي اڳيان جهڪيو. "منهنجي دعوت قبولڻ لاءِ مهرباني." ان شخص ٿورائتو ٿينديچيو.
هن جي ويهڻ جي انداز ٽريسيءَ کي ڪافي موهي ڇڏيو. ٽريسيءَ کي لڳو ڄڻ هو ڪنهن ٻيءَ دنيا جو شخص هجي. هوءَ سوچڻ لڳي ته آخر هن جو ساڻس ڪهڙو ڪم ٿي سگهي ٿو.
"آئون دراصل ان لاءِ آئي آهيان جو مونکي تجسس ٿيو ته توهان کي ڏسان ته توهان ڪير آهيو. پر توهان مونکي ڪا ٻي ٽريسي وٺي ته نه سمجهيو آهي؟"
گنٽر هارٽاگ مسڪرائڻ لڳو، "منهنجي علم ۾ فقط هڪ ٽريسي آهي، يعني توهان."
"توهان منهنجي باري ۾ ڪهڙي ڄاڻ رکو ٿا؟"
"ايئن بهتر نه ٿيندو ته پاڻ پهرين چانهه پيون ۽ پوءِ وڏيڪ گفتگو ڪريون؟"
چانهه سان گڏ ڪافي ٻيون شيون به پيش ڪيون ويون. جنهن جو شايد هن ماڻهوءَ هوٽل وارن کي پهرين کو آرڊر ڏئي ڇڏيو هو. هو چانهه سان گڏ ڳالهائيندا به رهيا.
"توهان جيڪو دعوت نامو موڪليو ان ۾ ڪنهن مشترڪ دوست جو ذڪر هو؟"
"ها، ڪونراڊ مارگن. آئون اڪثر هن سان گڏ ڪاروبار ڪندو رهندو آهيان."
"ها، مون به هن سان گڏ هڪ ڪاروبار ڪيو، پر هن مونکي ٺڳڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي."
"هو توهان جي تمام گهڻي تعريف ڪندو آهي." گنٽر چيو.
ٽريسيءَ پنهنجي ميزبان کي گهوري ڏٺو. هو هڪ شاهوڪار شخص ٿي لڳو، "پر آخر مون سان هن جو ڪهڙو ڪم آهي؟" ٽريسيءَ سوچيو، هن چاهيو ته اهو موضوع يلي اڳيان هلي، پر گنٽر، ڪونراڊ مارگن جي باري ۾ وڌيڪ نه ڳالهايو ۽ نه وري مشترڪ نفعي جي باري ۾ ئي ڪجهه ڪڇيو.
ٽريسيءَ کي گنٽر سان گڏ ويهڻ ۾ ڪافي لطف اچڻ لڳو، جيڪو پنهنجي ماضيءَ جي باري ۾ ٻڌائي رهيو هو.
"منهنجو جنم ميونخ( جرمني) ۾ ٿيو. منهنجو پيءُ هڪ بئنڪار هو. هو تمام دولتمند هو. منهنجي پيءُ جي خيال ۾ آئون بگڙڻ لڳو هوس. منهنجو شوق پراڻين شين ۽ مصوريءَ ڏانهن وڌڻ لڳو. منهنجي ماءُ يهودڻ هئي. جڏهن هٽلر اقتدار ۾ آيو ته منهنجي پيءُ تي دٻاءُ وڌو ويو ته هو ڪيس ڇڏي ڏي، جنهن کان هن صاف انڪار ڪيو. جنهن سبب سندس سموري دولت کسجي وئي.تنهن کان پوءِ جنگ لڳي، جنهن دوران اهي ٻئي مارجي ويا. ڪجهه دوستن مونکي اسمگل ڪري سئزرليند موڪلي ڇڏيو. جڏهن جنگ ختم ٿي ته مون فيصلو ڪيو ته واپس جرمني نه ويندس. آئون لنڊن هليو آيس ۽ مائونٽ اسٽريٽ ۾ اچي پراڻين تاريخي شين جو دڪان کوليم. آئون چاهيندس ته توهان به منهنجو دڪان ڏسو."
"ڇئبو ته اها ڳالهه آهي." ٽريسيءَ

سوچيو. "هن وٽ ڪا تاريخي شيءِ آهي، جيڪا چاهي ٿو ته آئون خريد ڪيان." پر دراصل سندس اندازو غلط هو.

گنٽر، هوٽل جو بل چيڪ جي صورت ۾ ادا ڪيو. "هئمپ شائر ۾ منهنجو هڪ فارم هائوس آهي. اينڊرز موڪل واري ڏينهن مون ڪجهه دوستن جي اتي گڏجاڻي رکي آهي. آئون چاهيندس ته توهان به اتي اچو."

ٽريسيءَ کي ٿوري هٻڪ محسوس ٿي. اهو شخص هن لاءِ بلڪل اوپرو هو ۽ ٽريسيءَ کي خبر نه هئي ته هو هن کان ڇا چاهي ٿو.

"خير وڃڻ ۾ ڪو حرج نه آهي." ٽريسيءَ فيصلو ڪيو.

موڪل وارو ڏينهن ٽريسيءَ لاءِ شاندار ثابت ٿيو. گنٽر جو ننڍڙو فارم هائوس ڪافي خوبصورت هو. اهو ٽيهن ايڪڙن تي پکڙيل سترهين صديءَ جي طرز تي نهيل گهر هو. گنٽر جي زال گذاري وئي هئي. هو بلڪل تنها رهندو هو. سندس خدمت لاءِ چند ملازم رکيل هئا. هو ٽريسيءَ کي سڄو گهر ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو. اتي هڪ "ڪوهه" ۾ ڪجهه گهوڙا بيٺل هئا. اڳيان سوئرن جو واڙو ۽ ڪڪڙين جا پڃرا هئا.

" تون هن فارم کي ڏسي اهو اندازو لڳائي سگهين ٿي ته منهنجي بک مرڻ جو ڪو امڪان ڪو نه آهي." گنٽر چيو. "هاڻي هل ته آئون توهانکي پنهنجي اصل وندر کان آشنا ڪريان." هو ٽريسيءَ کي ڪبوترن سان ڀريل هڪ وڏي پڃري وٽ وٺي ويو. "هي آهن منهنجا پالتو ڪبوتر." سندس آواز ۾ فخر هو. "هنن خوبصورت

پکين کي ڏس! سندن رنگ ۽ بناوت." هن هڪ ڪبوتريءَ کي هٿ ۾ ڪنيو ۽ سندس کنڀن کي آڱرين سان پڪيڙيندي چيائين، "تون ڪافي پوائنٽي آهين. ڇا توکي اها خبر آهي؟" هن ڪبوتريءَ کي واپس زمين تي ڇڏيو. "هتي هر رنگ جو ڪبوتر موجود آهي. ڪي هڪ رنگ وارا ته ڪي چٽڪمرا."

"پر مونکي سفيد رنگ جا ڪبوتر نظر نه ٿا اچن؟" ٽريسيءَ چوطرف نهاريندي چيو.

"ها، پر جنهن نسل جا هي ڪبوتر آهن، انهن جو رنگ سفيد نه ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ ته سفيد کنڀ آسانيءَ سان ڇڻي پوندا آهن ۽ هنن کي ته چاليهه ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان اڏامڻو هوندو آهي." گنٽر وضاحت ڪئي. ٽريسي، گنٽر کي ڏسڻ لڳي، جيڪو ڪبوترن کي خاص قسم جي غذا کارائڻ ۾ مصروف هو.

"هي حيرت انگيز جنس آهي. توهان کي خبر آهي ته هي ڪبوتر پنجن ميل جي مفاصلي تان پنهنجي گهر يا آکيري ڳولهي سگهن ٿا!"

"واقعي! اها ته حيرت انگيز ڳالهه آهي."

اتي آيل مهمان به حيرت انگيز هئا. هڪ وزير پنهنجي ونيءَ سان گڏ، علائقي جو نواب، فوج جو جنرل پنهنجي گرل فرينڊ سان گڏ ۽ "موروي رياست" جي مهاراڻي، هڪ انتهائي خوبصورت ۽ پرڪشش نوجوان عورت.

"مهرباني ڪري مون کي V. L. ڪوٺيو." ان انتهائي مڌهر آواز ۾ چيو. ڪيس گهري ڳاڙهي رنگ جي ساڙهي پيل

هئي. جنهن تي سنهري ڏاڳي سان جڙت ٿيل هئي. ڪيس تمام قيمتي ۽ دل لڀائيندڙ زيور پيل هئا. جيڪي ٽريسيءَ پنهنجي سموري حياتيءَ ۾ نه ڏٺا هئا.

"آئون پنهنجا سمورا زيور هڪ خفيه تجوڙيءَ ۾ رکندي آهيان." J.V. چيو. "ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه چريون ۽ لٽ مار جون وارداتون عام ٿي پيون آهن."

****

آچر جي منجهند جو ٽريسي، لنڊن واپس موٽڻ جي تياري ڪري رهي هئي. مسٽر گنٿر کيس پنهنجي مطالعي واري ڪمري ۾ ڪوٺايو. ٻئي ڄڻا ڪمري جي وچ ۾ رکيل ٽيبل تي آمهون سامهون ٿي ويٺا. ٽيبل تي چانهه جي ٽري رکيل هئي. ٽريسي ڪوپن ۾ چانهه اوتڻ لڳي ۽ چيائين، "مون کي خبر نه آهي ته توهان مون کي هت اچڻ جي دعوت ڇو ڏني آهي مسٽر گنٿر؟ بهرحال ڪهڙو به سبب يا مقصد هجي، پر مون جيترو وقت به هتي گذاريو، اهي، ڪافي دلچسپ ۽ لطف اندوز رهيو."

"مونکي به گهڻي خوشي ٿي آهي جو توهان منهنجي دعوت کي قبوليو ۽ هتي هليون آيون. دراصل جيترو وقت به توهان هتي رهيون آهيو، آئون، توهان جو مشاهدو ڪندو رهيو آهيان."

"اڇا! اها ڳالهه آهي."

"توهان پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ڪا منصوبا بندي ڪئي آهي؟"

ٽريسيءَ کي ٿوري جهجهڪ ٿي، "نه...نه، اڃا تائين مون ڪو فيصلو نه ڪيو آهي ته آئنده ڇا ڪرڻو آهي. ڪيڏانهن وڃڻو آهي. ڪيئن...."

"آئون سمجهان ٿو ته بهتر ٿيندو ته اسان گڏجي ڪم ڪريون."

"توهان جو مطلب ته توهان جي ان ناياب قسم جي سامان واري دڪان تي؟"

گنٿر اهي لفظ ٻڌي ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

"نه، منهنجي مٺڙي! منهنجي لاءِ اها قابل رحم ۽ ندامت جي ڳالهه ٿيندي، جيڪڏهن آئون، توهان جي صلاحيتن کي ائين اجايو ضايع ڪري ڇڏيان. مونکي خبر آهي ته توهان ڪونراڊ مارگن سان ڪهڙو ڪاروبار ڪيو. توهانجي ذهن ۽ انداز کي داد ڏيڻ گهرجي.اتي توهان پنهنجو ڪم شاندار انداز ۾ سرانجام ڏنو هو."

"مسٽر گنٿر، اهو منهنجو ماضي آهي."

"پر اڳيان به ڇا آهي؟ توهان چيو ته توهان مستقبل جي باري ۾ ڪجهه به نه سوچيو آهي. جيڪي پئسا توهان وٽ آهن، اهي آهستي آهستي خرچ ٿيندا ويندا ۽ نيٺ ختم ٿي ويندا. پوءِ ڇا ڪنديئن؟ منهنجي ڳالهه مڃ، اسان ڀائيواريءَ جي بنياد تي گڏجي ڪم ڪريون. منهنجي سنگت تمام وڏي آهي. منهنجي تمام امير ۽ مالدار ماڻهن سان اٿڻي ويهڻي آهي. مونکي خبر آهي ته اميرن وٽ ڇا آهي، ڇا اچي ٿو، ڇا وڃي ٿو ۽ سندن خزانا ڪٿي لڪل آهن."

"پر انهن سان منهنجو ڪهڙو سروڪار؟"

"آئون، توهانکي اهڙين محفلن ۾ متعارف ڪرائيندس، جتي فقط امير ماڻهو هوندا. توهانکي انهن سان ميل ميلاپ وڌائڻو پوندو. پوءِ آئون، توهانکي انهن متعلق گهربل معلومات فراهم ڪندس ته سندن قيمتي زيور ۽ تصويرون ڪٿي رکيل آهن ۽ اهو به ته توهان اهي ڪيترو آسانيءَ

۽ صفائيءَ سان ڪٽي سگھون ٿيون. منهنجو مقصد چوري ڪرڻ، دوکو ڏيڻ يا جرم ڪرڻ نہ آهي. ڏس، اهي امير ماڻهو ائين امير تہ نہ ٿيا آهن. انهن مختلف انداز ۾ بين ماڻهن کي لٽيو آهي. اسان تہ فقط حساب برابر ڪنداسين. پوءِ جيڪي ڪجھ هٿ آيو، اهو اسان برابريءَ جي بنيادن تي هڪ ٻئي ۾ ورهائيداسين. پوءِ ڇا خيال آهي توهانجو، هامي ڀريو ٿيون يا...."

گنٽر، ٽريسيءَ جي چهري جو اڀياس ڪرڻ لڳو، "شايد توهان کي هن وقت منهنجي ڳالھ سمجھ ۾ نہ ايندي، پر مونکي يقين آهي تہ ڪجھ سوچڻ ڪانپوءِ توهان جو ذهن تبديل ٿيندو ۽ توهان منهنجي ڪيل ڳالھ کي مڃينديون ۽ پوءِ توهان مونکي فون ڪري ها ۾ جواب ڏينديون."

"توهان ڪنهن غلطفهميءَ ۾ ۽ نہ وري خوشفهميءَ ۾ مبتلا رهو. منهنجو ذهن ڪڏهن بہ تبديل نہ ٿيندو."

ڪجھ وقت ڪانپوءِ ٽريسي موٽي لنڊن هلي آئي.

****

ٽريسيءَ کي لنڊن جو شهر ڪافي پررونق ۽ خوبصورت لڳو. ان شام جي ماني هن کي گيوروشي ۽ بل بنيٽليز هوٽل ۾ ڪاڌي. پوءِ ٿيٽر ڏسڻ لاءِ هلي وئي ۽ موٽندي گرم ۽ چسڪيدار آميريڪي برگر ڪاڌائين.

ايندڙ سڄو ڏينهن ٽريسي سير سپاٽو ڪندي گذاريو. هر هوٽل، ٿيٽر، سرڪس، شاپنگ مال، پبلڪ اسڪوائر ۽ مارڪيٽن ۾ گھمندي رهي ۽ جيڪا شيءِ پسند آيس، خريد ڪيائين. لنڊن شهر ڪافي مهانگو آهي ۽ اتي رهڻ، گھمڻ ڦرڻ ۽ شاپنگ ڪرڻ ۾ ڪافي پئسا خرچ ٿي وڃن ٿا. جنهن جو احساس هن کي سڄو ڏينهن گذارڻ ڪانپوءِ ٿيو. هونئن تہ لنڊن ڏسڻ وٽان آهي. اتي جون دلفريبيون ڪير بہ مس ڪرڻ نہ چاهيندو، پر وري بہ مسئلو پئسن جو آهي. ٽريسيءَ سوچيو تہ ائين تہ وٽس موجود پئسا نيٺ ختم ٿي ويندا ۽ پوءِ ڇا ڪندي. ڇا وري ساڳي تنگدستيءَ واري حالت! گنٽر واقعي درست چيو تہ وٽس موجود پئسا هميشہ تہ نہ هلندا. ان لاءِ هن جي ذهن ۾ خيال آيو تہ مستقبل لاءِ منصوبابندي ڪرڻ اشد ضروري آهي.

****

گنٽر هن کي ڪيترائي ڀيرا پنهنجي فارم هائوس تي اچي رهڻ جي دعوت ڏني ۽ ٽريسي بہ ڪيترائي دفعا اتي وئي. ڪيس گنٽر جي ڪمپنيءَ ۾ ڪافي لطف آيو هو.

هڪ آچر جي شام، ٽريسي، گنٽر جي فارم هائوس تي منعقد ڪيل پارٽيءَ ۾ شامل هئي. ان پارٽيءَ ۾ موجود هڪ پارليامينٽ جو رڪن هن سان مخاطب ٿيو.

"مس وٽني ٽريسي، آئون پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ ٽيڪساس جي باشندي سان ڪڏهن بہ مليو ناهيان. اهي ڪيئن لڳندا آهن؟"

ٽريسي تمام عمدي انداز ۾ ٽيڪساس جي باشندن جو نقل ڪري ڏيکاريو. جنهن ڪان پارٽيءَ ۾ موجود سيئي شرڪاءَ لطف اندوز ٿيا ۽ سمورو وقت ٽهڪن ۽ ٽوڪن ۾ گذريو.

بعد ۾ جڏهن ٽريسي ۽ گنٽر اڪيلا هئا تہ گنٽر کيس چيو، "تون ائين نقل

كري به گهڻي دولت كمائي سگهي ٿي.
ڇا توهانكي ڄاڻ آهي؟"

"ڇامطلب! آئون اوهانكي اداكاره ڏسڻ ۾ ٿي اچان ؟"

"توهان پنهنجي پاڻ جو غلط اندازو لڳائي رهي آهين. پاركر ۽ پاركر نالي سان لنڊن ۾ هك زيورن جو وڏو دكان آهي. اهي دكان وارا پنهنجي گراهكن كي تمام بري انداز ۾ لٽيندا آهن. منهنجو مقصد اهو آهي ته كنهن طريقي سان انهن كي سندن بي ايمانيءَ جو سبق سيكارجي."

گنٽر پنهنجو سڄو منصوبو تفصيل سان ٽريسيءَ كي ٻڌايو.

"نه!" ٽريسيءَ صاف انكار كيو. پر جيئن جيئن هن گنٽر جي ڏنل خيال تي سوچيو ته اهو خيال هن تي حاوي ٿيندو ويو.

—

هن كي ياد آيو ته كيئن هن پوليس جا هوش نكاڻي لڳائي ڇڏيا هئا ۽ پوءِ وري بورس ميلنكوو ۽ پيٽر نيگيوليسكو سان، جيف اسٽيونز سان ملي جيكا اٽكل بازي كيائي. هن كي اهو سڀ كجهه كافي پوائنٽو لڳو. جنهن كي بيان كرڻ ممكن نه پئي لڳو.

"بهرحال، اهو سڀ كجهه منهنجو ماضي آهي." ٽريسيءَ پاڻ كي چيو.

لنڊن جي موسم معمول جي ابتڙ آكٽوبر ۾ به كافي گرم هئي. اتي جا رهاكو ۽ ٻاهر كان آيل سياح چمكندڙ سج جي اس ۾ كافي لطف اندوز ٿي رهيا هئا. رستن تي جام ٽريفك هلي رهي هئي. گهمڻ جون سڀ جڳهيون شائقين سان ڀريل هيون. ٽريفلگر اسكوائر، كبٽرنگ كراس ۽ پكاڊلي سركس ۾ پير ركڻ جي جاءِ نه هئي.

هك اڇي رنگ جي كار، آكسفورڊ علائقي كان نيو بانڊ علائقي ڏانهن ٽريفك كي چيريندي اڳيان وڌي ۽ اڇي هك زيورن جي دكان اڳيان بيٺي. دكان جي دروازي جي مٿان هك بورڊ لڳل هو. جنهن تي چمكندڙ ۽ اپريل اكرن ۾ لكيل هو، "پاركر ۽ پاركر"

هك انتهائي خوبصورت دوشيزه، دلفريب اطالوي لباس ۾ گاڏيءَ مان هيٺ لٿي.

" پاركر ۽ پاركر دكان جو گيٽ كنهن طرف آهي ؟ " هن ڊرائيور كان پڇيو.

"هن طرف آهي، محترمه!"

" نيك آهي. تون ٿورو هتي ترس. مان ٻن منٽن ۾ اندران ٿي اچان ٿي."

پر توهان پنهنجي گاڏي هتي پارك كري نه ٿيون سگهو."

هن سندس پٺي نپريندي چيو، " تون پنهنجو كم كر." سندس لهجي ۾ هٺ هو، "توكي خبر نه آهي ماڻهن سان كيئن ڊيل كجي ۽ شايد اهو ئي سبب آهي جو تون اڃان ڊرائيوري كري رهيو آهين."

"پر ميڊم، اها منهنجي ذميداري آهي."

ٽريسيءَ كيس اٽبڻو كري گاڏيءَ مان هيٺ لٿي ۽ دكان جي ٻاهرئين شوكيس جي شيشي ۾ پنهنجو پاڻ كي ڏٺو ۽ مسكرائيندي دروازي ڏانهن وڌي. جيكو هك باوردي دربان كوليو.

"سلام ، محترمه!"

"سلام ...توهان كيٽن جي مٿان

پائڻ وارن زيورن کان علاوه ٻـ ڪجھ وڪڻندا آهيو؟" ٽريسيءَ طنزيـ انداز ۾ مسڪرائيندي پڇيو.

دربان ٿورو پري هٽيو ۽ ٽريسي دڪان ۾ اندر گهڙي وئي.

آرٿر چلٽن، هڪ سيلزمين اڳيان وڌيو، "محترمہ، آئون اوهانجي ڪا مدد ڪري سگهان ٿو؟"

"ٿي سگهي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو تـ نـ بـ. J.P. چيو آهي تـ مان پنهنجي لاءِ خود سالگره جو تحفو پسند ڪري خريد ڪريان ۽ ان لاءِ آئون هتي آئي آهيان."

"ڇا توهان کي ڪا ڪنهن خاص شيءِ گهرجي؟"

"گراهڪ ڦاسائڻ ۽ شيون وڪڻڻ ۾ توهان انگريز واقعي ڪاريگر آهيو." ٽريسيءَ کلندي چيو ۽ سندس کلهو ٽپريائين. سيلزمين بنا ڪنهن تاثر ڏيڻ جي ٻينور هيو.

"ها، J.P. جي دلچسپي هميشہ هيرا خريدڻ ۾ هوندي آهي. هن مونکي هيرا خريدڻ لاءِ چيو آهي."

"ٺيڪ آهي تـ پوءِ توهان هن طرف اچو." چلٽن، ٽريسيءَ کي هڪ ڪنڊ واري اسٽال ڏانهن وٺي ويو. جتي ڪيترن ئي قسمن جا هيرا نمائش لاءِ رکيل هئا.

ٽريسيءَ انهن تي هڪ نظر وڌي، "هي تـ ٻچا آهن. سندن ماءُ پيءُ ڪٿي آهن؟"

چلٽن سنجيدگيءَ سان چيو، "هنن جي قيمت جي رينج گهٽ ۾ گهٽ ٽيھ هزار ڊالر آهي."

"ڇا مطلب! آئون ايترا پئسا تـ پنهنجي وار ٺاهڻ واري حجام کي ڏيندي آهيان. اها تـ J.P. جي بيعزتي سمجهي ويندي، جيڪڏهن آئون انهن ننڍڙين پٿرين مان ڪجھ وٺي ويس."

"محترمہ ڪيتري قيمت تائين جا زيور خريدڻ پسندي ڪندوءَ."

"آئون سمجهان ٿي تـ اسان کي گهٽ ۾ گهٽ لک ڊالرن جي هيرن کان شروعات ڪرڻ گهرجي."

چلٽن وائڙو ٿي هن جي چهري کي تڪڻ لڳو، "پوءِ محترمہ توهان، اسانجي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سان ڳالهايو. ايڏن مهانگن هيرن جو وڪرو هو خود ڪندو آهي."

"پارڪر ۽ پارڪر" دڪان تي بيٺل ڪنهن بـ ملازم کي ڪا ڪميشن نـ ملندي آهي. ان لاءِ چلٽن چاهيو تـ ان ڏکي عورت کي گريگري هالسٽن جي حوالي ڪري، ڇاڪاڻ تـ ڪيس ان عورت سان ڊيل ڪرڻ ايترو آسان نـ پئي لڳو.

چلٽن ڪائونٽر جي هيٺان لڳل هڪ بٽڻ کي دٻايو ۽ هڪ لمحي ڪانپوءِ زرد رنگت وارو شخص پنيان دروازي کان ٻاهر آيو. ان، هن مشڪي رنگ واري عورت تي هڪ نظر وڌي، جنهنکي عجيب نموني جي پشاڪ پهريل هئي. هن کي خوف ٿيو تـ جيڪڏهن ٻيا گراهڪ هن عورت کي ان لباس ۾ ڏسندا تـ انهن تي تمام برو اثر پوندو ۽ خوش قسمت سان ان وقت دڪان ۾ ٻيو ڪوبـ گراهڪ موجود نـ هو.

چلٽن، ڊائريڪٽر سان مخاطب ٿيندي چيو، "هيءَ آهي محترمہ...." هو ان عورت ڏانهن مڙيو.

" بينيڪي، منهنجو مطلب ميري لائو بينيڪي، جهوني J.P. بينيڪي جي

زال! آئون سمجهان ٿي توهان P. J
بينيڪيءَ کان تہ واقف هوندا؟"
"ها بلڪ، هن کي ڪير نہ سڃاڻندو." هالسٽن ڪوڙي مسڪراهٽ لبن تي آڻيندي چيو.
"سائين هالسٽن! محترمہ بينيڪي هيرا خريد ڪرڻ ۾ دلچسپي رکي ٿي." چلتن وضاحت ڪندي چيو.
گريگري هالسٽن، هيرن جي ٽري ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "اسان وٽ ڪجهہ عمدي قسم جا هيرا موجود آهن."
"پر هن جو ارادو آهي تہ هيري جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک ڊالر هئڻ گهرجي."
هاڻي هالسٽن جي چهري تي حقيقي مسڪراهٽ اچي وئي. هن سوچيو تہ اهڙوڪي ڏينهن جي ڀيٽي ڏاڍي خوش بختيءَ واري آهي.
"ها ڇو نہ." هالسٽن چيو، "توهان مهرباني ڪري منهنجي پٺيان منهنجي ڪمري ۾ هلو."
"تون شيطان، دل ۾ ڪهڙو چور اٿئي." ٽريسي (بينيڪي) چالاڪيءَ واري انداز ۾ شرمائيندي چيو.
هالسٽن ۽ چلتن هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاريو، ڄڻ چئي رهيا هجن، "بيهودا آمريڪي."
هالسٽن هن کي هڪ ٻئي دروازي ڏانهن وٺي ويو. جنهن کي چاٻيءَ سان کوليائين. اهي هڪ ننڍي پر تمام روشن ڪمري ۾ داخل ٿيا. هالسٽن پٺيان در وري تالو هڻي بند ڪري ڇڏيو.
"هي اهو ڪمرو آهي، جتي اسان عمدن گراهڪن لاءِ عمدا هيرا ۽ جواهر رکندا آهيون."
ڪمري جي وچ ۾ هڪ شوڪيس رکيل هو. جنهن ۾ هيرن، موتين ۽ لعلن جون قطارون رکيل هنيون ۽ جن مان روشنيءَ جا ڪرڻا عجيب چمڪ سان ٻاهر ايندي نظر اچي رهيا هئا.
"ها، هيءَ آهي نہ اصل شيءِ. منهنجو مڙس جڏهن انهن کي ڏسندو تہ واقعي چريو ٿي ويندو."
"ڇا محترمہ هنن مان ڪا شيءِ وٺڻ چاهي ٿي؟"
"ڏسون ٿا تہ ڇا ٿو وٺي." هوءَ وڏي شوڪيس ڏانهن وئي، جتي خوبصورت موتي رکيل هئا. "آئون هنن کي پرکڻ چاهينديس."
هالسٽن پنهنجي کيسي مان هڪ ٻي چاٻي ڪڍي ۽ شوڪيس کي کولي ان مان هيرن واري هڪ ٽري ڪڍي ٽيبل تي رکيائين. ان ٽري تي بخمل جي ڪيس ۾ ڏهہ موتي رکيل هئا. هالسٽن غور سان ڏسندو رهيو. جڏهن ٽريسيءَ سڀني کان وڏي موتيءَ کي کنيو، جيڪو پلاٽينم جي پن ۾ انڪيل هو.
"جهونو P.J. چوندو، مون واقعي ڪا شيءِ خريد ڪئي آهي."
هالسٽن سوچيو تہ ان عورت کي واقعي هيرن جي پرک آهي. ڏهن قيراطن جي سائي ڪولمبين هيري ۾ هٿ وڌو اٿس. جيڪو بلڪل بي عيب آهي.
"آئون نہ ٿي سمجهان تہ دنيا ۾ ڪو اهڙو بہ هيرو هوندو، جنهن ۾ ڪو عيب نہ هجي."
هالسٽن ٿورو حيران ٿيو، "محترمہ سؤ فيصد درست چئي رهي آهي." هن جي

زندگيءَ جو اهو پهريون تجربو هو جو ڪا عورت هيرا خريد ڪرڻ آئي هجي، جنهن جون اکيون هيرا ڏسي ايتريون سبز ٿي ويون هجن. جيترو خود هيرو سائو هو. هوءَ هيرن کي گهمائي ڦيرائي ان جي مختلف پهلوئن کي پرکي رهي هئي.

"اسان وٽ هيرن جو وڏو خزانو ۽ انتخاب موجود آهي."

"نه بس، مونکي هي پسند آهي."

چند منٽن ۾ خريداريءَ جو مرحلو پورو ٿي ويو.

"تمام سٺو." هالسٽن چيو. "ڊالرن ۾ ان جي قيمت هڪ لک آهي. محترمه پئسا روڪ ڏينديون يا.....؟"

پريشان نه ٿيو. منهنجو لنڊن ۾ ڊالرن جو اڪائونٽ آهي. آئون اوهانکي ذاتي چيڪ ڪدي ٿي ڏيان. محترم J.P. پاڻيهي مونکي پئسا واپس ڪندو."

"تمام بهتر. آئون هيري جي صفائي ڪرائي توهان کي هوٽل تي پهچائي ٿو ڇڏيان."

"نه، هيري کي صاف ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. اهو ائين ئي سهڻو پيو لڳي."

پر هالسٽن نه ٿي چاهيو ته جيستائين چيڪ بئنڪ مان ڪليئر ٿئي، تيستائين هيرو سندس حوالي ڪري. ڇاڪاڻ ته لنڊن ۾ ڪيترائي جوهري ائين ٺڳجي چڪا هئا. هالسٽن کي اهو فخر هو ته هن سان سموري ڄمار ۾ ڪنهن هڪ پائونڊ جي به ٺڳي نه ڪئي آهي.

"آئون توهانکي هيرو ڪٿي رسايان؟"

"اسان "اوليور ميسل هوٽل" ۾ ترسيل آهيون. جيڪا ڊورچ روڊ تي آهي."

هالسٽن پتو هڪ نوٽ بڪ تي درج ڪيو.

"آئون ان هوٽل کي "اوليور ميسي" چوندي آهيان." ٽريسيءَ کلندي چيو. "ڪافي ماڻهو ان هوٽل کي پسند نه ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته ان ۾ اڪثر عرب ترسيل هوندا آهن. پر ڇا ڪجي جو محترم J.P. جو انهن سان ڪافي ڪاروبار هلندڙ آهي. تيل جي هڪ پنهنجي ئي دنيا آهي. J.P. ڏاڍو سمارٽ شخص آهي."

"ها، واقعي." هالسٽن فرض سمجهي هائوڪار ڪئي.

هالسٽن ڏسندو رهيو ته ٽريسي هڪ چيڪ ڦاڙيو ۽ ان تي لکڻ لڳي. اهو بارڪلي بئنڪ جو چيڪ هو. هن جو هڪ دوست ان بئنڪ ۾ ڪم ڪندو هو. هن سوچيو، اهو ڪيس بينيڪي جو اڪائونٽ تصديق ڪري ڏيندو.

هن ٽريسيءَ کان چيڪ ورتو، "آئون سڀاڻي صبح جو پاڻ هيرو پهچائڻ هوٽل ۾ ايندس."

"جهوني J.P. کي اهو ڏاڍو پسند ايندو."

"ها، مونکي پڪ آهي ته ڪيس پسند ايندو."

ٽريسي مک دروازي ڏانهن وڌڻ لڳي.

" رالسٽن." ٽريسيءَ ڪيس اتي بيهي سڏيو.

"جي مئڊم." هالسٽن جي جيءَ ۾ آيو ته ڪيس پنهنجو نالو صحيح ٻڌائي، جو ته ان عورت سندس نالو غلط ورتو هو. پر پوءِ پنهنجو اهو خيال مٽائي ڇڏيو.هن

پريشاني ظاهر ٿي، "مونکي افسوس آهي،
جو ڪجھ مسئلو آهي."

"ڪھڙو مسئلو؟"

"توهان هڪ منفرد ۽ اڪيلو هيرو پسند ڪيو هو ۽ ان جھڙو ٻيو اسان وٽ موجود نہ آهي. پر مختلف اسٽائلز ۾ اسان وٽ اهڙا ٻيا ڪافي هيرا موجود آهن."

"پر مونکي ٻئي اسٽائل جا نہ بلڪ ساڳيو هيرو کپي، جيڪو مون خريد ڪيو آهي."

"ڏسو محترمہ بينيڪي! آئون اوهانکي واضح ڳالھ ٻڌائيان تہ اسان وٽ ڪولمبيا جا اهڙا بي عيب هيرا ٻيا موجود نہ آهن. پر ڪوڙ ٻيا هيرا آهن، جيڪي هن ڪان بہ وڌ آهن."

"توهان هلي ڏسو تہ سهي. ممڪن آهي ڪٿي ڪو ساڳيو هيرو پيل هجي. سچ پڇو تہ مون پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ اهڙا هيرا تمام گھٽ ڏٺا آهن ۽ ڪنهن ٻئي کي بلڪل اهڙي اسٽائل ۾ رنگ ۾ ڊپليڪيٽ ڪرڻ ممڪن نہ آهي. پر آئون ڇا ڪريان؟ ايندڙ ڇنڇر تي منهنجي برٿ ڊي آهي ۽ محترم J.P. مونکي انهن هيرن سان لڳل هيرن جو تحفو ڏيڻ چاهي ٿو."

"پر آئون سمجھان ٿو تہ منهنجي لاءِ اهو ممڪن نہ آهي."

"توهانکي وڌيڪ پئسا گھرجن.؟ هي هيرو هڪ لک ڊالرن جو آهي نہ، پر محترم J.P. ٻئي هيري جي لاءِ بہ ڪان ٽي لک ڊالر ڏيڻ لاءِ بہ راضي ٿي ويندو."

گريگري هالسٽن تڪڙ ۾ سوچڻ لڳو. ان جو ٻيو ڊپليڪيٽ هٿڻ گھربو هو ۽ جيڪڏهن بينيڪي ان لاءِ بہ لک ڊالر وڌيڪ ڏيڻ جي آڇ ڪري رهي آهي تہ ان جو مقصد تمام وڏو فائدو! مونکي ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻو پوندو جو ان سان مونکي بہ ڪافي فائدو ٿيڻو آهي.

هالسٽن وڏي آواز ۾ چيو، "ٺيڪ آهي، آئون ڪوشش ڪريان ٿو. پوري لنڊن ۾ ڪنهن بہ جوهريءَ وٽ اهڙو هيرو ملڻ ناممڪن آهي، پر پوءِ بہ آئون اشتهار ڏياريان ٿو. پوءِ ڏسون ٿا تہ نتيجو ڇا ٿو نڪري."

ٺيڪ آهي، توهان ڪوشش ڪريو تہ هن هفتي اندر ڪٿان ملي وڃي. آئون ان لاءِ ساڍا ٽي لک ڊالر ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

ائين چئي محترمہ بينيڪي هلي وئي ۽ هالسٽن، ڪيس گھوريندو رهيو ۽ سوچڻ لڳو تہ دنيا ۾ ڪيڏا بيوقوف ماڻھو رهن ٿا.

****

هالسٽن پنهنجي آفيس ۾ ويهي جاڳندي خواب ڏسڻ لڳو. قسمت هن تي وڏي مهربان ٿي وئي هئي، جو هن جو واسطو اهڙي شخص سان پيو هو، جنهن کي پنهنجي زال سان ايترو پيار هو، جو هو هڪ لک ڊالرن واري هيري لاءِ ساڍا ٽي لک ڊالر ڏيڻ لاءِ تيار آهي. مطلب تہ اڍائي لک ڊالرن جو سڌو سنئون منافعو! ان لاءِ هن سوچيو تہ پارڪر پائرن کي ان جو تفصيل ٻڌائڻ جي ضرورت نہ آهي. آئون ان جو وڪرو فقط هڪ لک ڊالرن ۾ ئي ڏيکاريندس ۽ باقي اڍائي لک ڊالر پنهنجي کيسي ۾ وجھندس ۽ اها رقم ايتري تہ گھڻي آهي جو آئون پنهنجي پوري زندگي عيش ۽ آرام سان گذاري سگھان ٿو. واقعي قسمت مون تي حد کان وڌيڪ

سوچيو. هو بيهر ان عورت کي نہ ڏسندو، جو ڪيس پنهنجو نالو صحيح ڪرائي
"توهان ڪڏهن اسان سان گڏ اچي چانهہ پيو. J.P. جي ڪمپنيءَ ۾ اوهان کي ڪافي مزو ايندو."
"آئون ڪوشش ڪندس، پر مسئلو اهو آهي تہ آئون شام تائين ڪم ڪندو آهيان."
"اها تہ تمام بري ڳالهہ آهي." ائين چئي ٽريسي ٻاهر هلي وئي.
جيئن ئي هالسٽن موٽي پنهنجي آفيس ۾ آيو، هن هڪدم فون جو رسيور کنيو ۽ پنهنجي دوست بارلڪيز کي فون ڪيو. "پيارا پيٽر، مون وٽ هڪ لک ڊالرن جو چيڪ آيو آهي، جيڪو محترم ميري لاٿو بينيڪي جي نالي جو آهي. ڇا اڪائونٽ درست آهي؟"
"ٿورو انتظار ڪر."
هالسٽن انتظار ڪرڻ لڳو. هن کي اميد هئي تہ چيڪ بلڪل درست هوندو. ڪافي ڏينهن کان ڪاروبار ۾ مندي هئي ۽ دڪان جا مالڪ پارڪر ڀائر مسلسل شڪايت ڪري رهيا هئا، ڇڻ ان جو ذميدار آئون هجان. پر پوءِ بہ دڪان جو منافعو گهٽ نہ هو جو پارڪر ڀائر نہ فقط زيور وڪڻندا آهن، پر گڏوگڏ صفائي ۽ ڪٽائيءَ جو ڪم بہ ڪندا آهن، جنهن مان کين ڪافي فائدو ٿي ويجي ٿو.
ٿوري دير ڪانپوءِ پيٽر واپس لائين تي آيو، "ڪو مسئلو نہ آهي گريگري. هن جي اڪائونٽ ۾ چيڪ کان وڌيڪ رقم موجود آهي."
اهو ٻڌي هالسٽن کي ڪجهہ تسڪين محسوس ٿي، "پيٽر تنهنجي وڏي مهرباني."
"نہ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي."
"ٻئي ڏينهن صبح جو چيڪ ڪليئر ٿي ويو. ڪولمبين هيرو، محترمہ بينيڪي کي هوٽل ۾ پهچايو ويو.
انهيءَ ڏانهن ٻنپهرن جو دڪان بند ٿيڻ کان اڳ گريگري هالسٽن جي سيڪريٽري اچي چيو، "محترم هالسٽن، محترمہ بينيڪي توهان سان ملڻ ٿي چاهي."
جيئن ئي اهي لفظ هالسٽن جي ڪنن تي پيا، سندس دل ٻڏڻ لڳي. هن جي خيال ۾ تہ بينيڪي، هيرو واپس ڪرڻ لاءِ آئي آهي ۽ جيڪڏهن ائين آهي تہ هو ڪيس انڪار بہ نہ ٿو ڪري سگهي. هوسوچڻ لڳو تہ سڀ عورتون اهڙيون آهن. خاص ڪري آمريڪي، بلڪ ٽيڪساس جون. خير چپن تي مرڪ سجائي هو ساڻس ملڻ ويو.
"سلام محترمہ بينيڪي! آئون سمجهان ٿو تہ توهانجي مڙس کي هيرو پسند نہ آيو."
"نہ، تنهنجو اندازو غلط آهي. محترم J.P. تہ ان کي ڏسي چريو ٿي ويو آهي."
اهو ٻڌي مسٽر هالسٽن جي پيٽ ۾ ڪجهہ ساهہ پيو، "واقعي!"
"اصل ۾ هن کي اهو ايترو تہ پسند آيو جو هو چاهي ٿو تہ پيو بہ هڪ وٺي اچان تہ جيئن اسان وٽ انهن جي جوڙي هجي تہ جيئن انهن کي ڪنن جي والن ۾ سيٽ ڪرائجي. ان لاءِ مونکي بلڪل ساڳيو هيرو گهرجي."
محترم هالسٽن جي چهري تي ٿوري

مهربان نظر ٿي اچي.

هاڻي هن لاءِ فقط هڪ ڪم هو ته هو اهڙو هيرو ڳولهي، جيڪو هن محترمہ بينيڪيءَ کي وڪڻي ڏنو هو. پر اهو ڪم توقع کان وڌيڪ ڏکيو هو. هن سڀني لنڊن جي جوهرين کي فون ڪري معلوم ڪيو، پر ڪنهن وٽ بہ اهڙو هيرو موجود نہ هو. هن لنڊن ٽائيمز ۽ فائنشل ٽائيمس اخبارن ۾ اشتهار ڏيارايا. هن ڪيترائي ايجنٽ ان ڪم لاءِ لڳايا. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ماڻهن جا ميڙ، مختلف قسم جا هيرا کڻي هالسٽن وٽ آيا، پر انهن مان ڪو هڪ بہ اصل هيري جهڙو نہ هو.

اربع واري ڏينهن محترمہ بينيڪي ٽيليفون ڪيو، "محترم J.P. هاڻ بلڪل بيچين ٿي چڪو آهي. توهان ٻڌايو، ڇا ٿيو هيري جو؟"

"اڃا تائين تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو آهي، پر اوهان پريشان نہ ٿيو. اسانکي ڪٿان نہ ڪٿان اهو هيرو ملي ويندو."

جمعي جي ڏينهن محترمہ بينيڪي هن کي وري فون ڪيو، "سياڻي منهنجي سالگره آهي." هن هالسٽن کي ياد ڏياريو.

"مونکي ياد آهي محترمہ بينيڪي. جيڪڏهن ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ هجن ها تہ شايد...."

"ٺيڪ آهي، ڪو فرق نہ ٿو پوي. جيڪڏهن سياڻي تائين توهان اهڙو بيو هيرو هٿ نہ ڪيو تہ آئون ورتل هيرو بہ واپس ڪري ڇڏينديس. محترم J.P. جو چوڻ آهي تہ هو ان جي بدلي مونکي ڪا وڏي جائداد ڪنهن مهانگي علائقي جهڙوڪ سسيڪس ۾ خريد ڪري ڏيندو."

هالسٽن کي پگهر اچڻ لڳا.

"محترمہ توهانکي سسيڪس ۾ رهڻ بلڪل بہ پسند نہ ايندو. اتي جون جڳهيون ڳٽڻيءَ جوڳي حالت ۾ آهن ۽ اتي مرڪزي گرمائش جو نظام بہ موجود نہ آهي...."

"حقيقت ۾ آئون بہ اتي رهڻ نہ ٿي چاهيان. آئون اهي هيرن وارا ڪنن جا والا حاصل ڪرڻ ٿي چاهيان. J.P. چيو هو تہ هو چار لک ڊالر ڏيڻ جي لاءِ بہ تيار آهي. توهان کي اندازو بہ نہ هوندو تہ محترم J.P. ڪيترو ضدي آهي."

چار لک ڊالر! هالسٽن کي ايڏي وڏي رقم هٿن مان ويندي نظر آئي، "مون تي يقين ڪريو، آئون پنهنجي پوري ڪوشش ڪري رهيو آهيان. مونکي ٿورو وڌيڪ وقت گهربل آهي."

"پر آئون ان لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهان. اهو سڀ J.P. تي انحصار ڪري ٿو." ائين فون جي لائين ڪٽجي وئي.

هالسٽن پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي پنهنجي قسمت کي پٽڻ لڳو. هاڻي هو اهڙو ڏهن قيراطن وارو هيرو آٿي تہ ڪٿان آڻي. هو پنهنجين سوچن ۾ ايترو تہ گم هو جو هو هو پنهنجي انٽرڪام جي بيل بہ ٻڌي نہ سگهيو، جيڪا هاڻي ٽيون دفعو وڄي رهي هئي. هن بٽڻ دٻايو ۽ بيدليءَ سان چيائين، "ڇا آهي؟"

"ٽيليفون تي ڪونٽيسا ماريسا توهان سان ڳالهائڻ گهري ٿي. هوءَ اخبار جي اشتهار جي باري ۾ ڳالهائڻ گهري ٿي."

وري هڪ ٻي! صبح کان اهڙا ڏهہ

فون آيا هئا. پر سيئي وقت زيان..هن فون
ڪنيو ۽ ٽڙتڪڙ ۾ چيائين، "جي؟"
اطالوي لهجي ۾ ڳالهائيندڙ هڪ
نرم آواز ٽيليفون مان ٻڌڻ ۾ آيو.
"مون ٻڌو آهي ته توهان ڪنهن
هيري وٺڻ ۾ دلچسپي رکو ٿا؟"
"ها، پر جيڪڏهن هيرو اهو ئي
هجي، جيڪو آئون چاهيان ٿو."
"مون وٽ هڪ هيرو آهي، جيڪو
سالن کان وٺي منهنجي خاندان جو اثاثو
رهيو آهي. پر هن وقت آئون مجبور آهيان
۽ اهو وڪڻڻ گهران ٿي.توهان ڪي ڏهن
قيراطن جو سائو ڪولمبين هيرو گهرجي.
مون وٽ بلڪل اهو ئي آهي."
جيئن ئي اهي لفظ سندس ڪنن تي
پيا، هالسٽن جو آواز ٻڌڻ لڳو. "ڇا توهان
اهي لفظ ٻيهر چوندي."
"سائين! مون وٽ ڏهن قيراطن جو
سائو ڪولمبين هيرو آهي. ڇا توهان وٺڻ
پسند ڪندا؟"
"ها! آئون بلڪل خريد ڪندس. پر
پهرياڻين آئون ان کي ڏسڻ چاهيندس."
"نه، هن وقت ته آئون ڪافي
مصروف آهيان، سو توهان وٽ اچي نه ٿي
سگهان. اسان، منهنجي مڙس جي پارٽيءَ
جو اهتمام ڪري رهيا آهيون. آئون ايندڙ
هفتي اچي سگهان ٿي."
"نه، ايندڙ هفتي ڪافي دير ٿي
ويندي. ڇا آئون پاڻ اوهان سان ملڻ لاءِ
اچي سگهان ٿو." هالسٽن پنهنجي آواز ۾
شائستگي آندي، " بلڪ آئون هينئر اچي
سگهان ٿو؟"
"پر آئون ته شاپنگ جو پروگرام
ٺاهي ويٺي آهيان!"

"توهان ڪٿي ترسيل آهيو محترمه
ڪونٽيسا؟"
"سيوي هوٽل ۾."
"آئون پندرنهن منٽن ۾ اتي اچان
ٿو."
"نيڪ آهي، توهان جو نالو؟"
"آئون آهيان هالسٽن، گريگري
هالسٽن."
"نيڪ آهي، اسان جي ڪمري جو
نمبر 26 آهي."

****

"هالسٽن يڪدم هڪ ٽيڪسيءَ ۾
چڙهي هوٽل ڏانهن روانو ٿيو. هوسوچڻ
لڳو، جيڪڏهن هيرو واقعي اهو ئي آهي،
جيڪو آئون چاهيان ٿو ته پوءِ آئون تمام
گهڻو امير ٿي ويندس. چار لک ڊالر هوءَ
ڏيندي. مطلب ته ٽن لکن ڊالرن جو فائدو!
آئون رويرا علائقي ۾...
هالسٽن بذات خود هڪ دهريو هو.
پر جيئن هو هوٽل جي ويجهو ٿيندو ويو ته
سندس دل ۽ زبان تي اها دعا هئي ته خدا
ڪري هيرو اهو ئي هجي، جيڪو ڪيس
گهربل هجي.
هاڻي هو هوٽل ۾ ڪونٽيسا جي
ڪمري جي در اڳيان بيٺو هو ۽ آهستي
آهستي ٿڌا ساهه پري رهيو هو. هن در تي
ٺڪ ٺڪ ڪئي، پر ڪو جواب نه مليس.
"اف منهنجا خدا! هوءَ ته وئي هلي!
هن منهنجو انتظار به نه ڪيو ۽ شاپنگ
ڪرڻ هلي وئي."
پوءِ اوچتو دروازو کليو. هالسٽن
پنهنجي اڳيان پنجاهه سالن جي هڪ
خوبصورت عورت کي بيٺل ڏٺو. سندس
اکيون ڪاريون، چهري تي رونق ۽ ڪارا

وار هئا. جڏهن هن ڳالهايو ته سندس لهجي ۾ شگفتگي هئي. سندس لهجو سريلو اطالوي انداز جو هو.

"جي سائين!"

"آئون آهيان گريگري هالسٽن. توهان مونکي فون ڪيو هو."

"ها. آئون ڪونٽيسا ماريسا آهيان. مهرباني ڪري اندر اچو."

هو اندر داخل ٿيو ۽ پنهنجي گوڏن کي ڏڪڻ کان روڪڻ لاءِ ٽنگن کي ملائي ڇڏيائين.

"هيرو ڪٿي آهي؟" پر هن سوچيو ته ڪيس پاڻ تي ڪجهه ضابطو رکڻ گهرجي. هن کي ايتري تڪڙ ظاهر نه ڪرڻ نه گهرجي. جيڪڏهن هيرو واقعي ساڳيو آهي ته ڪيس سودو ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

"مهرباني ڪري ويهي رهو."

هالسٽن پاسي ۾ رکيل هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

"منهنجي انگريزي ايتري سٺي نه آهي."

"نه نه. توهانجي انگريزي بلڪل صحيح آهي."

"توهان شايد ڪافي پيئندا؟"

"نه. ڪجهه به نه. مهرباني."

هن کي لڳو، ڄڻ سندس پيٽ ۾ ڪوئا ڊوڙندا هجن. ڪنهن به طريقي سان هيري جو ذڪر جلدي نڪري. هو وڌيڪ انتظار نه ٿي ڪري سگهيو.

"پوءِ توهان هيرو.....؟"

"اهو هيرو مونکي منهنجي ڏاڏيءَ ڏنو هو. مون چاهيو ٿي ته جڏهن منهنجي ڌيءَ پنجويهن سالن جي ٿيندي ته آئون ڪيس اهو هيرو تحفي ۾ ڏيندس . پر منهنجو مڙس ميلانو ۾ نئون ڪاروبار شروع ڪرڻ وارو آهي ۽ آئون......"

هالسٽن جو ذهن ڪنهن ٻيءَ جڳهه تي هو. هن کي ان اجنبي عورت جي زندگيءَ جي بيزار ڪندڙ ڪهاڻيءَ سان ڪا دلچسپي نه هئي. هن جي ذهن ۾ فقط هڪ خيال هو ته ڪيڏي مهل ٿو ان هيري کي ڏسي. اهو تجسس سندس برداشت کان ٻاهر ٿيندو پئي ويو.

"......آئون پنهنجي مڙس جي سندس ڪاروبار ۾ مدد ڪرڻ چاهيان ٿي، ان ڪري هيري جي وڪڻڻ جو سوچيو اٿم. شايد اها منهنجي غلطي آهي."

"نه نه." هالسٽن تيزيءَ سان چيو. "بلڪل نه. مسز ڪونٽيسا. هڪ زال جي اها ذميداري آهي ته پنهنجي مڙس جي وقت سر مدد ڪري. هن وقت اهو هيرو ڪٿي آهي؟"

"اهو هتي رکيل آهي."

ڪونٽيسا پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وڌو ۽ ٽشو پيپر ۾ ويڙهيل هڪ هيرو ڪڍيو ۽ هالسٽن جي اڳيان رکيائين.

هالسٽن پٿر کي گهورڻ لڳو. سندس جوش ۽ خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي هئي. سندس اکين اڳيان ڏهن قيراطن جو سبز سائو ڪولمبين هيرو پيو هو. اهو هيرو رنگ، سائيز ۽ روپ ۾ بلڪل ان پٿر جهڙو هو، جيڪو هن محترمه بينيڪيءَ کي وڪيو هو. ٻنهي ۾ فرق معلوم ڪرڻ ناممڪن هو. سندس هٿ ڏڪڻ لڳا. هن پنهنجو پاڻ تي تمام مشڪل سان ضابطو رکيو.

*(باقي ايندڙ شماري ۾ پڙهندا)*

گذريل رات مون ڏاڍو عجيب ۽ غريب خواب لڌو. مون خواب ۾ هڪ آواز ٻڌو، "معاف ڪجانءِ، مان تنهنجي خواب جي وچ ۾ ٽپي پيو آهيان. پر مان ڏاڍو مجبور آهيان ۽ فقط تون ئي منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو."

**هڪ نئين دنيا جي مخلوق جو انسان سان رابطي جو دلچسپ قصو**

**جديد ادب جي سائنس فڪشن مان چونڊ ڪهاڻي، جنهن ۾ تخيل جي عجيب پرواز ڏيکاريل آهي. هن ڪهاڻيءَ کي ڪجهه غور سان پڙهجو، متان ساڳيا خواب توهان کي نه نظر اچن.**

# زلزلو

رابرٽ شيڪلي/جگديش آهوجا



مون خواب ۾ پاڻ کي جواب ڏيندي ٻڌو. "معافي گهرڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي. اهو ڪو اهڙو خاص خواب به نه هو ۽ مونکي خوشي ٿيندي، جيڪڏهن مان تنهنجي ڪنهن ڪم اچي سگهان."

"ها. فقط تون ئي منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو." ان آواز وراڻيو. "ٻيءَ صورت ۾ مان ۽ منهنجا ماڻهو تباهه ٿي ويندا سين."

هن جو نالو فروڪا هو ۽ هن جو واسطو هڪ قديم نسل سان هو. هي انتهائي آڳاٽي زماني کان ان وسيع ماتريءَ ۾ رهندا پئي آيا. جيڪا ڇوڏاري ديو قامت جبلن سان گهيريل هئي. اهي انتهائي امن پسند لوڪ هئا. انهن منجهان ڪيترائي نامور آرٽسٽ به پيدا ٿيا هئا. انهن جا قانون به مثالي هئا ۽ اهي پنهنجن ٻارن کي پالنا به ڏاڍي پيار ۽ پابوهه سان ڪندا هئا. جيتوڻيڪ انهن مان ڪجهه اوباش ۽ شرابي به هئا. پر مجموعي طرح هو ڏاڍا نيڪ، پرهيزگار ۽ شريف انسان هئا. جيڪي....

مون ڪيس وچ ۾ ڪٽيندي چيو، "ڏس! ڇا تون سڌيءَ ريت پنهنجو مطلب بيان نه ٿو ڪري سگهين؟"

فروڪا ايتري ديگهه ڪرڻ جي معافي گهرندي واضع ڪيو ته سندس دنيا ۾ اهو رواج هو ته ڪا به ڳالهه ڪرڻ لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته ان لاءِ تفصيلي اخلاقي جواز بيان ڪجي.

"ٺيڪ آهي." مون ڪيس چيو. "پر هاڻي مطلب جي ڳالهه تي اچ."

فروڪا گهرو ساهه کڻي وري ڳالهه شروع ڪئي. هن ٻڌايو ته ائٽڪل سؤ سال اڳ (هن وٽ وقت جو ماڻ اهو هو) هڪڙي ڳاڙي، پيلي وڏي مشين آسمان تان لٿي هئي. اها جنهن هنڌ لٿي هئي، اهو سندن ٽيون نمبر وڏي شهر جو مرڪزي هال هو. جنهن جي ٻاهران اڻڄاتل خدا جو مجسمو هو.

اها پراسرار مشين لڳ ڀڳ بيضوي شڪل جي هئي ۽ سندس قطر به ميل هو. ان جي اوچائي ايڏي ته گهٽي هئي، جو انهن ماڻهن جا اوزار اوستائين نه ٿي پهچي سگهيا ۽ ائين ٿي لڳو ته اها مشين قدرت جي قانونن کان به بالاتر هجي.

هنن، ان مشين تي پنهنجا سمورا هٿيار آزمايا، پر سڀ بيڪار ثابت ٿيا. ان مشين تي گرمي توڙي سردي، بيڪٽريائي حملي، توڙي پروٽين جي بمباريءَ به ڪو اثر نه ٿي ڪيو. اها مشين اتي پورا پنج مهينا، اٺويهه ڪلاڪ ۽ ڇهه منٽ بنا ڪنهن چرپر جي بيٺل رهي. پوءِ بنا ڪنهن سبب جي اها اتر، اتر اولهه طرف هلڻ لڳي. ان جي سراسري رفتار 78.881 ميل في ڪلاڪ هئي. (اهو سندن رفتار جو ماپو هو) ۽ هوءَ 183.223 ميل ڊگهو ضربيان 78.881 ميل ويڪرو اونهو وڪڙ هٽي، غائب ٿي وئي.

هنن سمورن سائنسدانن جو اجلاس گهرايو. پر هو ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهيا. هنن آخري نتيجو بس اهو ئي ڪڍيو ته اها پراسرا مشين سندن سمجهه

ڪان بالاتر ۽ انتهائي انوکي هئي، جنهن جهڙي وري ڪا ٺاهي سگهڻ شايد ممڪن نہ هجي.

پر هڪ مهيني ڪانپوءِ اها مشين هڪ ڀيرو وري آسمان تان لٿي. هن ڀيري اها گاديءَ واري شهر ۾ لٿي۔ هن 820.331 ميل هيڏانهن هوڏانهن چڪر ڪاٽيا. هن ڀيري نقصان بہ ڏاڍو ٿيو. ملڪيتن جو نقصان تہ ڪاٿي ڪان ئي ٻاهر ٿيو ۽ هزارين زندگيون بہ موت سان همڪنار ٿيون.

بہ مهينا ۽ هڪ ڏينهن پوءِ اها مشين وري واپس آئي ۽ هن ڀيري، هن ننهي وڏن شهرن کي نقصان پهچايو. هن ڀيري هنن جاتو پئي تہ ڪنهن سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ۽ اڻجاتل اسرار سبب هاڻي سندن سموري تهذيب ۽ سندن وجود کي خطرو لاحق هو. جنهن ڪري خلق ۾ ڏاڍي مايوسي ڦهلجي وئي هئي. چوڌطرف بيوسي ۽ درد جو عالم هو.

چوٿون حملو گاديءَ واري شهر جي اوير ۾ خالي زمينن تي ٿيو. هن ڀيري جيتوڻيڪ حقيقي نقصان گهٽ ٿيو هو، پر پريشاني ۽ خوف جي ايڏي تہ خطرناڪ لهر پيدا ٿي جو ڪيترن ئي ماڻهن خودڪشي ڪري ڇڏي. صورتحال انتهائي مايوس ڪن ٿي وئي هئي. جنهن ڪري هن ڀيري سائنسي ذريعن سان گڏوگڏ غيرسائنسي علمن جو بہ سهارو ورتو ويو. علمِ نجوم، دست شناسي وغيره، هر قسم جو علمن کي آزمايو ويو. پر ڪوبہ حيلو وسيلو نہ نڪتو. حملي جي شدت وڌندي وئي. تان جو هڪ رات ۾ خوبصورت شهر "راز" ۽ سندس پسگردائي مڪمل طور تباهہ ٿي وئي.

"معاف ڪجانءِ." مون چيو، "مونکي ڏاڍو افسوس ٿيو آهي جو اوهانکي ايڏي مصيبت منجهان گذرڻو پيو آهي. پر مان اهو معلوم ڪرڻ ٿو چاهيان تہ ان سڄي مامري سان منهنجو ڪهڙو تعلق آهي؟"

"هاڻي مان ان طرف ئي اچي رهيو آهين." ان آواز وراڻيو.

"تہ پوءِ ڳالهہ جاري رک. منهنجي توکي صلاح آهي تہ ذرا جلدي ڪر. ائين نہ ٿئي تہ مان اگ ۾ ئي سجاڳ ٿي ويهي رهان."

"خود مان پنهنجو ڪردار بہ ان سڄي معاملي ۾ واضع نہ ٿو ڪري سگهان." فروڪا ڳالهہ جاري رکندي چيو، "مان ڊگري يافتہ پبلڪ اڪائونٽنٽ آهيان. پر پنهنجي ذهني مشق خاطر شوقيہ ڪجهہ تجربا ڪندو رهندو آهيان. تازو ئي مون هڪ ڪيميڪل مرڪب تي تجربا ڪيا آهن، جنهن کي اسين "ڪولا" چئون ٿا ۽ جيڪو بار بار هڪ تيز چمڪ واري ڪيفيت پيدا ڪندو آهي."

"اسان وٽ بہ اهڙا ساڳيا مرڪب آهن." مون ڪيس ٻڌايو.

"پوءِ تون معاملي کي سمجهي سگهين ٿو. خير سفر دوران....ڇا توهان اهو اصطلاح استعمال ڪندا آهيو؟ خير

ائين چئجي ته سفر جي اثر هيٺ مون هڪ ڄاڻ حاصل ڪئي آهي، هڪ گهرو ادراڪ....پر اهو سمجهائڻ، واضع ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي."

"تون پنهنجي ڳالهه جاري رک." مون بيچينيءَ سان ڪيس تلقين ڪندي چيو، "تون اصل ڳالهه تي اچ."

"خير." آواز چيو، "مون محسوس ڪيو ته منهنجي دنيا ڪيترين ئي سطحن تي مشتمل آهي. اينمي سطح، نيم اينمي سطح، لهرن واري سطح ۽ حقيقتن جي سطحن جي هڪ لامحدوديت، جيڪي سڀ وري وجود جي بين سطحن جو حصو آهن."

"مان ان بابت ڄاڻان ٿو." مون ڏاڍي اتساهه منجهان وراڻيو، "مون به تازو ئي پنهنجي دنيا جي باري ۾ اها ساڳي ڳالهه محسوس ڪئي آهي."

"تڏهن مونکي معلوم ٿيو ته،" فروڪا چوڻ شروع ڪيو، "اسانجي سطح مان ڪا هڪ سطح سخت متاثر ٿي رهي آهي."

"ڇا تون وڌيڪ چٽيءَ طرح پنهنجي ڳالهه بيان نه ٿو ڪري سگهين؟" مون ڪانٽس پڇيو.

"مان ائين ٿو محسوس ڪريان ته منهنجي دنيا، ماليڪيولر سطح تي ٻاهرين مداخلت جو شڪار بڻجي رهي آهي."

"ڇا تون ٻاهرين مداخلت جي نوعيت بابت به ڄاڻين ٿو؟" مون ڪانٽس پڇيو

"مان سمجهان ٿو ته مان ڄاڻان ٿو." آواز وراڻيو، "پر مون وٽ ڪا ثابتي ناهي.

اهو منهنجو حسياتي ادراڪ آهي."

"مان پاڻ به حسياتي ادراڪ تي اعتبار ڪندو آهيان." مون ڪيس ٻڌايو.

"مونکي ٻڌاءِ ته حسياتي ادراڪ ذريعي توکي ڇا معلوم ٿيو آهي؟"

"جي سائين." آواز هٻڪندي چيو، "مون کي محسوس ٿيو آهي ته منهنجي دنيا، اوهانجي جسم جي هڪ انتهائي ننڍڙي حصي تي مشتمل آهي."

"سڌي ڳالهه ڪر!"

"مان سمجهان ٿو ته حقيقت جي هڪ سطح تي منهنجي دنيا، تنهنجي کٻي هٿ جي ٻئي ۽ ٽئين نمبر آڱرين جي ڏوڏن جي وچ ۾ وجود رکي ٿي. اسانجي وقت جي ماڻ مطابق اها اتي ڪروڙين سالن کان وجود رکي ٿي. پر اسان جا اهي ڪروڙين سال اوهانجي چند منٽن جي برابر آهن. جيتوڻيڪ مان ثابت ڪجهه نه ٿو ڪري سگهان ۽ مان اوهان تي ڪو الزام به نه ٿو هڻان."

"تون چئين ٿو ته تنهنجي دنيا، منهنجي کاٻي هٿ جي ٻيو ۽ ٽيون نمبر آڱرين جي ڏوڏن جي وچ ۾ وجود رهي ٿي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ مان تنهنجي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟"

"سائين! جيستائين منهنجو اندازو آهي ته تازو ئي توهان منهنجي دنيا جي سرحدن ۾ کنهڻ شروع ڪيو آهي."

"کنهڻ؟"

"مان ائين سمجهان ٿو."

"۽ تون سمجهين ٿو ته اها تباه ڪن ڳاڙهسري مشين، منهنجي هڪڙي آڱر

آهي!"

"ها، بلڪل سائين!"

"۽ تون چاهين ٿو تہ مان ڪنهن بند ڪيان؟"

"بس رڳو ان جڳهہ تي." آواز ٿورو هٻڪندي يڪساهيءَ چيو، "معاف ڪجو. مان توهانکي اها گذارش فقط ان لاءِ ڪري رهيو آهيان تہ جيئن مان پنهنجي دنيا کي مڪمل تباهيءَ کان بچائي سگهان."

"نہ، تون پريشان نہ ٿيءُ. شريف مخلوق کي شرمندو ٿيڻ نہ ٿو جڳائي."

"اوهانجي وڏي مهرباني. اوهان تہ چاٿو ٿا تہ اسان انسان نہ آهيون، پر صرف خوردبينيءَ سان ڏسجڻ وارا بي حقيقت جيت ۽ اسانکي توهان تي ڪو بہ حق جتائڻ جو حق ناهي."

"سموري شريف مخلوق کي حفاظت سان گڏ رهڻ جو حق آهي." مون ڪيس چيو، "مان اوهان سان وعدو ٿو ڪريان تہ جيستائين مان جيئرو آهيان، مان پنهنجي ڪاٻي هٿ جي پهرين ۽ بين آگر جي ڏوڏن جي وچ ۾ نہ ڪنهندس."

"سائين، ٻي ۽ ٽين آگر جي ڏوڏن جي وچ ۾." آواز منهنجي غلطي درست ڪندي چيو.

"خير مان پنهنجي ڪاٻي هٿ جي آگرين جي ڏوڏن جي وچ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڪنهندس. اهو منهنجو مرساٿو وعدو آهي ۽ جيستائين سسيءَ ۾ ساهہ آهي، اهو وچن نڀائيندس."

"سائين!" آواز چيو، "اوهان منهنجي دنيا کي تباهيءَ کان بچائي ورتو آهي. مان اوهانجو جيترو بہ شڪريو ادا ڪريان، سو گهٽ آهي. اوهان جون لک لک مهربانيون."

"نہ، ڪائي ڳالهہ ناهي. ان جي ضرورت ناهي." مون وراڻيو.

ان ڪانپوءِ اهو آواز غائب ٿي ويو ۽ منهنجي اک کلي پئي.

جيئن ئي مونکي خواب ياد آيو تہ مون پنهنجي ڪاٻي هٿ جي آگرين جي ڏوڏن جي وچ ۾ پٽي ٻڌي ڇڏي تہ جيئن آئون پل ۾ بہ ڪٿي ڪنهي نہ ڇڏيان. جيتوڻيڪ مونکي ڪيترائي ڀيرا ڏاڍي خارش بہ ٿي. پر مون سڄو ڏينهن اها پٽي ٻڌي رهي ۽ مون سڄو ڏينهن پنهنجو ڪاٻو هٿ ڏوتو بہ ڪونہ. هاڻي مان ايندڙ هفتي اها پٽي لاهيندس. منهنجو اندازو اهي تہ ان وقت تائين سندن وقت جي ماڻ مطابق ويهہ ٽيهہ ارب سال گذري چڪا هوندا، جيڪي ڪنهن بہ نسل جي بقا لاءِ ڪافي آهن. پر اهو منهنجو مسئلو نہ آهي. منهنجو مسئلو اهو آهي تہ هاڻي وري منهنجي ڇهين حس سڄي دنيا ۾ ايندڙ خطرناڪ وڏن زلزلن بابت خطري جي گهنٽي وڄائي رهي آهي ۽ جنهن ڪري مان نهايت خوفزده آهيان.

۽ پوءِ مون مجبور ٿي هڪ رات خواب ۾ ڪيس چيو، "ڏسو، معاف ڪجو. مان توهانجي خواب جي وچ ۾ ٽپي پيو آهيان. پر مان ڏاڍو مجبور آهيان ۽ فقط توهان ئي منهنجي مدد ڪري سگهو ٿا جيڪڏهن توهان........"

# اڏامندڙ ٿالهيون

ڊاڪٽر خالد نوراني

دنيا ۾ اڏامندڙ ٿالهيون ڪافي عرصي کان نظر اچن ٿيون. ان جي باري ۾ ڪيترين ئي ادارن ۽ ملڪن گهري تحقيق ڪئي آهي، پر ان هوندي بہ اجا تائين انهن جي تحقيق اتي ئي بيٺي آهي، جتان شروع ٿي هئي

## اڏامندڙ ٿالهيون سائنس جي روايتي حدن کان مٿي آهي

رابرٽ ٽيلر جي عمر ان وقت ايڪهٺ سال هئي، جڏهن هن جو ٽڪراءُ اڏامندڙ ٿالهيءَ سان ٿيو. هي اسڪاٽ لينڊ جي لونگ اسٽون (Living Stone) شهر جو رهواسي هو ۽ اتان جي هڪ مقامي بهبود جي ڪارپوريشن ۾ ڪم ڪندو هو. ماڻهن هن کي هڪ ايماندار ۽ سچي شخص جي حيثيت ۾ سڃاتو ٿي. جيتوڻيڪ هن، ان کان پهرين بہ اڏامندڙ ٿالهين جي باري ۾ ٻڌو هو، پر ڪڏهن بہ انهن ڳالهين ۾ ڪا دلچسپي نہ ورتي هئائين.

9، نومبر 1979ع، جمعي جو ڏينهن هو. رابرٽ ٽيلر پنهنجي گهران ڪمپنيءَ طرفان ڏنل پڪ اپ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي آفيس طرف روانو ٿيو. هن جي ڪمن ۾ اهو بہ شامل هو تہ هو ڪمپنيءَ جي فارمن جي سنڀال ڪري تہ متان انهن ۾ پرپاسي وارن ماڻهن جا مال مويشي نہ ڪاهي پون. هو هڪ هنڌ گاڏي بيهاري هيٺ لٿو ۽ پريل پريل سرسبز ميدانن کي ڏسڻ لڳو تہ اوچتو هن جي نظر هڪ گول شيءِ تي پئي، جيڪا ويهہ فوٽ کن ڊگهي هئي ۽ اها هڪ ٿالهيءَ وانگر هئي. اها گول شيءِ ميدان مٿان پنهنجي ڪجهہ گول ڊگهن ٽنين وانگر ٽنگن وسيلي بيٺل هئي. هي حيران ۽ پريشان


L

ٿي ان شيءِ کي ڏسي رهيو هو تہ امالڪ
هن ڏٺو تہ ڏانهس ٻہ ننڍيون، وڏي گول
مشين وانگر ٿالهيون اچي رهيون هيون.
انهن مٿان ڪجهہ پاون جهڙيون شيون
لڳل هيون ۽ انهيءَ وسيلي هلندي
ڏانهس اچي رهيون هيون. اجا هيَ جو
ڪجهہ ڪچي، ان کان پهرين اهي ٻئي
ننڍيون گول ٿالهيون هن جي پرسان پهچي
ويون ۽ سندس ڪاٻي ۽ ساڄي بيهي
رهيون. انهن منجهان هڪ پائو يا ٽنگ
وڏي اچي هن جي پينٽ کي پڪڙيو. اهو
لقاءُ ٻنهي پاسي جي پينٽن سان ٿي رهيو
هوس. ڪيس اهو محسوس ٿيو تہ چڻ اهي
ننڍيون ٿالهيون ڪيس وڏي ٿالهيءَ ڏانهن
گهلي پيون وڃن. هي گهوماٽجي ويو ۽
پاڻ کي بچائڻ جي جدوجهد ۾ لڳي ويو.
انهيءَ ڪشمڪش ۾ سندس ساهہ منجهڻ
لڳو ۽ هي اتي ڊيري ٿي، بيهوش ٿي
ڪري پيو.

جڏهن رابرٽ ٽيلر کي هوش
آيو تہ ڏٺائين، هو اتي اڪيلو ليٽيو پيو
هو ۽ اها عجيب ٿالهيءَ جهڙي شيءِ گم
ٿي چڪي هئي. هن اٿڻ چاهيو، پر
سندس ٽنگن هن جو ساٿ نہ ڏنو. هن
ڳالهائڻ چاهيو تہ خبر پيس هي ڳالهائڻ
جي لائق نہ هو. ڪيس مٿي ۾ سخت سور
محسوس ٿي رهيو هو ۽ گڏوگڏ بي انتها
اڃ بہ لڳي رهي هئس. رابرٽ ٽيلر
بانبڙائيون پائيندو اٽڪل سوءَ وال پاڻ کي
گهليو ۽ ان بعد ٿي هن جون ٽنگون
ڪجهہ هلڻ لائق ٿيون. پراجا بہ ان ٽنگن
۾ ڏکٽي هئس. هي آهستي آهستي
لڙڪڙائيندو پنهنجي پڪ اپ وٽ پهتو، پر
هو ان کي هلائڻ کان قاصر هو. ڇو تہ
سندس ٽنگن ۾ چڻ ست ئي نہ رهيو هو.
هو آهستگيءَ سان پڪ اپ مان لٿو ۽
پنهنجي گهر روانو ٿيو. جيڪو آفيس جي
بنسبت وڏيڪ ويجهو هئس. گهر جي
رستي ڏانهن هلندي سندس آواز بہ موٽي
آيو. گهر پهچي هن پنهنجي زال کي سڄو
لقاءُ ٻڌايو ۽ پاڻ کي صاف ۽ تازو ڪرڻ
لاءِ غسلخاني ۾ گهڙي ويو. سندس زال
فون ڪري سندس ڪمپنيءَ ۾ اطلاع ڏنو.
جن پنهنجي ڊاڪٽر کي رابرٽ ٽيلر جي
چڪاس لاءِ موڪليو. ڊاڪٽر پهچي هن
جو طبي معائنو ڪيو ۽ ڪيس بلڪل
ٺيڪ ٺاڪ پاتو. هن، ڊاڪٽر کي سڄو
واقعو کولي ٻڌايو. ڊاڪٽر ۽ هو واپس ان
سرزمين تي ويا، جتي بقول رابرٽ ٽيلر
جي هن اها اڏامندڙ ٿالهي ڏٺي هئي. اتي
گاهہ تي هنن کي عجيب نشان ڏسڻ ۾
آيا. جتي رابرٽ ٽيلر جي بقول، هن
اڏامندڙ ٿالهيءَ کي ڏٺو هو. اهڙا نشان
فارم ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ نہ هئا.

جلد ئي چوطرف اها ڳالهہ
ڦهلجي وئي ۽ پوليس بہ اچي پهتي.
جيڪي رابرٽ ٽيلر جا ڪپڙا لاهرائي ان
جو معائنو ڪرڻ لاءِ ڪٽي ويا. برطانيہ جي

مشهور اخبار "سنڌي ايڪسپريس" ان کي 11 نومبر، ۽ "دي سن" اخبار ان خبر کي 12 نومبر تي ڇرڪائيندڙ شهه سرخي، "خلائي ٽڳ، جن رابرٽ مٿان حملو ڪيو" جي سنسني هٽي شايع ڪيو.

ان واقعي جي گهري تفتيش به ڪئي وئي، جنهن ۾ اتي جا مقامي ماڻهو، پوليس ۽ برطانوي اڏامندڙ ٿالهين جي تحقيق جو ادارو شامل هئا. پوليس جي جانچ ظاهر ڪيو ته جنهن جاءِ تي عجيب نشان هئا، تن جو اتي نهڻ سمجهه کان ٻاهر هو. اها زمين چوڌطرف ننڊن ننڊن مٽيءَ جي ڍڙن سان اهڙي ريت گهيريل هئي جو اتي ڪنهن گاڏيءَ يا مشين جو پهچي وڃڻ هڪ ناممڪن ڳالهه هئي.

پوليس وارن جي، رابرٽ ٽيلر جي پينٽ جي سوراخن مٿان تحقيق ظاهر ڪيو ته اهي سوراخ ڪنهن شيءِ طرفان ان کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ڪري ٿيا آهن ۽ نه ڪي ڪنهن ڪٽ يا هٿراڌو ذريعي.

حقيقت ۾ رابرٽ ٽيلر جو مهاڏو اڏامندڙ خلائي ٿالهيءَ سان پيو هو. جنهن کي سائنسي ٻوليءَ ۾ " نامعلوم اڏامندڙ شيون " Unidentified Flying Objects" چيو وڃي ٿو.

انهن اڏامندڙ ٿالهين جي ڏسڻ جي تاريخ بيحد پراڻي آهي. پر اهي ڇا آهن، ڪٿان اچن ٿيون، ڪيڏانهن وڃن ٿيون ۽ ڪنهن مقصد لاءِ زمين تي اچن ٿيون؟ اهي سوال اڃا تائين جواب طلب آهن. دنيا ۾ ڪيترن ملڪن جي دفاع جي محڪمن ۾ انهن اڏامندڙ ٿالهين مٿان تحقيق لاءِ دفتر قائم آهن ۽ انهن جي تحقيق تي ڪروڙين ڊالر خرچ ڪيا وڃن ٿا. انهيءَ ڪانسواءِ ڪيترائي نجي تحقيقي ادارا قائم آهن، جيڪي انهن اڏامندڙ ٿالهين تي رات ڏينهن ڪم ڪن ٿا. پر پوءِ به انهن اڏامندڙ ٿالهين جي باري ۾ ڪجهه به معلوم ٿي نه سگهيو آهي.

10 جنوري 1982ع تي لنڊا پنهنجي ماءُ سان گڏ اوير لنڪا شائر علائقي ۾ روڊ تي گاڏي هلائي رهي هئي. انهن ٻنهي پاڻ ۾ ڪچهري پئي ڪئي ته اوچتو انهن ڏٺو ته روڊ تي زبردست روشني پئجي رهي هئي ۽ اها روشني وڻن جي جهڳٽي پويان اچي رهي هئي. اها عجيب روشين هئي. لڳو پئي ته اها انهن جي گاڏيءَ سان گڏ وڻن ۾ ڊوڙي رهي هئي. پهرين ته لنڊا سمجهيو ته اهي روشيون شايد ڪنهن مواصلاتي آٽوميٽڪ مواصلاتي ننڊن جهازن جون هيون، جيڪي اتي گهمندا رهندا هئا.

اوچتو مونکي هڪ تمام عجيب ڳالهه محسوس ٿي. منهنجي گاڏيءَ جي رفتار ڏاڍي تيندي وئي، جيتوڻيڪ مون گاڏيءَ جي ايڪسيليٽر

ڪي خوب دٻايو پئي ۽ مختلف گيئر مٽايا پئي. ان سان گڏ مونکي ائين لڳو ڄڻ منهنجي گاڏي لرزي رهي هجي. ان جون بتيون ٻرڻ ۽ اجهامڻ لڳيون. مونکي ائين پئي محسوس ٿيو، ڄڻڪ منهنجي گاڏي بيهڻ واري هئي. مون دلِ ئي دل ۾ دعا گهرڻ شروع ڪئي، ڇو ته اسان ان وقت هڪ اهڙي روڊ تي هئاسون، جيڪو پورو سنسان لڳو پيو هو.

ايتري ۾ مون ڏٺو ته هڪ پراڻي ڪار جيڪا غالبن 1930ع جي ماڊل جي هئي، اها الائجي ڪٿان اچي منهنجي ڪار جي اڳيان هلڻ لڳي. آئون نهايت ڊڄي ويس، ڇاڪاڻ ته مان قسم کڻي چوان ٿو ته ان ڪار جي ظاهر ٿيڻ تائين ان روڊ تي ڪابه گاڏي نه هئي ۽ اهو روڊ بلڪل ويران هو. اها گاڏي ايترو ته منهنجي گاڏيءَ جي اڳيان ۽ ويجهو هئي جو منهنجي گاڏي ان سان ٽڪرائڻ واري هئي. ان گاڏيءَ ۾ جيڪو ماڻهو ويٺل هو، تنهنجي مونکي صرف پٺ نظر اچي رهي هئي. اهو ڪو وڏو ڪشادن ڪلهن وارو ماڻهو هو. ڪيس ڪارو ڪوٽ ۽ مٿي تي ٽوپ به پهريل هئس. ان ڪار کي اڳيان پويان ڪابه بتي نه هئي ۽ نه وري ڪا نمبر پليٽ لڳل هئس. منهنجي ماءُ اهو ڏسي زور زور سان چوڻ لڳي، "گاڏي آهستي ڪر. اجهو ٿو ٽڪراءُ ٿئي!" مون گاڏيءَ جي رفتار کي

اجا به ڍرو ڪرڻ گهريو، پر لڳو ته آئون پنهنجي وس ۾ نه هئس ۽ گاڏيءَ جي ڪا بتي، گيئر، ايڪسيليٽر وغيره نه پئي هليا. مون دريءَ جو شيشو هيٺ ڪيو ته جيئن رڙيون ڪري اڳيان ويندڙ ڪار جي ڊرائيور کي چوان ته هو ڪيئن پيو ڊرائيونگ ڪري ته ان وقت مونکي مٿان ڪا تيز روشني نظر آئي. مون مٿي نگاهه ڪئي ۽ ڏٺم ته اتي هڪ اڏامندڙ ٿالهي منهنجي گاڏيءَ مٿان ساڳي اسپيڊ سان پرواز ڪري نڪري وئي. مون يڪدم پنهنجو مٿو دريءَ کان اندر ڪيو.ان لمحي مون اهو پڻ ڏٺو ته منهنجي اڳيان ويندڙ ڪار گم ٿي چڪي هئي. منهنجي ڪار اجا تائين آهستي هلي رهي هئي. اڳيان اسانکي ڪار جي مرمت جو هڪ ورڪشاپ نظر آيو. مون ڪار کي ايتري ۾ بيهاريو ۽ پويان مڙي ان جاءِ ڏٺو، جتي مون کي اها اڏامندڙ ٿالهي نظر آئي هئي. اسان ڏٺو ته اهو روشنيءَ جو گولو اتي بدستور موجود هو. ايتري ۾ اهو تيزيءَ سان حرڪت ڪرڻ لڳو ۽ مرمت واري گيراج مٿان اچي چڪر ڪاٽڻ لڳو. ان گولي ٽي چڪر ڪاٽيا ۽ پوءِ آسمان جي وسعتن ۾ گم ٿي ويو. مون کي ان وقت ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ وقت رڪجي رهيو هجي ۽ چوڌاري بيڪران خاموشيءَ جو راڄ هو. ڪٿان به ڪو آواز ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو.

انهن اڏامندڙ تالهين کي نہ رڳو آمريڪا پر يورپ، آسٽريليا ۽ ايشيا جي مختلف شهرن ۾ مختلف ماڻهن ڏٺو آهي. انهن اڏامندڙ تالهين کي ڏسڻ ۽ خلائي مخلوق سان لهہ وچڙ کي سائنسي اصلاح ۾ "ويجهو ٽڪراءُ" (Close En-counters) چون ٿا." ويجهو ٽڪرائن" کي سائنسدان نوعيت جي لحاظ کان چار قسمن ۾ تقسيم ڪن ٿا.

پهرئين قسم کي "ويجهو ٽڪراءُ نمبر 1" ڪوٺيو وڃي ٿو. هن قسم ۾ صرف ماڻهو اڏامندڙ تالهيءَ کي ڏسي ٿو. "ويجهو ٽڪراءُ نمبر 2" اها حالت آهي، جنهن ۾ اها اڏامندڙ تالهي ڪنهن ماڻهوءَ جي ويجهو زمين تي هلي اچي ۽ ماڻهو ان اڏامندڙ تالهيءَ کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهي. "ويجهو ٽڪراءُ نمبر 3" اهڙي حالت کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ اڏامندڙ تالهين ۾ موجود خلائي مخلوق، زميني ماڻهن کي نظر آئي آهي ۽ "ويجهو ٽڪراءُ نمبر 4" اهڙي ٽڪراءَ کي چئبو آهي، جنهن ۾ اڏامندڙ تالهين ۾ موجود خلائي مخلوق ڪنهن نہ ڪنهن نموني زميني ماڻهن سان جسماني چهاءَ جي ڪيفيت ۾ آئي آهي.

اپريل 1964ع ۾ زمورا، جيڪو ٽريفڪ پوليس ۾ ملازم هو. هڪ تيز ڪار جو پيڇو ڪري رهيو هو. ان دوران هن هڪ ڌماڪي جو آواز ٻڌو. اهو ڌماڪي جو اواز ايڏو تہ زوردار هو جو زمورا خيال ڪيو تہ شايد اهو ڊائناميٽ ڦاٽڻ جو آواز هو. هو تيز ڊوڙندڙ ڪار جو پيڇو ڇڏي ڪري يڪدم ان جاءِ تي پهتو، جتي بقول هن جي اهو ڌماڪو ٿيل هو. آتي پهچي ڏٺائين تہ ڪيس هڪ ننڍڙي ڪار نما هڪ شيءِ نظر آئي، جيڪا اتي اونڌي پئي هئي. هي پنهنجي گاڏيءَ مان هيٺ لهي آيو. ڏٺائين تہ ان اونڌي ٿيل ڪار جهڙي شيءِ پرسان ٻہ ٻيدي جهڙي صورت وانگر ڪا مخلوق موجود هئي، جن ڪيس ڏسندي ئي يڪدم ان اونڌي ٿيل ڪار کي سڌو ڪيو. لمحن اندر اها ڪار زمين کان ڪجهي فضائن ۾ گم ٿي وئي. زمورا کي ان جاءِ تي، جتان اها ڪار متي اڏاڻي هئي، سڙيل گاهہ ۽ لوهي نشانن جي ڪرڻ جا آثار مليا.

اهي اڏامندڙ تالهيون نہ رڳو عام ماڻهن ڏٺيون آهن، پر انهن متان ڪيترن ناميارن محققن پڻ ڪم ڪيو آهي. زمين جي سائنس جي فزڪس برانچ "روشني" کي ڪولي سمجهائي ٿي. اسانجي عام فزڪس، مطابق روشنيءَ جي ڪرڻ کي چيو نہ ٿو ڪري سگهجي، پر اڏامندڙ تالهين متان تحقيق ڪندڙن جي چاڻ ۾ ٻہ اهڙا واقعا آيا آهن، جن ۾ انهن اڏامندڙ تالهين، روشنيءَ جي ڪرڻ کي بنا ڪنهن سبب جي چيو ڪري انهن جي رخ کي موڙي ڏيکاريو آهي. ان جو

مطلب اهو آهي تہ اڏامندڙ ٿالهين کي هلائيندڙ مخلوق اسانجي سائنس کان وڌيڪ ترقي يافتہ آهن ۽ انهن سائنس جي ميدان ۾ اهو حاصل ڪري ڏيکاريو آهي، جيڪو زميني سائنس جا ماهر اڃا سوچي بہ نہ سگهيا آهن.

روزاني " لنڊن ايڪسپريس" پنهنجي 12 اپريل 1996 واري پرچي ۾ 38 سالن جي رونالڊ سليوان جي باري ۾ خبر ڏني آهي. جيڪو بقول هن جي تہ هو ڏکڻ آسٽريليا جي هڪ روڊ تي پنهنجي موٽر سائيڪل تي وڃي رهيو هو تہ اوچتو هن ڏٺو تہ سندس موٽر سائيڪل جي اڳين بتيءَ جي روشنيءَ جا ڪرڻا بجاءِ سڌا روڊ تي پوڻ جي، ساڄي پاسي 90 ڊگريءَ تي مڙي ويا هئا. اها اچرج جوڳي ۽ ناقابلِ يقين ڳالهہ هئي. هن بريڪ هڻي موٽر سائيڪل بيهاري. هن ڏٺو تہ هن جي پرسان روڊ کان ٿورو پرتي روشنيءَ جو هڪ تيز هالو موجود هو. منهنجي گاڏيءَ جي بيهندي ئي اهو روشنيءَ جو گولو زمين تان اٿيو ۽ سڌو آسمان ۾ وڃي غائب ٿي ويو. هن ان واقعي جو اطلاع ميلبورن شهر جي پوليس کي ڏنو.

ان جي ڪجهہ ڏينهن بعد هيرالڊ سليوان ان ساڳئي جڳهہ تي موٽيو ۽ اتان پتو ڪرڻ تي خبر پيس تہ هڪ رات اڳ بہ اتي هڪ حادثو پيش آيو هو، جنهن ۾ هڪ ٻيو موٽر سائيڪل وارو مارجي ويو هو. جنهن جو نالو گري ٽرنر هو. شايد کيس بہ ان اڏامندڙ ٿالهيءَ جي ڏسڻ جو مشاهدو ٿيو هجي ۽ هو پنهنجا حواس برقرار رکي نہ سگهيو هجي ۽ ائين حادثي ۾ مارجي ويو.

پوليس ان ڳالهہ جي متان ڪافي ڪم ڪيو. جنهن جاءِ جي هيرالڊ سليوان نشاندهي ڪئي هئي، ان جاءِ تي گاهہ، هڪ گول چڪر جي صورت ۾ دٻيل هو. ان چڪر جُو قطر 5 فوٽ ڪن ۽ ان جي گهرائي 2 کان پنج انچ ڪن هئي. هيرالڊ سليوان هڪ نهايت عزت وارو ماڻهو سمجهيو ويندو آهي ۽ هن جو پنهنجو ڪاروبار پڻ آهي. مزي جي ڳالهہ تي هي اڏامندڙ ٿالهين ۾ يقين بہ نہ رکندو آهي.

روزنامي "ڊيلي ايڪسپريس" هن خبر کي هن ريت ڏنو آهي تہ سليوان جو ان اڏامندڙ ٿالهيءَ سان واسطو 4 اپريل 1996ع تي پيو ۽ هي وري واپس انهيءَ ساڳيءَ جاءِ تي 8 اپريل تي آيو. ان وقت ڄاڻ مليس تہ اتي 7 اپريل تي هڪ ٻئي موٽر سائيڪل واري سان حادثو پيش آيو هو. هن پنهنجي موٽر سائيڪل کي ويجهي ورڪشاپ ۾ مستريءَ کي ڏيکاريو تہ متان ان ۾ ڪا خرابي هجي. جنهن، ان جو پوريءَ ريت معائنو ڪرڻ بعد ان کي بلڪل نيڪ ٺاڪ قرار ڏنو.

ان ڳالھ جي اڃا پتو پئجي نہ سگھيو آهي تہ هيرالڊ سليوان جي بتيءَ جي ڪرڻن جو موڙڻ ان ڪري ٿيو جو اها ان اڏامندڙ ٿالهين جي روشنيءَ جي زد ۾ هلي وئي هئي يا اها چاٽي واٽي حرڪت ان اڏامندڙ ٿالهين ۾ موجود خلائي ماڻهن جي هئي.

اهڙيءَ ريت ساڳي روشنيءَ جي موڙ (Bending of light) مڙڻ جو واقعو فرانس ۾ 12 آگسٽ 1972ع تي ڪلني شهر ۾ پيش آيو. جتي هڪ ميڙو متل هو. رپورٽ مطابق 35 ڪن نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هڪ مٿاهين جاءِ تي ويهي ڪچهري ڪري رهيا هئا. ان مٿانهين جاءِ ڪان هيٺ هر ڪاهيل بني صاف نظر اچي رهي هئي. انهن مان ٻن ڄڻن ڪَي رات جو ٻين وڳي ڏاري ڪا شيءِآسمان تان هيٺ لهندي نظر آئي. شيءِ جي لهڻ جي رفتار ايتري تہ تيز هئي جو اهي ٻئي ڄڻا اڃا پنهنجن ساٿين کي هوشيار يا خبردار ڪن، اها شيءِ ان هر ڪاهيل بنيءَ ۾ لهي آئي. پر اها زمين تي نہ بيٺي، پر پريان ڪان هنن 35 ڄڻن جي گروپ جي مٿانهين واري جاءِ جي متوازي بيهي رهي. بقول انهن ڏسندڙن جي، ان شيءِ جي جسامت هڪ ڪوچ ڪان وڏي نہ هئي. گڏوگڏ ان مان سيٽين وانگر آواز بہ نڪري رهيو هو. هاڻ سيئي ڄڻا ان اڏامندڙ ٿالهيءَ کي ڏسي رهيا هئا.

اوچتو ان جون تيز روشنيون ٻري پيئي. پهرئين ست پيلي رنگ جون روشنيون ٻريون، جنهن ڪانپوءِ بہ نارنگي رنگ جون روشيون ٻريون، جن جي روشني ايڏي تہ تيز هئي جو اکيون ٽي نڪتيون. اوچتو انهن روشين جو رخ زمين طرف ٿي ويو. ائين پئي لڳو تہ اهي روشنيون ڄڻ ٺوس مادي جون ٺهيل هجن ۽ اهي ان اڏامندڙ ٿالهيءَ جا پير هجن، جن مٿان اها اڏامندڙ ٿالهي بيٺل هئي. ان وقت سيني موجود ماڻهن کي پنهنجن آڱرين ۽ گوڏن ۾ سئين وانگر چيندڙ ڪنهن شيءِ جو احساس ٿيو. ايتري ۾ انهن ڏٺو تہ ٽي ننڍڙيون گول ٿالهيون، ان وڏي اڏامندڙ ٿالهيءَ منجهان نڪتيون ۽ ان جي چوڌگرد گردش ڪرڻ لڳيون.

انهن مان چئن ڄڻن همت ڪري ان اڏامندڙ ٿالهيءَ ڏانهن وڃڻ جو رٿيو. اهي هلند هلندا جڏهن ان ٿالهيءَ جي هيٺان پهتا تہ کين مٿي لوهي مشين نظر آئي. هنن پنهنجيون پنهنجيون ٽارچون ٻاري ان کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندن حيرت جي حد ئي نہ رهي، جڏهن بجاءِ ٽارچ جي روشني ان اڏامندڙ ٿالهيءَ جي هيٺئي حصي تي پوڻ جي،اها روشني 90 درجن جي ڪنڊ ٺاهي مڙي پئي وئي. اها ڳالھ زميني فزڪس جي اصولن جي بلڪل برخلاف هئي تہ روشنيءَ جي ڌار کي موڙي بہ سگھجي

ٿو. پر اها ڳالهه سيني جي سامهون ٿي رهي هئي. جنهن کان انڪار ڪرڻ ناممڪن هو. اهي سڀ ڏڇي اتان واپس موٽيا. ڪجهه دير بعد گردش ڪندڙ ٿئي ٿالهيون ان وڏي اڏامندڙ ٿالهيءَ ۾ ضم ٿي ويون ۽ اها وڏي اڏامندڙ ٿالهي ڪن پل ۾ مٿي اٿي نظرن کان غائب ٿي وئي. سندس هلڻ جي رفتار حيرت انگيز حد تائين تيز هئي.

انهن ڳالهين کي ٻڌي اڏامندڙ ٿالهين جو مشهور فرانسيسي محقق جيڪوئيس والي (Jacques Vallee) اهو چوي ٿو تہ انهن اڏامندڙ ٿالهين جا خالق اسانکي سائنس جي ميدان ۾ زميني سائنسدانن کان وڌيڪ ترقي يافتہ لڳن ٿا. هن پنهنجي هڪ مقالي ۾، جيڪو هن آمريڪا جي هوائي ۽ خلائي اداري American Institute of Aeronat-) (Astrononautics ics ۾ وٽ موڪليو. تنهن ۾ اهو نظريو پيش ڪري ٿو تہ اڏامندڙ ٿالهين جي ٽيڪنالاجي نہ صرف سائنسي آهي، پر ان ۾ ذهني حسياتي قوت (Psychic ) بہ شامل آهي. اسانجي زميني سائنس صرف مادي پهلوءَ جو احاطو ڪري ٿي، پر ذهني حسياتي قوت جي ڪردار کان انڪار ڪري ٿي. ان ڪري اسانکي گهرجي تہ اسان اڏامندڙ ٿالهين جي صرف مادي وجود کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. ورنہ اسان ان جي ماهيت، ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۽ اصليت کان هرگز واقف ٿي نہ سگهنداسين.

هن ڳالهه کي وڌندي ڪيپ گراڊيو (Cape Giradeau ) جي ڏکڻ اولهہ مسوري رياست يونيورسٽي جي فزڪس ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر هارلي رٽليج (Harley Rutledge ) 1973ع ۾ اڏامندڙ ٿالهين مٿان تحقيق جو سوچيو. ان علائقي ۾ ڪافي عرصي کان ماڻهن کي عجيب ۽ پراسرار روشنيون آسمان منجهان چمڪندڙ نظر اينديون هيون. انهن روشنين کي ڏسڻ وارا هزارين ماڻهو هئا. هن، انهن روشنين مٿان تحقيق جو رٿيو. چاڪاڻ جو سائنسدان گهڻي ڪوشش جي باوجود انهن روشنين جي وجود ۽ اصليت بابت ڪا سمجهاڻي ڏئي نہ پئي سگهيا.

هارلي رٽليج . سڀ کان پهريائين سائنسدانن جي هڪ ٽيم تشڪيل ڏني ۽ ان کانپوءِ جيڪو بہ سائنسي اوزار يا مشين هٿ چڙهيس، ان کي کنيائين. سائنسدانن جي ٽيم ۾ سائنس جي مختلف شاخن جا ماهر هئا. هن ٽيم اهو سوچيو هو تہ سندن ڪم صرف ٻن يا ٽن هفتن جو هوندو، پر جڏهن ڪم شروع ڪيائون ۽ هٿ ڪيل مواد (Data) جو تجزيو ۽ انهن مٿان تحقيق ڪيائون تہ ڪين اها رپورٽ ناهڻ ۾

چپائڻ ۾ ست سال لڳي ويا. ان تحقيق دوران انهن 178 اڏامندڙ ٿالهين کي ڏٺو، جن مان 157 کي سنڌن اوزارن ريڪارڊ ڪيو. انهن اڏامندڙ ٿالهين جا فوٽو پڻ ڪڍيا ويا.

30 ڊسمبر تي 1978 تي نيوزيلينڊ جي شهر ويلنگٽن مان هڪ جهاز اڏاڻو، جنهن جي ڪپتان جو نالو بل سٽارٽاپ (Bill Startup) هو. جنهن کي هوابازيءَ جو ٽيويهن سالن جو تجربو هو. سندس معاون پائلٽ جو نالو باب گارڊ هو. جهاز ۾ انهن سان گڏ آسٽريليا جي هڪ ٽي وي چينل جي عملي جا ماڻهو، اخباري نمائندا ۽ ڪجهه ڪيمرامين هئا. سندن مقصد هو ته اڏامندڙ ٿالهين جي فلم ناهين، چو ته انهن ڏينهن ۾ هڪ علائقي ڪوڪ نالي بحري گهاڙيءَ (Cook Strait) مٿان ڪجهه عجيب شيون حرڪت ڪندي نظر آيون هيون. ڪوڪ سامونڊي گهاڙي اصل ۾ اها سامونڊي گهاڙي آهي، جيڪا نيوزيلينڊ جي اترئين ۽ ڏاکڻين ٻيٽن کي الڳ ڪري ٿي.

سنند جهاز ڪوڪ اسٽريٽ کي پار ڪيو. اهو هاڻي پيسفڪ بحر مٿان اڏامي رهيو هو، جو ڪين فضا ۾ عجيب روشنيون ڏسڻ ۾ آيون. انهن نيوزيلينڊ جي ويلنگٽن جي ايئر ڪنٽرول آفيس کان به تصديق ڪرائي ته ان وقت، ان علائقي مٿان ڪو ٻيو جهاز اڏامي نه رهيو هو. جهاز ۾ سوار سيني ماڻهن کي پنج روشنيون چٽيون ڏسڻ ۾ اچڻ لڳيون، جن جي جسامت گهٽ وڌ ٿي رهي هئي. ڪنهن مهل سندن سائيز نقطي برابر ٿي پئي وئي ته ڪنهن مهل ڦلهايل ڪنهن وڏي ڦوڪڻي جيڏي.

ايتري ۾ جهاز ۾ موجود ان ٽيم جي هڪ ميمبر ڪروڪيٽ (Cookett) کي ويلنگٽن شهر جي ايئرڪنٽرول آفيس مان اطلاع مليو ته ڪا عجيب شي سندن جهاز جي پٺيان اڏامي رهي آهي. اها انهيءَ طرف وئي ٿي، جيڏانهن جهاز وڃي رهيو هو. لڳو ٿي ته اها عجيب شي سندن جهاز جو پيڇو ڪري رهي هجي. جيتوڻيڪ جهاز ۾ موجود ماڻهن ان پيڇو ڪندڙ شي کي گهٽي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندن ڪوششون ناڪام ثابت ٿيون ۽ ڪين ڪجهه به نظر نه آيو. پر ويلنگٽن ايئر روم اجا تائين اهو چئي رهيو هو ته ڪين راڊار تي سندن جهاز پويان اها پيڇو ڪندڙ عجيب شي نظر اچي رهي آهي. هنن کي خيال آيو ته مٿان سندن جهاز جي تيز روشنين جي ڪري ڪين اها عجيب پيڇو ڪندڙ شيءِ نظر نه اچي رهي آهي.سو هنن جهاز جي سيني بتين کي وسائي ڇڏيو. هاڻي ڪين هڪ تيز روشني سندن جهاز جي پٺيان نظر اچي رهي

هئي. هنن ان عجيب شي جا فوٽو ڪڍڻ شروع ڪيا. جيئن ته اها شي سندن جهاز جي پنين طرفان اچي رهي هئي، تنهن ڪري ان کي صحيح طور جانچڻ لاءِ ڪپتان اسٽارٽ اپ جهاز کي 360 ڊگريءَ جو چڪر ڏياريو ته جيئن بجاءِ عجيب شي انهن جي پويان اچڻ تي، سندن جهاز ان عجيب روشن مخرج پويان هليو وڃي ۽ اهي ڪين چڱي ريت ڏسي ۽ ان بابت معلوم ڪري سگهن. پر عجيب ڳالهه تي جو اها عجيب شي سندن نظر کان غائب ٿي وئي، جيتوڻيڪ ويلنگٽن جو ايئر ڪنٽرول آفيس جا عملدار اجا به ان عجيب شي کي سندن جهاز سان گڏوگڏ ڏسي رهيا هئا ۽ ڪين وائرليس ذريعي ٻڌائي رهيا هئا. ان جهاز جي اڏام، ان کان بعد ٻين ڪيترين اهڙين پراسرار روشنين جا فوٽوڪڍيا ۽ انهن جو فلمون ٺاهيون ۽ نيٺ 31 ڊسمبر 1978ع تي رات جو سوا ٻين بجي، اهي پنهنجي ان اڏام جي مقصدن کي ماٺي هيٺ زمين تي لهي آيا.

سندن فلمن ۽ فوٽن سڄي دنيا کي اٿاري ڇڏيو. سندن فوٽن ۽ فلمن کي دنيا جي هزارن اخبارن ۽ رسالن ڇاپيو ۽ مختلف ٽيليويزن اسٽيشنن پنهنجي ڏسندڙن کي ڏيکاريو. ايتري قدر جو مشهور انگريزي چينل بي بي سي (BBC) ان خبر کي مک خبرن واري پٽيءَ ۾ جاءِ ڏني. جيتوڻيڪ ان بعد ڪيترن ئي شڪي ماڻهن انهن فوٽن ۽ فلمن تي اعتراض ڪيا آهن، پر اڄ ڏينهن تائين ڪو به ماڻهو چاهي ان جو سائنس سان واسطو هجي يا نه هجي، انهن عجيب پرارسرار گول اڏامندڙ روشنين جي باري ۾ ڪا به توضيح پيش نه ڪري سگهيو آهي.

ماڻهن کي نه صرف اڏامندڙ ٿالهيون نظر آيون آهن پر ان سان گڏوگڏ سندن انهن جي هلائيندڙ يا مالڪن "خلائي مخلوق" سان پڻ واسطو پيو آهي، جن جي باري ۾ ثبوت پڻ آهن.

7آڪٽوبر 1955ع تي هڪ نوجوان ڇوڪري جيني (Jennie)، جيڪا آمريڪا جي نيبراسڪا رياست جي رهاڪو هئي، تنهن کي انهيءَ خلائي مخلوق سندن بستري تي سمهڻ دوران ڪٽي، ان مٿان تجربا ڪري ڪين واپس ڪيو. پر هن جي يادداشت ۾ ڪا اهڙي ڳالهه نه هئي. لڳو ائين پئي ته انهن خلائي مخلوق(Aliens) مٿانهنس تجربا ڪري ڪنهن نموني سندن دماغ مان ان واقعي کي مٽائي ڇڏيو هجي. ڪيس اصل حقيقت 30 سالن ڪانپوءِ معلوم ٿي، جڏهن ڪيس هپناٽزم هيٺ آٽي، ان جي هڪ مشهور ٽيڪنڪ "عمر جي گهٽائڻ" (Age Agression) کي استعمال ڪري ڪيس ماضيءَ ۾ موٽايو ويو. دماغ

انسان سان ٿيندڙ هر ڳالهه جو ريڪارڊ سندن تهه خاني ۾ رکي ٿو، جنهن کي لاشعور چيو وڃي ٿو. شعور (Con-scionmess) منجهان ڪا ڳالهه ميساري سگهجي ٿي، پر لاشعور مان ڪا ڳالهه مٽائڻ ناممڪن آهي. هيپاٽزم جي ان ٽيڪنڪ يعني "عمر گهٽائڻ" کي استعمال ڪري ماڻهوءَ کي ماضيءَ ۾ وٺي وڃيو آهي ۽ هو پنهنجي ماضيءَ جي هر ڳالهه اهڙي نموني بيان ڪندو آهي، جهڙوڪ اها ڪرت ساڻس ان وقت ٿيندي هجي.

جيني ان ٽيڪنڪ دوران اهو ٻڌايو ته هو بستري تي ليٽي پئي هئي، جو هڪ خلائي مخلوق، جنهن کي جيني "ڳولائو" (Explorer) ڪوٺيو، سو سندس ڪري جي دري وٽ آيو ۽ ساڻس ذهني رابطو( ٽيلي پيٿي) ڪيائين ۽ کيس ٻاهر اچڻ جي لاءِ چيائين. جيتوڻيڪ جينيءَ جو شعور ڳولائو جي ان ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري رهيو هو، پر ان خلائي مخلوق جو ذهني رابطو ۽ حڪم ايندو ته طاقتور هو، جو نيٺ کيس ساڻس اهو پڇڻو پيو ته هو ڪيئن ان خلائي مخلوق وٽ وڃي سگهي ٿي. جنهن بعد ان خلائي مخلوق مٿانهس ڪو ذهني عمل ڪرڻ لڳو، جنهن ڪري جيني هوا ۾ خودبخود اڏامندي، ڪمري جي دريءَ منجهان نڪري، ٻاهر ميدان ۾ بيٺل سندن اڏامندڙ ٿالهيءَ منجهه هلي

هڪ جوڙي کي سينيما جي ٽڪٽ پوسٽ ذريعي ملي. ٻنهيءَ ۾ گهڻي دير تائين اها بحث ٿيندي رهي ته اها ٽڪيٽ ڪنهن موڪلي آهي. مڙس جو چوڻ هو ته اها ٽڪيٽ سندس ڪنهن گهري دوست موڪلي هوندي، جڏهن تي سندس زال ان تي اڙي بيٺي هئي ته اها ٽڪيٽ سندس ڪنهن ساهيڙيءَ موڪلي هوندي. ٻئي ڄڻا جڏهن فلم ڏسي واپس موٽيا ته ڏٺائون سندس گهر جو صفايا ٿي چڪو هو. انهن کي ڊرائنگ روم جي ميز تي هڪ چٺي ملي، جنهن تي لکيل هو." فلم ڪيئن هئي؟ اوهان جي فلم کي ڏسڻ جي مهرباني."

وئي. جنهن جاءِ تي جيني کي نيو ويو، اهو هڪ ليبارٽريءَ وانگر هو، جتي ڳولائو هڪ اڇي ٽوپي پايو. ڄڻ هڪ سائنسدان لڳي رهيو هو. ان ڳولائو جي چوڌاري طرف ٻيا به ننڍڙا يا ننڍڙي قدر وارا ڪجهه خلائي ماڻهو موجود هئا. ان ڳولائوءَ جو قد ٽن کان چار فٽن تائين هو. سندس مٿو بيدي وانگر هو. سندس منهن جو رنگ ڪارسرو هو. کيس هڪ بيڊولو نڪ پڻ هو، جنهن ۾ ناسن جا سوراخ پڻ هئا. سندس وات اسان ماڻهن وانگر نه هو، پر لڳو پئي ته ڄڻ منهن ۾ چير ڏنل هجيس.

ان ڳولائو ساٿس ڪجهه بہ نہ ڳالهايو. ڳولائو جو رابطو هن سان صرف ذهني طرح هو. ذهني رابطي ذريعي ڳولائو کيس حڪم ڏنو تہ هو ان ليبارٽريءَ ۾ پيل معائني واري ميز تي ليٽي پوي: هن جي ليٽڻ کانپوءِ لوهي شڪنجا سندس ٻانهن ۽ ڄنگهن کي مضبوطيءَ سان جڪڙي ڇڏيو. تنهن بعد ڳولائو ۽ پنهنجي مددگاري ساٿين جي مدد سان سندس ڪجهه وار ڪٽيا،جن کي انهن هڪ بوتل ۾ بند ڪري ڇڻ محفوظ ڪري رکيو. تنهن بعد هن جو ٿورو رت بہ معائني لاءِ ڪڍيو ويو.

جڏهن هن جو معائنو مڪمل ٿيو تہ کيس واپس سندس ڪمري ۾ بستري تي پهچايو ويو. ان ڳولائوءَ جو کيس ڪٽي وڃڻ جو مقصد اهو ٿو لڳي تہ کين جينيءَ جي وارن ۽ رت جا نمونا کپندا هئا تہ جيئن هو انهن مٿان تجربا ڪري سگهن ۽ شايد انسانن بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهن.

صبح جو جڏهن جيني سجاڳ ٿي تہ کيس پنهنجي اغوا وارو واقعو صرف خواب وانگر ياد هو. جڏهن هن دري کان ٻاهر ان جاءِ ڏانهن ڏٺو، جتي هن کي اڏامندڙ ٿالهي نظر آئي هئي تہ کيس اتي بينل هڪ پراڻو وڻ سڙيل نظر آيو. سندس پيءُ ان جي لاءِ ٻڌايس تہ شايد رات جو کنوڻ ڪرڻ ڪري اهو وڻ سڙي ويو هوندو. جڏهن تہ جينيءَ کي مبهم نموني اهو معلوم هو تہ ان جو حقيقي ڪارڻ ڇا هو.جينيءَ کي 30 سال لڳا، جو هوءَ هپناٽزم وسيلي اهو معلوم ڪري سگهي تہ ان رات وارو واقعو ڪو پيانڪ خواب نہ پر حقيقت هئس، جنهن ۾ کيس خلائي مخلوق ڪٽي ڪري، تجربي بعد کيس واپس سندس ڪمري ۾ پهچايو هو.

ساڳئي نموني 19 سالن جي هڪ ڇوڪري شين ڪرز ( Shane Kurz) ، جيڪا نرس ٿيڻ جي تربيت وٺي رهي هئي، تنهن کي بہ ساڳئي نموني اغوا ڪيو ويو، پر هن پيري بجاءِ وڻ سڙڻ جي ثبوت جي، خلائي مخلوق وارا سندن پيرن جا نشان ثبوت طور ڇڏي ويا.

3مئي 1968 تي رات جو چار وڳي، شين ڪرز هڪ اڏامندڙ ٿالهي ڏٺي. ان کان سواءِ کيس ٻيو ڪجهه بہ ياد نہ هو. صبح جو کيس ماڻس ننڊ مان اٿاريو ۽ گهر جي لان ۾ ڪجهه عجيب پيرن جي نشانن بابت پڇيو، جنهن جو کيس وٽس ڪو جواب نہ هو.

ان واقعي جي ڇهن سالن کان پوءِ، شين ڪرز، پروفيسر هانز هولزر (Hanz Holzer) کي پنهنجو حال ٻڌايو، جو تہ ان ڏينهن کان پوءِ کيس نہ صرف پوائتا خواب نظر ايندا هئس،پر گڏوگڏ مٿي ۾ بہ سخت سور ايرندو هوس، سندس پيٽ مٿان عجيب طرح جا

ڳاڙها گولا ظاهر ٿيندا هئس ۽ ڪيتري عرصي کان سندس ماهواري بند ٿي وئي هئس. هن ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو، پر ڪو بہ سندس مرض جي تشخيص نہ ڪري سگهيو ۽ نہ ڪو علاج ٻڌائي سگهيس. 27 فيبروري 1973 تي سندس اها پراسرار بيماري خوبخود غائب ٿي وئي، پر ان هوندي بہ شين ڪرز چاهيو پئي تہ انهي ماملي جو پتو لڳائي تہ ساڻس اصل ۾ ڇا وهيو ۽ واپرايو هو. ڪيس صرف مهم نموني اهو احساس هو تہ سندس بيمارين جو ڪارڻ 1968 جي ان رات واري اڏامندڙ ٿالهيءَ کي ڏسڻ سان جڙيل هو.

پروفيسر هولزر ڪيس هپنا ٽزم جي ٽرانس ۾ آڻي، عمر گهٽائڻ ڊاري ٽيڪنڪ استعمال ڪري ڪيس 1968جي ان رات واري وقت ۾ وٺي ويو، جڏهن شين ڪرز اڏامندڙ ٿالهيءَ کي ڏٺو هو. هپناٽزم جي ان ٽيڪنڪ هيٺ شين ڪرز اهو ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ ان رات ڪيس خلائي مخلوق سندس سمهڻ واري ڪمري مان اغوا ڪيو هو. اهي خلائي انسان ننڍي قد جا هئا، جن جو رنگ ڪارسرو، ڪوپن کان نڪتل اکيون، ۽ بنا وارن جي هئا. اهي ڪيس ڪٺي هڪ ڪمري ۾ وٺي ويا. جيڪو ڪنهن ليبارٽريءَ سان مشابهت رکندڙ هو. خلائي مخلوق ڪيس هڪ معائني واري ميز مٿان سمهاري، سندس پيٽ منجهہ هڪ ڊگهي سئي هڻي ۽ سندس مادي جيوڙن (Ova) جا نمونا ڪڍيا. شين ڪرز کي ٻڌايو ويو تہ ڪيس ان ڳالهہ لاءِ چونڊيو ويو آهي تہ اهو ڏسجي تہ خلائي مخلوق ۽ انسان جي ميلاپ مان ڇا ٿو وجود وٺي. تنهن بعد شين ڪرز سان جنسي بدفعلي بہ ڪئي وئي. ان کان پوءِ شين ڪرز بيهوش ٿي وئي ۽ جڏهن اکيون کليس تہ هو پنهنجي ڪمري ۾ هئي ۽ سندس ماڻس ڪيس ننڊ مان جاڳائي رهي هئي.

اهڙا ڪيئي واقعا جن ۾ ماڻهن اڏامندڙ ٿالهيون ڏٺيون آهن ۽ گهڻ ئي واقعن ۾ انهن جي اندر موجود خلائي مخلوق سان لهہ وچڙ ۾ آيو آهي پر اها خبر اجان تائين نہ پئجي سگهي آهي تہ اهي ڪير آهن، ڪٿان اچن ٿا ۽ ڪهڙي مقصد لاءِ زميني انسانن سان لهہ وچڙ ۾ اچن ٿا. انهيءَ ڳالهہ مٿان دنيا ۾ وسيع تحقيق هلي رهي آهي، جنهن هيٺ هزارين سائنسدان ۽ ٻيا ماڻهو انهن سوالن جي جوابن لاءِ ڪوشان آهن. ٻيو ڪجهہ پلي نہ معلوم ٿي سگهيو هجي پر هڪ ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ اها خلائي مخلوق اسان جي زميني سائنس کان تمام وڌيڪ ترقي يافتہ آهن ۽ اهي اهڙين شين ڪرڻ تي بہ قادر آهن، جيڪي اسان وٽ اجا تائين سوچيون بہ نہ ويون آهن.

# هابيل ۽ قابيل

**حضرت آدم ۽ بيبي حوا جي تخليق ۽ جنت مان تڙجڻ ۽ دنيا جي پهرين قتل جو قصو ۽ ان جو پس منظر ڇا هو، اهو ڪيئن وقوع پذير ٿيو ۽ ان جا دنيا مٿان ڪهڙا اثرات مرتب ٿيا، سو هيٺين پراثر تحرير ۾ پڙهندا.**

محبوب علي سمون

## تخليق آدم ۽ دنيا ۾ سندس پهرين جميل پارن جو قصو

جڏهن حضرت آدم عليہ السلام خاڪ مان خلقيو ويو تہ ڪيس بهشت ۾ نوراني تخت تي ويهاريو ويو ۽ خدا تعاليٰ فرشتن کي حڪم ڪيو تہ آدم عہ کي سجدو ڪريو! جيئن قرآن مجيد ۾ انهيءَ جو ذڪر هن طرح آيو آهي:

"جڏهن اسان ملائڪن کي چيو تہ آدم عہ کي سجدو ڪريو تہ ابليس کانسواءِ سڀني سجدو ڪيو. هن انڪار ڪيو ۽ اهو ڪافرن مان ٿيو." ملائڪن سجدي مان مٿو ڪڍي ڏٺو تہ ابليس سجدو نہ ڪيو تہ انهن وري ٻهير شڪراني جو سجدو ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ هڪڙي رڪعت ۾ ٻہ سجدا ڪيا وڃن ٿا.

پوءِ خدا ابليس کان پڇڻ لڳو تہ "اي ابليس! ڀلا توکي ڪهڙي شيءِ ان کي سجدي ڪرڻ کان جهليو آهي؟ جنهن کي مون پنهنجن هٿن سان ٺاهيو آهي. تو وڏائي ڪئي. ڇا تون وڏي درجي وارن مان آهين؟" ابليس چيو تہ "آئون ڪانئس ڀلو آهيان. مونکي تو باھ مان پيدا ڪيو ۽ ان کي مٽيءَ مان ٺاهيو."

تنهن تي خدا فرمايو، "نڪري وڃ! توکي قيامت تائين لعنت (ڦٽڪار) آهي." انهيءَ تي شيطان چيو، "اي پروردگار! تو مونکي آدم عہ جي ڪري ڌڪاريو."

خدا چيو تہ "تون پنهنجي لڪئي ڏي ڏس، جو تو پاڻ پنهنجن هٿن سان لکيو آهي تہ "جيڪو خدا جو حڪم نہ مڃي، ان جي سزا لعنت آهي."

پوءِ پشيمان ٿي چيائين، "اي منهنجا پالڻهار! مونکي تيستائين مهلت ڏي، جنهن ڏينهن مردا جيئرا ٿيندا."

خدا فرمايو تہ "توکي قيامت وقت

۽ نہ مري ۽ هميشہ بهشت ۾ رهي." مور اها ڳالهہ نانگ سان ڪئي. نانگ دعا سکڻ جي لالچ ۾ شيطان کي وات ۾ ويهاري ان کي بهشت ۾ وني ويو. جئين ان جو پير بهشت ۾ نہ پوي. شيطان، نانگ کي ان منع ڪيل وڻ وٽ وٺي ويو ۽ مور جي وات ۾ ئي روئڻ لڳو. حورون، غلمان اچي گڏ ٿيا. بيبي حوا، نانگ کان پڇيو، "ڇو ٿو روئين؟"

شيطان جواب ڏنو، "هن ڪري جو خدا، اوهانکي بهشت مان ڪڍندو، پر جيڪو هن وڻ جو ميوو کائيندو، اهو نہ ڪڍيو ويندو ۽ ڇيائين، "اي آدم! تو کي ان وڻ جو ڏس ڏيان ٿو، جنهن مان هميشہ واري حياتي ملي ۽ بادشاهي پراڻي نہ ٿئي" ۽ ان تي قسم بہ بہ کنيائين تہ "مان توهانجو ڳهٽگهرو آهيان."

پوءِ حوا ان ڪٽڪ جي وڻ مان ٽي داڻا پٽيا. هڪ پاڻ کاڌائين ۽ بہ داڻا آدم عہ وٽ کڻي آئي، پر هن کائڻ کان انڪار ڪيو تہ "ڇري! خدا تعاليٰ ان وڻ جو ميوو کائڻ کان منع ڪئي آهي."

آخر حوا بهشت مان شراب جو پيالو آڻي پياريو. پوءِ آدم عہ بئي داڻا کائي ويو. اهي داڻا اڃا نڙيءَ کان هيٺ نہ لٿا هئا تہ بهشتي تاج اڏامي ويو. تخت تان ڪري پيو ۽ ٻئي اگهاڙا ٿي پيا. جيئن خدا فرمائي ٿو تہ "جڏهن ٻنهي وڻ جو ميوو کاڌو تہ سندن اوگهڙ پڌري ٿي پئي ۽ انهن تي

بهشت جي وڻن جا پن وجهڻ گهريائون. پر وڻن پن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. مگر انجير جي وڻ ۽ زيتون جي وڻ انهن کي پن ڏنا ۽ اوگهڙ ڍڪيائون."

بهشت ۾ هر ڪنهن جي وات وائي هئي تہ "آدم عہ ۽ حوا، خدا جا خطاوار ٿيا!" هي ٻئي ڄڻا بهشت ۾ ڇرين وانگر ويڳاڻا پئي هليا.

ٻنهي کي ندا آئي تہ "مون، توهانکي هن وڻ جي ويجهو وڃڻ کان نہ جهليو هو ڇا؟ توهانکي نہ چيو هوم تہ شيطان توهانجو پڌرو دشمن آهي."

ٻنهي روئي دعا گهري، "اي اسانجا پالڻهار! اسان پاڻ تي ظلم ڪيو، جيڪڏهن تو اسانکي بخش نہ ڪيو تہ اسان ٽوٽي ۾ پئجي ويندا سون."

الله تعاليٰ فرمايو "لهي وڃو، توهان هڪ ٻئي جا ڏڄڻ (دشمن) ٿيندؤ ۽ خاص مدت تائين زمين تي رهندؤ."

شيطان پنهنجي شرارت تي ڳد ڳد ٿي رهيو هو. پوءِ جبرئيل کي حڪم ٿيو تہ آدم، حوا، نانگ، مور ۽ شيطان کي جنت مان ڪڍي ڌرتيءَ تي اڇل."

آدم بهشت مان نڪرڻ ۽ بيبي حوا جي جدائيءَ جو ٻڌي ڏاڍو رنو ۽ ڏندڻ لاءِ ڪانيءَ ٽڪر اتان کنيائين. اهو ڏندڻ پيڙهي بہ پيڙهي هلندو حضرت موسيٰ عہ

کي مليو ۽ ان جي عطا (لٺ) بخشيو. پوءِ آدم کي "سرانديپ" (سيلون سري لنڪا) ۾، حوا کي "خراسان" ۾، مور کي "سيستان" ۾، نانگ کي "اصفهان" ۾ ۽ شيطان کي "دماوند" جبل ۾ ڇڏيو ويو. آدم ۽ حوا ورهين جا ورهيه هڪ ٻئي جي وڇوڙي ۾ روئندا رهيا. آدم ع جي اکين جي پاڻيءَ (لڙڪن) مان ڪجيون ۽ لڱنگ وغيره جا وڻ پيدا ٿيا ۽ حوا جي هنجن مان مينديءَ ۽ سرمون وغيره پيدا ٿيا. جيڪي لڙڪ درياهه ۾ ڪريا، انهن مان مرواريد پيدا ٿيا.

هڪ ڏينهن حضرت جبرئيل، آدم ع کي چيو، "موت کان اڳي تون حج ڪري وٺ." موت جي خبر ٻڌي پوءِ کان حج جو ارادو ڪري اوڏانهن هليو. مڪي معظمه تائين سمورو پنڌ سندس لاءِ رڳو 30 وکون ٿيو. اتي ڪيترن ملائڪن ساڻس ملاقات ڪئي. ڪيس چيائين ته اسانکي 2000 ورهيه ٿيا آهن جو اسان بيت المعمور جو طواف ڪري رهيا آهيون. جنهن کي هاڻي "ڪعبت الله" چيو ٿو وڃي. اهو سمورو ڪليل هو. مٿان زبرجد جو ٿنبو، ستون جون طنابون هيون .ان جون ميخون اڄ ٿنيا آهن. آدم ع، عرفات جي ميدان ۾ جبل رحمت تي آرام ڪري رهيو هو جو پريان "جدي" جي طرف کان حوا کي ايندو ڏٺائين. آدم ۽ حوا جنهن جاءِ تي هڪ ٻئي کي سڃاتو، اڄ ان کي عرفات ڪري ڪوٺيندا آهن. هڪدم آدم ع اتي وڃي ساڻس مليو.

ورهين جا وڇوڙا هڪ لحظي ۾ لهي ويا. پوءِ ٻئي گڏجي زاروزار روئڻ لڳا. پوءِ خدا کي رحم آيو. آدم ع جڏهن عرش تي ڪلمون شريف لکيل ڏٺو، سو ياد آيس. تڏهن عرض ڪيائين، "اي اسانجا پالڻهار! ڪلمي جي برڪت سان اسانجا گناهه بخش. اسانجي توبهه قبول ڪر!" اهڙيءَ طرح آدم ۽ حوا جي توبه حضرت محمد مصطفيٰ ص جي شفاعت سان قبول پئي.

## هابيل ۽ قابيل

جڏهن حضرت آدم ع زمين تي آيو ته حضرت جبرئيل ع ان کي لوهارڪو ذنتو سيکارڻ لاءِ ست ٽڪر لوهه جا ڪڻي آيو هو. باهه دوزخ مان ڪڻي آيو. اجا اها باه زمين تي مس رکيائين ته ستت ئي زمين مان لنگهي دوزخ ۾ هلي وئي. ست دفعا ائين ٿيو. پوءِ جبرئيل ع چقمق مان باهه ڪڍي حضرت آدم ع کي لوهارڪو ذنتو سيکاريو. هن ٻني ٻاري جا اوزار ٺاهيا. جبرئيل ع ٻه ڏاند ۽ ٿوري ڪڻڪ ڪڻي آيو. آدم ع ٻج ڇٽي هر ڪاهڻ شروع ڪيو. ڏاند کي لڪڻ هنيائين ته ڏاند چيس ته "مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟ تون ڇو ٿو مونکي مارين؟"

آدم ع ڪاوڙجي هر ڦٽو ڪري هليو ويو. جبرئيل ع چيس، "اي آدم! توکي دنيا ۾ رزق لاءِ تڪليفون سهڻيون پونديون!"

پوءِ آدم عہ وري اچي ھر ھلائڻ شروع ڪيو تہ ڍڳو پاڄاريءَ مان ڪنڌ ڪڍائي بيھي رھيو. ڏاند، ڏٽيءَ جي درگاھ ۾ فرياد ڪئي تہ آدم عہ ھرويرو مونکي تڪليف ۽ ايذاءُ ڏئي رھيو آھي. مون سندس ڪھڙو قصور ڪيو آھي جو ناحق منھنجي مٿان ايڏو بار رکي اھنج ۽ ايذاءُ رسائي رھيو آھي؟ آدم عہ کي ڏاڍي بڇان لڳي. سو وري بہ ڇڏي ھليو ويو. خدا تعاليٰ، آدم عہ کي فرمايو تہ "مان ڏاندن جي زبان تي مھر ڻو ھٽي ڇڏيان، پوءِ اھي ڪجھہ بہ ٻاھر ڪڍي نہ سگھندا. ڀلي مٿن ڪيترو بہ بار ۽ بوجھو رکيو وڃي، تڏھن بہ ڪين ڪڇندا."

آدم عہ آخر ھر ڪاھي ڪٽڪ پوکي رھيو ھو تہ ڪٽڪ ستن گھڙين ۾ پچي راس ٿي تہ آدم عہ داڻا ڪڍي ڪائڻ لڳو تہ جبرئيل ڪيس ڪٽڪ پيھڻ، اٽو ڳوھڻ ۽ ماني پچائڻ سيکاري. آدم عہ ماني کائڻ لڳو تہ جبرئيل عہ چيس، "تون روزائتو آھين. سج لھي وڃي تہ پوءِ کاءُ."

ماني کائڻ کانپوءِ آدم جي ڇاتيءَ تي ڪارو تر پيدا ٿي پيو، جو وڌندو پئي ويو. جبرئيل ٽِئي ڏينھن روزو رکايس تہ ٻت جي ڪاراڻ گھٽ ٿي وئيس. ٽئين روزي سان بلڪل بدن صاف ٿي ويس. اھي ٽئي روزا تاريخ ھر مھيني جي 13، 14۽ 15 تاريخ جا حضرت آدم عہ تي فرض ھئا، جن کي "ايام بيض" ڪري چئبو آھي.

آدم عہ کي دنيا ۾ ڀھريائين پٽ ۽ ڌيءُ جاڙا ڄاوا. پٽ جو نالو "قابيل" ۽ ڌيءُ جو نالو "اقليما" رکيائين، جا ڏاڍي موچاري ھئي. وري ٻئي دفعي ٻيا بہ جاڙا پٽ ۽ ڌيءُ ڄاوا. پٽ جو نالو "ھابيل" ۽ ڌيءُ جو نالو "غازه" رکيائين، جيڪا ڪوجھي ھئي. بيبي حوا 120 ڀيري وير ڪيو. ھر ڀيري ڌيءُ ۽ پٽ ڄڻيائين. جڏھن بار وڏا ٿيا تہ خدا حڪم موڪليو تہ قابيل جي ڀيڻ اقليما کي ھابيل سان ۽ ھابيل جي ڀيڻ غازه کي قابيل سان پرڻاءِ. آدم ٻنھي پٽن کي اھو خدا جو حڪم ٻڌايو تہ قابيل انڪار ڪيو تہ "مان ائين نہ ڪندس. ھابيل توکي پيارو آھي، تنھنڪري تون ان کي ٺاھوڪي زال ٿو پرڻائين!" آخر آدم، خدا جي حڪم موجب ٻنھي پٽن جي شادي ڪئي. پر قابيل ساڙ کان ھابيل کي چيو تہ "تون پنھنجي زال کي طلاق ڏي تہ آئون ان سان پرڻجان!" ھابيل چيو تہ "آئون پيءُ جو نافرمان نہ ٿيندس."

آدم عہ اھا ڳالھہ ٻڌي ٻنھي پٽن کي چيو، "توھان ٻئي منا جبل تي وڃي پنھنجون قربانيون رکي اچو. جنھن جي قرباني قبول پوندي، اقليما ان جي ڪنوار ٿيندي!" پوءِ ٻنھي ڪيتريون ئي ٻڪريون کھي منا جبل تي رکيون. جيئن قرآن مجيد ۾ انھيءَ قربانيءَ جو ذڪر ھن طرح آيل آھي:

"آدم جي ٻنھي پٽن قرباني ڪئي. ھڪ جي قبول پئي، ٻئي جي ڪانہ پئي."

اھو ھن طرح جو سيمرغ وانگر ٻنا دونھين

باھ آئي. ھابيل جي قربانيءَ کي ساڙي وئي جا قبول پئي ۽ قابيل جي ڪانہ ساڙيائين. تڏھن ساڙ ڪان قابيل، ھابيل کي چيو تہ "آئون توکي ضرور ماريندس." ھابيل چيس، "خدا رڳو پرھيزگارن جي قرباني قبول ڪندو آھي ۽ تون جيڪڏھن مونکي مارينديہ تہ مان توڏانھن ھٿ ڊگھو ڪونہ ڪندس. ڇو تہ مان خدا ڪان ڊڄان ٿو."

آدم عہ جي زماني ۾ انصاف لاءِ شيءِ منا جبل تي رکي ويندي ھئي. پوءِ جي آسمان ڪان باھ اچي ان کي ساڙيو تہ اھا خدا وٽ اگھجي ويندي ھئي. حضرت نوح عہ جي زماني ۾ بيڙي نياءَ ڪندي ھئي. جي ڪوڙو ماڻھو ان تي ھٿ رکندو ھو تہ لڏندي ھئي ۽ جيڪڏھن سچو ھٿ رکندو ھو تہ ڪانہ لڏندي ھئي. حضرت يوسف عہ جي زماني ۾ صاع حاڪم ھوندو ھو. ڪورو ماڻھو ان تي ھٿ رکي تہ آواز ڪري ۽ سچي سان صبر ڪري. حضرت دائود عہ جي دور ۾ نياءَ لاءِ زنجير ھئي. سچو ماڻھو ان کي ھٿ ۾ وٺي سگھندو ھو ۽ ڪوڙي جي ھٿ ۾ ڪانہ ايندي ھئي. حضرت سليمان جي زماني ۾ مومنہ سوراز مان نياءَ ٿيندو ھو. ڪوڙي ماڻھوءَ جو پير ان ۾ ڦاسي پوندو ھو ۽ سچي جو ھرگز نہ. حضرت ذڪريا عہ جي زماني ۾ نبيرو /نياءَ لوھي قلم سان ٿيندو ھو. بنھي ڌرين جا نالا لکي پاڻيءَ ۾ وجھبا ھئا تہ سچي جو نالو ترندو ھو ۽ ڪوڙي جو ٻڏي ويندو ھو. شريعت محمدي موجب ھاڻي انصاف شاھدن تي ٿيندو آھي.

قابيل جي دل ۾ دشمني وڌندي وئي ۽ ھابيل کي مارڻ لاءِ سٽون سٽڻ لڳو. ھڪ ڏينھن ھابيل ٻڪرين جي واڙي ۾ ستو پيو ھو تہ شيطان ان جي صورت ۾ نانگ ڪٽي آيو ۽ قابيل جي سامھون ان جو مغز پٿر سان ڦاڙي ڪيس ماري وڌائي. پوءِ قابيل بہ مارڻ سکي ويو ۽ اھڙيءَ طرح پٿر سان ھابيل جو مغز چٿي ڪيس ماري ڇڏيائين. پر ڪيس مردي کي دفنائڻ جي اجا ڄاڻ ڪانہ ھئي. تنھنڪري ڀاءُ جو لاش ڪلھي تي کڻي ڪيترائي ڏينھن گھمندو رھيو. ھن کان اڳ ڪنھن انسان جو موت ڪونہ ٿيو ھو جو دفن ڪرڻ اچيس. تنھنڪري الله تعاليٰ سندس ڪيس سيکارڻ لاءِ ھڪڙو ڪانگ موڪليو. ڄاڻاڻ تہ ڪانگ جي اھا خوبي ھوندي آھي تہ ٻئي ڪانگ جو لاش اگھاڙو (ڪليل) ڏسندو آھي تہ ڏاڍيون رڙيون ۽ ڪانھون ڪندو آھي.

قرآن شريف ۾ ان جو ذڪر آيل آھي تہ خدا ھڪڙو ڪانگ موڪليو، جڪو ڪيس ڏيکاري تہ پنھنجي ڀاءُ جو لوڙھ ڪيئن لڪجي؟ اھو ھن طرح جو خدا بہ ڪانگ موڪليا. ٻئي پاڻ ۾ وڙھيا ۽ ھڪ مري پيو. ٻئي چا ڪيو جو چھنب سان زمين کوٽي ڪيس پوري ھليو ويو. قابيل اھو طريقو ڏسي ھابيل جو مڙھ دفن ڪري ڇڏيو. ان وقت خدا، زمين کي حڪم ڏنو تہ

قابيل کي ڳيهي وڃ! زمين کيس گوڏن تائين ڳيهي وئي. قابيل فرياد ڪيو ته "خداوند! ابليس به نافرماني ڪئي هئي، پر ان کي زمين نه ڳڏو!" حڪم آيو ته "ان رتوڇاڻ نه ڪئي هئي." وري چيائين ته "منهنجي پيءُ به ته داڻي کائڻ جو گناهه ڪيو هو. ان کي به ته زمين نه ڳڏو!" آواز آيو ته "ان پنهنجي ڀاءُ کي نه ماريو هو." جڏهن ڇاتيءَ تائين زمين ڳيهي ويس، تڏهن رڙيون ڪري چيائين، "مالڪ منڻا! جنهن ڪلمي جي برڪت سان تو منهنجي پيءُ جو ڏوهه بخشيو هو، ان ڪلمي جي برڪت سان منهنجو پاپ به بخش." پوءِ خدا جي حڪم سان زمين کيس ڇڏي ڏنو ۽ هڪڙو ملائڪ آيو، جنهن نيزو هڻي قابيل کي ماري وڌو. خدا تعاليٰ، قابيل کي جيئرو ڪيو ته ملائڪ وري به کيس ماري وڌو. چون ٿا ته قيامت تائين ان جي مرڻ جيئڻ جو اهو معاملو ٿيندو رهندو!" (والله اعلم)

قرآن مجيد ۾ حضرت آدم ع جي انهن ٻنهي پٽن جي نالن جو ذڪر ڪونه آيو آهي. فقط "ابنِ آدم" (آدم ع جا ٻه پٽ!) چئي سهڻي نموني ڇڏيو ويو آهي. جيتوڻيڪ توريت ۾ انهن جا نالا اهي ئي ڏنا ويا آهن، جيڪي عنوان ۾ لکيل آهن ۽ منجهانئس اها به خبر پوي ٿي ته ان زماني ۾ قربانيءَ جي قبوليت جو اهو الهامي دستور هوندو هو ته نذراني يا قربانيءَ واري شيءِ مٿانهين جاءِ تي رکي ايندا هئا. پوءِ آسماني باهه مٿان اچي ان کي ساڙي ويندي هئي. ان قانون موجب هابيل پنهنجي ڌڻ مان هڪڙو ٿلهو متارو سهڻو گهيٽو نذر لاءِ پيش ڪيو ۽ قابيل پنهنجي زمين جي اناج مان ردي ۽ خسيس قسم جو ان قربانيءَ لاءِ پيش ڪيو. ٻنهي جي نيڪ نيتيءَ جو اندازو انهيءَ عمل مان ئي ٿي ويو هو. ان ڪري قبوليت جو شرف هابيل جي پتيءَ ۾ آيو. قابيل انهيءَ کي پنهنجي بيعزتي تصور ڪيو ۽ برداشت نه ڪري سگهيو. تان جو ساڙ ۽ بغض ۾ پرجي پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪري ڇڏيائين. پوءِ ڪانگن کان سبق سکڻ ڪانپوءِ کيس پنهنجي بيڪار زندگيءَ تي ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته "انهيءَ ڳالهه ۾ آئون حيوانن کان به ويل آهيان جو مون منجهه پنهنجي پاپ لڪائڻ جي اهليت به ڪانه آهي. (پنهنجي ڀاءُ جو لاش به دفن ڪري نه سگهيس!)

حديث ۾ آيل آهي ته دنيا ۾ جڏهن به ڪو ظلم ۽ ڏاڍ سان قتل ٿيندو ته سندس پاپ آدم ع جي پهرئين پٽ مٿان ضرور ٿيندو. ڇاڪاڻ ته هو پهريون شخص آهي، جنهن رتوڇاڻ ۽ ظالماڻي قتل جي شروعات ڪئي ۽ اها ناپاڪ رسم جاري ڪيائين.

سورت مائده جي آخري آيت ۾ مٿي بيان ڪيل حديث انهيءَ حقيقت کي ظاهر ٿي ڪري ته انسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن بي گناهه جي نواڻ هرگز پيدا نه ڪرڻ گهرجي ته جيئن بدڪار ۽ ظالمن لاءِ اها ڳالهه ڪنهن نئين هٿيار طور ڪم نه

اڃي سگهي. نـ تـ نتيجو اهو نڪرندو جو ڪائنات ۾ جيڪو بـ ماڻهو ڪڏهن بـ ڪو ڏوهہ ڪندو تـ ان برائيءَ جو ايجاد ڪندڙ پڻ انهيءَ جرم ۾ مسلسل ڀاڱي ڀائيوار ٿيندو رهندو ۽ مؤجد هئڻ ڪري دائمي ذلت ۽ ملامت جو حقدار ٿيندو. پاپ بهرحال پنهنجي جاءِ تي پاپ آهي. پر ڪنهن گناهہ جو پهريون مثال ان جي قائم ڪندڙ لاءِ هميشہ هميشہ لاءِ دائمي مصيبت جو سبب بڻجي وڃي ٿو.

هابيل، الله تعاليٰ جو مقبول ٻانهو هو ۽ قابيل، ڌڻيءَ جي درگاهہ جو ترڙيل ۽ پٽيل هو. انڪري ان ڳالهہ جي ضرورت هئي تـ هابيل جي پاڪ جسم جي بيحرمتي نـ ٿئي ۽ انساني نسل جي بزرگيءَ کي قائم رکڻ لاءِ مرڻ کانپوءِ ان جي تدفين (دڪڻ ۽ پورڻ) جي سنت قائم ٿئي ۽ انصاف جي تقاضا بـ اها هئي تـ قابيل جي انهيءَ ڪميني حرڪت تي ڪيس دنيا ۾ بـ ذليل ڪيو وڃي ۽ اهڙو ڪيو وڃي جو خود هن کي پنهنجي ڪم عقليءَ ۽ ڪميڻائپ جو احساس ٿي وڃي. ان ڪري نـ تـ قابيل کي الهام بخشيو ويو ۽ نـ ئي انهيءَ ڪميڻي حرڪت کي لڪائڻ لاءِ ڪا عقل جي روشني عطا ڪئي وئي. پر هڪڙي اهڙي حيوان (ڪانگ) کي سندس رهبر ۽ رهنما بڻايو ويو، جيڪو مڪاريءَ چالاڪيءَ، دوکيبازي ۽ دولاب، لوڀ ۽ لالچ ۾ ماهر ۽ مثالي آهي. آخرڪار قابيل کي هيءُ چوڻو پيو "افسوس! ڇا مان اهڙو ويل آهيان جو ڪانگ جهڙو بـ ڪين ٿي سگهيس!"

قرآن مجيد ۾ هابيل ۽ قابيل جي شاديءَ جو ذڪر ڪونهي. پر رڳو قرباني پيش ڪرڻ ۽ هابيل جي لاش پورڻ جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي.

دمشق جي اتر ۾ قاسيون جي جبل تي هڪ زيارت گاهہ نهيل آهي. جيڪا قابيل جي قتل گاهہ جي نالي سان مشهور آهي ۽ ان جي باري ۾ ابن عساڪر، احمد ابن ڪثير جي هڪڙي خواب کي بيان ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ لکيو اٿس تـ "هن نبي اڪرم ﷺ جن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ ان سان گڏ هابيل پڻ هو. قابيل قسم کڻي چيو تـ "منهنجي قتل ٿيڻ جو اهو ئي هنڌ آهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن سندس ڳالهہ جي تصديق فرمائي."

بهرحال حضرت آدم ؑ جڏهن حج تان موٽي آيو، تڏهن هابيل کي نـ ڏٺائين. ان جي پڇا ڳاڇا ڪيائين، پر ڪنهن بـ ڪا سڌ ڪانـ ڏنيس. ان جي غم کان ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائين. هڪ ڏينهن حضرت آدم ؑ خواب ۾ ڏٺو تـ هابيل ڪيس پڪاري رهيو آهي. آدم ؑ ننڊ مان اُٿي اٿي روئڻ لڳو. ايتري ۾ حضرت جبرئيل ؑ ڪيس خبر ڏني تـ هابيل کي قابيل ماري ڇڏيو اهي ۽ فلاڻي هنڌ تي پوريل آهي. آدم ؑ ۽ بيبي حوا ان تي ڏاڍو رنا. حضرت جبرئيل ؑ ٻنهي کي قبر تي وٺي آيو. آدم ؑ جڳهہ کوٽي هابيل جو لاش ٻاهر ڪڍيو ۽ اتان کڻي پنهنجي جاءِ تي

آٿي دفن ڪيو. هونئن ته بيبي حوا کي هر دفعي پٽ ڌيءُ جاڙا ڄاهر ڄمندا هئا، پر هابيل جي شهيد ٿيڻ کانپوءِ ڏاڏي حوا کي هڪ پٽ اڪيلو ڄائو . ان سان ڀيڻ (گڏ) ڪابه پيڻ نه ڄائي. ان جو نالو رکيائون "شيث". سندن ٻوليءَ ۾ "شيث" لفظ جي معنيٰ آهي سوکڙي، سوغات يا تحفو. حضرت آدم ع پنهنجي وفات وقت شيث ع کي گهرائي رات ڏينهن جا ٽائيم وغيره سمجهايا ۽ دين جي معاملي ۾ کيس وارث بڻايو. هن ڪعبت الله کي گاري ۽ پٿر جي سرن سان ناهيو. جڏهن ته ان کان اڳ ۾ ڪعبت الله جي جاءِ تي رڳو هڪ تنبو هوندو هو. جنهن ڏانهن منهن ڪري ماڻهو نماز پڙهندا هئا ۽ ان جي چوڌاري طواف ڪندا هئا. جڏهن شيث ع وفات ڪئي، تڏهن پنهنجي ماءُ پيءُ جي پرسان، ابوقبيس جبل تي دفن ٿيو. تورات ۾ شيث ع کي "سيت" لکيو ويو آهي. جيڪو هابيل جي شهادت کان پوءِ ڄائو. ان وقت آدم ع جي عمر 130 ورهيه هئي. سيني پيغمبرن، نبين ۽ رسولن جو ظهور منجهانئس ئي ٿيو. علم الڪلام جي مشهور عالم علامه شهرستاني رحه سندس لقب "اغثاذيمون" ٻڌايو آهي. عالمن جي هڪ جماعت جو خيال آهي ته پاڻ حضرت ادريس ع جو استاد آهي.

هن کانپوءِ حضرت آدم ع کي پٽن چيو ته اسان کي ڪجهه ڏوڪڙ ڏي ته وڻج واپار ڪريون ته ايتري ۾ جبرئيل ع مٺ سون چانديءَ جي کڻي آيو. آدم ع ڏسي چيو ته "هيترڙي سون ۽ چانديءَ مان منهنجن پٽن کي ڇا هڙ حاصل ٿيندو؟" غيب کان آواز آيو ته "سون ۽ چانديءَ کي جبلن ۾ اڇلي ڇڏ ته اتان ٿورو ٿورو ڪڍي واپار ڪري کائيندا رهن ۽ قيامت تائين انهن ۾ اٿاٽ ۽ کوٽ ڪانه پوندي."

هڪ هزار ورهين کانپوءِ آدم ع اگهو (بيمار) ٿي پيو ۽ مختلف ميوا آڻڻ لاءِ حڪم ڪيائين. سڀ پٽ ميوا ڳولهڻ لاءِ نڪري ويا. باقي حضرت شيث ع پنهنجي پيءُ جي ٽهل ٽڪور ڪندو رهيو. جڏهن سندس پٽن ميوا آڻڻ ۾ دير ڪئي ته آدم ع، شيث ع کي چيو ته تون "هن جبل ۾ وڃي خدا کان دعا گهر ته تنهنجي دعا سان مولا مون ڏانهن ميوا موڪليندو.!" شيث ع پنهنجي پيءُ جي چوڻ تي اتي وڃي دعا گهري ته ٿوري دير ۾ جبرئيل ع قسمين قسمين ميوا هڪ سوني طبق ۾ وجهي هڪ حور جي مٿي تي کڻائي آيو. آدم ع، جبرئيل ع کان پڇيو ته "هيءَ حور ڇا لاءِ آئي آهي؟" جبرئيل ع چيو ته "شيث جي شاديءَ لاءِ." حور جي زبان عربي هئي. سموري انسانذات جو نسل ان حور منجهان آهي. حضرت آدم ع اهي ميوا پٽن کي ورهائي ڏنا. ڪائڻ سان اهي فضيلت وارا، عقل وارا، علم وارا ۽ معرفت وارا ٿيا. تنهن کانپوءِ پٽن کي وصيت ڪيائين ته "هاٺي آئون سٽت ئي دنيا مان لاڏاڻو ڪندس. شيث ع منهنجو جانشين ۽ قائم مقام، وصي وارث آهي. توهان مٿس

ايمان آڻجو. سندس فرمانبرداري ۽ اطاعت ڪجو." مڙني گڏجي اقرار ڪيو. پوءِ حضرت آدم عہ رحلت فرمائي. جنازي جماز پڙهي کيس دفن ڪيائون. ہہ سال پيءُ جي قبر تي حاضر رهيا. پوءِ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا.

جنهن وقت آدم عہ، حضرت شيث عہ کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو، ان وقت سندس عمر 930 ورهيہ ۽ حضرت شيث عہ جي ڄمار 130 سال تي چڪي هئي. پاڻ شڪل ۽ شباهت ۾ منهن مهانڊي ۾ حضرت آدم عہ جهڙو هو. آدم عہ کانپوءِ الله تبارڪ و تعاليٰ، حضرت شيث عہ کي نبوت عطا ڪئي. سندس ڄمار جو وڏو حصو پنهنجي اولاد کي رشد ۽ هدايت ڪرڻ، حق جي راهہ تي هلڻ ۽ سمجهائڻ ۾ ڪپائي ڇڏيو. جڏهن پاڻ تمام بڍڙو ٿي ويو تہ اهو ڪم پنهنجي اولاد کي سونپيائين. سندس ڏينهن ۾ سندس ڀاءُ قابيل، جو هابيل کي قتل ڪري فرار ٿي وڃي يمن ۾ رهيو هو، تنهن پنهنجي اولاد ۾ بت پرستي شروع ڪري ڏني هئي. تنهن کي سڌي راهہ تي آڻڻ لاءِ ڏاڍا جتن ۽ وڏا وس ڪيائين.

حضرت شيث عہ سيني ڀائرن ۾ وڏيڪ فضيلت وارو هو. جڏهن الله تعاليٰ کيس پيغمبري ۽ ڪتاب عنايت ڪيو تہ سندس سيئي ڀائر فرمانبردار ٿيا ۽ ان تي ايمان آندائون. ٿورن ڏينهن کانپوءِ ان کي

"انوش" نالي پٽ ڄائو. جڏهن اهو وڏو ٿيو تہ کيس پنهنجو جانشين مقرر ڪري 900 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. ان کانپوءِ "قلتبان" نالي سندس پٽ دين جي خدمت ڪرڻ لڳو. ان جي وفات کانپوءِ مهلائيل سندس جانشين ٿيو. هيءُ اهڙو تہ سهڻو هو جو ان وقت دنيا ۾ ان جو ڪو مٽ ۽ ثاني ڪونہ هو. هيءُ گهڻائي پٽ ڇڏي دارالبقا ڏي راهي ٿيو. تنهن کانپوءِ سندس پٽ "ايزد" ان جو قائم مقام ٿيو. سندس نالو "اوس" پڻ چون ٿا. جيئن تہ مهلائيل جي ملاقات لاءِ خلق پري پري کان سوڪڙيون پاڪڙيون کڻي ايندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ساڻس ملاقات ڪانہ ٿي سگهندي هئي ۽ ماڻهو مايوس ٿي موٽي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن مهلائيل جي پٽن وٽ شيطان ماڻهوءَ جي روپ ۾ آيو ۽ کين چيائين تہ "ماڻهو ڪٿان ڪٿان ڪَهي، سوڪڙيون پاڪڙيون کڻي توهانجي پيءُ جي ديدار لاءِ اچن ٿا. جڏهن کيس نہ ٿا ڏسن تہ مايوس ٿي موٽي وڃن ٿا!" سيني گڏجي پڇيو، "پلا انهيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟" شيطان صلاح ڏنين تہ "جو نہ مهلائيل جي صورت ٺاهي رکجي. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن کي ان جو ديدار نصيب نہ ٿو ٿئي تہ گهٽ ۾ گهٽ سندس تصوير جي زيارت ڪري خوش ٿي گهر هليا وڃن. انهيءَ ڪري اوهانجي عزت برقرار رهندي! نہ تہ ماڻهو توهانکي ڏاڍو ذليل ۽ حقير ڄاڻندا!"

شيطان جي صلاح موجب پنهنجي پيءُ مهلائيل جي مورت ٺاهيائيون ۽ ماڻهن کي ان بيجان بت جي زيارت ڪرائيندا رهيا. ٿوري ئي وقت ۾ ملڪ ۾ بت پرستي پکڙجي وئي. جون ٿا ته دنيا ۾ "مهلائيل" پهريون انسان هو، جنهن شهرن جي رٿابنديءَ سان اڏاوت ڪرائي ۽ شهرن جي جوڙاري ڪوٽ يا پٽ ڏياري، بابل ۽ سوس نالي ۾ وڏا شهر به جوڙايائين.

ڪن تفسيرن ۾ هيئن لکيل آهي ته حضرت آدم ع کي بيبي حوا مان پهريائين قابيل ڄائو ۽ پوءِ هابيل. جڏهن قابيل جوان ٿيو ته ان جي لاءِ خدا تعاليٰ هڪڙي جنڙي موڪلي ۽ آدم ع کي وحي فرمائي ته قابيل جي شادي انهيءَ سان ڪر. آدم ع حڪم جي تعميل ڪئي ۽ قابيل کي انهيءَ سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنائين. پوءِ جڏهن هابيل بالغ ٿيو ته ان جي لاءِ خدا تعاليٰ هڪڙي حور موڪلي ۽ آدم ع کي حڪم ڏنائين. ته هابيل جي انهيءَ سان شادي ڪري ڇڏ. آدم ع حڪم جي تعميل ڪئي. هاڻي جڏهن هابيل، قابيل جي هٿان قتل ٿي ويو ته اها حور پيٽ سان هئي. انهيءَ مان هڪڙو پٽ ڄائو. جنهن جو نالو آدم ع، "هبت الله"رکيو. پوءِ الله تعاليٰ، آدم ع کي وحي موڪلي ته وصيت ۽ اسم اعظم انهيءَ جي حوالي ڪر. پوءِ بيبي حوا مان آدم ع کي هڪڙو پٽ ڄائو. جنهن جو نالو شيث رکيائين. جڏهن شيث وڏو ٿيو ته خدا تعاليٰ سندس لاءِ هڪڙي حور نازل فرمائي ۽ حضرت آدم ع کي وحي ڪيائين ته "شيث جي شادي انهيءَ سان ڪر." آدم ع حڪم جي تعميل ڪئي. انهيءَ حور جي پيٽ مان هڪڙي نياڻي پيدا ٿي، جنهن جو نالو آدم ع، "حوره" رکيو. جڏهن اها وڏي ٿي ته آدم ع."هبت الله" (هابيل جو پٽ) جي شادي "حوره" (شيث ع جي ڌيءُ) سان ڪئي. پوءِ آدم ع جو نسل انهن ٻنهي مان هليو. پوءِ هبت الله جو به انتقال ٿي ويو ته الله تعاليٰ، آدم ع کي وحي ڪئي ته "هاڻي وصيت، اسم اعظم ۽ علم نبوت، جيڪو مون توتي پڌرو ڪيو ۽ علم الاشياءُ جيڪو مون توکي عطا ڪيو آهي، سو سڀ شيث ع جي حوالي ڪر."

حضرت امام محمد باقر ع کان هڪ ڊگهي حديث منقول آهي، جنهن جي آخر هيءُ آهي ته جڏهن آدم ع جي نبوت جو زمانو ختم ٿي ويو ته الله تعاليٰ کيس وحي فرمائي ته "اي آدم هاڻي تنهنجي نبوت ختم ٿيڻ واري آهي ته هاڻي جيڪو علم تو وٽ آهي ۽ ايمان، اسم اعظم، ميراث جو علم ۽ آثار نبوت، اهي پنهنجي اولاد ۾ باقي بچائڻ لاءِ پنهنجي پٽ "هبت الله" جي حوالي ڪر. ڇاڪاڻ ته قيامت تائين انهن شين کي تنهنجي نسل مان خارج نه ڪندس ۽ زمين کي به اهڙي هادي ۽ حجت سان خالي نه ڪندس، جنهن جي ذريعي منهنجو دين مشهور ۽ مقبول ٿئي ۽ منهنجي معرفت ڪين حاصل ٿئي ۽ تنهنجي ۽ نوح ع جي وچ ۾ جيڪي به ماڻهو پيدا ٿيندا، انهن مڙني لاءِ ڇوٽڪاري جو ڪارڻ

هجي."

حضرت آدم ع، حضرت نوح ع جي اچڻ جي خوشخبري بہ ڏني هئي تہ الله تعاليٰ هڪ اهڙي نبيءَ کي مبعوث ڪرڻ وارو آهي، جنهن جو نالو نوح ع هوندو. اهو خدا جي طرف ماڻهن کي ڪوئيندو رهندو، پر ماڻهو کيس ڪوڙو سمجهندا رهندا تہ پوءِ الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي طوفان ۾ غرق ڪري ڇڏيندو.

حضرت آدم ع ۽ حضرت نوح ع جي وچ ۾ ڏهن پيڙهين جي وٿي آهي. اهي مڙيئي نبي آهن ۽ آدم ع "هبت الله" کي هيءَ وصيت فرمائي تہ "تون پنهنجي اولاد کي وصيت ڪري وڃجانءِ تہ توهان مان ڪوبہ شخص حضرت نوح ع جي وقت ۾ هجي تہ ان تي ايمان آڻي ۽ لازم اٿس تہ ان جي پيروي ڪري ۽ ان جي تصديق ڪري. تان جو سيلاب ۾ ٻڏڻ کان محفوظ رهي. پوءِ آدم ع ان مرض ۾ بيمار ٿيو (جنهن ۾ انتقال فرمايائين) تہ هبت الله کي موڪليندي فرمايائين تہ جبرئيل ع ۽ ٻين ملائڪن سان جيڪڏهن ملاقات ٿئي تہ انهن کي منهنجا سلام چئجان ۽ چئجانس تہ "اي جبرئيل! منهنجي والد ماجد، جنت جا ڪجهہ ميوا سوکڙيءَ طور گهريا آهن. جڏهن جبرئيل ع مليو، جنهن چيس تہ "اي هبت الله! تنهنجو پيءُ لاڏاڻو ڪري ويو ۽ اسان سندس جنازي جي نماز پڙهڻ لاءِ آيا آهيون. هاڻي تون واپس هل" جڏهن موٽي آيا تہ ڏٺائون تہ واقعي آدم ع وفات ڪري ويو هو. پوءِ جبرئيل امين ع، غسل ڏيڻ جي ترڪيب ٻڌائي. پوءِ پاڻ اهڙيءَ طرح پيءُ کي تڙ ڪرايائين. جڏهن نماز پڙهائڻ جي نوبت آئي تہ هبت الله چيو تہ "اي جبرئيل! هاڻي تون اڳيان بيهي منهنجي والد بزرگوار جي نماز پڙهاءِ." تڏهن جبرئيل ع چيو "اي هبت الله! ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي! الله تعاليٰ تہ اسانکي تنهنجي پيءُ آدم ع کي سجدو ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو، جڏهن هو جنت ۾ هو. اسانکي اهو نہ ٿو سونهي تہ اسان سندس پٽ جي اڳيان بيهي امامت ڪريون." پوءِ هبت الله اڳيان وڌيو ۽ جبرئيل ع ۽ فرشتن جي لشڪر کي نماز پڙهايائين. جڏهن هبت الله، آدم ع کي دفن ڪري چڪو تہ قابيل وٽس آيو ۽ چوڻ لڳس تہ "اي هبت الله! آئون ڏسندو پيو اچان تہ منهنجي پيءُ آدم، توکي اهڙا اهڙا علمَ سيکاريا آهن، جيڪي مونکي نہ مليا آهن. اهو اهڙو علم آهي، جنهن سان تنهنجي پيءُ هابيل دعا ڪئي تہ خدا تعاليٰ سندس قرباني قبول ڪئي ۽ منهنجي رد ٿي وئي ۽ مون کيس قتل ڪري ڇڏيو. تانت سندس اولاد، منهنجي اولاد تي فخر ڪري هيئن نہ چوي تہ اسان ان هستيءَ جا پٽ آهيون، جنهن جي قرباني الله تعاليٰ وٽ قبول پئي هئي ۽ توهان انهيءَ ٺڙيل ۽ ڌڪاريل جا پٽ آهيو، جنهن جي قرباني خدا تعاليٰ رد ڪري ڇڏي هئي. هاڻي جيڪڏهن تون انهيءَ علم جو اظهار ڪندين، جيڪو توکي پنهنجي پيءُ وٽان منتقل ٿيو آهي تہ آئون توکي بہ ائين ئي

قتل ڪري ڇڏيندس، جيئن پٽهين کي قتل ڪري ڇڏيو هئم!" پوءِ هبت الله انهيءَ ميراث علم ۽ آثار علم نبوت کي، جيڪو وٽس هو، لڪائيندو رهيو. تانجو خدا تعاليٰ، حضرت نوح عہ کي مبعوث ڪيو. انهيءَ وقت هبت الله جي ڪيل وصيت، سندس اولاد ۾ ظاهر ٿي. جڏهن انهن آدم عہ جي وصيت تي غور ڪيو تہ انهن نوح عہ کي اهڙو ئي ڏٺو. جهڙي سندس پيءُ، آدم عہ بشارت ڏئي ويو هو. پوءِ انهن حضرت نوح عہ تي ايمان آندو ۽ ان جي تصديق ۽ اتباع ڪيائون. حضرت آدم عہ، هبت الله کي هيءَ بہ وصيت ڪئي تہ سندس اها وصيت سال جي پهرئين ڏينهن ڏني وڃي ۽ اهو ڏينهن انهن لاءِ "عيد جو ڏينهن" هوندو! پوءِ اهو ئي ڏينهن حضرت نوح عہ جي بعثت ۽ انهيءَ زماني جو هو، جنهن ۾ پاڻ ظاهر ٿيو.

هڪ روايت موجب قابيل، پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪري زمين ۾ دفن ڪري ڪانپوءِ جڏهن واپس پنهنجي پيءُ وٽ پهتو تہ ساڻس هابيل نہ ڏسي ڪانئس پڇيائين تہ "اي قابيل! منهنجي ٻچڙي هابيل کي ڪٿي ڇڏي آئين؟" تنهن تي قابيل ورندي ڏني تہ "بابا! ڇا تو مونکي مٿس نگران ۽ محافظ ڪري موڪليو هو؟" تنهن تي آدم عہ چيس تہ "تون، مون سان انهيءَ قربانيءَ واري هنڌ گڏجي هل!" قابيل جي ڪيل ڪيس ۽ ڪلور جو ڏک آدم عہ جي دل ۾ لڳي چڪو هو. جڏهن قربانيءَ واري ماڳ تي قابيل جا پول پڌرا ٿي پيا. آدم عہ انهيءَ زمين تي لعنت ڪئي، جنهن هابيل جو رت چهي ورتو هو ۽ آدم عہ کي حڪم ٿيو تہ قابيل قاتل ظالم تي لعنت ڪري! ۽ آسمان مان پڻ قابيل کي ندا آئي تہ "اي قابيل! تو پنهنجي ڀاءُ کي ناحق قتل ڪري ڇڏيو. توتي لعنت هجي!" انهيءَ وقت زمين کي حڪم ڏنو ويو تہ "آئنده بني آدم عہ جو رت نہ پيئجان!" پوءِ آدم عہ انهيءَ ڦٽڪاريل هنڌ تان واپس آيو ۽ پوءِ چاليهہ ڏينهن ۽ راتيون بيبي حوا سان گڏ پنهنجي جگر جي ٽڪري ۽ اکين جي ٺار هابيل لاءِ هنجون هاريندو رهيو. جڏهن آدم عہ جو غم ۽ صدمو وڌندو ويو تہ الله تعاليٰ سان انهيءَ ڏک جي شڪايت ڪيائين. الله تعاليٰ وحي فرمايس تہ "اي آدم! غم نہ ڪر، اسان توکي هڪڙو فرزند ڏيڻ وارا آهيون، جيڪو قابيل جو قائم مقام ۽ جانشين هوندو." پوءِ هابيل جي ڀيڻ اقليما، جيڪا حامل هئي، تنهن مان پاڪ منيت ۽ مبارڪ پٽ پيدا ٿيو ۽ جڏهن ستون ڏينهن ٿيو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ طرفان وحي آئي تہ "اي آدم! هيءَ پاڪ پٽ اسانجي طرفان تحفو اٿئي، سو تون سندس نالو "هبت الله" رکجانءِ."

حضرت امام باقر عہ کان منقول آهي تہ "قابيل ابن آدم، سج ۾ مٽي جي وارن سان لٽڪيل آهي ۽ ان سان گڏ ڦرندو رهي ٿو. هو ڪره زمهرير کان ڪره حميم تائين قيامت تائين ڦرندو رهندو ۽ جڏهن

قيامت ٿيندي تہ خدا تعاليٰ ڪيس دوزخ ۾ موڪليندو."

ڪنهن ماڻهوءَ امام محمد باقر عہ کان پڇيو، "يا حضرت اهو ڏينهن ڪهڙو هو، جنهن ڏينهن هڪ پاڳي ٽي ماڻهو مري ويا؟" پاڻ فرمايائين، "خدا جا پانهگ هڪ پاڳي ٽي ماڻهو ڪڏهن ڪونہ مئا هئا. شايد تنهنجو مطلب هيءُ آهي تہ هڪ پاڳي چار ماڻهو ڪڏهن مري ويا هئا؟" تنهن تي ان ماڻهوءَ پڇيو، "سائين! ائين وري ڪيئن؟ پاڻ فرمايائين تہ ڪنهن وقت آدم و حوا، قابيل ۽ هابيل پاڻ ۾ چار ڄڻا هوندا هئا. پوءِ هابيل جي شهيد ٿي وڃڻ سان هڪ پاڳي چار ماڻهو مري ويا هئا!" انهيءَ ماڻهوءَ چيو، "قبلا! توهان بلڪل صحيح فرمايو." پوءِ امام صاحب پڇيس، "ڇا توکي هيءَ خبر آهي تہ قابيل سان ڪهڙو سلوڪ ٿيو؟" تہ ان شخص چيو "نہ سائين!" پاڻ فرمايائين تہ "قابيل سج ۾ مٿي جي وارن سان لٽڪايو ويو آهي ۽ قيامت تائين هو سخت گرم پاڻيءَ ۾ سڙندو پچندو رهندو."

قرآن مجيد ۾ رب تعاليٰ فرمايو آهي تہ "جيڪو بہ ڪنهن کي ناحق قتل ڪري ٿو، سو ڄڻ تہ سڀني انسانن کي قتل ڪري ٿو. جنهن، ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جي جان بچائي، تنهن ڄڻ تہ سموري مخلوق جي جان بچائي." انهيءَ آيت جي روشنيءَ ۾ دنيا ۾ جيڪو بہ ماڻهو ڪنهن کي بيگناهہ ماري ٿو تہ اهو ڄڻ تہ سڄي انسانيت جو قاتل آهي ۽ جهنم سندس نڪاڻو آهي.

جهنم ۾ هڪڙو خاص نڪاڻو اهڙو بہ آهي، جنهن ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سڄي دنيا جي ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏي، تڏهن بہ اتي ويندو ۽ جيڪڏهن هڪ يا ٻن ماڻهن کي قتل ڪندو، تڏهن بہ اوڏانهن ئي ويندو." حمران جو بيان آهي تہ مون انهيءَ قول جو مطلب حضرت امام جعفر صادق عہ کان پڇيو ۽ هيءُ پڻ پڇيم تہ "ڪو شخص، جيڪڏهن هڪڙي ماڻهوءَ کي قتل ڪري، سو سڄي انسانيت جو قاتل ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ سڄي مخلوق کي قتل ڪرڻ وارو ڏوهہ مٿس ڇو مڙهيو وڃي ٿو؟ ۽ اهو سڀني انسانن کي قتل ڪرڻ واري جي برابر ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟" پاڻ فرمايائين تہ "ڳالهہ دراصل هيءَ آهي تہ اهو ماڻهو جهنم جي اهڙي مقام ۾ رکيو ويندو، جتي اهلِ عذاب جي انتهائي تڪليف ڪيس پهچندي رهندي ۽ جيڪڏهن سڀني ماڻهن کي قتل ڪندو، تڏهن بہ اتي ئي رهندو." حمران وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ "مون وري پڇيو تہ پوءِ هڪ ۽ ٻن ماڻهن جي قاتل ۾ ڪهڙو فرق رهيو؟" پاڻ فرمايائين تہ "ٿي سگهي ٿو تہ هڪڙي ماڻهوءَ جي قاتل لاءِ مقام اهو ئي هجي ۽ ٻن واري جي لاءِ انهيءَ مقام تي عذاب ٻيڻو ٿي وڃي!"

ڪن ڪتابن ۾ هيئن بہ هابيل ۽ قابيل متعلق لکيل اهي تہ حضرت آدم عہ هابيل کي پرهيزگاري ۽ قابليت، نيڪوڪاري ۽ دينداري، علم ۽ عرفان جي ڪري پنهنجو جانشين بنائڻ ٿي گهريو ۽ اسم اعظم ۽ ميراث نبوت منتقل ڪرڻ ٿي گهريو تہ قابيل، جيڪو وڏو هو، تنهنجي دل ۾ ساڙ ۽ حسن جي باهہ پڙڪي ۽ پنهنجي پيءُ سان گستاخيءَ واري لهجي ۾ ڳالهائيندي چوڻ لڳو تہ "جانشينيءَ جو حق تہ منهنجو آهي، چو تہ آئون عمر ۾ هابيل کان وڏو آهيان." حضرت آدم عہ قصي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪين حڪم ڏنو تہ "توهان ٻئي قربانيون پيش ڪريو. جنهن جي قرباني قبول پوندي، اهو ئي جانشينيءَ جو حقدار ٿيندو!"

بهرحال هابيل، جيڪو ٻڪريون چاريندو هو، تنهن هڪ ٿلهو متارو گهيٽو، ڪجهہ کير ۽ ڪجهہ مکڻ خدا جي راهہ ۾ پيش ڪيو ۽ قابيل ٻني ٻارو ڪندو هو، سو پاروٺي ٻاجي ۽ سڪل سڙيل ساڱ نذراني طور پيش ڪيو. انهن ٻنهي جي نذراني مان ئي ثابت پئي ٿيو تہ هابيل راست باز، ايماندار، پنهنجي قول ۽ فعل جي لحاظ کان سچو ۽ مخلص هو. پر سندس پيٽ ۾ سندس وڏو ڀاءُ قابيل نہ تہ ساڻس سچو هو، پر خدا وٽ بہ کوٽو، ڪورو ۽ ڪپٽيو ثابت ٿيو. اهو ئي سبب هو جو هابيل جي مقابلي ۾ سندس نذرانو مسترد ٿي ويو. جيئن سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي تہ "ڀاءُ تہ آهي ڀاءُ، پر جي ٿئي دشمن تہ ڪڍي ساهہ."

سو اهڙو ئي حال ويچاري هابيل جو ٿيو ۽ ڏٺيءَ در اڳهامجي ويو. پر ان جي بدلي ۾ قابيل جي ڳچيءَ ۾ لعنت جو طوق پيو ۽ ڏٺيءَ جي دربار مان ڌڪارجي جهنم جو حقدار ٿيو. شيطان جي تعليم ڪيس آتش پرست بنائي ڇڏيو ۽ ٻچڙاين ۾ مشغول رهيو. تانت جڏهن حضرت نوح عہ جي زماني ۾ طوفان آيو تہ قابيل جي اولاد جو خاتمو ٿي ويو ۽ هابيل ۽ حضرت شيث جو اولاد باقي بچيو.

دنيا جي تاريخ ۾ قابيل پهريون قاتل ۽ هابيل پهريون مظلوم، معصوم ۽ مقتول آهي. قابيل، آدم عہ جو پهريون پٽ هو، جنهن پنهنجي ننڍي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪري زمين تي ڦڏن، فسادن، فتنن ۽ جهيڙن جهٽن جي شروعات ڪئي. اهو پهريون جهيڙو ٿيو بہ زال تان. انساني تاريخ ۾ اهو پهريون موت هو. هابيل کان اڳ ۾ ڪنهن بہ انسان جو موت نہ ٿيو هو. قابيل کي گناهن ۽ نافرمانين جي سزا هن جهان ۾ پڻ ملي ۽ آخرت ۾ بہ ملندي. ڪيس هڪ ڏيڳي ٽڪر هنيو، جنهن ڪري جبل تان ڪري پيو ۽ رڳون ڇٽجي پيس. جنهن ۾ مري ويو. هڪ روايت موجب هابيل جو قربان ڪيل گهيٽو، الله تعاليٰ وٽ اهڙو تہ قبول پيو جو ان گهيٽي کي الله تعاليٰ پنهنجي قدرت ڪاملہ سان بهشت ۾ پاليو

۽ ٿاتيو. اڳتي هلي، حضرت ابراهيم ع، جنهن وقت پنهنجي اکين جي ٺار ۽ دل جي قرار حضرت اسماعيل ع کي قربان گاهه ۾ وٺي ڪيس زمين تي ليٽائي پنهنجين اکين تي پٽي ٻڌي سندس ڳچيءَ تي ڪاتي وهائڻ وارو هو ته اهو هابيل وارو گهيٽو، حضرت جبرئيل ع جنت مان ڪاهي، حضرت اسماعيل ع جي جاءِ تي آندو ۽ حضرت اسماعيل ع جي بدران اهو گهيٽو ڪسجي ويو. (قربانيءَ لاءِ قبول پيو) چون ٿا ته قيامت ۾ اهو گهيٽو انساني صورت ۾ جنت ۾ داخل ٿيندو.

اهل ڪتاب قابيل کي "قائين يا قائن" ۽ هابيل کي "هابل" سڏيندا آهن. قابيل جي باري ۾ انهن جو چوڻ آهي ته قابيل هاري هو. آدم ۽ حوا جو پهريون پٽ هو. ان جي ڄمڻ تي بيبي حوا چيو ته "مونکي خداوند وٽان هڪڙو مرد مليو." سندس ڀاءُ هابيل ڀڪرار هوندو هو. قابيل نذراني طور ڪجهه ان آندو ۽ هابيل رڍون ۽ ٻڪريون پيش ڪيون. خداوند، هابيل جو هديو قبوليو ۽ قابيل جي قربانيءَ کي نامنظور ڪيو. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته قابيل جي انهيءَ ڪري بدنيتي هئي. پوءِ هابيل کي قتل ڪري ڇڏيائين ۽ پنهنجو گناهه لڪائڻ خاطر پنهنجي پيءُ آدم ع سان ڪوڙ ڳالهايائين ته "بابا! چا تو، مونکي متس محافظ ۽ نگران ڪري موڪليو هو؟" خدا وند ڪيس اها سزا ڏني جو دربدر رلندو رهيو. هو عدن جي اولهه ۾ "نوڌ" جي علائقي ۾ وڃي رهيو. اتي هن هڪڙو شهر به آباد ڪيو. سندس هڪڙي پٽ جو نالو "حنوڪ" هو.

اهل ڪتاب جي نظرئي مطابق هابيل، قابيل جي مقابلي ۾ افضل قرباني پيش ڪئي، جيڪا خدا وٽ مقبول پئي. حضرت يسوع مسيح کيس "پهريون راستباز" سڏيو آهي. عبرانين جي خط جي مصنف نئين ۽ پراڻي عهدنامي جي ڀيٽ ڪندي هابيل جي خون جو مثال ڏنو آهي ته "هابيل جو خون بدلي وٺڻ لاءِ پڪاريندو رهندو آهي. جڏهن ته حضرت يسوع مسيح جو خون معافيءَ لاءِ سڏيندو رهندو آهي."

تورات ۾ قابيل جي اولاد جو جيڪو نسب نامو بيان ڪيل آهي، اهو هن ريت آهي: قابيل ان جو پٽ حنوڪ ان جو پٽ عيراد ان جو پٽ محويا ايل ان جو پٽ متوسا ايل ان جو پٽ لمڪ ان جون زالون هيون، جن مان هڪ عده جي پيٽ مان يابل (خيما نشينن جو جد امجد) ۽ يوبل ٿيا، جڏهن ته ٻيءَ زال ضلہ مان توبلقائن (لوهه ۽ پتل جي تکن هٿيارن جو باني) ۽ هڪ ڌيءَ نعمہ نالي سان ٿي.

مددي ڪتاب: قصص الانبياءِ از مولوي عبدالحي شڪارپوري، قصص القرآن از مولانا حفظ الرحمان سيوهاري، قرآني قصا از مولانا محمد قاسم سومرو، انبياءِ قرآن از محمد جميل احمد.

# اسحاق سميجو جي شاعري



اسحاق سميجو سنڌي زبان جو اهو گوهرِ ناياب آهي، جنهن ٿوري وقت ۾ پنهنجي فن ۽ فڪر جي ڪارڻ سنڌي شاعري ۽ تنقيد جي سلسلي ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي آهي. هن وٽ لفظن جي سادگي بہ آهي تہ خيالن جي اڏام بہ. بحر وزن جي پابندي بہ آهي تہ هجر ۽ فراق جو درد بہ. پر سندس اصل حاصلات اها تہ هو انهن سيني شين کي استعمال ڪرڻ خوب ڄاڻي ٿو ۽ جڏهن لکي ٿو تہ ڪو شاهڪار غزل، ڪو يادگار نظم لکي وڃي ٿو ۽ سندس لکيل غزل ۽ نظم نون شاعرن لاءِ جوت جيان ثابت ٿين ٿا. جنهن جي روشنيءَ ۾ اهي بہ پنهنجي سفر کي اڳتي وڌائي سگهن ٿا. خدا ڪري تہ سندس لفظن جي لاٽ همشہ ڪاري ٻاٽ ۾ ٻرندي رهي ۽ سنڌي شعرگوئيءَ جي صنف ۾ سٺي اضافي جو ڪارڻ بڻجندي رهي.

*(مقصود احمد قاضي)*

## غزل

پهرين ترڪائي وئينءَ ڪڙي ڇا لاءِ؟
ءِ ائين پو ڏنئي، مڙي ڇا لاءِ؟

تون نہ آهين اگر نصيبن ۾،
پوءِ دنيا جلي، جڙي ڇا لاءِ؟

زندگيءَ جي حساب ۾ پاڇي،
هر دفعي ٿي بچي ٻڙي ڇا لاءِ؟

ڪنهن ڪتيءَ جي پنيءَ سان چهٽي،
ڇيڄڙ وانگر جيئون چڙي ڇا لاءِ؟

## غزل

ياد پيو ياراڻو ڪوئي.
ڳاري ويو ڳاراڻو ڪوئي.
هاڻ تہ ڪاڪ ڪڙهي وئي دل جي،
هاڻ تہ ڳائي راڻو ڪوئي.
هڪ سهڻيءَ جو پاڪر ساري،
مهڪي اڄ بہ وهاڻو ڪوئي.
پياري تنهنجي پيار اياڻي،
ڦاسايو آ سياڻو ڪوئي.
آيو اهي پاڻ بہ وڪڻي،
وڃو تہ ڪمائڻ ناڻو ڪوئي.
خواب تہ آ مخدوم بلاول،
ڇا پيڙيندو گهاڻو ڪوئي.

## نظم

اسان ۾ پيار جي آهي تہ آهي دوستيءَ وانگر،
اسان ۾ دوستي آهي تہ آهي پيار وانگر ٿي!
تنهنجي آ بيرخي تنهنجي ڪٺي جو وار وانگر ٿي
مگر چيري ڇڏي ٿي روح کي تلوار وانگر ٿي.
رسين ٿي جي، تہ اک ۾ خواب اڏرن ڇار وانگر ٿي
ملين مرڪي، تہ جيئان پاڻ ۾ آزار وانگر ٿي
ڏسين جي پيار مان تا پل لڳن مهڪار وناگر ٿي
اگر جي ڪنڌ ڦيرين رت لڳي بيمار وانگر ٿي
وڃي ٿو هر گهڙي اوسيڙو جهنڪار وانگر ٿي
اچي وندين، ڪڻهن پنهنجي ٿي سهٽي سار وانگر ٿي
خوشي پوندي اچي دل جي ڳلي ۾ هار وانگر ٿي
مگر هي وهم ٿو ثابت ٿئي هر بار وانگر ٿي
چري دل تہ بہ نٿي سمجهي ضديري ٻار وانگر ٿي
رهيو آ ياد جو رويو، نديءَ جي آر وانگر ٿي،
ٻڏي آباد ٿيا آهيون. ڪچي جي پار وانگر ٿي.
اسان ۾ پيار جي آهي تہ آهي دوستيءَ وانگر،
اسان ۾ دوستي آهي تہ آهي پيار وانگر ٿي!

## نظم

(ناهين تہ ائين آهي)

هر آس اجي منهنجي
هر رات سجي منهنجي
ناهين تہ ائين آهي!
خوابن ۾ چپن ڪاوا
نيڻن ۾ ٻرن لاوا
ناهين تہ ائين آهي!
سنسان گهٽي گهرجي
وئي وَل سڪي در جي
ناهين تہ ائين آهي!
تي آڳ ٻران ڪڏهين
ٿيان رک، نران تڏهين
ناهين تہ ائين آهي!
ڪا ريک ڪجل ساري
ڪو پاڻ پيو ڳاري
ناهين تہ ائين آهي!
هر بات نٺول لڳي
برسات نٺول لڳي
ناهين تہ ائين آهي!
هڪ هار ڪلي مون تي
ديوار ڪلي مون تي
ناهين تہ ائين آهي!
ڪو زخم اٿيل آهيان
ڪو هڏ پڳل آهيان.
ناهين تہ ائين آهي!
هڪ نانءُ چپن ۾ آ
هي هانءُ هٿن ۾ آ
ناهين تہ ائين آهي!
سا چانوَ نہ تالهين ۾
سا ڳالهہ نہ ڳالهين ۾
ناهين تہ ائين آهي!
هر داءُ اٿم هاريو
خود کي بہ لڳان ڏاريو
ناهين تہ ائين آهي!

## غزل

فياض چند ڪليري

آرزو، آرزوءَ کي چاهي ٿي.
ديد ٿاهي ٿي، ديد ڍاهي ٿي.
سڀ چون ٿا تہ هوءَ برف آهي،
آگ پاڻيءَ ۾ ڪيئن لڳائي ٿي!؟
وقت وقت گيراڪ جان، سندس پويان،
پاڻ وڪٽي، هوءَ گهر هلائي ٿي!
سڀ پناهون لڳن پرايون ٿيون،
زندگي ايترو رلائي ٿي!
منهنجو هر ساهہ هن جو قرضي آ،
ڪيس شابس اجا نباهي ٿي.
هر قدم تي حسن جون پنجوڙون،
ڪا دعا، روز دل بچائي ٿي.
ڪيئن چوان ڪيس، "خواب صحرا هِن!"
شاعري پياس کي وڌائي ٿي.
"چندٻ!" جيئن ماءُ، ٻار کي چاهي،
ايئن چاتيءَ سان هوءَ لڳائي ٿي!

# غزل

## فياض چند ڪليري

اجا نہ ديس جون ڳڻيون ڪلين ٽيون پار، .ماتمي!
چمن اجاڙجي ويو ۽ هر بهار ماتمي!
اسانجي دل بہ ڏر ٽٽي، ونئي نہ سونهن سانوڻي،
ڏسون ڪٿل ڪئين حسرتون، ڪٿي نهار ماتمي!
جڙون نہ ڪيئن جڙون اسان، زمين آسمان جيان،
اوهانجون ڳيچ ڳالهيون، اسانجو پيار ماتمي!
قلم جي جنبشن ڪئي جوانيون پسر ڪيون،
او منصفو! سجاڳ ٿيو، ٻڌو پڪار ماتمي!
اوهانکي واڻ، وک تي ٻڌڻ ۾ ايندئون عرضيون
پنو، پنونہ، خير آ، هي انتظار ماتمي!
"ڪڏهن بہ تتل عام سان دليون فتح نہ ٿي سگهيون!"
آ ٻم، بندوق، رائفلون ۽ هر ترار ماتمي!
ڏسڻ، ٻڌڻ جون فرصتون، مفاد لئہ مري ويون،
هي پاڳلن جان چوڪ تي، آ ڪنهنجو بار ماتمي!
ڪڏهن نہ آئينو ڇڏي، نظر ڪيو فقير تي،
چو "چند" تنهنجي چائنٺ تا آ بار بار ماتمي!

# غزل

## شهزاد علي شيخ

لاڙيچاڻي پيار تنهنجو مونکا نہ آ وسري سگهيو.
هڪرو پل ٻيو تو سوا سک سان نہ آ گذري سگهيو.
سانٽيءَ جي ڪنوڻ جهڙي تنهنجي نظر ۽ او سکي
بخملي تنهنجو بدن دل تان نہ آ اتري سگهيو.
سونهن اٽڪڻ آ دنيا ۾، دل نہ تي ڪاٿي لڳي
تو جهڙو معصوم چهرو ڪاٿي نہ آ نظري سگهيو.
تون نہ آهين زندگيءَ جو چڻ نہ سورج ويو لهي
چنڊ چاهت جو نڪي سورج وري اڀري سگهيو.
واءِ وڇڙڻ جو گهليو ۽ وئي وفا وکري سڄي
درد وڇڙڻ وارو جانان ليڪن نہ آ پگهري سگهيو.
مرڪ منهنجي لڙڪ بڻجي وئي ڇٽي نيڻن منجهان
تو نهاريو ٿي نہ آ، تڏهن ناهيان نکري سگهيو.
آس جي ٻيڙي ڪنڌيءَ تي پهتي نہ جي چا ٿي پيو،
سار تنهنجي ساڻ آ، تڏهين ناهيان وکري سگهيو.

## نثري نظم

دیدار شاھ

(منيءَ جي تنھائي)

قسم آ گلن جو، قسم ڪاڪلن جو،
اسان تنھنجي مھڪار جو ڪونہ ماٺي،
ڇڏيسين سمھاري ھلن جي ڪپر تي،
لٽايل رتن جي اڌوري ڪھاڻي...!
ڪڏھن بارشن ۾، ڪڏھن پن ڇڻن ۾،
ڀڪيوسين نظر سان، رڪيوسين ھينئڻ تي،
ڪو ڦٽڪو ڪنل ساعتن جي بدن جو!
ڪو سڏڪو پکين جو، ڪو الڪو ھوا جو!
قصو ڪوئي خوشبوءِ جو سنگسار تازو،
ٻريل راڄ جھڙو ڪو جھلڪو ھوا جو!
جڏھن يي پڳاسين سمونڊي ڪناري،
تہ چولي تي چولي ٻٽي سر ڪيڏارو،
وفا ڪنھن اپاھج حسن جي نظر جي،
پرين شاعريءَ جو شمارو وئي ٿي.
امبر ھيٺ روئڻ جي موسم اڪيلي،
ڪنھن ٻڌڙ جسم جو اشارو وئي ٿي!
مگر ڪو بہ ٻانھون ٻٽي ڪونہ آيو،
جدائن تي اوڍي نسورو طلاق،
ڪو موڪل نگاھون کٽي ڪونہ آيو!
رھي بس رکو ٿي حصو محبتن جو،
ڪا ميلي پڇاڻي، ڪا بارش پراڻي،
منيءَ جي تنھائي، ڪل رات راڻي،
ڇڏيسين سمھاري ھلن جي ڪپر تي،
لٽايل رتن جي اڌوري ڪھاڻي...!
اڌوري اڌوري اڌوري ڪھاڻي....!!

****

## نثري نظم

پرديسي مير محمد سومرو

دل روز چوي ٿي
ريتن جا زنجير ٽوڙي
زماني جون بندشون لتاڙي
سيني رشتن ۽ ناتن کي
ھڪڙي پاسي رکي
تو وٽ اچان
تنھنجين نيرين اکين جي
نيرين پنبڻين کي
پنھنجن چپن سان چمان
تنھنجي ٻانھن جي وھاڻن
تي
ڪنڌ پنھنجو رکان
صدين جو ٿڪ ٻچان
دل روز چوي ٿي
زندگيءَ جو ھر ڏک سھي
وقت جا سڀ غم مٽائي
تو وٽ اچان
رات جي پوئين پھر ۾
تنھنجن زلفن جي ڇڳن ۾
پنھنجين آڱرين کي
ڦيريندي ڏسان
دل روز چوي ٿي
تو وٽ اچان
ھا! تو وٽ اچان.

## تنقيدون ۽ تبصرا

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سڌ پڙاڏو |
| مرتب: | آزاد قاضي |
| موضوع: | خطن ۽ مضمونن جو مجموعو |
| سائيز: | ڊيمي |
| قيمت: | 100 |
| صفحا | 180 |
| ڇاپو: | پهريون سال 2004ع |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت |

ڊيمي سائز جو هي ڪتاب ننڍي کنڊ جي وڏي سياستدان، سنڌ جي قومپرست اڳواڻ، برک دانشور ۽ مفڪر جي ايم سيد ۽ سندس ئي پائي جي سنڌ جي هڪ وڏي دانشور محمد ابراهيم جوئي صاحب جي خطن ۽ سنڌ جي تاريخ سان لاڳاپيل ڪجهه اهم مضمونن تي مشتمل آهي. انهن اهم تاريخي مضمونن جا عنوان هن ريت آهن، (1) سنڌ جي تاريخ جو اوٿويهه سؤ ستر وارو ڏهاڪو (2) قومي يڪجهتيءَ لاءِ معقول صلاح (3) سيد مراد علي شاهه جي قتل جو سانحو ۽ سيد خاندان (4) جي ايم سيد ۽ پاڪستان جو تصور (5) پاڪستان جو نهراءُ، جيئن اهو 3 مارچ 1943ع تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ بحث لاءِ آيو (6) برطانوي راڄ هيٺ 1937ع کان 1947ع تائين سنڌ ڪي مليل خودمختياريءَ تي هڪ نظر (7) جي ايم سيد، سندس سياسي فڪر جو تجزيو. هي ڪتاب سنڌ جي هڪ ڄاتل سڃاتل قلمڪار آزاد قاضيءَ پاران مرتب ڪيو ويو آهي، جنهن جي لکيل پيش لفظن مان ٻنهي شخصيتن جي هڪ ٻئي سان گهري تعلق تي روشني پوڻ ڪانسواءِ ڪتاب جي اهميت جي به پروڙ پوي ٿي. هن ڪتاب ۾ ڏنل مواد سان سنڌ تاريخ جي ڪجهه اهم معاملن جي ڇنڊڇاڻ ٿئي ٿي، جن جي سلسلي ۾ جي ايم سيد تي آڱر کنئي ويندي آهي. ان کان علاوه هن مواد مان جي ايم سيد جي يڪ سخني، اصول پسند ۽ اڏول شخصيت جو تاثر ڇنو ٿي سامهون اچي ٿو، جنهن پنهنجي صلاحيتن جي آڌار تي قومي مقصد لاءِ جدوجهد ڪرڻ خاطر ڪيترائي ماڻهو تيار ڪيا، ڪڏهن به همٿ نه

هاري ۽ قيد ۽ بند جي صعوبتن کي ڪڏهن به نہ ليکيو. ان سان گڏ محمد ابراهيم جوئي به سنڌ جي شناخت برقرار رکڻ جي سلسلي ۾ اڳوڻي بڻجي، جي ايم سيد سان گڏجي اڻٿڪ محنت ڪري سنڌ لاءِ جيڪي به خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، انهن جو ذڪر به هن ڪتاب ۾ ڪيو ويو آهي. جنهن جي ساڻ سان ڪيترائي اهم ڪتاب ڇپيا ويا، ادارا ٺاهيا ويا ۽ ماڻهو تيار ڪيا ويا. ڏٺو وڃي تہ هي ڪتاب سنڌ جي جدوجهد جي تاريخ جو هڪ اهم پاسو آهي، جنهن ۾ محمد ابراهيم جويو، جي ايم سيد سان گڏ پاڇولي وانگر هلندي نظر اچي ٿو. سجاڳ قومون پنهنجي تاريخ جي هڪ هڪ ورق کي ائين ئي سانڍينديون آهن، جيئن آزاد قاضيءَ ڪري ڏيکاريو آهي. هي ڪتاب سنڌ جي هر بڪ اسٽال تان خريد ڪري سگهجي ٿو.

---

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ٿر (هڪ تشريحي ببليوگرافي) |
| مرتب: | اشرف علي سمون |
| موضوع: | ٿر بابت لکيل ڪتابن جي ببليوگرافي |
| سائيز: | ڊيمي (پڪو جلد) |
| قيمت: | 100 |
| صفحا | 128 |
| ڇاپو: | پهريون سال 2004ع |
| ڇپائيندڙ: | مخدوم بلاول پبليڪيشن اسلام ڪوٽ ضلعو ٿرپارڪر سنڌ |

ٿر، سنڌ جي وجود جو هڪ اڻٽوٽ انگ، سنڌ جي تاريخ ۽ لوڪ ورثي جو امانتدار علائقو، جتي ڪيترن ئي داستانن جنم ورتو ۽ جتان اڄ بہ سنڌ جي تاريخ جون ڳنڍيون کلڻ جون اميدون آهن. هن علائقي جي تاريخ تي آڌاريل ڪتابن ۾ سچي سنڌ جي تمدن جون جهلڪون موجود هونديون آهن. سنڌ ۾ سومرن، سمن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپر حڪمرانن جي دور جون انيڪ يادگيريون هن علائقي سان وابستہ رهيون آهن، جڏهن تہ هن علائقي ۾ سوڍن جو تمام گهڻو اثر رسوخ رهيو آهي، جيڪي هميشہ هن علائقي ۾ مرڪزي حڪومت جا ماتحت حڪمران ٿي رهيا آهن ۽ پنهنجون جداگانہ روايتون قائم ڪيون اٿن. هن ڪتاب جو مقدمو ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو لکيل

آهي، جڏهن تہ پيش لفظ محمد اشرف سمي جو لکيل آهن. ڪتاب ۾ هڪ سؤ کان مٿي اهڙن ڪتابن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ٿر جي باري ۾ اهم معلومات فراهم ڪيل آهي. جڏهن تہ اهڙن بيشمار رسالن جا نالا پڻ ڏنا ويا آهن، جن ۾ ٿر جي باري ۾ مضمون ۽ مقالا ڇپيل آهن. هي ڪتاب ضمني طور تي ٿر ۾ رهندڙ مختلف نسلن جي ماڻهن جو احوال پڻ فراهم ڪري ٿو ۽ ڪيترن ئي واقعن جي اصليت کي پروڙڻ بنيادي ۽ جهونن ماخذن جي نشاندهي پڻ ڪري ٿو.

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | مسلمان ٻارن جا نالا |
| مرتب: | مقصود احمد قاضي |
| موضوع: | ٻارن تي نالا رکڻ بابت معلومات |
| سائيز: | ڪرائون سائز |
| قيمت: | 35 |
| صفحا | 112 |
| ڇاپو: | پهريون سال 2003ع |
| ڇپائيندڙ: | علمي ادبي اشاعت گهر مٽياري |

مقصود احمد قاضيءَ جو هيءُ ڪتاب موضوع جي لحاظ کان سنڌيءَ ۾ لکيل پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٻارن تي نالا رکڻ جي سلسلي ۾ معلومات ڏني وئي آهي. هن سلسلي ۾ ڪتاب اندر قاضي مقصود جو لکيل هڪ مضمون پڻ شامل آهي، جنهن ۾ هن نالا رکڻ جي مختلف رجحانن جو ذڪر ڪندي ڪن روايتن کي رد ڪيو آهي تہ ڪن جي صحت کي تسليم ڪيو اٿس. مضمون مڪمل طور تي علمي نوعيت جو آهي ۽ هن ۾ نالن جي اهميت تي سير حاصل بحث ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه هن ۾ رواجي ڪتابن جي ابتڙ سنڌ جي روايتي نالن کي ٻيهر متعارف ڪرڻ لاءِ پڻ زور ڏنو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ معنيٰ سميت بيشمار سهڻا نالا ڏنا ويا آهن، جن مان وٺندڙ نالن جي پنهنجن نون ڄاول ٻارن لاءِ چونڊ ڪري سگهجي ٿي.

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڀڪندڙ ٻول |
| سهيڙيندڙ: | استاد نبي بخش منگي |
| ڇاپو پهريون: | 2005ع |
| صفحا: | 270 |
| سائز: | ڊيمي |
| قيمت: | 100 روپيا |
| ڇپائيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي |

اها حقيقت آهي تہ مفڪر، دانشور، ڏاها، پير ۽ پيغمبر، جيڪي ڪجهہ زباني توڙي تحريرن ۾ بيان ڪري ويا آهن، سو انسانن جي رهنمائي ۽ رهبريءَ لاءِ ڇڏي ويا آهن ۽ ڪنهن ڏاهي جو چونڊ آهي تہ انسان جي سڃاڻپ سندس زبان هيٺان لڪل هوندي آهي. يعني هرڪو پنهنجي گفتگوءَ جي سليقي مان سڃاڻبو آهي. سو سنڌيڪا اڪيڊميءَ پاران "ڀڪندڙ ٻول" نالي ڪتاب پيغمبرن جي تعليمات کان وٺي جديد ڏاهن جي چونڊين تائين جا قول گڏ ڪري هيءُ ڪتاب ڇپايل آهي. هيءُ ڪتاب هڪ پاسي سٺي معلومات مهيا ڪري ٿو تہ ٻئي پاسي ماڻهن کي نيڪ ۽ ڪارائتي زندگيءَ گذارڻ لاءِ سهڻا سبق بہ سيکاري ٿو. علم ۽ ادب سان چاهہ رکندڙن لاءِ هيءُ ڪتاب هڪ سٺي سوکڙي آهي. هيءُ ڪتاب سچل ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد توڙي سنڌ جي ٻين بڪ اسٽالن تان وٺي سگهجي ٿو.



پاڇيون ۽ ميوا کڻي آيا آهن."
"واپس ڪري ڇڏ." اندران آواز آيو.
ڪجهه منٽن کانپوءِ پرشاد وري سڏ ڪيو، "مير صاحب بيو ڪو حڪم."
"ٺيڪ آ، ٺيڪ آ، ڪين منهنجا سلام ڏي."
پرشاد واپس اچي مير صاحب جا لفظ ورجايا.
"ٺيڪ آ." سيد مظهر علي وڏيڪ زور ڪونه ڀريو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڳوٺ طرف واپس وريو. هن کي سوٽي وڳو پاتل هو، جنهن کي ڪيترين چتيون لڳل هيون ۽ ڪٿل جوتن سان ڳاڙها جوراب پاتا هئائين. جن جون ڪڙيون ئي ڪونه هيون. هن جي پويان ڪنڌ جهڪايو، مٿي تي وڏو سامان کنيو، لڇڪندي هلندڙ هاريءَ کي ڏسي شيروءَ کي هن تي ڏاڍو قياس پئي آيو. هن کي ٻئي ماڻهو ڏاڍا رحم جي قابل لڳا.
سج جي روشني تکي ٿيندي ئي ڪيمپ ۾ اچ وڃ شروع ٿي وئي. انب جي باغ ۾ جلسو مچي ويو. پري پري تائين ٻنين جي ڪنڊن پاسن کان سائيڪلون بيٺل هيون. پوليس، عريضي نويس، محرر، هاري، زميندار، گواهه، وٽن جي هيٺان وينا هئا. ٻه همراه هڪ ڏولي اجلاس طرف کڻي آيا ۽ اها وڻ جي هيٺ رکيائون. ان جي اندر ويٺل عورت آهستي آهستي روئڻ لڳي. ڪيس جي شروعات ٿي. عورت پنهنجو بيان ڏنو ۽ پوءِ هوءَ سڏڪا ڀريندي رهي.
منجهند ٿي وئي. شيشم جي وڻن جي جهڳٽي مان هڪ هاٿي ظاهر ٿيو ۽ جهومندو ڪيمپ جي اندر گهڙي آيو ۽ وچ واري وڏي خيمي جي سامهون پهچي هاٿيءَ جي سوار هيٺ لهي پرشاد کي سڏ ڪيو ۽ پرشاد وري مير صاحب جي خيمي طرف ويو.
"نواب شمس آرا بيگم جو هاٿي آيو آهي، ننڍڙي مير صاحب لاءِ."
"واپس موڪلي ڇڏ." مير صاحب ساڳيءَ ريت جواب ڏنو. جيڪا خيمي جي پاسي ۾ هڪ ڪرسيءَ تي آرام سان ويهي پنهنجي پٽ کي ڪي الهه آباد ڏانهن خط لکي رهي هئي. ننڍي مير صاحب ٻئي خيمي مان تير وانگر ٻاهر نڪتي.
"ماما..ماما...مان!" هن شور ڪرڻ شروع ڪيو. "مان ته جمبوءَ تي ضرور چڙهنديس، مان ته جمبوءَ کي زيتون کارائينديس. ماما، ها" ائين چئي هوءَ مٽيءَ ۾ ليٽڻ لڳي.
"ٺيڪ آ، وڃ. مٽيءَ ۾ نه ليٽ." مير صاحب ڪڪ ٿيندي جواب ۽ خط لکڻ ۾ مصروف ٿي وئي. ننڍڙي ڇوڪريءَ پنهنجي ڳاڙهي جتي پاتي ۽ پرشاد جي جهوليءَ ۾ پاڻ ڪٽائڻ لاءِ ٻانهون ڊگهيريائين. هڪ نوڪر سوار

بخش جلدي گلن واري ريشمي ڇٽي کڻي آيو. سوار، هاٿيءَ کي گوڏن ڀر جهڪايو. پرشاد، ننڍڙيءَ کي ڪڇ ۾ کڻي هاٿيءَ تي ويٺو ۽ پنهنجين وڏين وڏين اڇين مڇين تي فخر سان هٿ ڦيرڻ لڳو. هو ڪليڪٽر صاحب جو نوڪر هو. ڪا مذاق جي ڳالهه نہ هئي ۽ هاٿي اجلاس جي سامهون گذرندو بتي پور ڏانهن روانو ٿي ويو.

عدالت ۾ ڏوليءَ جي اندر پردي واري عورت جي فرياد جاري هئي. ڏوليءَ جي پنيان ٽن طرفن کان پردا لڳايا ويا هئا. هڪ پندرنهن سالن جي نينگري سائي رنگ جي سوڙهي سلوار ۽ ململ جو رئو اوڍي زمين تي اوڪڙو ويٺي هئي ۽ هن هڪ هٿ سان ڏوليءَ کي جهلي رکيو هو ۽ ٻئي هٿ سان زمين تي ليڪون ڪڍي رهي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ڊنل نظرون کڻي ڇٽي طرف پئي نهاري. ٻاهر اجلاس ۾ هن جو نالو هر هر ورتو پئي ويو. پردي جي ڪنهن وٿيءَ مان هن ٻاهر نهاريو ۽ هن سامهون هاٿي گذرندي ڏٺو. انهيءَ تي هڪ سونهري وارن واري خوبصورت ڇوڪري ويٺل هئي. ڇوڪريءَ کي رڃ جي کل جهڙو وڏن وارن وارو کوٽ پاتل هو ۽ هڪ اڇين مڇن وارو همراهہ هن جي مٿان ڇٽي جهليو ويٺو هو. بلڪل ائين، جيئن پرين جي آکاڻين ۾ ٿيندو آهي. ڏوليءَ جي ويجهو ويٺل ڇوڪري ان کي تيستائين ڏسندي رهي، جيستائين هاٿي نظرن کان پري نہ ٿي ويو ۽ وري زمين تي ليڪون ڪڍڻ ۾ مصروف ٿي وئي ۽ هن پيري هن هاٿيءَ جي تصوير ناهي ۽ ان تي هڪ سيج ناهي، اتي هڪ ڇوڪري ويهاري ۽ پنهنجو پان کي چيائين، "آها شهزادي مان پاڻ آهيان. مان بسنتي بيگم، مسمات ثريا سلطان عرف بسنتي بيگم نابالغ" عدالت ۾ وري هن جو نالو ورتو پئي ويو ۽ هن ڊڄندي وري ڏوليءَ کي مضبوطيءَ سان قابو ڪيو.

هاٿي، ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو. آباديءَ کانپوءِ هڪ عمارت هئي ۽ هن کان ٿورو اڳتي مخدوم زاده شاهہ منور علي خان جو گهر هو. هاٿي گهر جي پاسي واري گهٽيءَ مان گذريو. ننڍڙيءَ کي هڪ ڪچي گهر جو اڱڻ نظر آيو. جتي هڪ ڪاري ڏاڙهي ۽ ڪارن وارن وارو بزرگ نظر آيو. جيڪو نارنگي رنگ جو فقيراڻو وڳو پائي کٽ تي ويهي آسمان کي تڪي رهيو هو. اهڙي ئي شڪل وارو هڪ شخص ان کٽ جي ٻانهين کان ويٺو هو ۽ زيتون جي وڻ جي اوٽ ۾ هڪ ڇوڪري، پنهنجن ننڍڙن هٿن سان مسالو ڪٽي رهي هئي ۽ هن کي چانديءَ جي رنگ جهڙيون چوڙيون پيل هيون ۽ هاٿي اڳتي وڌي ويو.

اس تيز ٿي وئي. اجلاس منجهند جي ڪري ملتوي ٿيو ۽ لالا حسين بخش، مسمات بوٽا بيگم جي

درخواست ڪي ويڙهڻ لڳو:
"مان مسمات بوٽا بيگم، بالغ، مسلمان، ذات سيد، رهندڙ محمد گنج، تعلقو ضلعو سلطان پور. بيوه سيد زوار حسين، گوشگذار آهيان ته ٽي سال ٿيا آهن جو درخواست گذار جي اڪيلي ڌيءَ سيده ثريا سلطان عرف بسنتي بيگم جي واسطي محمد حسن ڪندي ٿي رهان ۽ وري ڪيا ٿي ته الله تعاليٰ، هن ڪي حسن جي دولت ۽ سيرت ۽ عصمت سان مالامال ڪيو آهي. نواب سڪندر خان عرف نواب پوري لال، نياڻيءَ سان شاديءَ جي خواهش ظاهر ڪئي، جيڪا مون منظور نه ڪئي. ان ڪري ته نواب صاحب جون ڪيتريون ئي منڪوحه ۽ ممنوعه زالون آهن ۽ هن عمر 65 سال آهي.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ تاريخ 22 فيبروي 1930ع تي رات جي آخري پهر ۾ چئن هٿياربندن، بسنتي بيگم کي اغوا ڪري ڳڙهي درگاگنڊ ۾ قيد ڪري ڇڏيو. جڏهن ته هن جي عمر ساڍا تيرنهن سال آهي. نواب شمس آرا بيگم، تعلقيدار پاربتي پور، مون سان ان ڪري ساٿ ڏنو جو هن مون کان قرآن شريف جو درس ورتو هو. ان کان علاوه منهنجي مڙس جو ڳڙهيءَ جي ڌاڪرن ۾ وڏو نالو هو ۽ هو آخري ڏينهن ۾ نظر ختم ٿي وڃڻ جي باوجود امام بارگاهه ۾ سوزخواني ڪندو هو. تنهنڪري بيگم صاحبه منهنجي طرفان عدالت ۾ رجوع ڪيو ۽ فوجداري مقدمي ۾ نواب پوري خلاف اغوا ڪيس داخل ڪيو ۽ اهو ڪيس اڄا تائين جاري آهي.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اڌ رات جو ٻٽ ٻڌل ڌاڙيل، هن غريب جي گهر ۾ داخل ٿي، منهنجي پٽ سيد ڪرار حسين، عمر 18 سال کي شهيد ڪري ڇڏيو ۽ غائب ٿي ويا.

پوءِ، عدالت ۾ ميان نوروز صاحبزاده، نواب شمس بيان ڏنو ته مسمات بسنتي بيگم هن جي منڪوحه آهي. تنهنڪري ئي انهيءَ ڇوڪريءَ جو وارث آهي. هاڻي اهو هي هڪ نئون فتنو وڌيڪ پيچيده ٿي چڪو آهي. بسنتي بيگم، پوليس جي ذريعي ڳڙهي درگاه گنڊ مان ڪڍي منهنجي تحويل ۾ ڏني وئي. پر هاڻي ميان نوروز جي دعويٰ جو مقابلو ڪرڻ جي طاقت مون ۾ ڪانهي. تنهنڪري درخواست گذار فريادي آهي ته مون سان انصاف ڪيو وڃي ته هيءَ سورن ماري اوهانجي شڪرگذار رهندي.

وڌيڪ عرض آهي ته خادمه، گواهيءَ طور سيد مظهر علي، رهندڙ محمد گنج کي پيش ڪري سگهي ٿي، جيڪو آهي ته نواب شمس آرا بيگم جي رعيت مان، پر صفات ۾ باڪمال آهي."

اس هاڻي هيٺ لهي اڱڻ جي پٽ تي پهتي هئي. سيد مظهر علي پنهنجين ٻنين جو چڪر لڳائي وري ٻني تي ويهي رهيو. هن جو وڏو پاءُ شاهه

منور علي اخبار سان منهن ڍڪي ڪٽ تي سمهي پيو. سيد مظهر عليءَ جي زال سچو ڏينهن اس ۾ ڳاڙها مرچ پٽي سڪايا. جنهن ڪري مظهر عليءَ کي پٽي چڪو آيون. جهنگر جي زال ڇانٽڻ ويچهو ويهي منظور النساءِ جي متي مان جوئون ڪڍڻ لڳي. منظور النساءِ جي سلوار جا پانچا متيءَ ۾ تڦيل هئا. هن سچو ڏينهن آلي متيءَ سان پٽي راندڪا ناهيا.

شاهه منور علي وري بيچينيءَ مان اٿيو. "الله غني!" هن زور سان نعرو هنيو. ڪڪڙيون "ڪڙ ڪڙ" ڪرڻ لڳيون. دروازو کليو ۽ سيد اختر علي اندر داخل ٿيو.

"ادا، تعلقي مان موٽي آئين؟"

سيد مظهر عليءَ جي زال پڇيو.

"السلام عليڪم. جيئندو رهه." سيد مظهر عليءَ چيو. سيد اختر علي اڳڻ جي ڪنڌ ۾ رکيل ڪڪڙين جي جهڳٽي تي نظر وڌي.

"مير صاحب ڏولي واپس ڪري ڇڏي." سيد مظهر عليءَ جواب ڏنو.

"پورا ڏهه روپيا اشرفي لال ڪان اوڌاري وٺي اها ڏولي ورتي هئي تنهنجي لاءِ." پاڃائيءَ مرچن کي ميڙيندي فرياد ڪيو.

"اسان شاڪر صاحب جو سفارشي خط وٺي، اجلاس ڪان پهرين ڪليڪٽر صاحب سان مليا هئاسين." هن چيو. "اسانکي سفارش جي ڪابه ضرورت ڪانهي. لکنو درخواست موڪلي ڇڏيو. مان جانسن صاحب سان ڳالهه ڪندس."

"جانسن صاحب شام جو پهچندو. سياٽي سوير ئي شڪار لاءِ هليو ويندو." اسان ڪيمپ مان سڀ معلوم ڪري آيا آهيون. ٻه روپيه لالا حسين بخش جي حوالي ڪيا."

"مير صاحب، انگريز آهي نه."

سيد مظهر علي پڇڻ لڳو.

"ڏاڏو انگريز هوس. جيڪو نير جي پوک ڪندو هو. نواب صاحب وڪرم پور جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي. ڪليڪٽر صاحب بهار جي ڪنهن خانوادي سان تعلق رکي ٿو. مير صاحب کي پيڪين مان زمينداري ملي آهي. هنن جا الهه آباد ۽ مسوري ۾ بنگلا آهن ۽ ڪيس ٻه ٻار آهن." سيد اختر عليءَ جواب ڏنو

"الله جو شان آهي. رب پاڪ ڪن ماڻهن کي دنيا جون سڀ نعمتون ڏيو ڇڏي." پاڃائيءَ، دال ڇنڊيندي راءِ جو اظهار ڪيو. خاموشي ڇانئجي وئي.

"خداوند تعاليٰ سچن مؤمنن کي ان ڪان به وڌي ملڪيت عطا ڪندو آهي. صبر جي ملڪيت." شاهه منور علي اوچتو چيو ۽ اٿي ٻاهر هليو ويو ۽ ويران گهٽيءَ مان گذري درگاهه جي ٿلهي

تي ويهي رهيو.
"ادا سائينءَ تنهنجي لاءِ ايترا چلا ڪاٽيا پر ڪجهہ نہ ٿيو!" سيد مظهر عليءَ آهستي چيو.
"گذريل سال ڇهہ مهينا تہ گومتي نديءَ جي ڪناري ۾ اجايا ويا. سخت سيءَ ڪري نمونيہ ٿي پيو.." منظوريا ڏيءُ، حقو تہ ڪٽي آءُ." هن ڇوڪريءَ کي سڏ ڪيو. ڇوڪري حقو تيار ڪري پيءُ جي آڏو رکيو. سيد مظهر علي، جيڪو وڏي ياءُ جي سامهون حقو نہ پيئندو هو، تنهن هڪ ڦوڪ پري ۽ ڳالهہ جاري رکي، "اسان ڏاڍي هٿ جوڙ ڪري واپس ٿياسين. اسان ڪليڪٽر صاحب کي تنهنجي لاءِ چيو تہ اسانجو ياءُ وڪيل آهي. پر قسمت خراب آهي. ضلعي ڪورٽ ۾ وڪالت ڪيائين، پر نہ هلي. ڪانپور ۾ پريڪٽس ڪيائين تہ اتي بہ بکون ڪاٽڻ لڳو. پنهنجن ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ چاهي ٿو. ٻڌو آهي تہ لکنوءَ ۾ صاحب جي آفيس ۾ هڪ جڳهہ خالي ٿي آهي. جيڪڏهن حضور اسان تي مهرباني فرمائي سفارش ڪري تہ نوازش ٿيندي."
ڪليڪٽر صاحب چوڻ لڳو.
"سيد صاحب اسان ڪٿي ان قابل آهيون. الله تي ڀروسو رکو. اهو دير سوير سيني جي ٻڌندو آهي."
سيد اختر علي بيزاريءَ مان ڀاڃائيءَ ڏانهن نهاريو ۽ پوءَ ڳهڙا منجهيءَ ڏانهن نظر ڦيريائين. ڀاڃائي تڪڙي اٿي ۽ مراد آبادي دلي مان ٿڌو پاڻي ڀري اچي پنهنجي ڏير کي ڏنائين. هوءَ ڏير سان ماءُ جهڙي محبت ڪندي هئي.
سيد مظهر علي ٽوپي مٿي تي رکي ۽ جتي پائي وچين نماز لاءِ مسجد ڏانهن روانو ٿيو. سيد اختر علي اخبار پري ڪري حقي جي لٽ جو منهن پاڻ ڏانهن ڪيو. چو تہ هو وڏي ياءُ سامهون حقو نہ پيئندو هو. دور درگاهہ جي ٿلهي تي شاهہ منور علي يا ان جي روح، دل کي ڌوڏڻ وارو نعرو بلند ڪيو. ان وقت ان گهري ۽ انداهي فضا ۾ اهڙي تہ اداسي ڇانئجي وئي جو اندر اڌ پئي ٿيو.
ٻاهر، نم جي وڻ هيٺان هڪ ڇوڪري لڳي پئي هئي. نواب پوري لال جو ياڻيٽيو منن خان، جيڪو ڏاڙيلن سان ملي ويو هو، ڳوٺ جي ڪجهہ لوفرن سان ويهي پتي راند ڪيڏي رهيو هو ۽ هر ڦيري پتو ڦٽي ڪندي باربار جمشيد کي چيڙائي رهيو هو.
جمشيد هڪ طرف پلٽي ماري خاموشيءَ سان ڪيڏي رهيو هو. جڏهن منن خان ٽي چار ڀيرا هن تي، هن جي پيءُ جي بيروزگاريءَ تي چٽر ڪئي تہ هن ڪاوڙ مان منن کي هڪ ٿڦڙ وهائي ڪڍيو ۽ ڊوڙ پائي درگاهہ طرف روانو ٿي ويو. ويران پٽن جي پنيان لڪي هن ساهي پٽي. اڳيان هڪ وڏو قبرستان هو. جتي ٿوري ٿوري فاصلي تي سنبل جا ڪجهہ

نتيجو ڇا ٿيندو آهي؟"

"ڏيءُ هل، توکي ڪمشنر صاحب ياد ڪيو آهي." هڪ نوڪر اندر ايندي چيو ۽ هوءَ ساڳيءَ ڦڙتيءَ سان خيمي مان ٻاهر نڪري وئي. ڪيمپ ۾ ان رات سٺو بندوبست ڪيو ويو هو. چوطرف گيس جا چلها ڦر ڦر ڪري رهيا هئا. ننڍڙي ميم کي خاص طور تي اجازت ملي هئي تہ هوءَ وڏن سان گڏ کائي. هوءَ ڪاٺي واري خيمي ۾ پنهنجي اُچي ڪرسيءَ تي ويٺي ۽ انڪل جانسن کي هاٿيءَ جي سواري ۽ ڳوڙهي ٻاربتي پور جي پاليل هرڻن ۽ ٻارنهن سڱن جو قصو ٻڌائي رهي هئي. عمر جي حساب سان ننڍڙيءَ جو قد ڏاڍو ننڍو هو. تنهنڪري هوءَ ڪنهن اُچي ڪرسيءَ تي ويهي ميز جي برابر اچي پئي سگهي. ميز جي ٻئي ڇيڙي وٽ ميم صاحب، جانسن صاحب کي بسنتي بيگم جي اغوا جو قصو ٻڌائڻ لڳي. جانسن صاحب نفيس اردو ڳالهائيندو رهيو. "پر نواب پورو هڪ خطرناڪ ماڻهو آهي. هن جو ڏنگيل پاڻي بہ نہ گهري سگهندو آهي. اسانکي ويچاري بوتا بيگم تي ڏاڍو ترس پيو اچي." ميم صاحب چيو.

جنوريءَ جي رات جي برف جهڙي ٿڌي هوا تيز ٿي وئي. خيمي جون پتيون لڏڻ لڳيون. "سون سون" ڪندي گيس جي روشني ٿوري جهيٽي ٿي وئي تہ شيرو ڦڙتيءَ سان ان ۾ هوا ڀري. مدار بخش جهٽڪو ڏئي مهمانن جون پليٽون تبديل ڪرڻ لڳو. جڏهن هن جانسن صاحب آڏو هڪ ڀريل پليٽ رکي تہ هن ڪنڌ سان نهڪر ڪئي. مدار بخش نماڻائيءَ سان چيو. "ڦنس...يعني فنش. معني هي آخري چڪر آهي." مدار بخش اهڙن موقعن تي انگريزن سان انگريزي لفظ ڳالهائيندو هو، جو تہ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي زماني کان هن جا ڏاڏا پڙڏاڏا انگريز صاحبن جي بنگلن تي انگريزي ڳالهائيندا آيا هئا.

جانسن صاحب، ميزبان عورت سان رات جي ماني ۽ سروس جي تعريف ڪئي ۽ ميم صاحب هن کي ٻڌايو تہ ٿانوَ هن پشاور مان گهرايا هئا. ان کانپوءِ جانسن صاحب، ڪليڪٽر صاحب سان سياڻ جي شڪار جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

خيمي جي هڪ پٽ ٿوري لڏي ۽ ٻن حيرت ۾ وڪوڙيل اکين اندر ليئو پاتو.

جمشيد هڪ دفعو وري حجت ڪئي تہ اندر وڃي ڇنّي ميم صاحبي کي ڀاڻ ڏيندو. پر وري ان الف ليلوي منظر ۾ گم ٿي ويو. هاٿي بلوري پيالا ميز تي رکيا ويا. جن جي پاڻيءَ تي گلاب جون پتيون تري رهيون هيون. پر هنن اهو پاڻي پيئڻ بدران پيالن ۾ پنهنجون آڱريون ٻوڙيون.

جمشيد سنهري وارن واري

پادريءَ کي ڏنو، جنهن جي بلڪل مغز جي وچ تي ڳاڙهي پٽي ٻڌل هئي. هن کي پنهنجي سوٽ منظور النساءِ ياد آئي، جيڪا ڪنن جي ڪيترن سوراخن ۾ چانديءَ جون ڪنيون واليون پائيندي آهي ۽ جيڪا جيڪا ميرا سيرا ڪپڙا پايو پٽي ڊوڙندي آهي ۽ اها وڏي ٿي هن سان پرڻبي ۽ پوءِ ۽ اهي ٻئي ڪانپور جي هڪ سوڙهي ۽ اونداهي گهٽيءَ ۾ ان سفيد پوش ۽ مفلسيءَ جي زندگي گذاريندا. جهڙي حياتي هنن جي پيءُ ۽ چاچن، ڏاڏن ۽ پڙڏاڏن گذاري هئي. جڏهن ته مير صاحب ۽ ڪليڪٽر صاحب ۽ هن جي برادريءَ وارا اهڙيءَ طرح ٿي خوشبوءِ واري پاٽيءَ جي بلوڪري پيالن ۾ نفاست سان پنهنجون آڱريون ٻوڙيندا رهندا."

پردو لڏندو ڏسي مدار بخش اوچتو ان طرف نهاريو ۽ گهبرائجي پوئتي هٽيو.

اندر جانسن صاحب سگار دکايو ۽ ميزبانن کي شب بخير چيو، ننڍڙيءَ کي پيار ڪيو ۽ اچو نيپڪن ميز تي رکي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ پرشاد ٻاهر ڪان پردي کي مٿي ڪيو. جانسن صاحب چڱو خاصو ڊگهو انگريز هو. جهڪي پردي ڪان ٻاهر نڪتو ۽ وڏا وڏا قدم کڻندو پنهنجي خيمي طرف روانو ٿيو. پرشاد وري دروازي جي پاسي ۾ اسٽول تي ويهي رهيو. هن جمشيد جي پيرن جي آهٽ طرف ڪن لڳائي ڇڏيا.

"ڪير آهي؟" هن رعب سان پڇيو

جمشيد گهبراهٽ ۾ تيزيءَ سان ڀڄڻ جي ڪئي ته خيمي جي رسن سان پير اٽڪي پيس. پرشاد ۽ ٻين نوڪرن هن کي پڪڙي ورتو ۽ "چور...چور" جون صدائون بلند ڪرڻ لڳا ۽ هن جي هٿ مان ڇٽي ڪسي ورتائون.

"چور کي اڳين ڪيئن ڇڏبو."

پرشاد، جمشيد جي منهن تي زور سان ٿڦڙ وهائي ڪڍيو.

"مان چور ناهيان." هن گرم ٿيندي چيو ۽ سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. "مان ننڍڙي مير صاحب جي ڇٽي واپس ڪرڻ آيو هوس. مونکي تلاءَ جي ڪناري ملي هئي."

"ڪوڙ. بي ايمان مان تو جهڙن کي چڱيءَ ريت سڃاڻان." پرشاد گرجڻ لڳو ۽ وري هن کي ٽي چار مڪون وهائي ڪڍيائين.

"مدار بخش." اندران مير صاحب سڏ ڪيو، پر مدار بخش به واردات واري جاءِ تي پهچي چڪو هو.

ننڍڙيءَ، دروازي مان ليئو پاتو. "ماما...ماما...پرشاد چور پڪڙيو آهي." هن ڏاڍو خوش ٿيندي چيو.

"هي ڇا پيا لوڏيو؟" مير صاحب دروازي تي اچي پڇيو.

جلدي جمشيد ڳوڙها خشڪ ڪيا ۽ مير صاحب، هي سامهون ٻانهون

ٻڌي ويهي رهيو.

"مان چور ناهيان، نه وري بي ايمان. مان جمشيد علي آهيان. مان درگاهه شريف جي شاهه منور علي جوپائينيو آهيان. منهنجو چاچو سيد مظهر علي صبح جو اوهانکي سلام ڪرڻ لاءِ آيو هو....." ۽ پوءِ هن جلدي لفظ تبديل ڪيا. "اوهان سان ملڻ آيو هو، پر اوهان هن کي ٻاهر کان ئي موٽائي ڇڏيو."

"شاهه منور علي!" ميم صاحبه ٿوري دلچسپيءَ سان ورجايو.

"شاهه منور علي، اسان هن جي شهرت ٻڌي آهي. هو جنن کي قبضي ۾ ڪندو آهي."

"بابا وڏي جي قبضي ۾ جن ڪونه آهين. مسلسل غربت ۽ احساس مغروريءَ جي ڪري دماغ تي اثر پئجي ويو اٿس." جمشيد تلخيءَ سان جواب ڏنو. سيءَ سبب هن جا ڏند ٽڙڪڻ لڳا ۽ هن سيسراٽي پري.

"اندر اچ، ٻاهر چو ٻينو آهين. مدار بخش پليٽ لڳاءِ." ميم صاحبه چيو.

"جي نه، مان گهران ماني کائي آيو آهيان."

ميم صاحبه هن جو بدليل رنگ ڏٺو. هن کي پنهنجو پٽ سلطان ياد اچي ويو. جيڪو هن جيان هنيلو ۽ خوددار هو. هو خيمي جي اندر اچي دروازي جي پاسي ۾ ويهي رهيو.

"ڏيءَ...جمشيد ٻاءُ جو شڪريو ادا ڪر. هو ايڏي سيءَ ۾ تنهنجي چٺي واپس ڪرڻ آيو آهي."

ننڍڙيءَ، چٺي سنڀالي معصوم آواز ۾ "ٿينڪ يو." چيو.

"هاڻي گڊ نائيٽ چئه."

"گڊ نائيٽ!" ۽ ان ڪانپوءِ هوءَ نوڪر سان گڏ ٻاهر هلي وئي.

"تنهنجي نواب شمس آرا بيگم سان ڪاپي آهي نه." ميم صاحبه معلوم ڪرڻ چاهيو.

"جي نه...منهنجو چاچو هن جي زمين ۾ هاريو ڪندو آهي." راجن ۽ نوابن سان اسانجي ڪاٻه پاپي ڪانهي."

ميم صاحبه چرڪي. لهجي جي اها تلخي هن کي ڏاڍي مانوس لڳي. هن جو لاڏلو پٽ پڻ يونيورسٽيءَ کان گهر اچي پنهنجن دوستن سان نه چاڻ چا چا پيو ڪندو هو. جاگيردار طبقو بورجوازي استحصال، زرعي انقلاب، سمجهه ۾ نه ايندڙ لفظ ۽ اصطلاح!

"ڪٿي پڙهندو آهين؟"

"ڪانپور ۾ انٽر ۾ پڙهان پيو."

"شاباس."

"هاڻي اجازت ڏيو."

"ڪافي ته پيءُ."

"ڪافي؟" ڪافي هن اڄ تائين ڪانه پيتي هئي.

"جي نہ." ھن پختگيءَ سان جواب ڏنو.

"اسانجو گھر گوٺ جي آخري چيڙي تي آھي. پھچندي پھچندي رات ٿي ويندي...چڱو آداب عرض." ائين چئي ھو خيمي مان نڪتو ۽ اونده ۾ غائب ٿي ويو.

گھر پھچي ھو آھستي آھستي ورانڊي ۾ داخل ٿيو. ان ننيڙي ورانڊي ۾ پٽس ۽ سندس پائر ڪٽن تي ستا پيا ھئا. چاچي ۽ منظور النساءِ ٻئي طرف تختي تي ميرا ڪمبل منھن تي اوڍيو خوابن ۾ گم ھيون ۽ ھو آھستي آھستي وڃي پنھنجي ڪٽ تي ڪريو. ھڪ سنھڙو ڪمبل پنھنجي منھن تي وڌائين ۽ ٽنگون سوڙھيون ڪري پاسو ورائي سمھي پيو.

تھجد وقت شاھ منور علي اٿيو ۽ اونده ۾ ھٿوراڻيون ھڻندي سيرنداي‌ءَ وٽ آيو ۽ ڪجھ پڙھي ھن جي مٿان ڦوڪاريائين ۽ پنھنجي وھاڻي ھيٺان ھڪ تعويذ ڪڍي ھن جي ڪلھي ۾ ٻڌائين ۽ پوءِ وري وڃي ڪٽ تي ليٽيو. جمشيد جي اک ڪلي چڪي ھئي. پر ھو ائين ئي ليٽيو رھيو ۽ ھن جي دل چاھيو تہ ھو خوب روئي. ٿوري دير کان پوءِ چاچي اٿي ۽ ھن لالٽين ٻاري. منظور النساءِ بہ جلدي اٿي ويٺي. ٻئي ماءُ ڌيءُ لوٻون اوڍي رڌڻي ڏانھن ويون ۽ ھنن اتي جمشيد جي ٻاھر وڃڻ لاءِ ناشتو تيار ڪرڻ شروع ڪيو. ھو وري اوٻاسيون ڏيڻ

لڳو. سوجھرو ٿيڻ تي ڪڪڙ پٽ تي ويھي ٻانگ ڏني. ھو پڻ پڻ ڪندو اٿي ويٺو. ھن وٽ واچ نہ ھئي. ھن جلدي اونداھي ڪوٺيءَ ۾ وڃي پنھنجي ٽين واري پيتي ڪڍي. بسترو ويڙھي اندر رکيو ۽ سڌ ڪيو.

منظورالنساءِ ڊوڙندي آئي. ورانڊي جي پٽ ۾ لٽڪيل تيل جي دٻيءَ کي روشن ڪيائين ۽ ان روشنيءَ ۾ جتي لاٿائين. ھن جو ڪوٽ لاٿائين. ٽنگڻيءَ تان مفلد لاٿائين. منھن ڌوئڻ لاءِ گرم پاڻي ڪٽي آئي ۽ لوٽو ۽ صابڻ تختيءَ جي ڪناري تي رکي ڇڏيائين.

چاچيءَ ناشتو تيار ڪري صندل تي رکيو ۽ چانھن ناھڻ لاءِ وري رڌڻي ۾ ھلي وئي.

"ادا...تنھنجي لاءِ پوري مون ناھي آھي." منظور النساءِ چيو.

"اڇا!.." جمشيد بوٽ جون کھون ٻڌندي ٿوري محبت سان ھن کي ڏٺو ۽ ھن جي دل ڏکوئجي وئي. ويچاري...ويچاري بدنصيب ڇوڪري!" ھن دل ۾ چيو.

ڏيڍيءَ ۾ اچي گوبند ڪيس سڌ ڪيو. ھن جو پيءُ ۽ چاچو جاڳي پيا. چاچيءَ جمشيد جي ٻانھن تي امام ضامن ٻڌو. ھو، گوبند جي ٽانگي تي ويھي ريلوي اسٽيشن ڏانھن روانو ٿي ويو. چئن ٻنين مٿان ڪوھيڙو ڦھليل ھو. چنڊ جي روشني بي اثر ٿي چڪي ھئي.

فرش تي هڪ ميز ۽ ٽي چار ڪرسيون پيون هيون. ڪنڌ ۾ قانون جا ٿلها ڪتاب منٽيءَ ۾ ڍڪيل الماڙين ۾ پيا هئا. هڪ پٽ تي سيد اختر عليءَ جي تصوير لڳل هئي. جنهن ۾ هو بي. اي. ايل. ايل. بي. جي ڊگرين سان گڏ بيٺو هو. ٻين پٽين تي سر سيد احمد خان ۽ تاج محل جون تصويرون لڳل هيون. پنجتن پاڪ جا نالا ۽ ڪلما پڻ فريمن ۾ لڳل هئا ۽ هڪ مديني شريف جو ڪئلينڊر به لٽڪيل هو. هڪ ڪنڌ ۾ تذڪره غوثيه جا جلد ۽ نظام الشائخ، دين ۽ دنيا ۽ مديني جا فائل پيل هئا. سلطان الهند خواجه غريب نواز رحه جي درگاهه جي هڪ وڏي تصوير ڪانس تي رکيل هئي. ڪيترائي سال پهرين اتان اختر علي پنهنجي حصي جي زمين کپائي ڪانپور ۾ هيءُ گهر خريد ڪيو هو ۽ وڪالت جي پريڪٽس شروع ڪئي هئي. جمشيد سڌو سوني پردو هٽائي عورتن واري حصي ۾ ويو. ڪنهڙي ۾ هن جي ننهي ننڍن پائرن جون ڪٿون پيل هيون. هن جي پنهنجي ڪٽ جي سيرانديءَ کان هن جي ميز رکيل هئي. جنهن تي هن جي ڪتابن جو ڍڳ رکيل هو. جنهن تي اخبار ۽ تصويرن وارن رسالن جي ورقن جا پوش چڙهيل هئا ۽ ميز پوش تي ڪاري مس جو هڪ وڏو داغ ٿي پيو هو. هڪ ڪنڌ ۾ هن جي سائيڪل پئي هئي. هن جي ماءُ سلهه جي بيماريءَ سبب ورانڊي ۾

ليٽيل هئي. ننڍي ڀيڻ رڌڻي ۾ هئي.
جمشيد پنهنجو سامان ڪٽ تي رکيو ۽ ورانڊي ۾ رکيل صندل تي ويهي پنهنجي بوٽ جون کهون کولڻ لڳو.
"ادا، ڳوٺ مان پئسا آندئي؟"
عاليه جي آواز تي هو ڇرڪيو.
"پئسا!؟"
"بابا چيو هو ته چاچا کان پئسا وٺي موڪليندو. ان کي وٺي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا. موڪلن ۾ تون به هليو وئين. هتي سيني پاڙيسرين جو قرض چڙهي ويو آهي."
"نه، مون پئسا ڪونه آندا آهن. پر بابا کي شايد جلد نوڪري ملي ويندي. نه ته مان پاڻ ڪاليج ڇڏي نوڪري ڪندس. اڙي اڙي روئين ڇو پئي؟" هن عاليه جي مٿي تي هٿ ڦيريو. ماءُ، جيڪا سالن کان بستري حوالي هئي، سا ڇرڇري ٿي وئي هئي ۽ هميشه جيان رڙيون ڪرڻ ۽ ڪنگهڻ لڳي ۽ جمشيد ماٺ ۾ صندل تي ويٺو رهيو.

****

الهه آباد سول لائينز جي هڪ پراڻي نموني جي بنگلي جي پاسي ۾ هڪ ڍڳهي ۽ ويڪري 1935ع ماڊل جي ڪار تيزيءَ سان اچي بيٺي ۽ هڪ حساس صورت ۽ سانوري رنگ وارو نوجوان بيحد پرجوش انداز ۾ ڪار مان لهي پنهنجي ڪمري ۾ ويو. جلدي جلدي ميز جا خانا کوليائين ۽ ڪاغذ اٿلائي

پٽلائي هڪ پرس تلاش ڪيائين ۽ ان مان هڪ ننڍڙو ڪارڊ ڪڍي هڪڙو ڀيرو ان تي لکيل نالو پڙهيائين ۽ وڏي احتياط سان پنهنجي پرس رکي ڇڏيائين.

نوڪر ٽپال ڪٽي آيو. ماءُ جي لکت لفافي تي ڏسي هو محبت سان مرڪيو ۽ خط پڙهڻ شروع ڪيو.

"اسان دورو ختم ٿيندي ئي سڌا الهه آباد اچي رهيا آهيون. هاڻي توکي آئي سي ايس جي امتحان جي تياري ڪرڻي آهي. اسانجي غيرموجودگيءَ ۾ نيازي بيگم تنهنجي کائڻ پيئڻ جو بلڪل به خيال نه رکيو هوندو. هاڻي تون ماشاءالله...." خط پورو پڙهي هن واپس لفافي ۾ رکي ڇڏيو ۽ اداسيءَ سان مرڪيو ۽ پوءِ دريءَ جي ويجهو وڃي سگريٽ دکائي سوچڻ لڳو ته مان، امان بابا کي ڪهڙن لفظن ۾ اهو اطلاع ڏيان ته مان انهن جي سمورن شاندار اميدن تي پاڻي ڦيرڻ وارو آهيان.

محمد گنج جي درگاهه جي ٿلهي تي ويهي سيد مظهر علي پوسٽ ڪارڊ لکڻ شروع ڪيو:

"نورچشم جمشيد ميان توکي معلوم هئڻ گهرجي ته تنهنجو بابا، ڪجهه سببن ڪري اجا محمد گنج ۾ آهي. ڪيمپ ڪجي چڪي آهي. تنهنجي بابا ڪجهه درخواستون ڪليڪٽر صاحب جي آفيس لکنو روانيون ڪيون آهن. الله بهتر ڪندو. ٻيو احوال هن ريت آهي ته بوٽا بيگم واري ڪيس جي پيشي تبديل ٿي چڪي آهي. ڪليڪٽر صاحب وڏي مهرباني فرمائي هن ڪي پنهنجي سنيال ۾ رکيو آهي. تنهنڪري هوءَ ڪيس جي فيصلي تائين پنهنجي ڏيءُ سان گڏ ڪلنيڪٽر صاحب وٽ الهه آباد ۾ رهندي. آخر ۾ اهو ته تنهنجو بابا چوي ٿو ته پنهنجي سائيڪل ڪپائي ڇڏ."

ڇهن مهينن ڪانپوءِ جمشيد کي وري هڪ ٻيو پوسٽ ڪارڊ مليو.

"نورچشم جمشيد! اهو معلوم ڪري ڏاڍو اطمينان ٿيو ته تو ٽيوشن ڏيڻ شروع ڪئي آهي. تنهنجي بابا جي اجا تائين روزگار جي سلسلي ۾ ڪابه بهتري نه ٿي سگهي آهي. هاڻي هو سڄو ڏينهن درگاهه ۾ ويٺو هوندو آهي. اسانکي سڀ ڪان وڌيڪ فڪر ان ڳالهه جو آهي ته هن جو وقت شايد پورو ٿيڻ وارو آهي. ڇو ته هو اڄڪلهه اسانکي چوندو رهي ٿو ته مونکي بشارتون پيون ملن. ادا وڏي کي به ان جي سلسلي ۾ ڏاڍي پريشاني آهي. دعا ڪندو رهه."

ٻن سالن ڪانپوءِ پوسٽ ڪارڊ آيو:

"نورچشمي منظورالنساءِ هاڻي ان لائق ٿي چڪي آهي ته هن کي سندس گهر موڪليو وڃي. تنهنڪري چند رات هن کي رخصت ڪري وٺي وڃ. تنهنجو بابا هاڻي مستقل نديءَ جي ڪناري ڪوٺيءَ ۾ رهندو آهي.

****

ٻہ روپيا هڪ گز واري ڳاڙهي ڪاٽن، گراري ۽ ريشمي ململ جي ڳاڙهي رئي ۽ قميص ۾ ملبوس. ڳچيءَ ۾ چانديءَ جو هار، ملڪ وڪٽوريہ جي دور واري جتي ۽ ڪنن ۾ چانديءَ جون واليون پاتل، ڍڳهو گهونگهٽ نڪتل منظورالنساءِ ڪنوار بڻجي برقعي ۾ ويڙهجي ٽانگي مان لٿي. هن هٿن ۾ فريد آباد جون ڳاڙهيون چوڙيون ۽ چانديءَ جون ڪنڊيون پاتيون هيون. آڱرين ۾ چانديءَ جا ڇلا پاتل هئس. هٿن تي تيز ڳاڙهي ميندي لڳل هئس. ڏورن ۾ چانديءَ جا ڪڙا پاتل هئس. ٽن موتين واري وڏي نٿ هن جو سونو زيور هو. اهي سارا زيور هن جي ماءُ جي ڏاج جا هئا. صرف هن جا ست جوڙا، گهوٽ جو ريشمي وڳو ۽ ٽامي جا چار ٿانو ۽ مراد آبادي پاندان، سيد مظهر علي، اشرفي لالا کان اوڌر وٺي تيار ڪرائي سگهيو هو. ٽامي جا باقي ٻيا ٿانوَ هن جي زال، منظور النساءِ جي ڄمڻ کان وٺي چوندي چوندي پوئين ڪوٺيءَ ۾ رکيا هئا. انهن کي ٻيهر قلعي ڪرائي وٺي هئي. نمر جي هيٺان شاديءَ جي دعوت ٿي هئي. گوشت جو ٻوڙ، تنور جون مانيون ۽ زردو پلاءُ نهرائي مهمانن آڏو رکيو ويو هو. چينيءَ جون گلن واريون پليٽون صرف گهوٽ ۽ مولوي صاحب لاءِ هيون. هندو مهمانن لاءِ ٿوري فاصلي تي پنڊت نارائڻ هڪ وڻ جي هيٺان پنهنجي نگرانيءَ ۾ ٻوڙ تيار ڪرايو هو.

شاديءَ جي خرچ ۾ سيد مظهر عليءَ جو وار وار قرضي ٿي چڪو هو. منظورالنساءِ هن جي اڪيلي ڌيءُ هئي ۽ هو هن جي صورت ڏسي جيئندو هو. هن جي دل چاهيو پئي تہ هو اشرفي لال جي وياج جي پرواھ نہ ڪندي پنهنجي لاڏلي ڌيءُ جي شاديءَ ۾ پنهنجي دل جا سمورا ارمان پورا ڪري وٺي. پر وڪ وڪ تي هن جي غربت جو ڀوت هن جي آڏو ڦري ٿي آيو ۽ دل کي سوڙهو ڪري ويهي ٿي رهيو. جڏهن رخصتيءَ جو وقت آيو تہ هو گهر کان ٻاهر نڪري درگاھ جي ٿلهي تي خاموشيءَ سان ويهي رهيو هو. ڪنوار جي پالڪي نمر جي وڻ هيٺ رکي وئي هئي. هن کي الوداع ڪندي هن جمشيد کي چيو هو، "پٽ، هيءَ ڏاڏي بي زبان ۽ غريب ڇوڪري آهي. تنهنجي نوڪرياڻي بڻجي رهندي. هن جي دل ڪڏهن بہ نہ ڏکوئجان."

ڳاڙهي رنگ جي سوٽي چادر، جنهن تي وڏا وڏا گل ڪڙهيل هئا، اوڍي منظورالنساءِ ڪنڌ جهڪائي پالڪيءَ ۾ ويٺي هئي ۽ پوءِ هن جي ڏولي اسٽيشن ڏانهن رواني ٿي وئي هئي. جهينگر جي زال ۽ هن جي ٻارن ڏاج جون پيتيون پنهنجن مٿن تي کنيون هيون ۽ سيني کان اڳيان موڙ ٻڌي، هٿ ۾ ڳاڙهو رومال ڪٽي جمشيد گهوٽ بنيو، گوبند جي ٽانگي ۾

وينو هو.
ٽانگي تان لهي منظورالنساءِ پنهنجي گهر ۾ داخل ٿي. شهر جي پليل عاليہ هن_تي تنقيدي نظر وڌي ۽ ٿورو منهن سڄائيندي چيو.
"امان، ڪنوار ياجائي اچي وئي."
منظورالنساءِ کي وراندي جي ويجهو واري ڪوٺيءَ ۾ ويهاريو ويو. جيڪو هن جو شاديءَ جو ڪمرو هو. هتي پاڙي وارن جي سامهون هن جو منهن ڏسڻ جي رسم ٿي ۽ هڪ هڪ مائي بہ روپيا هن جي سامهون ويڇايل رومال تي رکندي ٿي وئي. ٻن ڏينهن تائين هوءَ بنا چرڻ ڦرڻ جي پلنگ تي ويٺي رهي ۽ جڏهن ڪا پاڙي جي مائي هن جو گهونگهٽ پئي کنيو تہ هن دستور مطابق شرمائيندي اکيون بند ڪري پئي ڇڏيون.
ان ڪانپوءِ منظورالنساءِ پنهنجون اکيون کوليون ۽ پنهنجي گهر کي ڏٺو ۽ ننڍڙو گهر هن لاءِ محل جي برابر هو. هتي بجلي هئي، ميز ڪرسيون هيون، چينيءَ جا ٿانوَ هئا، ڪاغذي گلن سان سجيل گلدان رکيل هئا ۽ هن جي نڻان عاليہ اسڪول ۾ انگريزي پئي پڙهائي.
جمشيد هاڻي ايم اي فائينل ۾ هو ۽ رات دير تائين ٽيوشن ڏئي گهر پئي هلايائين. هن اوطاق وارو ڪمرو بہ ڪرائي تي ڏئي ڇڏيو هو. ٻارنهن تيرهين سالن جي عمر ۾ ئي هو تلخ مزاج ۽ ذهني ۽ جذباتي طرح ڪراڙو ٿي چڪو هو.
منظور النساءِ گهر جو سمورو ڪم مشين وانگر سنڀالي ورتو هو. هوءَ ٻئي وقت ماني ٽڪي پچائيندي هئي. وڏي چاهہ سان پنهنجي سس جي تيمارداري ڪندي هئيٰ. هن جا دڙڪا ۽ طعنا ٻڌندي هئي. ڏيرن جي سنڀال ڪندي هئي ۽ عاليہ جي رعب ۾ رهندي هئي. جمشيد هن سان سڌي منهن ڳالهائيندو بہ ڪونہ هو. پر هن کي ان جو بہ ڪو ڏک نہ هو ۽ هوءَ پنهنجي مڙس جي پوڄا ڪندي هئي.
پر جڏهن هوءَ پهرئين ٻار جي پيدائش جي ڪري محمد گنج وئي تہ جمشيد وري هن کي ڪانپور ڪونہ گهرايو. هن سيد مظهر عليءَ جي بيچينيءَ وارن ۽ پوءِ منظورالنساءِ جي خطن جا جواب ڏيڻ بہ ڇڏي ڏنا هئا.
جنگ شروع ٿئي ٽي سال ٿي چڪا هئا. هو مليٽري اسٽورز واري کاتي ۾ حوالدار ڪلارڪ ٿي ويو. سال ۾ ئي هن کي ترقي ملي وئي ۽ هو شهر جو گهر ڪرائي تي ڏئي، گهر وارن سميت ڇانوڻيءَ واري هڪ ڪشادي ۽ هوادار ڪوارٽر ۾ منتقل ٿي ويو. هاڻي هو چار سؤ روپيا مهينو پگهار کڻندو هو ۽ گهر ۾ سامان سڙي جي ڪا بہ کوٽ نہ هئس. اکين جي ڪمزوريءَ ڪري هو ڪميشن

۾ درخواست نہ ڏئي سگھيو هو. جنهن
جو هن کي ڏاڍو افسوس هو ۽ ان ئي
زماني ۾ هن سگريٽ جو پورو پاڪيٽ
رات وچ ۾ ڇڪي منظور النساءِ کي طلاق
لکي موڪلي.
جڏهن منظور النساءِ کي ڌيءُ
پيدا ٿي تہ سيد اختر عليءَ کي سندس
ڪوٺيءَ مان پڪڙي آندو ويو. هن پوٽيءَ
کي ڪن ۾ بانگ ڏني ۽ شاهہ منور علي
اڻ ڳڻيون دعائون پڙهي ٻار تي ڦوڪيون
هيون. پاڙي جي ماين چانورن جا لڏو ۽
اني جا پيڙا ٺاهي ڏنا هئا. اندر اڱڻ ۾
جهينگر جي زال گھونگھٽ ڪڍي، چيلھہ
تي هٿ رکي نچي رهي هئي. جڏهن تہ
ڳوٺ جي مڱڻهار عورتن سهرا ڳايا هئا.
منظور النساءِ ٻار ڄڻڻ مهل مرندي مرندي
بچي هئي، تنهنڪري ڪجھہ ڏينهن
ڪانپورِ شڪراني طور بي بي فاطمہ واري
دعا پڙهي وئي.
جڏهن ٻار جو عقيقو ٿيو تہ
ناني هن جو نالو فرحت النساءِ بيگم
رکيو. شاهہ منور علي هن کي تعويذن
سان پري ڇڏيو. آگر تي دهل پئي وڄيو.
منظور النساءِ سائي رنگ جو وڳو پائي
ٻار کي ڪڇ ۾ کڻي پٽ تي ويهي
ساهيڙين کي ڪانپور شهر جا حيرتناڪ
قصا پئي ٻڌايا تہ رستن تي هر وقت ٽون
ٽون ڪنديون ڪارون هلنديون آهن، وڏا
وڏا ڪارخانا آهن ۽ مان هن سان گڏ
سينيما بہ وئي هيس.

++++++
سيد مظهر عليءَ جي زال
خاموش ٿي ويهي رهي. ڳوٺ جون سيئي
عورتون اڱڻ ۾ گڏ ٿي ويون. ننڍڙي
ڇوڪري، جنهن جي نرڙ تي نظر جو ٽلڪ
لڳل هو ۽ ٻانهن ۾ ڪاري ڌوري ٻڌي
وئي هئي، ساڳيءَ طرح ڪلندي رهي. ٻاهر
نمر جي هيٺان توقير ميان، گوبر چاچا،
شيخ رمضان، مولوي محمد حسن، پنڊت
لڇمڻ نارائڻ، گوسائين ۽ گوبند ڪنڊ
جهڪائي ويهي رهيا. شاهہ منور علي
درگاهہ ۾ خاموشيءَ سان وڃي ويهي
رهيو. هن صرف هڪڙو نعرو هنيو، "۽
هن ڏاڍي وڏي جاندار عطا ڪئي آهي.
شڪر آهي، شڪر آهي."
سيد اختر علي، گومتيءَ جي
ڪناري مراقبي ۾ مصروف ٿي ويو. هن
کي ڪنهن اهو اطلاع ئي نہ ڏنو.
ڪيترائي سال گذري ويا. ٻار
کي هن جي ناني پالي رهي هئي.
منظورالنساءِ رڏيچاءَ ڪانپورِ گھٽو وقت وڃ
جي هيٺان ويهي قصيدا پڙهندي هئي.
ڪڏهن هوءَ ميلاد اڪبر کولي ويهي
رهندي هئي ۽ آهستي آهستي چپ
چورينديهئي.
گرميءَ جي طويل منجهند جي
خاموشيءَ ۾ سياري جي رات جي سرد
اونداهہ ۾ هن جو آواز ان ننڍڙي گھر ۾
گونجندو رهيو.
اڪثر هوءَ ماني پچائيندي

پڇائيندي فرحت النساءِ جون ڇوڪريون ڪندي، اوچتو ئي اوچتو هڪ شعر جهونگارڻ لڳندي هئي. جيڪو هن مولوي محمد حسن جي زال کان ٻڌو هو.
ٻه گل ساڻ ٽڙيا، قسمت جدا جدا هئن،
هڪ قبر تي پيو هو، ٻيو سهري ۾ لڳو هو.

هن جي اندر ۾ ڇري ڪپي وئي ۽ سوچڻ لڳندي هئي ته ته هن جي سهري ۾ هاڻي نه ڄاڻ ڪهڙو گل لڳندو. روز هوءَ ان انتظار ۾ هوندي هئي ته هاڻي شهر مان اطلاع ايندو ته جمشيد ڪنهن بي. اي. پاس ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏي آهي. پر ڏينهن گذرندا ويا، ڪجهه به نه ٿيو ۽ پوءِ هوءَ اها اميد ڪندي هئي ته شايد جمشيد وٽس موٽي ايندو.
اهي پور پڇائيندي ويهن ورهين جي عمر ۾ هوءَ چاليهن سالن جي عورت لڳڻ لڳي هئي.

****

مير صاحب جي پٽ سلمان مرزا کي بمبئي وئي عرصو ٿي چڪو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو الهه آباد ايندو هو ۽ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ غائب ٿي ويندو هو. سندس نالي سان جڙيل "قصر سلمان" جي هڪ پاسي واري ڪمري ۾ بوٽا بيگم پنهنجي ڌيءُ بسنتيءَ سان گڏ ڪجهه سالن کان رهيل هئي. هن جو ڪيس سپريم ڪورٽ تائين ويو هو ۽ هوءَ ڪيس کٽي نواب شمس آراءِ بيگم ۽ نواب پوري، ٻنهي کي شڪست ڏئي چڪي هئي ۽ هاڻي دعائون گهرندي هئي ته هاڻي ڪنهن شريف پڙهيل نوجوان سان بسنتيءَ جو نڪاح ٿي وڃي. "قصر سلمان" ۾ هن جي حيثيت گهر سنڀاليندڙ عورت جي هئي. هر خميس جو هوءَ مجلس به پڙهندي هئي ۽ جڏهن ننڍڙي مير، مسوريءَ کان موڪلن ۾ گهر آئي ته هن جي ڪپڙن جي سنڀال به بوٽا بيگم جي ذمي هئي. هوءَ اٿندي ويهندي ڪليڪٽر صاحب کي دعائون ڏيندي رهندي هئي. ڪليڪٽر صاحب رٽائر ٿي چڪو هو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيو تصوف جا ڪتاب پڙهندو رهندو هو. بسنتي بيگم اسڪول ويندي هئي ۽ واپس اچي ڪمري ۾ ويهي آبي رنگن سان تصويرون ناهيندي هئي.
جنهن ڏينهن اسڪول جي ساليانی نمائش دوران بسنتيءَ کي سؤ روپيا انعام مليو ته بوٽا بيگم سجدي ۾ ڪري دير تائين دعائون گهرندي رهي.
سالن ڪانپوءِ هن جي هٿ ۾ سؤ جو نوٽ آيو هو. هن جو ٿورو گهڻو زيور، ڳوٺ جي ٽي جريب زمين ۽ محمد گنج ۾ اباڻو گهر، سڄو اثاثو ڪيس جي نظر ٿي ويو هو. هاڻي مير صاحب هن کي مهيني ۾ ويهه روپيا پگهار ڏيندي هئي. پان سگريٽ جو خرچ به مير صاحب پنهنجي ذمي ڪنيو هو. ٻنهي وقتن جي ماني بوٽا

بيگم. بسنتي، ڪراڙي انا نيازيءَ جي لاءِ پوئين وراندي ۾ ميز تي لڳائي ويندي هئي.

سمهڻيءَ جي نماز ڪانپوءِ اڪثر بوتا بيگم پنهنجي جوان پٽ کي ياد ڪري ڙڙپندي هئي ۽ ڳوڙهن سان هن جي سجدي گاهه پرجي ويندي هئي. محرم جي ڏينهن هوءَ "علمن" کي چمي ڏيندي تعزين جي مٿي اکين سان لڳائيندي هئي ۽ حضرت علي ع جي سيج ۽ ذو الجناح جي اڳيان بيهي گهڙي گهڙي پئي دعائون گهرندي هئي، "يا مولا! يا مشڪل ڪشا! يا سيدالشهداءِ! يا امام مظلوم! بسنتيءَ جو نصيب ڪول تہ مان بسنتيءَ کي عزت آبروءَ سان ڪنهن جي حوالي ڪيان."

اهڙي وقت سؤ جو نوٽ بسنتيءَ هن کي اچي ڏنو تہ هن کي احساس ٿيو تہ هيءُ نوٽ نياڻيءَ جي صلاحيت ۽ محنت جو صلو آهي ۽ ڪيس دعائون ڪرڻ لڳي، "يا الاهي هن جو مقدر سٺو ڪر."

آنند موهن گهوش اسڪول جي هيڊ ماستريائيءَ جو ننڍو پاءُ هو. نمائش ۾ بسنتي بيگم جون تصويرون ڏسڻ ڪانپوءِ هن ايل. ايم سين کي لکيو. "جيڪڏهن مان توهان کي چوان تہ مون هڪ جينيس کي ڳولهيو آهي تہ اوهانکي يقين نہ ايندو."

ايندڙ پيري لکنو آرٽ اسڪول جو پرنسپال ايل. ايم. سين جڏهن الهہ آباد آيو تہ مس ريبا گهوش هن کي پنهنجي باصلاحيت شاگرديائيءَ سان ملايو.

ايندڙ سال مئٽرڪ ڪانپوءِ بسنتي بيگم سرڪاري وظيفي تي لکنو آرٽ اسڪول ۾ داخل ٿي وئي. اجا هوءَ ٽئين سال ۾ هئي تہ بوتا بيگم سخت بيمار ٿي پئي ۽ هن پاڻ کي بسنتي بيگم چورائڻ ختم ڪري ڇڏيو. چو تہ اهو نالو هن جي شديد ڏک واري دور جي نشاني هو. ايف. اي. ڪرڻ ڪانپوءِ هوءَ پنهنجي پراڻي اسڪول ۾ ڊرائنگ ٽيچر ٿي وئي. هن بوتا بيگم کي چيو، "مان تيرنهن سالن جي عمر کان ڏڪا ڪائي رهي آهيان. ستن سالن کان اسين هن محل ۾ رهون پيا. مونکي مفت جا ٽڪر ڪائيندي هاڻي شرم ٿو اچي. مونکي سوا سؤ رپيا مهيني جي هاڻي نوڪري ملي چڪي آهي. شام جي وقت مان ٽيوشن بہ ڏينديس ۽ ڪرائي تي گهر وٺي رهندس. تنهنڪري هاڻي سامان ٻڌڻ جي ڪر."

"ڌيءُ، اڪيلا ڪيئن رهنداسين؟" بوتا بيگم ٻڌتر مان چيو.

"امان!" هن بيزاريءَ مان بحث ڪرڻ جو صفا ارادو ختم ڪندي جواب ڏنو. "مان اها بسنتي بيگم ناهيان، جنهن کي نواب پوري جا سپاهي ڪٽي ويا هئا ۽ ٻي ڳالهہ اها تہ مان اڪيلي ناهيان. بلڪ سڄو عوام، سڀ محنت

ڪش مون سان گڏ آهن." هن آنند موهن گهوش جا لفظ ورجايا. جنهن هن کي هڪ پيرو پرجوش انداز ۾ چيو هو. "آزادوطن جو عوام سمورو پورهيت طبقو توسان گڏ آهي."

بوٽا بيگم کي ڪجهه به سمجهه ۾ نہ آيو تہ هيءَ نئين بسنتي ڪهڙيون پئي ڳالهيون ڪري. هن وجي مير صاحب سان ڳالهہ ڪئي.

"مان سمجهان ٿي." مير صاحب آهستي جواب ڏنو. "منهنجو پٽ بہ اهڙيءَ طرح گهر جو عيش آرام ڦٽائي، رولاڪ بڻجي ويو آهي. اڄڪلهہ جو اولاد اهڙو آهي، جنهن کي سمجهڻ ڏاڍو مشڪل آهي. هو هميشہ پنهنجي مرضي هلائيندا آهن. خميس تي ايندي رهجانءِ، مان گاڏي موڪليندي رهنديس."

بوٽا بيگم روئڻ لڳي.

****

سلمان هڪ ڏينهن الهہ آباد آيو تہ آنند موهن گهوش هن سان ثريا حسين جو ذڪر ڪيو، جيڪا صحيح معنيٰ ۾ عوامي آرٽسٽ بڻجي چڪي هئي. چو تہ هن جو هڪ هاري خاندان سان واسطو هو. شام جو موهن گهوش، سلمان کي پراڻي پاڙي جي هڪ ننڍڙي گهر وٺي ويو ۽ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪيائين. بوٽا بيگم اندرا ڏنو.

"مس حسين آهي؟" موهن گهوش پڇيو.

"ڪير؟"

"مس حسين!"

بوٽا بيگم کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. "بسنتي" هن آواز ڏنو ۽ هوءَ دروازي طرف وئي.

"اڙي بسنتي بيگم!" سلمان حيرت ۽ خوشيءَ سان چيو.

"تون ايتري پراسرار بڻجي وئينءَ! مان هتي مس حسين جي خوف ۾ بيٺو ڏڪي رهيو آهيان."

ثريا حسين خوشيءَ مان ٽهڪ ڏنو.

"اچو، اچو، اندر اچو."

بوٽا بيگم مٽي تي رڌو رکي جلدي اندر لڪي وئي. ثريا ٻنهي ڄڻن کي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ وٺي وئي. جيڪو سن جو اسٽوڊيو بہ هو. سلمان چوطرف نهاريو ۽ چيو. "حد آهي! ڪمال آهي!"

هن تہ قصر سلمان ۾ ثريا کي بوٽا بيگم جي ڌيءُ بسنتيءَ جي حيثيت سان ڏٺو هو. جيڪا هن ڪان اڪثر پردو ڪندي هئي ۽ اڪثر هيڏي هوڏي پئي لڪڻ جي ڪندي هئي. هاڻي هوءَ باصلاحيت آرٽسٽ ثريا حسين جي نگارخاني ۾ بيٺو هو. هاڻي هن ثريا کي پهريون پيرو ڌيان سان ڏٺو ۽ حيرت ٿيس تہ هوءَ اڄ تائين ڪٿي لڪل هئي.

سلمان کي وري الهہ آباد موڪليو ويو هو. هو ثريا کي ڊانس،

پروگرامن ۾ سياسي ۽ ادبي محفلن ۾ پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لڳو هو ۽ هوءَ سندس دوستن جي حلقي ۾ شامل ٿي وئي هئي.

ثريا جنهن طبقي مان آئي هئي، اهو طبقو انهن نوجوانن لاءِ روشنيءَ جي راهه جيان هو. هوءَ پاڻ بہ خطرناڪ طريقي سان وڏيرا شاهيءَ جي ظلم جو شڪار رهي چڪي هئي ۽ اهي سڀ هن ڪان ڳڙهي درگا ڪنڊ جا قصا ٻڌندا هئا، جتي هن کي ڇهہ مهينا قيد رکيو ويو هو. هوءَ ان قيامت جهڙي رات جو ذڪر ڪندي هئي، جڏهن ٻن بدمعاشن هن جي اڪيلي پاءُ کي ماري ڇڏيو هو ۽ هوءَ پنهنجي انڌي ۽ حسرت جي ماريل پيءُ کي ياد ڪندي هئي، جو اهڙي تہ درد ڀرئي انداز ۾ مرثيا ۽ سوز پڙهندو هو، جو ٻڌندڙن جو هنيانءُ ڏري پوندو هو. هوءَ ساٿين لاءِ هيروئن ۽ سلمان لاءِ آدرش بڻجي چڪي هئي. ان زماني ۾ هن پرائيويٽ بي. اي. بہ ڪري ڇڏي هئي.

ننڍڙي ميم هاٽي ڪاليج ۾ هئي. بوٽا بيگم، قصر سلمان وڃي مجلسون پڙهندي هئي. پر ثريا هن سان تمام گهڻ ويندي هئي: هن جي ۽ سلمان جي دوستيءَ جي باري ۾ خيال ڪري بوٽا بيگم جي دل ڏکي ويندي هئي. "متان صاحب ۽ ميم صاحب، مونکي نمڪ حرام سمجهين."

هوءَ ڏکي ڏکي سوچيندي هئي. پر ثريا کي ڪجهہ بہ چوڻ جي همٿ نہ ٿيندي هيس ۽ هوءَ قصر سلمان ڏانهن ڏڃي ڏڃي پئي ايندي ويندي هئي. ميم صاحبہ تہ ان سلسلي ۾ ڪوبہ ذڪر ڪونہ شروع ڪيو هو.

اپريل 1947ع ۾ ننڍڙي ميم، ايف. اي. جو امتحان ڏنو ۽ ان ئي مهيني والدين سان گڏ هميشہ جيان مسوري هلي وئي. سلمان الهہ آباد ۾ هو، جڏهن ورهاڱي جو اعلان ڪيو ويو.

جنگ ڪانپوءِ اهو ڪاتو ئي ٽٽي ويو، جنهن ۾ جمشيد ملازمت ڪندو هو. هاٽي هو عمر وڌي وڃڻ ڪري آئي. سي. ايس ۽ پي. سي. ايس جي امتحانن ۾ نہ پئي ويهي سگهيو. ورهاڱو ٿيندي ئي هو قسمت آزمائڻ لاءِ ڪراچي روانو ٿي ويو.

****

سڄو ڏينهن ڦڙ ڦڙ ٿيندي رهي هئي. تيز تيز قدم کڻندي سلمان، ثريا جي گهر پهتو. شام ٿي چڪي هئي. گهٽيءَ ۾ ڏيڏر "ٽان ٽان" ڪري رهيا هئا. پاڙي ۾ ريڊيو وڄي رهيو هو ۽ پنجاب ۽ دهليءَ تان نڪرڻ وارن پناهگيرن جون ايڊريسون هنن جي مائٽن کي ٻڌايون ٿي ويون. فضا ۾ عجيب قسم جي نراسائي ۽ ويراني هئي. سلمان جي قدمن جي آهٽ ٻڌي ثريا لوهي سيخن واري دريءَ مان جهاتي پاتي. هو اندر آيو. ثريا هن لاءِ ڪرسي، دريءَ جي ويجهو سوري ورتي.

"هڪدم گهٽ ٿيءِ وئي آهي."
هن خالي خالي آواز ۾ چيو. سلمان ڪرسيءَ تي ٺيڪ ڏئي واچ تي نظر وڌي ۽ سگريٽ دکايو.

"وقت تمام ٿورو آهي." هن آواز کي توازن ۾ آڻي چيو. "مونکي يقين آهي تہ ڪنهن بہ مشڪل ۾ تنهنجا قدم ڪونہ ڏڪندا. تون هميشہ اسانجو ساٿ ڏيندينءَ. ٺيڪ آهي نہ ثريا؟" اوچتو هن جي آواز ۾ ٻارن جهڙو لهجو لهي آهي. ننڍڙي ميم صاحبہ جهڙو لهجو.

"تقرير نہ شروع ڪر." ثريا بيزاريءَ سان چيو. "مان ايترن سالن ڪان لڳاتار تنهنجون تقريرون ٻڌي رهي آهيان. ڪرائسس، آدرش، اصول، اتحاد...."

تون بہ اسانکي مايوس ڪري رهي آهين ڇوڪري. اسانکي مايوس نہ ڪجانءِ." سلمان ڇرڪندي ڏاڍي تڪليف مان چيو.

"مايوس! تون انسانن ٻاران اجا تائين خوشفهميءَ ۾ ورتل آهين."

گهنٽيءَ ۾ ريڊيو جو آواز گونجدو. "شري نوابچند جو خاندان ريل ذريعي پشاور ڪان امرتسر پهچي رهيو آهي. نواب فضل دين وڪيل جو خاندان خيريت سان هوشيارپور ڪان لاهور پهچي ويو آهي. چوڌري ٽيڪارام ۽ ان جي خاندان لاءِ هڪ گاڏي جهلم وڃي رهي آهي. هڪ دفعو ٻيهر ٻڌي وٺو."

"ثريا!" سلمان ساڳئي ڏک مان چيو. "تون تجريدي تصويرون ناهي ناهي حقيقت ڪان بلڪل ڪٽجي وئي آهين."

"هڪ ٻيو اجايو خيال! سلمان مرزا، مان تو سان آرٽ تي بحث نہ ٿي ڪرڻ چاهيان. اهو تنهنجو ميدان ناهي."

هوا جي تيز جهوٽي سبب دريءَ جا تاڪ زور سان ڪلي ويا.

"مان هتي ويهي روز شام جو خبرون ٻڌندي آهيان. پر تنهنجن گهر وارن جي خيريت اجا تائين ڪانہ ٻڌي اٿم." هن جي آواز ۾ ٿوري بيرحمي هئي.

"هڪ دفعو ٻيهر ٻڌي ڇڏ، مس مرزا!" سلامن جو ساهہ ڇڙ رڪجي ويو ۽ هن جو رنگ اچو ٿي ويو. "آچر جي ڏينهن فوجي ڪانواءِ سان مسوريءَ ڪان لاهور روانا ٿيا آهن ۽ ڊاڪٽر هري رام مهتو، سردار خوشحال سنگهہ ۽ لالا گلابچند بہ ساڻن گڏ هئا."

ڪجهہ دير تائين مڪمل خاموشي ڇانئجي وئي. سلمان ساڳيءَ طرح خاموش ويٺو رهيو. ثريا پريشانيءَ مان هن ڪي ڏٺو. هنکي پنهنجي ڪميٽائپ تي شرمساري ٿي. هوءَ جلديءَ سان هن ڪاءِ ڇانهہ ناهي آئي.

ڪجهہ ڏينهن ٿيا جو مام جو خط آيو هو." سلمان ڇانهہ ۾ ڪنڌ گهمائيندي آهستي چيو. "جڏهن مسوريءَ وارو بنگلو جلايو ويو. ان جي ٻئي ڏينهن هن لکيو هو. هوءَ ننڍڙي ميم جي ڪري

ڏاڍي پريشان آهي. هيستائين سوين نوجوان ڇوڪرين کي اغوا ڪيو ويو آهي."

"نہ گھبراءِ!" ثريا هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

"اهي سڀ خيريت سان پهچي ويندا."

ڪمري جي بجلي هلي وئي.

"مونکي هڪ سگريٽ دکائي ڏي."

ثريا، فرش تي هٿ گهمائي سگريٽ ۽ ماچس تلاش ڪيو ۽ هن جي هٿ ۾ ڏنو. سلمان سگريٽ دکايو. ثريا موڙي تي چپ چاپ ويٺي رهي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ سلمان آهستي چيو، "بابا، بهار جي هڪ بڪايل ڳوٺ جي هڪ گهراڻي ۾ فڪر ۽ بک جو اثر قبوليندڙ صوفين جي هڪ خاندان ۾ پيدا ٿيو هو. هو پي. سي. ايس. ۾ پاس ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح هو مٿئين طبقي ۾ شامل ٿي ويو. پر ذهني طور تي هو هميشہ فقير رهيو. مونکي مام ۽ ننڍڙي پيڻ جو ڏاڍو فڪر آهي. هنن کي وڏن شديد صدمن کي منهن ڏيڻو آهي."

"اوهانجو مسوريءَ وارو بنگلو جلايو ويو؟" ثريا پڇيو

"ها!" اونده مان سلمان جو آواز آيو. جنهن نظام هن جنونيت کي جنم ڏنو، انهيءَ ئي جنونيت جي هٿان سماج جا محل جلايا ويا. پر ثريا صرف اڄ ان ڪري انهيءَ تضادن کي وڏيڪ اهميت ملي رهي آهي تہ ماضيءَ جا سمورا محل سڙي رک ٿي ويا، پر اڄا بہ هنن ڍيرن جي بنيادن تي پنهي ملڪن ۾ نون سرمائيداراڻا محل اڏبا. ڪالهہ جي جاگيردارن جي بدران اڄ جي سرمائيدارن جي اهميت وڌندي. اسانجي اصل جدوجهد جي شروعات اڄ کان شروع ٿي رهي آهي." هن ماچيس جي تيلي دکائي ٽائيم ڏٺو ۽ تڪڙو اٿي بيٺو. "ثريا مونکي سرحد پار موڪليو پيو وڃي. منهنجو ساٿ ڏينديءَ."

هوءَ خاموش ٿي وئي.

"مون سان گڏ توکي سچي زندگي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون ۽ خدا ڄاڻي تو تہ تون زندگيءَ ۾ ڪجهہ آرام، ٿوري آسائش جي مستحق آهين. پر مون سان گڏ توکي دل جو سڪون، ذهني سڪون ۽ منهنجي اٿاهہ محبت ملندي."

"تون اتي وڃي خبر ناهي ڪٿي ڪٿي پيو رلندين. مان ڪاڏي ويندس؟"

"تون سپاهي عورت آهين ثريا. جنگ جاري آهي، صرف محاذ بدلجي ويندا."

هوءَ خاموش ٿي وئي.

"ثريا!"

هوءَ خاموش رهي.

هو پيٽ سان لڳي بيهي رهيو.

"ثريا!" هن آخري ڀيرو پڇيو.

هوءَ وري چپ رهي.

ڪنهن پاسي واري گهر ۾ بتي ٻاري. ان جي ٿوري روشني دريءَ مان پار ٿي ڪمري ۾ پوڻ لڳي. سلمان ثريا تي نظر وڌي ۽ هڪ لمحي لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون. ڄڻ آخري ڀيرو هن جي تصوير پنهنجي دل ۾ محفوظ ڪرڻ چاهيندو هجي. هو ٿڌو ٿي ويو ۽ نارمل انداز ۾ چيائين، "ڇڱو سائين! ثريا بيگم! هاڻي مان هلان ٿو. صبح جو سوير سفر تي روانو ٿيڻو آهي. ڪا ٻي زندگي منهنجي منتظر آهي."

هن ٿورو ڪلي ان ۾ اضافو ڪندي چيو، "خدا حافظ!" هن هٿ اڳتي وڌايو.

" Come on shake hand like a man"

هوءَ ساڳيءَ طرح چپ چاپ ويٺي رهي.

پوءِ هوءَ پنهنجي جاءِ تان اٿي ۽ اوچتو ئي اوچتو هن کي چنبڙي وئي.

"سلمان...سلمان....سلمان!"

هن سلمان جي ڪلهن سان پنهنجو منهن مهٽيندي چيو. "مان ٿوري دير لاءِ تنگ نظر ۽ بزدل ٿي وئي هيس. مان تو سان گڏ آهيان. مان هميشه هميشه لاءِ تنهنجي ساٿي آهيان. مون تي ڀروسو ڪر. مان توکي ڪڏهن به مايوس نه ڪنديس. مان توکي ڪڏهن به دوکو نه ٿي ڏئي سگهان."

سلمان هن کي پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ آڻي، هن جي گهنگريالن وارن تي هٿ ڦيريو. پوءِ هن آهستي پڇيو، "واعدو!"

"واعدو!" ثريا ڳوڙهن ڀرئي آواز ۾ وراڻيو.

"ملاءِ هٿ." سلمان چيو.

"But not like a man" ثريا ساڳئي وقت روئندي ۽ کلندي جواب ڏنو. هن جي دل ۾ مامتا جهڙي شفقت جو سيلاب وهي رهيو هو، جيڪو هر ڇوڪري پنهنجي محبوب لاءِ محسوس ڪندي آهي.

"ناهه!"

"ناهه...سلمان. ڇا تون منهنجي وقتي ڊپريشن کان ايترو ڊڄي وئين....." توکي خبر اهي ته مان ڪيتري موڙي آهيان؟"

"اوهانجي ڇا ڳالهه ڪجي! ڀڪاسو جي ماسي نه ته... اڇا اهو ٻڌاءِ ته هاڻي ڪيستائين اچي سگهين ٿي؟"

"جيئن ئي اسڪول مان استعفيٰ منظور ٿي ويندي. مونکي پنهنجي خيريت جو اطلاع پهچنديئي ڏجان سلمان."

هو دروازي تائين ويندي ڪجهه لمحن لاءِ اڌ اونداهي ڪمري ۾ بيٺل هن اڪيلي باهمت ڇوڪريءَ کي ڏسندو رهيو ۽ جلدي گهٽيءَ ۾ ڪاهي پيو. گهٽيءَ جي موڙ تائين پهچي هو

ٿوري دير لاءِ بيٺو ۽ آخري پيرو هن ننڍڙي گهر تي نگاهه وڌي. جنهن کي هن سالن تائين پنهنجي جدوجهد جو نشان ۽ پنهنجي اميدن جو مرڪز بنايو هو. هتي ڪيترِيون ئي شامون پنهنجن دوستن سان ويهي هن سائنسي ماديت ۽ انقلاب تي بحث ڪندي گذاريون هيون. ثريا کي پنهنجا پسنديده ڪتاب ڏنا هئا. ٽالسٽاءِ، گورڪي، جواهر لال نهرو، ڪرسٽوفر ڪارڊويل، هارڊ فاسٽ (جن مان اڪثر ڪتاب ثريا ابتدائي صفحن کان وڌيڪ ڪونه پڙهيا هئا.) هن ثريا کي اهم مضمون ۽ اسپين جي خانه جنگيءَ جي باري ۾ واقعا پڙهي ٻڌايا هئا. هو پڙهندو رهندو هو ۽ هوءَ سامهون تصويرون ٺاهيندي رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هو چڙ ۾ چوندو هو، "ثريا....ثريا....تون به بلڪل جاهلن واري ڪار پئي ڪرين! ٻڌ، لينن ادب جي باري ۾ ڇا چيو آهي."

"ثريا...ڇڏ نه ٿيءُ...بالواڪ کي پڙهه...."

"ثريا...هن پيري تون يونيورسٽي جوائن ڪر."

"سڄي دنيا منهنجي يونيورسٽي آهي." هوءَ اکيون گهمائي وڏي ڊرامائي انداز ۾ گورڪيءَ جو جملو ورجائيندي هئي. پوءِ هو ٻئي ڏاڍو کلندا هئا.

هڪ رات هن، ثريا کي جوليس فيوچڪ پڙهي ٻڌايو هو ۽ ڪتاب پورو ڪرڻ ڪانپوءِ هو روئڻ لڳو هو.

مڪمل ذهني هم آهنگي، مڪمل جذباتي هڪ جهڙائي ڪيڏي نه خوبصورت ۽ مڪمل دوستي انهن ٻنهي جي وچ ۾ هئي. ثريا حسين ۽ سلمان مرزا...هن نرم ۽ نازڪ، ذهين، دلڪش ۽ بهادر هاري ڇوڪريءَ ۾ سلمان کي پنهنجي خوابن جي تعبير ملي وئي هئي. مستقبل جي عورت، اينڊز سماج جي هيروئن، جيڪا محبوبه، ڀيڻ، زال ۽ ماءُ، مطلب ته عورت جي هر روپ ۾ مڪمل ثابت ٿي سگهي پئي. هن کي ڪنهن خانداني وقار جي ڪسجڻ، جنهن جي محل جي جلڻ جو ڏک به نه پئي ٿي سگهيو. ڇو ته هوءَ جنهن طبقي جي فرد هئي، تنهن کي پنهنجي زنجيرن ڪانسواءِ ڪجهه وڃائڻو نه هو.

هن وٽ هڪ به ريشمي ساڙهي ڪانه هئي. هوءَ زيورن جي نالن کان اڻواقف هئي. پائوڊر ۽ سرخيءَ کان هن کي نفرت ٿيندي هئي. فيشن وارن سوسائٽين جي پارٽين جو ذڪر هن لاءَ وحشتناڪ هو. هوءَ ننڍي ميم صاحبه کي رحم جي قابل سمجهندي هئي ۽ همدرديءَ سان اڪثر سوچيندي هئي ته "يا الله! هيءَ ويچاري پنهنجي زندگي موٽر ۾ سوار ٿي هڪڙي پارٽيءَ کان ٻي پارٽيءَ ۾ ويندي ۽ سومئنگ ۽ رولر اسڪيٽنگ ڪندي گذاري ڇڏيندي!"

سلمان اڪثر پنهنجي ڀيڻ کي

چوندو هو. "هل تہ اڄ توکي ثريا وٽ وٺي هلان. ڊنگ جون چار ڳالهيون تنهنجي ڪن ۾ پونديون."

"ڪڏهن بہ نہ." هوءَ جواب ڏيندي هئي، "هڪڙي ڳالهہ اها تہ اسانجي ڪاليج ۾ فينسي ڊريس شو آهي. ٻيو تہ ثريا باجي ايترو تہ رعب سان مون سان ڳالهائيندي آهي جو مونکي روئڻ اچي ويندو آهي.

"ثريا کي تون سمجهڻ ئي نہ ٿي چاهين ۽ تون بہ ڇا ڪرين. پنهنجي طبقي جي نمائنده ڇوڪري جو آهين." هو کلي چوندو هو.

انهيءَ سال ثريا جون تصويرون آل انڊيا نمائش جي سلسلي ۾ دهليءَ موڪليون ويون تہ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران ان جو "ون مين شو" الهہ آباد ۾ ڪيو ويو ۽ ايل. ايم. سين. لکنوءَ مان اچي ان جو افتتاح ڪيو. وڏا وڏا اديب ۽ دانشور انهيءَ ويران گهر ۾ هن سان ملڻ ايندا هئا. جنهن جوسڄو فرنيچر ڪجهہ موڙن ۽ ٻن ٽن ڪرسين تي مشتمل هو. سلمان کي ان ثريا تي ڪيترو فخر هو. اهو هن جي دل ئي ڄاڻتو پئي. اڄ هو ان ثريا کي هڪ اڻڄاتل عرصي لاءِ اڪيلو ڇڏي گهڻو دور وڃي رهيو هو.

ثريا جي ڪمري جي دري بند ٿي وئي. سلمان ٻيو سگريٽ دکايو ۽ تيز تيز قدم کڻندو اونداهي رات ۾ گهٽيءَ مان نڪري ويو.

نئين ملڪ ۾ پهچي سلمان سال تائين روپوش رهيو. هن کي اهو معلوم نہ ٿي سگهيو تہ گهر وارا ڪٿي آهن. ٿي سگهي ٿو اهي بياس ندي پار ڪندي ماريا ويا هجن! پر هڪ رات هن کي اطلاع مليو تہ هن جا والدين ۽ ڀيڻ لاڙڪاڻي ۾ پيا رهن. پنهنجون حالتون ٺيڪ ٿيندي ئي هو لاڙڪاڻي پهتو. پرشور ۽ ڏوڙ وسندڙ بازار مان گذرندو سنڌي عاملن جي سيني گهرن تي نظر وجهندو ويو، جن ۾ هاڻي يو پي جا مهاجر آباد هئا. آخر هو انهيءَ پتي تي پهچي ويو، جيڪو هن کي ٻڌايو ويو هو.

هي گهر ڪنهن هندوءَ جو هو. دروازي تي هنومان جي، لڪشمي ۽ گڻيش جون مورتيون لڳل هيون. ڏاڪڻ تي رنگ برنگي چٽسالي ٿيل هئي. هن ڌڙڪندڙ دل سان اندر جهاتي پاتي. ماما اڱڻ تي چلهہ جي ويجهو ڪاڏو تيار ڪري رهي هئي. بابا پلنگ تي ليٽي ڪجهہ پڙهي رهيو هو. هو آهستي وکون کڻي اندر آيو.

"بابا" پٽس، حافظ جو ديوان هڪ طرف رکي ويهاڻي جي سهاري ويندي چيو، "مان تنهنجي استقبال لاءِ اٿي نہ ٿو سگهان. ڇو تہ منهنجا پير مفلوج ٿي چڪا آهن.

"پٽ!" ٿوري دير ڪانپوءِ ماڻس هن جي آڏو ماني رکندي چيو، "جيڪڏهن ممڪن هجي تہ ڪراچيءَ ۾ گهر وٺي

اسانکي اتي گهرائي وٺ. هتي هن جي علاج ۾ ڏاڍي مشڪل پئي ٿئي. سڄي دنيا جي بيمارين اڃي هن کي وڪوڙيو آهي."

"صوبائي سروس جا ڪاغذ پينشن لاءِ اڄ تائين سرڪاري دفترن ۾ اٽڪيل آهن. قصر سليمان کي جائداد قرار ڏنو ويو آهي. الہ آباد بينڪ اطلاع ڏنو آهي تہ هنن اڪائونٽ منجمد ڪري ڇڏيا آهن. جيستائين ٻنهي ملڪن وچ ۾ پراپرٽي جي سلسلي ۾ ڪو معاهدو نہ ٿو ٿئي. تنهنجي ماءُ جي زمين، زميندارئ جي خاتمي جي ڪري هلي وئي، وغيره وغيره"

بابا، ڏاڍي ڏک مان چيو.

ننيڙي ميمر، اسڪول ۾ پڙهائي مونٽي ۽ سلمان کي ڏسي عجب ۾ پئجي وئي. هو ڏاڍو سنهو ۽ ڪارو ٿي ويو هو. ننيڙي ميمر جو رنگ بہ اس ۾ ڪومائجي ويو هو. ٻئي ڀاءُ ڀيڻ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي ٻارن وانگر روئڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن پيڻ، سلمان کي چيو، "ادا...ٿي سگهي تہ اسانکي ڪراچي وٺي هل. منهنجي پڙهائيءَ جو ٻيو سال برباد ٿي رهيو آهي.

"اتي هڪ جڳهہ جي باري ۾ ٻڌو آهي، جنهن کي الاهي بخش ڪالوني ٿا چون. جتي ڪرائي تي سستا ڪوارٽر ملن ٿا. اتي انتظام ڪر. اسان ڪان پئسا وٺي وڃ." ماٽس چيس.

"پئسا آهن؟" سلمان پڇڻ لڳو.

"مسوري مان نڪرندي وقت جيڪي زيور گڏ هئا، اهي هيستائين وڪرو ڪيا پيا وڃن. ننيڙي گريجوئيٽ ناهي. ان ڪري سندس پگهار بلڪل ٿورو آهي. ماٽس جواب ڏنو.

"هن کي بي اي. بي ٽي. ڪرڻ گهرجي." پٽس چيو.

"پٽ...ويندي شرط گهر ڳولهجانءِ." ماٽس وري چيو.

"جي، بلڪل."

"چانهہ پي وٺ."

"جي، اڇا"

"ڪراچيءَ ۾ بہ پنهنجي ڪاڏي پيتي جو خيال رکجانءِ."

"جي بلڪل."

هو گهڻي وقت کان هڪ قسم جي خطرناڪ زندگي گذاري رهيو هو. ميمر صاحبہ ظاهري طرح تہ ان جي عادي ٿي چڪي هئي، پر دل ۾ ڏاڍو پئي ڪڙهندي هئي تہ هن جي چنڊ جهڙي پٽ جي سالن کان کهڙي نہ خراب حالت ٿي وئي آهي. اهو ڏسي هن جي دل ۾ خون گردش ڪرڻ لڳندو هو. هن جا ڪهڙا ڪهڙا ارمان خاڪ ۾ ملي ويا هئا. وطن ۾ هئي تہ سيئي ساهيڙيون پري کان پيون پڙ پڙ ڪنديون هيون. خاندان جي خواري ڪرائي ڇڏيئين...انجر آرا جو اڪيلو پٽ آواره نڪري پيو. ٽي پيرا ڇهہ ڇهہ مهينن جي سزا ڪاٽي چڪو آهي. اهڙي

ڇوڪري کي ڪير پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ڏيندو.

سلمان ته ثريا سان شادي ڪرڻ پئي چاهي. ويچاري بوٽا بيگم پاڻ ته سچي عورت هئي. پر هيءَ ڇوڪري وڏي ئي اهڙي بي سري نڪتي جو...سلمان کي ته اهڙي ڇوڪري گهرجي، جيڪا انٽليڪچوئل، سوشلسٽ، آرٽسٽ وارٽسٽ نه هجي، پر سادي هجي. هن جي آرام ۽ ڪاڏي پيتي جو خيال رکي. مير صاحب هڪ پيري اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو هو.

"خير، ثريا باجي اهڙي وڏي انٽليڪچوئل به ڪانهي." ننڍڙي مير ٺورو مڙندي جواب ڏنو هو.

"ويچاري ثريا جي باري ۾ تون اهي خالص نڙانن واريون سڙيل ڳالهيون نه ڪندينءَ ته وري بيو ڪير ڪندو." سلمان ٺهڪ ڏيندي چيو هو.

ثريا باجي اڃي وئي؟" پيڻ ويٺي ويٺي اوچتو سوال ڪيو.

"خبر ناهي!" سلمان جواب ڏنو. پوءِ گهبراهٽ ۾ اٿي بيٺو. مان ٻن پهرن واري ريل پڪڙيان ته بهتر ٿيندو. پئي ڏهاڙي صبح جو هڪ اخبار ۾ نوڪريءَ لاءِ انٽرويو آهي. تون ايترو مايوس نه ٿيءُ. حالتون ايتريون خراب ناهن." هن، پيڻ جي مٿي تي پيار سان هٿ ڦيري، ماءُ پيءُ کان موڪلايو.

ٻاهر هوا گهلي رهي هئي ۽ واريءَ جا ذرا هن جي اکين ۾ پئي پيا. وطن ڇڏيندڙ هندن جي رنگ برنگي سرن وارن گهرن ۾ وڻ هئا ۽ گرم هوا انهن وڻن مان گذرندي سيٽيون وڄائي رهي هئي. ڏينهن ۾ مهاجر گهمي ڦري رهيا هئا. .روزانو ڪوڪرا پار مان ٿيندو راجستان، دلي ۽ يوپيءَ جو ڪو نئون پريشان حال قافلو انهن پاڙن ۾ رهڻ جي لاءِ اچي پهچندو هو. ڪهڙيون ڪهڙيون مصيبتون برداشت ڪري ماڻهو هندستان مان نڪتا هئا ۽ هتي هنن کي اڃا الائي ڪهڙيون مصيبتون برداشت ڪرڻيون هيون!

سلمان اسٽيشن جي رستي تي هلڻ شروع ڪيو. ڳاڙهي رنگ جا برقعا پاتل به سنڌياڻيون سندس سامهون گذري ويون. چانهن جي هوٽلن تي ثريا ۽ شمشاد جارڪارڊ پئي هليا. هڪ بيڪار قسم جي ريسٽورانٽ جي اڳيان، جنهن تي ڪيفي ڊي پيرس جو بورڊ لڳل هو. ان جي اڳيان ڪي مهاجر لوهي ڪرسين تي ويهي زور زور سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

"اڙي چنن خان...مون اڪيلي اڪيلي مڪان الاٽ ڪرائي ورتو. يارن کي هوا به لڳڻ ڪانه ڏنم. چو ته مون به زمانو ڏٺو آهي."

"پنهنجي اوقات ۾ رهه، مون چيو.."

هنن جو بحث وڌندو پئي ويو.

بازار ۾ چوطرف هل متل هو. قسمين قسمين ٻوليون، رنگارنگ لهجا، رنگ برنگي لباس، سامان وارن جون صدائون. هر ماڻهو نئين سرزمين تي زندگي گذارڻ لاءِ جاکوڙي رهيو هو. سلمان اهو منظر ڏسي وري تيز تيز هلڻ شروع ڪيو.

اسٽيشن تي بہ مسافرن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي. سلمان انهن کي ڏسي سوچڻ لڳو تہ نہ ڄاڻ اهي ڪهڙا ماڻهو هوندا ۽ ڪٿان آيا هوندا. يورپ ۽ بهار جا رهاڪو جن جي چهرن تي گهري اداسي هئي. گول مخمل جو ٽوپيون ۽ مخمل وارن واسڪوٽين وارا رام پور ۽ بريلي جا رهاڪو، مراد آباد جا ٿانوَ ڪپائيندڙ، علي ڳڙهہ جا قلف جا ڪاريگر، فيزآباد جا چوڙين وارا، فرخ آباد جا رنگريز، لکنوءَ جا درزي ۽ شاعر، دهليءَ جا مستري، اعظم ڳڙهہ ۽ بنارس جا سونارا، مرزا پور جا قالين ٺاهيندڙ ۽ انهن جون برقعن ۾ ويڙهيل عورتون ۽ ٻار.

ريل اچڻ ۾ اڃا دير هئي. پليٽ فارم تي ويهي ان گهمسان جو نظارو ڪندو رهيو. بڪ اسٽال تان ڪوئي ڪتاب يا رسالو خريد ڪري وقت ڪاٽڻ لاءِ هن وٽ پئسا ڪونہ هئا. تنهنڪري هڪڙو پراڻو ڪتاب ٿيلهي مان ڪڍي پڙهڻ لڳو.

****

پير الاهي بخش ڪالوني جي ان ٻن ڪمرن واري گهر جي ٻنهي طرفن کان ڪچرو ٻہ ڪڍا هئا. اڱڻ جي پٺيان گندڪچري جو ڍير پيو هو. ڪمرن جون پتين ڏاڍيون ميريون هيون ۽ ڪوارٽرن ۾ شيشي جي جڳهہ تي اخبار جا ڪاغذ ۽ پانا لڳايا ويا هئا. اوسي پاسي بہ تقريبن سڀ مهاجر آباد هئي. جيڪي گهڻو ڪري سرڪاري ملازم هئا. انهن جي زندگي ڏاڍي بي آرام هئي. پر هڪ عجيب قسم جو ولولو ۽ قومي جذبو سيني تي طاري هو.

نديڙي مير بي. اي. ڪرڻ لاءِ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. سلمان کي ان جو ڏاڍو فڪر هو ۽ پنهنجي ڊي ڪلاس هٽڻ تي سڙندي سڙندي هن پنهنجي صحت تباهہ ڪري ڇڏي هئي.

اتي هڪ ڏينهن نديڙي مير، ڪاليج کان موٽندي چيو، "ماما..ماما...مونکي هڪ ڪارو برقعو ٺهرائي ڏي."

"ڇا؟" سلمان ڇرڪندي پڇيو. جيڪو پلنگ تي ليٽيو نگون لوڏي لوڏي اخبار پڙهي رهيو هو.

"بس، سڀ ماڻهو اسانکي بري نظر سان ڏسن ٿا. مونکي ڏاڍو شرم ٿئي ٿو. بس اسٽاپ تي بيهندي دل ۾ ايندو آهي تہ زمين ڦاٽي پئي ۽ مان ان ۾ سمائجي وڃان. سيني جون نظرون تيرجيان چڀنديون آهن. برقعي ۾ ڪنهن کي خبر نہ پوندي تہ ڪير وڃي رهي آهي." ائين

چوندي هن جو آواز پرچي آيو.
سلمان اتي ويهي رهيو.
"۽ اهڙيون اهڙيون بسون، جن کي ڏسڻ سان دل ڏڪندي آهي." ننيڙي ميم اکيون خشڪ ڪندي چيو.
"انهن بسن ۾ تو جهڙا انسان ٿي سوار ٿيندا آهن پيڻ. تون بين انسانن کان ڪنهن به طرح مختلف نه آهين."
"ڏيءُ!" پٽس پنهنجي ڪٽ تان ڳالهايو. "هيءَ تنهنجو اجايو خيال آهي. ماڻهن کي تنهنجي ايڏي پرواهه ڪانهي. انهن کي پنهنجا ئي ڏک گهڻا آهن."
"پر بابا سائين! پراڻن چاڻ سڃاڻ وارن جي سامهون ڪيتري نه بيعزتي آهي اسانجي. رضيه باجي وغيره مونکي روز بس اسٽاپ تي بيٺل ڏسنديون آهن ۽ زور ڪري ڪار تي هليون وينديون آهن ۽ اڄ...مان ڪلاڪ کن بس جو انتظار ڪري ڪري نيٺ پيادل صدر ڏانهن اچي رهي هيس ته ٽيبل ٽينس رانديگر عاليه سيد، ڪار روڪي ورتي ۽ چيو، "اس ڏاڍي تيز آهي. اچ ته مان توکي لفٽ ڏيان." اهو شڪر آهي ته هوءَ مونکي سڃاڻي نه ٿي." ائين چئي هوءَ سون سون ڪندي منهن ڌوئڻ لاءِ غسل خاني ۾ هلي وئي.
****
ڪراچي پهچي جمشيد ڪجهه ئي ڏينهن جي پيچ ڊک ڪانپوءِ هڪ دوست جي ڀائيواريءَ سان امپورٽ ايڪسپورٽ جو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ ميڪلوڊ روڊ تي هڪ آفيس قائم ڪئي. اهو هندو واپارين جي وڃڻ وارو زمانو هو. تنهنڪري هن کي پنهنجو ڪاروبار ڄمائڻ ۾ ڏاڍي آساني ٿي. جنوري 1948ع جي فسادن ڪانپوءِ هڪ به ماڙ بنگلو عامل ڪالونيءَ ۾ خالي ٿيو ته هن پنهنجي نالي الاٽ ڪرائي ڇڏيو ۽ وڏي محنت ۽ ڌيان سان پنهنجو ڪاروبار ڦهلايو ۽ ڏيڍ سال جي اندر اندر ڪراچيءَ جي نئين دنيا ۾ هن جا قدم مضبوطيءَ سان ڄمي ويا.
ٻئي سال هو ڪانپور ويو ۽ پنهنجي ماءُ کي چيائين، "اصغر ۽ انور جا امتحان پورا ٿين ته انهن کي ساڻ ڪري هليا اچو يا عاليه ۽ تون هاڻي ئي مون سان گڏ هلو. ٻئي پلي پوءِ اچن. مون هڪ سٺي سيني ٽوريم ۾ تنهنجي داخلا جو انتظام ڪيو آهي."
"۽ فرحت ڌيءُ کي ڏسڻ محمد گنج نه ٿو وڃين؟"
"مون وٽ وقت ڪونهي. مان مصروف ماڻهو آهيان. اوهان مون سان جلد هلو يا پوءِ اچجوءُ."
اينڊڙ هفتي هو پنهنجي ماءُ پيڻ کي وٺي ڪراچي آيو. عاليه، ڪانپور ۾ ٿي بي. اي. ڪري چڪي هئي. هتي اچي هن ايم. اي. ۾ داخلا ورتي. هوءَ ڪانپور ڪاليج ۾ به ٽيبل ٽينس جا مقابلا کٽي چڪي هئي. هتي هوءَ جلد يونيورسٽي چيمپيئن بڻجي وئي.

جمشيد نوجوانيءَ ۾ جيڪي آءِ. سي. ايس جو امتحان پاس ڪرڻ جا خواب ڏٺا. اهي هو هينئر ڪونہ وساري سگهيو هو. جڏهن تہ هو لکن ۾ ڪيڏي رهيو هو. پر چاٽي پيو تہ وڏي آفيسر جو شان ئي ٻيو ٿيندو آهي. هن طئہ ڪري ڇڏيو هو تہ هو ننڍن ٻارڙن کي اهو امتحان ضرور ڏياريندو. ڪاروباري ماڻهوءَ جو هڪ ٻاءُ ڪنهن اعليٰ عهدي تي هوندو تہ ان سان وڏيڪ سٺو اثر پوندو.

پنهنجي ڌيءُ فرحت النساءِ کي هن اڄ تائين ڪونہ ڏٺو هو. ڪجهہ ڏينهن کان ان جو خيال جمشيد کي ستائڻ لڳو هو. هن جي ڌيءُ، جيڪا گهٽو دور ڪنهن ٻي دنيا ۾ هڪ پنتي پيل ڳوٺ جي هڪ غريب ڪچي گهر ۾ پلجي رهي هئي. هن ڊڄندي ڊڄندي چاچي کي خط لکيو. ويزا نهرائي ۽ هندستان ويو. ٻارنهن سالن جي ڊگهي عرصي کانپوءِ جمشيد، محمد گنج پهتو هو. هو 1941ع ۾ منظورالنساءِ سان شادي ڪرڻ لاءِ آخري ڀيرو هتي آيو هو. اسٽيشن تي لهي هن جي حيرت جي انتها نہ رهي. جڏهن هن ڏٺو تہ گوبند ساڳيءَطرح هن جو منتظر هو. جهڙو ڪر هو اونهاري جي موڪلن ۾ ڳوٺ پئي آيو.

"گوبند...چاچا...هن ٿورو هٻڪندي، چاچا جي لفظ جو اضافو ڪيو...تون ڪيئن آهين؟"

"سائين نندا! ٻڌايو تہ توها ن تہ خيريت سان آهين؟"

جمشيد، ٽانگي تي چڙهندي ڏکيائي محسوس ڪئي ۽ ٿورو خفا ٿيندي پنهنجي قيمتي سلوار تي نظر وڌي.

سيد مظهر جي گهر تي ائٽڪل سڄو ڳوٺ گڏ اچي ٿيو هو. شمبو دادا، شيخ رمضان، مولوي محمد حسين، توقير ميان، پنڊت لڇمڻ نارائڻ، گوبر، چاچا رحمت ۽ نہ ڄاڻ ڪير ڪير! ٻار جوان ٿي ويا هئا. جوان اڌڙوٽ تي ڇڪا هئا ۽ پوڙها قبر ۾ پير لٽڪائي ويٺا هئا. گوبر چاچا هن کي سيني سان لڳايو ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. جهينگر جون خوشيءَ ۾ واڇون ٽڙي پيون هيون ۽ هو بيوقوفن وانگر وات پٽي جمشيد کي ڏسي رهيو هو. سڄي ڳوٺ ۾ ڌوم مچي وئي هئي. جمشيد ٻاءُ پاڪستان کان آيو آهي...وڏو رئيس ٿي ويو آهي. جنهن کي سون جي واچ پاتل آهي. بلڪل صاحب ٿو لڳي.

جمشيد جي نظرن ڪيترن ئي سڃاتل چهرن کي تلاش ڪيو، جيڪي هاڻي موجود ڪونہ هئا. چاچا پانڌ مري چڪو هو. ملامو موڙي مري چڪي هئي. جيڪا پان سگريٽ ڪپائيندي هئي. نواب منڻ خان هاڻي بہ ڏاڙا هڻندو هو ۽ هنن ڏينهن ۾ جيل ويل هو.

منظورالنساءِ کي جڏهن کان خبر پئي هئي تہ جمشيد اچڻ وارو آهي تہ پئي گهر ۾ ڦري. هن وراندي ۽ ڪوٺين

جي چگيءَ طرح صفائي ڪئي هئي. گهر جا سڀ ٿانوَ ملي ملي صاف ڪيا ۽ چمڪايا هئا. جهينگر جي زال سان ملي وراندي کي ليپو ڏنو هو. پلاءِ لاءِ چانور صاف ڪيا هئا. اڌ رات جو اٿي صبح جو ناشتو تيار ڪيو هو. هن جي ماءُ پيءُ هن جي اها سرگرمي ڏسي درد مان نظرون جهڪائي ڇڏيون. فرحت النساءِ لاءِ هن ٽن ڏينهن تائين اوندهه ٿيڻ تائين اگهڻ ۾ ويهي پنهنجي هٿ سان نئون جوڙو ٺاهيو هو.

ريل جي اچڻ جو وقت ٿيو ته منظورالنساءِ، ڌيءُ کي وهنجاري نئون جوڙو پهرايو. هن جي وارن ۾ تيل لڳائي چوٽيون ڪيون. ناشتي جو سامان صندل تي رکيو ۽ پاڻ ساڳيءَ طرح وڪريل وارن کي سيري رئي ۾ سهيڙي، چهري جو پگهر خشڪ ڪندي ڪونيءَ تي چڙهي وئي. اتي پٽ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهي ۽ پٽ جي سوراخ مان اسٽيشن کان اچڻ واري رستي کي ڏسندي رهي. جڏهن جمشيد، ٽانگي مان لٿو ته منظورالنساءِ اکيون ڦاڙي ڦاڙي هن کي ڏٺو ۽ ڏسندي رهي. جمشيد، سيد مظهر عليءَ کي جهڪي سلام ڪيو. ڳوٺ وارن کي ڀاڪر پائي مليو ۽ اندر اچي پنهنجي ڌيءُ کي سيني سان لڳايو.

شاهه منور علي درگاهه جي حجري مان نڪري آيو. هن جي مٿي تي هٿ ڦيريائين، پر منهن سان ڪجهه نه ڪچيائين ۽ وري درگاهه واپس هليو ويو. سيد اختر عليءَ کي سڌڻ ڪيترائي ماڻهو ڊوڙيا پر گومتيءَ جي ڪناري هن جي جهوپڙي خالي پئي هئي. هو غائب ٿي چڪو هو.

جمشيد هفتي تائين اتي رهيو ۽ سڄو وقت هن سيد مظهر علي ۽ ان جي خاندان کي ڪراچيءَ جا اهڙا ته ڪوڙا سچا داستان ٻڌايا جو انهن جا وات ڪليل رهجي ويا. وڏي مشڪل سان هن، انهن پوڙهن کي امپورٽ ايڪسپورٽ، بليڪ مارڪيٽ، پڳڙي، لائسنس، پرمٽ، الاٽمينٽ جو مطلب سمجهايو.

"ڪراچيءَ ۾ مسجد ته هڪ کان بي وڌيڪ شاندار هوندي؟" مولوي محمد حسن چيو.

"انگريزن کي اتي ڏاڍي مشڪل ٿيندي هوندي." مولوي صاحب وڌيڪ راءِ جو اظهار ڪيو.

"ڇو؟" جمشيد پڇيو.

"اڙي! ام الخبائث تي پابندي هوندي. ماشاءَ الله اسلامي ملڪ آهي."

"جي نه، اجا ته ممنوع ڪونه آهي." جمشيد ٿوري لاتعلقيءَ سان جواب ڏنو.

"اسان وٽ ته پابندي لڳي چڪي آهي." مولوي صاحب چيو.

"پابنديءَ سان ڇا ٿو ٿئي."

پنڊت لڇمڻ نارائڻ جواب ڏنو.

فرحت النساءِ ڇا پئي پڙهي؟"

جمشيد موضوع کي تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجي چاچي کان پڇيو.

"مان خود پڙهايان ٿو. اردو ۽ قرآن شريف. شمبو دادا انگريزي پڙهائي ٿو. اي. بي. سي. ڊي. ۽ گوسائين ڪيس هندي پڙهائي ٿو. مظهر علي وڏي فخر سان چيو. جمشيد کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڳوٺ جا ماڻهو سندس ڌيءُ کي پڙهائڻ پنهنجي ذميواري پيا سمجهان. هو چوڻ وارو هو تہ هن جو ارادو آهي تہ ڪراچي وڃڻ جي ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ هو پنهنجي ڌيءُ فرحت النساءِ کي تعليم لاءِ سوئٽزرليند موڪليندو. پر چاچي شميو دادا ۽ گوسائين کي اهو ٻڌائيندي کيس شرم پئي آيو. پنهنجي پستي ۽ هنن ماڻهن جي بلنديءَ جو هن کي شدت سان احساس ٿيو ۽ هو سر جهڪائي کٽ تي ليٽي وهاڻي تي ليڪو ڪڍڻ لڳو.

منظورالنساءِ جو هن کان پردو هو. پر جيستائين هو هتي رهيو، هوءَ گهر جي سوراخن مان لڪي لڪي هن کي ڏسندي رهي. هڪ ڀيرو هن جي ماءُ کيس ائين جهاتيون پائيندي ڏٺو تہ هوءَ، هن تي ٽٽي پئي. "اڙي نياڳي! هو هاڻي تنهنجي لاءِ نامحرم آهي. تنهنجي سامهون ايندو تہ گناهہ ٿيندو. پاپ ٿيندو."

"چو، منهنجي چاچي جو پٽ نہ آهي؟" منظورالنساءِ ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ زبان کوليندي آهستي چيو.

"بيحيا، بيشرم، بيغيرت."

سيد مظهر علي جي زال بڪ بڪ ڪندي مهمان لاءِ پلاءُ دم ڪرڻ لاءِ رڌڻي ۾ هلي وئي ۽ منظورالنساءِ اتي ئي پٽ سان لڳي زمين تي ويهي رهي ۽ سڏڪا ڀري آهستي آهستي روئڻ لڳي.

جمشيد، فرحت النساءِ کي پاڻ سان گڏ ڪراچي وٺي ويو. اتي پهچنديئي هن لاءِ هڪ اينگلو انڊين گورنس مقرر ڪيائين ۽ هن کي هڪ بهترين اسڪول ۾ داخل ڪرايائين. عاليہ، ياڻٽيءَ جي تعليم ۽ تربيت پنهنجي ذمي کڻي ڇڏي هئي. هاڻي هوءَ گهر ۽ اسڪول ۾ فيري چورائيندي هئي ۽ ڪجهہ ئي سالن ۾ سمارٽ ۽ نوجوان ٻڄي چڪي هئي. جيڪا تنگ پائنچن واري سلوار ۽ بلائوزر جي نهايت چست قميص پائيندي هئي ۽ رئي بدران هڪ قسم جو پٽو ڪنڌ تي رکي گهمندي هئي ۽ راڪ اينڊ رول جي ماهر هئي. پنهنجي نانا جي اڳڻ کي هن ڪڏهن بہ ياد نہ ڪيو هو.

عاليہ، وقفي وقفي سان سيد مظهر عليءَ کي هتان خير خيريت کان واقف ڪندي رهندي هئي تہ:

"اڄ ادا نئين ڪار خريد ڪئي آهي. ماشاءَ الله چاليهہ هزارن ۾ ملي آهي. ڪاروبار جي سلسلي ۾ ادا يورپ روانو ٿي ويو آهي. هي ادا جو يورپ جو چوٿون سفر آهي.

مان اينڊڙ مهيني نيويارڪ وڃي رهي آهيان. هي آمريڪا جو نهايت

وڏو شهر آهي."

"فيري، اسڪول جي ڇوڪرين
سان گڏ مري وئي آهي. اهو اولهہ
پاڪستان ۾ هڪ پهاڙي مقام آهي."

"مان هي سٺون پرسڪون ۽
خوبصورت ريسٽ هائوس مان لکي رهي
آهيان. سامهون ندي وهي رهي آهي.
پاسي ۾ هڪ گهري ڍنڍ آهي." وغيره
وغيره.

****

جمشيد پنهنجي ڊرائنگ روم
۾ ڪجهہ مهمانن جي لاءِ ڪاڪ ٽيل تيار
ڪري رهيو هو، جڏهن نوڪر اچي اطلاع
ڏنو، "سائين! هڪ ڪراڙو شخص چوي
ٿو تہ هو اوهانجو والد آهي."

"منهنجو والد؟" جمشيد جلدي
ٻاهر نڪري آيو.

نارنگي ڪپڙن ۾ ملبوس سيد
اختر علي، موٽر رڪشا ۾ ويٺو هو.
ننڍڙي ٽين جي صندوق، بسترو وغيره هن
جي قدمن ۾ پيا هئا. هن اکيون کڻي
جمشيد کي ڏٺو ۽ مرڪندي چيو،
"مونکي بشارت ملي تہ پاڪستان هليو
وڃان." هن اطمينان سان جواب ڏنو.

****

هڪ ڏينهن ننڍڙي ميم
اسڪول پڙهائي موٽي آئي تہ هن چانهہ
پيئندي هميشہ جيان صبح جي اخبار ۾
"ضرورت آهي" ڪالم پڙهڻ شروع ڪيو.
هڪ وڏي فرم ۾ ريسپشن جي جاءِ خالي
هئي.

ٻئي ڏينهن اسڪول مان
موڪل وٺي هوءِ انهيءَ پتي تي هڪ نئين
عمارت وٽ پهتي. ٽئين فلور جي گيلريءَ
۾ هڪ اينگلو پاڪستاني ڇوڪريءَ هن
کان پڇيو، "جي ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟"

"ننڍڙي ميم ڏاڍو گهبرائيندي
بيگ مان اخبار جو ٽڪرو ڪڍيو.

"اميدوارن جو انٽرويو ڪير
ڪندو آهي؟"

"مئنيجنگ ڊائريڪٽر پاڻ،
اوهان ان سان ملڻ لاءِ اڳواٽ اجازت ورتي
آهي؟"

"نہ"

"مونکي درخواست ڏي."

"درخواست مون ناهي لکي."

ڇوڪريءَ کي ننڍڙي ميم جي
گهبراهٽ ۽ پريشاني ڏسي رحم اچي
ويو.

"تون اتي ٿي ويهہ، مان پاس
کي چوان ٿي."

ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ هوءَ واپس
آئي ۽ ننڍڙي ميم هن سان گڏ هڪ ٻئي
گيلريءَ مان گذري هڪ ڪشادي
ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ داخل ٿي. جنهن
۾ وڏو سائي رنگ جو قالين وڇايل هو ۽
سامهون هڪ وڏي ميز جي ٻئي پاسي
مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪنهن ڪاغذ تي
صحيح ڪرڻ ۾ مصروف هو. سانوري
رنگ جو ڪافي خوش شڪل ماڻهو هو.

هن جي عمر چاليهه پائيتاليهه جي لڳ ڀڳ هئي. اکين ۾ سنجيدگي ۽ هڪ قسم جي سوچ هئي. صحيح ڪرڻ ڪانپوءِ هن فون تي ڪجهه چيو ۽ وري لکڻ ۾ مصروف ٿي ويو. ڇوڪري ننڍي ميز صاحب کي ڇڏي وڃي ڇڪي هئي. هوءَ ميز جي ويجهو اچي بيهي رهي. مئنيجنگ ڊائريڪٽر ساڳيءَ طرح ڪاغذن ۾ مصروف هو. (اها هن جي خاص ٽيڪنيڪ هئي. ٻئي تي دابو وجهڻ لاءِ ته هن جو هڪ هڪ منٽ قيمتي آهي.)

فائيل بند ڪري هن ڪنڌ مٿي ڪنيو.

"السلام عليڪم!" ننڍي ميز چيو.

"سلام عليڪم! ٻڌايو مان اوهانجي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو."

"اوهان وٽ هڪ جڳهه خالي آهي."

"جي ها، جي ها، تشريف رکو. هن اميدوار جو گهري نظرن سان جائزو ورتو. ڇوڪري ۾ شدت جي سيڪس اپيل هئي. ننڍڙو قد، گهٽو اچو رنگ. ننڍڙيون ننڍڙيون شربتي اکيون. سون جهڙا وار. بلڪل جپاني گڏيءَ وانگر هن انهن ۾ تلهي چوٽي ٻڌي هئي، جيڪا ڏاڍي نرالي لڳي رهي هئي.

"اوهانجو نالو پڇي سگهان ٿو." هن دل ۾ جلدي فيصلو ڪندي پڇيو،

"سلميٰ مرزا"

"هن ڪاغذ تي نالو لکيو.

"تعليم؟"

"بي. اي. بي.ٽي."

"پهرين ڪٿي ڪم ڪيو اٿئي؟"

"جي نه...جي ها، جي منهنجو مطلب آهي ته ڪنهن آفيس ۾ ڪم ڪونه ڪيو اٿم. مان اسڪول ٽيچر آهيان."

ٿوري وقفي ڪانپوءِ وري پڇيو.

"ڏاڍو سٺو. ڏسو هتي توهان لاءِ صرف اهو ئي ڪم آهي ته اوهانکي هتي اينڊرز ٻاهرين گراهڪن کي رسيو ڪرڻو آهي. ان ڪانسواءِ مان ڪڏهن غير ملڪي واپارين، اعليٰ آفيسرن وغيره کي ميٽروپول يا جم خانه وغيره ۾ دعوت تي گهرايان ته اتي انٽرٽين ڪرڻ جي سلسلي ۾ اوهان منهنجو ساٿ ڏيندؤ.

"پر!" سلميٰ مرزا چوڻ چاهيو.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر هن جي اڻ ٻڌي ڪري ڳالهه جاري رکي، "اوهان يقينن اڄڪلهه جي مغربي طور طريقن کان واقف هونديون. ڊانس به ڄاڻنديون هونديون. معاف ڪجؤ، هي سوال مان ان ڪري پڇي رهيو آهيان جو پهرين مون هڪ پاڪستاني ڇوڪريءَ کي رکيو هو. پر هوءَ پارٽين ۾ ڳالهائيندي گهٻرائيندي هئي ۽ پارٽين جي مينرز کان غير واقف هئي. منهنجو مطلب آهي ته اڄڪلهه

اعليٰ ·پيماني جي ڪاروبار ۾ پبلڪ رليشنز کي وڏي اهميت آهي. مان ڪنهن يورپي ڇوڪريءَ کي آسانيءَ سان رکي سگهان ٿو، پر اوهان ڄاڻو ٿيون تہ اڄڪلهہ يورپي ۽ آمريڪي، هتي جي عورتن کان ڪيترو متاثر آهن.

"جي، پر!"

مئنيجنگ ڊائريڪٽر بلڪل سمجهي ويو تہ اميدوار اهو عهدو قبولڻ لاءِ هرگز تيار نہ آهي. تنهنڪري هوءَ هٻڪي رهي آهي. پر هو چاهي پيو تہ اهڙي دلڪش ۽ سيڪس اپيل جي مالڪ ڇوڪري هن کي آسانيءَ سان نہ ملي سگهندي ۽ هن کي پنهنجا خيال بڻي تائين رسائڻ جو فن خوب ايندو هو.

"مثال طور، هي ڏسو، اولهہ وارن ملڪن جون مشهور ايئر لائنز پنهنجي ايئر هوسٽس ڇوڪرين کي ساڙهيون ۽ بلائوز پارائي رهيون آهن. صرف ان لاءِ تہ مسافرن کي ...."

"جي...پر!"

"نيويارڪ جي اقوام متحده ۾ مان پاڻ ڏسي آيو آهيان، جيڪي گائيڊ وير جي ملڪن جون آهن، انهن جي پويان سياحن جو هجوم هوندو آهي. اها ڪا پريشان ٿيڻ جي ڳالهہ ناهي. تہ پوءِ طئہ آهي؟ مونکي ائين پيو محسوس ٿئي تہ اوهان بلڪل مڪمل سيڪريٽري ثابت ٿينديون. پهرين مارچ کان مان توهانجي مقرري ڪريان ٿو. اوهان جو پگهار ساڍا ست سؤ ماهوار هوندو."

هن تيڏي اک سان ڇوڪريءَ جو ردعمل ڏسڻ چاهيو. پردن مان هڪ ڪاري رنگ جو ڪلارڪ جن وانگر ظاهر ٿيو.

"بس پنڙڪ! هيءَ مس مرزا آهي. مان هن کي پنهنجي سوشل سيڪريٽري مقرر ڪيان ٿو. هن جو ذاتي فائيل تيار ڪريو."

"يس سر."

پنڊرنهن منٽن جي اندر اندر ساڍا ست سؤ ماهوار پگهار تي هن جي مقرري ٿي. اها ڳالهہ سلميٰ مرزا کي ڏاڍي عجيب لڳي.

"پر، مون سمجهيو پئي تہ اهو اشتهار اوهان ريسيپشنسٽ لاءِ ڏنو آهي!" هڪ دفعو ٻيهر هن احتجاج ڪيو.

"ها، پر اوهانکي ڏسي مون پنهنجو ارادو تبديل ڪري ڇڏيو."

مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسيءَ جو رخ ڦيري ڇڏيو ۽ ڇوڪريءَ جي گهبراهٽ ڏسي دل ۾ سوچيو، "ڏاڍي وائڙي ۽ ٿوري بيوقوف بہ آهي ۽ بيحد ضرورتمند ۽ ناتجربيڪار تہ يقينن آهي."

"بي ڳالهہ تہ...." هن بلند آواز ۾ چيو، "اوهان ڪٿي پيون رهو؟"

سلميٰ مرزا پنهنجو پتو ٻڌايو.

"اوه!" مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي وات مان نڪتو.

سلميٰ ساڙهيءَ جو پلئہ

سنياليندي اتي ۽ گهڙي کن لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

بابا جي وفات ۽ ياءَ جي جيل ۾ وڃڻ ڪري هوءَ هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ پوٽا ٻه سؤ ماهوار پگهار تي پڙهائي رهي هئي. هن آڇر تي پنهنجي ياءَ لاءِ رسالا وٺي وڃڻ پئي چاهيان, پر اهو, ان پگهار ۾ ممڪن نه هو. وري ياءَ کي هتان کان گهڻو دور موڪليو ويو هو ۽ هن کي بهاول پور جي گرلز اسڪول ۾ سيڪنڊ مسٽريس جي نوڪري ملي وئي هئي. ڪالونيءَ وارو گهر هن بهار کان آيل هڪ مائٽ جي حوالي ڪيو هو ۽ ماءُ کي وٺي بهاولپور هلي وئي هئي. اتي هن زندگيءَ جا وڏيڪ پنج سال هڪ تپندڙ ريگستان جي وچ ۾ هڪ گمنام شهر ۾ ڇوڪرين کي پڙهائيندي گذاريا هئا. اتي ماءُ کي دل جا دورا پوڻ لڳا هئا ۽ ان شهر ۾ هن جو علاج ممڪن نه هو. ان ڪري هوءَ وري ماءُ کي ساڻ ڪري ڪراچي واپس آئي هئي. گذريل هڪ سال کان هوءَ وري ڪالونيءَ جي ساڳئي هڪ ڪمري واري گهر ۾ رهڻ لڳي هئي. جنهن تي هاڻي ان مائٽ قبضو ڪري ڇڏيو هو ۽ ساڳئي پرائيويٽ اسڪول ۾ پڙهائڻ لڳي هئي. ان هڪ سال جي عرصي ۾ ڪليم لاءِ چڪر ڪاٽيندي ڪاٽيندي هن جون ٽنگون ٿڪجي پيون هيون. زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن جي ڊڪ ڊوڙ, بسن, سائيڪل رڪشا ۽ پيادل شهر جا چڪر ڪٽڻ جي هاڻي هن ۾ وڏيڪ همت نه رهي هئي. پر ڪڏهن ڪڏهن ياءُ جو جڏهن خط ايندو هو ۽ هو ڪيڏي نه پيار سان هن جي همٿ وڌائيندو هو ۽ پوءِ هوءَ ڪنڌ ڪٽي زنده رهڻ جي جدوجهد ۾ مصروف ٿي ويندي هئي.

وقت ڪيڏي نه تيزيءَ سان گذري رهيو هو. پٽس کي فوت ٿئي, ياءُ کي گهر کان دور ٿئي ڪيڏو عرصو گذري چڪو هو. 1960ع اچي چڪو هو. گذريل پندرنهن سالن ۾ هڪ اهڙي رات نه آئي هئي, جو هوءَ فڪر ۽ پريشانين کان آجي ٿي هجي. ساڍا ست سؤ روپيا مهينو! نه يقين ۾ ايندڙ! دنيا جون بيون ڇوڪريون ٻه ٽه آفيسن ۾ ڪم ڪن ٿيون. آفيس ۾ سيڪريٽريءَ جو ڪم ڪنهن ٻه طرح ڪريل ڪونه هو. ياءُ هن کي ڪيترائي ڀيرا سمجهايو هو.

"پيڻ تون بين انسانن کان ڪنهن ٻه طرح مختلف نه آهين ۽ گذريل پندرنهن سالن ۾ هن ياءُ کي ثابت ڪري ڏيکاريو هو ته هوءَ دنيا جي عام انسانن کان مختلف نه هئي ۽ ياءُ کي هن تي ڪيترو بي پناهه فخر هو....منهنجي بهادر پيڻ....منهنجي بهادر پيڻ...

هن فيصلو ڪيو. "جي ها!"

"سنو...پهرين مارچ تي ساڍي انين وڳي صبح جو اسانجي مائيڪرو بس, اوهانکي ڪٽڻ لاءِ اچي ويندي."

جتي هو قالين تي سڄو ڏينهن چپ چاپ ويٺو هوندو هو. هن جي زال سينيٽوريم مان صحتياب ٿي واپس اچي چڪي هئي. پر هن سان مڙس جي ملاقات تمام گهٽ ٿيندي هئي. سيد اختر عليءَ کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو آرام ۽ آسائش نصيب ٿي هئي. هو پيٽ ڀري سمي ڪان سٺو ڪائيندو هو. هڪ ملازم صرف هن جي خدمت لاءِ رکيو ويو هو. مڪمل اطمينان ۽ سڪون جي ڪري هن جي دماغي حالت آهستي آهستي نارمل ٿيڻ لڳي ۽ جڏهن هن جي دماغ باقاعده ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته هو مسلسل بيڪار ٿي ويهڻ مان تنگ ٿيڻ لڳو.

"بابا!" جمشيد، پيءُ کي چيو، جنهن جو ڪيترن ئي نارمل ۽ ايبنارمل ماڻهن سان واسطو پوندو هو. تنهنڪري چڱو ڀلو نفسيات جو ماهر بڻجي چڪو هو.

"ڪمپني لا" جي ڪتابن تي ٿوري گهڻي نظر گهمائيندا ڪريو. اوهان جي قانونداني منهنجي فرم جي ڪم ايندي." ان ڪانپوءِ سيد اختر علي ذوق ۽ شوق سان قانون جي ڪتابن ۾ گم ٿي ويو. اٽڪل ارڙنهن سالن ڪانپوءِ هو پنهنجي وڪالت جي ڊگريءَ کي ڪم ۾ آڻي رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو جمشيد جي آفيس ۾ به وڃڻ لڳو ۽ ان ڪانپوءِ پٽ جي ڪاروباري ڪمن ۾ به شامل ٿي ويو.

****

ثريا، ڪراچي پهچي ناظم آباد ۾ هڪ ساهيڙيءَ وٽ رهي، جيڪا ڪجهه سال اڳ ڍاڪا اسڪول ۾ هن سان گڏ ڪم ڪري چڪي هئي. هن ڊبيل ڊبيل انداز ۾ سلمان جي پڇا ڳاڇا ڪرڻ شروع ڪئي. پر جنهن به ماڻهوءَ کان هن پڇيو، انهن هن کي ٿورو عجيب ۽ شڪ واري نگاهه سان ڏٺو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هن کي معلوم ٿيو ته سلمان هتان کان گهڻو دور ڪنهن نامعلوم جڳهه تي، نامعلوم علائقي ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي. هن پوءِ سلميٰ جي تلاش شروع ڪئي. سلمان پنهنجن خطن ۾ احتياط طور سلميٰ جو ذڪر نه ڪندو هو. نه وري هن جو پتو لکيو هئائين. هاڻي ايتري وڏي شهر ۾ سلميٰ کي ڳولهڻ آسان نه هو. پر هڪ ڏينهن ثريا کي معلوم ٿيو ته هوءَ به هاڻي ڪراچيءَ ۾ نه آهي ۽ ڪنهن ڏورانهين علائقي جي هڪ گرلس اسڪول ۾ پڙهائي رهي آهي ۽ هن جو پتو به ڪنهن کي معلوم نه هو. ثريا ڪافي مشهور آرٽسٽ هئي. هن کي هڪ گرلز ڪاليج ۾ ليڪچراري ملي وئي.

اشرف جي چار پنج چوڪرين ناظم آباد ۾ پي. اي. سي. ايچ. ايس. ۾ ٽي، ٽن سؤ گزن جا پلاٽ خريد ڪيا ۽ ان تي پنهنجا گهر ٺهرائي رهيون هيون. هن ڪيس به صلاح ڏني ته ڪراچيءَ ۾ ڪرائي جي گهر ۾ رهنديءَ تي سڄي ٿي

ويندينءَ. تون بہ قرض وٺي پنهنجو گهر ٺهراءِ. ثريا، سوسائٽيءَ ۾ چار سؤ گز جو پلاٽ خريد ڪيو. گهر جي تعمير لاءِ قرض ورتو ۽ ڇهہ مهينن ۾ ويهن هزارن ۾ هن جو خوبصورت ڪاٽيج تيار ٿي ويو ۽ بوٽا بيگم ان جو بورچيخانو پنهنجي پسند مطابق ٺهرايو هو.

بوٽا بيگم سال پهرين جڏهن محمد گنج ۾ رهندي هئي، تڏهن ڏوليءَ ۾ ويهي نڪرندي هئي. "قصر سلمان" ۾ بہ هن پنهنجو پڙدو برقرار رکيو ۽ ڪليڪٽر صاحب ڪان بہ هن جو پڙدو رهيو. پراڻي گهر ۾ باقي هوءَ ثريا جي ٽن چئن دوستن جي سامهون آئي هئي. اهي سڀ هن کي پيار مان "امان، امان" چوندا هئا ۽ وڏي دلچسپيءَ سان هن ڪان ڳوٺ جا قصا ٻڌندا هئا. ڏاڪا اچي بہ بوٽا بيگم ڪڏهن ڪڏهن ساڙهي پائڻ شروع ڪئي هئي. پر برقعو نہ ڇڏيو هئائين. پر ڪراچي بہ ميدان حشر هو. اتي هن جو پڙدو گهڻو عرصو نہ پئي هلي سگهيو. ڪاٽيج هن پنهنجي نگرانيءَ ۾ ٺهرايو. هن کي ٺيڪيدارن ۽ مزدورن جي سامهون اچڻو پيو. ان ڪانپوءِ گهر سيٽ ڪرڻ جي سڄي پڄ ڊڪ هن پاڻ ڪئي. هن برقعو لاٿو ۽ بسن، رڪشن ۾ سڄي شهر ۾ مختلف ڪمن لاءِ چڪر ڪاٽيندي رهي. پاڙي جي بنگلن ۾ يو. پي. وارن بيبين سان هن جي ملاقات ٿي وئي. هاڻي هوءَ بيگم حسين سڏرائيندي هئي. ساڙهي پائي ۽ شان سان رئي سان منهن ڍڪي ناسي پرس کڻي هوءَ بازار ويندي نظر ايندي هئي.

ثريا سڄو ڏينهن پنهنجين مصروفيتن ۾ رهندي هئي ۽ سلمان کي وسارڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، پر رات جو هن کي سلمان جي باري ۾ فڪر ڪائي ڇڏيندو هو.

انهن ڏينهن ۾ ڪيس پئسن جي سخت ضرورت هئي. پگهار جو گهڻو حصو زمين ۽ گهر جي قسطن ۾ ڪٽجي ويندو هو. بوٽا بيگم کي دم جو پراڻو مرض اٿلي پيو هو. ان جو علاج ٿي رهيو هو. هن وٽ نوان ڪپڙا بہ نہ هئا ۽ هوءَ ڏاڪا ۾ خريد ڪيل ساڙهين مان ڪم هلائي رهي هئي.

هڪ ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ "ايزل" جي سامهون بيٺي تصوير ٺاهي رهي هئي باهر هڪ چمڪندڙ ڪار اچي بيٺي ۽ سوڙهن ڪپڙن ۾ ملبوس هڪ بيحد خوبصورت ڇوڪري اندر آئي. هن سان گڏ بہ آمريڪي عورتون پڻ هيون.

"مان عاليہ سيد آهيان." ڇوڪريءَ چيو، "اوهانجو پتو مونکي اوهانجي ڪاليج مان مليو. منهنجون هي ساهيڙيون پاڪستان تصويرون خريدڻ چاهين ٿيون."

مهمانن چوطرف نهاريو ۽ ويهڻ لاءِ ڪا شيءِ نہ ملين تہ فرش تي گوڏا کوڙي تصويرون ڏسڻ لڳيون. پئي

سيڪنڊ هينڊ ڪرسيون اڳڻ ۾ پيون هيون. انهن تي بوٽا بيگر ڪپڙا سڪڻ لاءِ رکي ڇڏيا هئا. اسٽول رڌڻي ۾ هو. ثريا کي ان وقت ڏاڍي مونجهه محسوس ٿي. تصويرن جي خريدارن لاءِ ڪمري ۾ هڪ صوفا سيٽ تمام ضروري هو.

آمريڪي عورتن ٽين، ٽين سوين ۾ سلهٽ جا بہ منظر خريد ڪيا. ثريا، عاليہ سيد جو شڪريو ادا ڪيو. عاليہ سيد هن کي پنهنجو ٽيليفون نمبر ڏنو ۽ ٻڌايو. "هن کي ايڏي وڏي آرٽسٽ سان ملڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ ثريا کي پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت پڻ ڏني.

انهيءَ ڏينهن شهر وڃي ثريا هڪ صوفا سيٽ خريد ڪيو. هڪ ننڍرو بڪ شيلف ۽ هڪ ٽيبل ليمپ خريد ڪيو ۽ اهو سامان ڪمري ۾ سجائي سوچڻ لڳي تہ جيڪڏهن هڪ سني رنگ جو قالين ۽ پڙدا بہ هجن تہ ڪمرو چمڪي پوندو. پر هن اهو فرنيچر خريد ڪندي گهر جي پنهنجن پئسن مان پنجاهہ روپيا خرچ ڪري ڇڏيا هئا ۽ هر مهيني قرض وڌي رهيو هو.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ڪيس معلوم ٿيو تہ ايڊورٽائزنگ ڪمپنين ۾ آرٽسٽن کي سٺو پگهار ملي ٿو. هن کي عاليہ جو خيال آيو. جيڪا گهڻي حيثيت واري پئي نظر آئي. هن ڪاليج مان ڪيس فون ڪيو. ٻئي پاسي رسيور عاليہ جي پاءُ جمشيد علي سيد کنيو ۽ جڏهن ڪيس معلوم ٿيو تہ مشهور آرٽسٽ ثريا حسين پئي ڳالهائي تہ هن چيو. "عجيب اتفاق آهي، مون سان عاليہ ڪالهہ ئي اوهانجو ذڪر ڪيو آهي. منهنجا ڪجهہ آمريڪي دوست بہ تصويرون خريدڻ چاهين ٿا. ڪنهن ڏينهن اوهان، مون سان لنچ ڪائڻ پسند ڪنديون؟"

ان ڪري ئي ثريا حسين رڪشا ۾ ويهي ڪراچي جم خانہ وئي. جمشيد، ٽينس ڪورٽ واري پاسي هڪ وڏي ڪمري ۾ هن جو انتظار ڪري رهيو هو. ٿوري دير ڪانپوءِ عاليہ بہ ٽينس کيڏي اچي وئي.

ڳالهين ڳالهين ۾ ڏاڍي بي تڪلف دوستاڻي لهجي ۾ عاليہ، ثريا سان ڪچهري ڪري ٻنهي کي لنچ ڪائڻ لاءِ ڇڏي ٻاهر هلي وئي.

ايندڙ مهيني ۾ ثريا جي ڪيترين ئي تصويرن جو عاليہ جي ذريعي وڪرو ٿيو. هن ويهڻ واري ڪمري لاءِ ڪاڏيءَ جا پڙدا خريد ڪيا. جن تي موئن جي دڙي جا چٽ چٽيل هئا ۽ ٽيليفون لاءِ درخواست ڏئي ڇڏي. ان ڪانپوءِ ٻئي مهيني ۾ خود جمشيد هن ڪان ست سؤ روپين ۾ هڪ تصوير خريد ڪئي ۽ پنهنجي آفيس ۾ لڳائي ۽ هڪ ٻي تصوير لاءِ هڪ سياح ڪان پورو هزار مليس. ثريا ان مان هڪ ننڍڙو فرج خريد ڪيو. ڪاڌو ڪائڻ لاءِ فرنيچر ۽ پنهنجي سينگار ميز هن ڪجهہ عرصي بعد

واجبي قيمت ۾ ٺهرايو. ٽيليفون بہ لڳي ويو. هاڻي هن جو ڪاٽيج پاڻ ئي ڳالهائڻ لڳو. هاڻي وڏي ڪان وڏو ماڻهو هن سان ملڻ اچي سگهيو ٿي، ان سلسلي ۾ هن لاءِ گهٻراهٽ جو ڪوبہ سبب نہ هو.

پر هن جو خرچ وڌندو پئي ويو. ٽيليفون جو بل، بوٽا بيگم جي ڊاڪٽر جو بل، دڪاندارن جو بل، ڪاليج وڃڻ لاءِ هن کي ڪجهہ نيون ساڙهيون پئي وٺڻيون پيون. هن جون شاگرديائيون، هڪ کان هڪ فيشن ايبل هيون. هن جي چاڻ سڃاڻ وارن جو دائرو وڌندو پئي ويو. روز شام جو ڪٿي نہ ڪٿي وڃڻو پئي پيو. هن جو روزمره جي زندگيءَ جو معيار بلند ۽ مهانگو ٿيندو پئي ويو ۽ خوشقسمتيءَ سان هن کي هڪ ايڊورٽائزنگ ڪمپنيءَ ۾ ماهوار نوَ سؤ روپين جي نوڪري ملي وئي. اها ايجنسي جمشيد جي ڪاروبار جي سڄي پبلسٽي سنڀاليندي هئي. ان آمدنيءَ ڪانپوءِ ثريا جون ڪيترين مالي پريشانيون ختم ٿي ويون هيون.

ان ايجنسيءَ ۾ هن اچا هڪ سال مس ڪم ڪيو هوندو تہ هن کي هڪ پرڪشش اسڪالرشپ جي آڇ ڪئي وئي. هن بوٽا بيگم کي پنهنجي ساهيڙيءَ وٽ موڪليو. ڪاٽيج، چار سؤ روپين جي مسواڙ تي ڏنو ۽ ٻن سالن لاءِ پيرس هلي وئي. مارچ 1961ع ۾ هوءَ ڪراچي واپس آئي ۽ ايندي ئي پنهنجي لاءِ هڪ فاڪس ويگن خريد ڪيائين.

****

سلميٰ مرزا جي نوڪريءَ کي اجا هڪ مهينو گذريو هو تہ سندس باس، بيچ لگزري تي هڪ وڏي پارٽي ڏني ۽ پنهنجي سوشل سيڪريٽريءَ کي فون تي چيو تہ هوءَ سام جو ستين بجي تيار رهي. هو پاڻ اچي هن کي پڪ ڪندو.

سلميٰ پهرئين پگهار مان هڪ هندستاني ساڙهي اصل کان ٻيڻي قيمت تي خريد ڪئي هئي ۽ آفيس ۾ مس ڊي سوزا هن تي زور پريو هو تہ گهٽ ۾ گهٽ شام واري پارٽيءَ ۾ ڪيس ضرور ميڪ اپ ڪري اچڻ گهرجي. نہ تہ چهرو ڦڪو ڦڪو لڳندو. تنهنڪري ئي هن هلڪي رنگ جي لپ اسٽڪ بہ خريد ڪئي هئي.

اوندهہ ٿي چڪي هئي ۽ هوءَ دريءَ جي ويجهو بيهي ميڪ اپ ڪري رهي هئي. هوءَ دري هميشہ بند رکندي هئي. جو تہ ان مان ستو گهٽيءَ مان نظر پئجي پئي سگهي. هن وقت هن دريءَ جو هڪ تاڪ کولي آئينو دريءَ جي چاريءَ ۾ اٽڪائي ڇڏيو هو ۽ پلنگ جي ڪناري تي ويهي ننهن تي نيل پالش لڳائڻ لڳي.

چهري تي فائونڊيشن ڪريم مليندي مليندي اوچتو هن جا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. هن کي اوچتو احساس ٿيو تہ هوءَ ٻهريون پيرو پنهنجي ان پهرين ڊيوٽيءَ تي

وڃي رهي آهي. جنهن لاءِ هن کي ملازم رکيو ويو هو. هن کي باس جي غيرملڪي دوستن کي انٽرٽين ڪرڻو هو. جو هوءَ پارٽيءَ جي ميزبان هئي ۽ هن کي ٽي سگهي ته باس جي مسٽريس به سمجهيو وڃي.

"اي منهنجا رب! اي منهنجا رب! مان مري ڇو نه ٿي وڃان..." هن اداسيءَ مان پٽ جو سهارو ورتو.

ٻاهر هڪ ڳاڙهي رنگ جي ڊگهي ڪار بيٺي ۽ هارن وڳو. هن جلدي دري بند ڪئي، لپ اسٽڪ لڳائي ۽ بيگ کڻي ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي.

"امان....امان....مان پارٽيءَ ۾ پئي وڃان. رات جو ڏهين ٻارهين بجي موٽنديس."

ٻاهر ڪار بيهاري جمشيد اسٽيرنگ وهيل تي ٻانهون رکي الاهي بخش ڪالونيءَ جي اداس ماحول کي ڏسي رهيو هو. دنيا ۾ وڌ ۾ وڌ انسان ڪهڙي نه بي رنگ زندگي پيا گذارين! هن سوچيو.

ايتري ۾ مس مرزا ٻاهر نڪتي. هن دروازو کوليو ۽ هن جي پاسي ۾ ويٺي.

گاڏي گهٽين جي ڌوڙ ۽ گند ۽ ڪڌن مان گذري ٻاهر رستي تي اچي وئي. جمشيد . مڙي پنهنجي دلڪش سيڪريٽريءَ کي ڏٺو ۽ مرڪي اخلاق سان پڇيو. "تون ڪيئن آهين مس مرزا؟"

"بلڪل ٺيڪ آهيان."

ڪار، گاڏين جي پيهه کي چيريندي هلي رهي هئي، ٻسون دونهون ڇڏيندي گذري رهيون هيون، ماڻهو آفيسن مان واپس ٿي رهيا هئا. پٽين تي وڏن وڏن لفظن ۾ هوميوپيٿڪ ڊاڪٽرن وغيره جا اشتهار لڳل هئا.

جمشيد هڪ گهرو ساهه کنيو ۽ پاسي ۾ ويٺل ڇوڪريءَ تي نظر وڌي. هو پنهنجي اسٽاف جي ڏک سک ۾ ذاتي دلچسپي وٺندو هو.

"اوهانکي دفتر جي نوڪري ڪيئن پئي لڳي مس مرزا؟"

"سڀ ٺيڪ آهي." جواب مليو.

هاڻي ڪار، سينٽرل جيل جي پٽ جي هيٺان گذري رهي هئي. اوچتو هن ڏٺو ته سندس سيڪريٽريءَ جو منهن فڪر ۾ ٻڏي ويو آهي ۽ هوءَ پنهنجون نندين اکيون بند ڪري ڳوڙها پيئڻ جي ڪوشش پئي ڪري.

"مس مرزا...مس مرزا...ڇا ڳالهه آهي؟" هن بيچينيءَ سان پڇيو.

"ڪجهه نه." مس مرزا گهبرائجي چهرو ٻئي طرف ڦيري ڇڏيو.

"ڇا ٿيو؟ ٻڌاءِ ته سهي!"

"ڪجهه به ته نه ٿيو آهي."

هو خاموش ٿي ويو. ڏاڍي شريف ڇوڪري آهي، پر ڏاڍي نروس طبيعت جي مالڪ آهي. نيٺ ٺيڪ ٿي

ويندي.

رات جو جمشيد شراب جي مٽر سرور جي لهرن ۾ ترندي سوچڻ لڳو. "جيتوڻيڪ ڇوڪريءَ جي خاندان جو ڪوبہ پتو ڪونهي، پر آهي ڏاڍي پياري ۽ انگريزي بلڪل انگريز ميڊمن وانگر ٿي ڳالهائي. بهترين زال ثابت ٿيندي.

"جيڪڏهن اوهان پارٽيءَ ۾ بہ اهڙيءَطرح چپ رهيون تہ منهنجو ڪاروبار ٺپ ٿيو!" ڪجهہ دير ڪانپوءِ جمشيد ٿورو مزاحيہ انداز ۾ چيو.

هوءَ دل تي جبر ڪري ٿورو مرڪي. جمشيد سگريٽ جلايو. "توهان سگريٽ ناهين ڇڪيندي؟"

"جي نہ."

هو ڇوڪريءَ جي بيوسيءَ ڪان ايڏو تہ متاثر ٿيو جو وڌيڪ سوال ڪرڻ جي همت نہ ٿيس ۽ هتان هتان جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

پارٽيءَ جي پڇاڙيءَ تي جمشيد پنهنجي سيڪريٽريءَ جي ويجهو آيو ۽ ڏاڍي گرم جوشيءَ سان هن جو خوبصورت هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليائين. "مس مرزا، اوهان تہ فرينچ بولي بہ ڳالهايو ٿيون. اوهان تہ وڏين صلاحيتن جون مالڪ آهيو. اوهان تہ خوبصورتيءَ سان ميزبانيءَ جا فرض پورا ڪيا آهن. هي مهمان مونکي چون پيا تہ هن ملڪ ۾ اهڙيون چارمنگ ۽ ذهين سيڪريٽريز آهن تہ پوءِ اسان سمورو ڪاروبار هتي منتقل ڪرڻ لاءِ تيار آهيون."

"هاڻي مونکي گهر پهچايو."

"بلڪل...پر مس مرزا. اوهان اڪثر ڏاڍيون خاموش رهنديون آهيو ۽ اڄ شام تہ ڏاڍو گهبرايل پئي نظر آيون."

مس مرزا ڪجهہ نہ ڪڇيو ۽ جمشيد سوچڻ لڳو. "خاموش طبيعت، محنتي ۽ خوش اخلاق، پر رهي ٿي هڪ ويران ڪالونيءَ ۾. هو ڇڄ وٺي انهيءَ ڪالونيءَ ۾ ڪيئن ويندو! پر گهر پهچي ڪپڙا تبديل ڪرڻ ۽ پلنگ تي ليٽڻ ڪانپوءِ جڏهن هن جو دماغ ٿورو پرسڪون ٿيو تہ هن سوچيو. "اڙي هيءَ مان ڪهڙي بڪواس پيو سوچيان. ڪهڙي شادي ۽ ڪنهن جي شادي؟ مان هن هيٺئين ڪلاس جي ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڪنوار بڻائيندس! ڪڏهن بہ نہ."

هن پلنگ تي ليٽي ٽيبل ليمپ وسائي ۽ سگريٽ دکايو. "مان ڪيڏو نہ پاڳل وارو آهيان. مان ڪيڏو نہ پاڳل وارو آهيان." هن دل ۾ چيو.

پاسي واري ڪمري ۾ سيد اختر عليٰ ڪجهہ ملندڙن سان ڪليم جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيو هو.

"اوهان ڪيتري جو ڪليم داخل ڪيو آهي وڪيل صاحب؟"

"صرف ٽن لکن جو." سيد اختر عليءَ جو آواز آيو.

"اوهانجي زرعي زمين بہ تہ

هوندي."

"ها، پر منهنجو پاءُ اجا پارت ۾ آهي." سيد اختر عليءَ جواب ڏنو، "هو اجا تائين اتي قائل آهي. گهڻو لکيو اٿمانس تہ هتي اچي، پر هو نہ ٿو مڃي. تنهنڪري مون صرف پنهنجي ڪانپور واري بنگلي جو ڪليم داخل ڪيو آهي ۽ منظور ٿيڻ ڪانپوءِ ان جو چاليهہ سيڪڙو ئي ملندو. پر صبر ۽ شڪر ڪري اهو ئي قبول ڪري ونبو. ڇا ٿو ڪري سگهجي، هر هنڌ لٽ مار لڳي پئي آهي!"

"بلڪل نيڪ چيو اوهان وڪيل صاحب."

جمشيد کي اڄ محسوس ٿي. هن روشني ڪئي ۽ اٿي وسڪيءَ جي بوتل ۽ سوڊا ڪڍي. هڪ گلاس ڪڍي ڪرسيءَ تي رکي ويهي رهيو. هن جي پيءُ جو آواز هن جي ڪنن تائين پهتو پئي. هاڻي هو ڇٽي رهيو هو. "هاڻي اهو ئي ڏسو، جمشيد ميان بہ هزار گز زمين سوسائٽي ۾ ونئي ڇڏي هئي. ان تي بنگلي جي شروعات ڪرائي پر سيمينٽ ۽ لوهہ سڀ بليڪ تي پئي مليو. هيل تائين ان تي ٽي لک خرچ ٿي چڪو آهي. پر اجا تعمير جو ڪم ختم نہ پيو ٿئي.

جمشيد گلاس پورو ڪيو. اکيون بند ڪري ليٽي پيو. اوچتو هڪ خطرناڪ انڪشاف هن جي ذهن ۾ ڪاهي پيو تہ پنهنجي خداپرست، فقيرمنش، توڪل پسند پيءُ کي، جيڪو ماڻهو ڪنهن زماني ۾ سيد مظهر علي ۽ گوسائين ۽ مولوي محمد حسن جهڙن معصوم ماڻهن جي دائري جو هڪ اهم فرد هو، ان شريف ۽ ڪراڙي شخص کي ڪوڙو، بدديانت ۽ جعلساز ذهن جو مالڪ خود بڻايو آهي.

"اوهہ! هيءُ مون ڇا ڪيو...هي مون ڇا ڪيو!"

۽ پوءِ زورسان وهاڻي تي مڪون هڻي ڪمبل منهن تي رکي منهن لڪائي سمهي پيو.

****

منصور احمد، ثريا سان پيرس ۾ مليو هو. هو هڪ محنتي ۽ تمام گهڻو ذهين صحافي هو. ڪيترائي سال آمريڪا ۾ پبلڪ رليشنز جي ٽيڪنڪ سکڻ ڪانپوءِ ويجهڙ ۾ ڪراچي واپس آيو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ هڪ انگريزي اخبار ۾ ڪم ڪري رهيو هو ۽ شهر جي ڪامياب ۽ بااثر صحافين ۾ هن جو شمار پئي ٿيو.

ان وقت هو پريس ڪلب ۾ ويهي، ثريا جي ٿيندڙ نمائش جي باري ۾ مضمون لکي رهيو هو. ثريا، پريس ڪلب کي پنهنجي هڪ وڏي پينٽنگ تحفي ۾ ڏني هئي ۽ منصور هن کي فون ڪئي هئي تہ هوءَ پاڻ اچي پريس ڪلب ۾ پنهنجن هٿن سان اها تصوير لڳائي ۽ ماني بہ اچي کائي.

آچر جو ٽپهريءَ ڌاري ٽي چار

صحافي هڪ ڪنڊ ۾ ڏاڍي سنجيدگيءَ سان شطرنج راند ۾ مشغول هئا. منصور مضمون ٽائيپ ڪرڻ لاءِ ڪاغذ ٽائپ رائٽر ۾ وڌو ئي هو تہ هنن کي ياد آيو تہ کيس پنهنجي اخبار لاءِ پارت جي باري ۾ جلد هڪ مضمون لکڻو آهي. هو جلدي ڊگهي ميز طرف ويو. جتي اخبارون ۽ رسالا وکريا پيا هئا. هن پارت جي باري ۾ معلومات وٺڻ لاءِ هڪ اترپرديش جي ٿوري غيرمعروف اخبار جو جائزو ورتو. جنهن ۾ گهٽيون خبرون درگاهن تي ٿيندڙ عرس ۽ اسلامي مدرسن جي باري ۾ خبرون هيون. انهن خبرن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي هيڊنگ هئي:

"شاهہ منور علي جي وفات"

موضع محمد گنج سلطان پور (اوڌ) جي درگاهہ شريف جي سجاده نشين مخدوم زادو شاهہ منور علي وصال ڪري ويو. منصور جي نظر هڪ ٻي خبر طرف ڪئي، جيڪا هئي تہ "جناب نوروز حسين، خان آف پاريتي پور (ضلع سلطان پور) جي پارٽيءَ جا اسيمبليءَ ۾ ڪل 173 ميمبر آهن."

منصور وري اڳتي پڙهيو. جتي وزيرن جي هڪ ٻئي تي تنقيد، بليڪ مارڪيٽنگ، رشوت، ذات پرستي، صوبہ پرستي ۽ فرقہ پرستي جي جي سلسلي ۾ مطالبا ۽ ٻيا معاملا لکيل هئا. هڪ هيڊنگ تي هن جي نظر ٻيهجي وئي، جيڪا اهم پئي لڳي.

- ڪامريڊ آنند موهن گهوش جو لوڪ سڀا ۾ سوال...(دهلي 12 مئي) لوڪ سڀا ۾ بحث دوران ڪميونسٽ ميمبر ڪامريڊ آنند موهن گهوش....

"هيلو...ڇا تي رهيو آهي؟" ايتري ۾ ثريا پنيان اچي آواز ڏنو.

"هيلو ثريا." منصور اخبار بند ڪندي پاسو ورائي چيو.

"معاف ڪجو، مونکي دير ٿي وئي." ثريا مرڪندي چيو. هن سان گڏ عابد انصاري بہ هو، جيڪو منصور جي مخالف اخبار جو چيف رپورٽر هو. انهن ٻنهي ۾ سٺي دوستي هئي. پر خبرن جي ڊڪ ڊوڙ ۾ ٻئي هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. (مان عابد کي پنهنجي هڪ يادگار ڊيڪارڻ وٺي وئي هيس. ان ۾ ڪال لڳي ويو." ثريا چيو.

"جيڪا تون ايئرپورٽ تي ٺاهي رهي آهين؟" منصور پڇيو.

"نہ، جمشيد هائوس جي اڱڻ ۾." ثريا جواب ڏنو.

"اڇا جمشيد هائوس جي ان نئين بنگلي ۾ اتي ڪيئي آرٽسٽ ڪم پيا ڪن."

"جو تہ جمشيد علي، پيسا پاٽيءَ وانگر وهائي ٿو." عابد انصاريءَ چيو.

"مان فوٽوگرافر وني ٿو هلان تہ جيئن يادگار جي تصوير منهنجن مختلف مضمونن سان گڏ ڇپجي وڃي." منصور

احمد چيو.

"فلي الحال رهڻ ڏي. اجا تہ ان ۾ هاٿيءَ جو سونڊ ناهٺو آهي." ثريا جواب ڏنو، "جڏهن آخري تقريب ٿئي تہ ان وقت ڏسي وٺجان."

"چڱو، تون هلئي ماني گهراءِ، مان هڪ ضروري نوٽ لکي بس اچهو ٿو اچان."

"جلدي ڪجانءِ." ثريا ڪاڏي واري ميز ڏانهن ويندي چيو.

منصور ڏاڍي تيزيءَ سان پارٽ بابت مختلف مضمونن تي نوٽنگ مڪمل ڪئي ۽ ٽائپ رائيٽر تي بيو ڪاغذ چاڙهيو ۽ تيزيءَ سان ٽائيپ ڪرڻ شروع ڪئي تہ....

"ڪراچيءَ جي آرٽسٽ برادريءَ ۾ مس ثريا حسين ڪنهن بہ تعارف جي محتاج ناهي. مس حسين، جيڪا اترپرديش (پارت) جي هڪ تعلقي دار جي ڌيءَ آهي، مسوري ڪانووينٽ ۾ تعليم حاصل ڪئي اتس ۽ ان ڪانپوءِ شانتي نڪيتن ۾ ....."

****

پي. اي. سي. ايچ. اي. جي هڪ ڊگهي ۽ پٽريلي سڙڪ تي بيشمار موٽرون بيٺيون هيون ۽ معزز مهمان لهي اندر وڃي رهيا هئا. ڪراچيءَ جي مشهور واپاري جمشيد علي سيد پنهنجي نئين بنگلي جي مڪمل ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ شهر جي انڪل سيني وڏن ماڻهن کي دعوت ڏني هئي هئي. بنگلي جي لائونج ۾ ڊگهي ۽ سرسبز لان جو منظر هڪ سينيما اسڪوپ جي پڙدي وانگر نظر اچي رهيو هو.

وڻن تي لٽڪيل چمقدار ننڍڙن بلبن جي روشني ڪنڊن ۾ رکيل خوبصورت گل، چبر تي وڇايل خوبصورت صوفا سيٽ، ڪاڏي سان پريل ميزن جون قطارون، اچا ڪپڙا پاتل بيرا، سائيڊ ۾ رکيل قيمتي سگريٽن جا دبا، سفارت خانن جا ماڻهو، هندستاني ساڙهيون پاتل دلفريب عورتون، عطر جي خوشبوءِ، شراب جون بوتلون، هتي هتي وکريل صحافين جا ٽولا، ڪيمرا کنيو گهمندڙ فوٽوگرافر، وقفي وقفي سان چمڪندڙ فليش بلب، وڏا وڏا ڪاروباري، ملن جا مالڪ، وڏا سرڪار آفيسر ۽ وزير، سفير ۽ سيڪريٽري ۽ پريس اتاشي موجود هئا. اسٽيج تي ميوزڪ ڊرم وڄايا پئي ويا ۽ ڪجهہ جوڙا ڊانس ۾ مشغول هئا. شراب پاڻيءَ وانگر هلي رهي هئي. بنگلي جي ٻي منزل تي راڪ اينڊ رول جو شور متل هو. جتي فيري، پنهنجي عمر جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان گڏ هل هنگامو مچائي رهي هئي. هيٺ عاليہ سيد، سفيد ساڙهي پايو، ڳچيءَ ۾ سچن موتين جي هڪ لڙي پائي ميزبانيءَ جا فرض سنڀالي رهي هئي. اختر علي سوٽ پايو، هڪ ڪنڊ ۾ بيهي سگار پي رهيو هو. جمشيد جا ٻئي پائر آمريڪا جي

نندي عمر وارين ڇوڪرين جي ٽولي ۾ ويٺي ٽهڪ ڏئي رهيا هئا.

لائونج جي اندر ڪجهه مهمان تصوير ويجهو ويٺي هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا. ثريا حسين، جنهن فرانسيسي سيفون ڪپڙي جي ساڙهي پائي آئي هئي، جنهن تي وڏن وڏن ڳاڙهن گلن جا ڇاپا هئا. هوءَ هڪ پاسي ويٺي مداحن سان ڳالهائي رهي هئي. هن جا وار نئين فيشن مطابق ڪٽيل هئا ۽ هن موزنٽيل فائيو واري خوشبو لڳائي هئي ۽ هن جي بلائوزر جي تراش ۽ هن جي سڄي پٺي اگهاڙي هئي ۽ بلڪل واضع نظر پئي آئي.

"مس حسين! مان اها ڳالهه بلڪل اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته اوهان جي ناهيل شهپارن ۾ هاڻي قومي ڪردار ۽ قومي نموني جي جهلڪ نظر اچڻ لڳي آهي. " آرٽ جي هڪ مشهور نقاد هن کي چيو.

"پاڪستان آرٽ جو مستقبل هاڻي صرف اسانجي نئين نسل جي هٿ ۾ آهي. اوهانجي پيرس واري دور جي تصويرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اوهان پنهنجي تهذيبي ورثي طرف وڃي رهيون آهيون." ٻئي ماهر چيو.

هڪ ٿلهو صحافي، جيڪو شڪل ۾ ٿورو بيوقوف ٿي لڳو. نظر واري عينڪ چڱيءَ طرح ڄمائي ۽ ۽ اکيون ڦاڙي تصوير کي ڏٺو. "اهڙا هاڻي ته هندستان ۾ به ڏاڍا گهٽا هوندا آهن." هن حيرت سان چيو.

بيرو شراب جون بوتلون ۽ جام هڪ ٽري ۾ رکي انهن ڏانهن آيو. اهي سڀ جام هٿ ۾ کڻي وري تصوير جي باري ۾ ڳالهائڻ لڳا.

"ثريا." ٻئي طرف کان ڪنهن آواز ڏنو. "توکي جمشيد ڳولهيندو پيو وتي."

هوءَ لائونج ۾ گڏ ٿيل مهمانن کان معذرت ڪري ٻاهر لان ۾ وئي ۽ سامهون هڪ سونهري وارن واري سنهري ڇوڪريءَ کي ڏٺائين. اها ڇوڪري جهرمر ڪندڙ ستارن واري گلابي ساڙهي پاتي هئي. وارن جو ڇوٽو مٿي تي ناهيو هئائين. جنهن ڪري هوءَ ڊگهي نظر پئي آئي. پنبڙين تي هلڪي نيري رنگ جو روغن ۽ چپن تي گهري گلابي رنگ جو ميڪ اپ بيحد نفيس ۽ مڪمل پئي لڳو. اها ڇوڪري ويجهو اچي وئي.

اهي ٻئي اتي ئي هڪ ٻئي جي سامهون ڄمي ويون. ڪيترائي سيڪنڊ گذري ويا. اهي ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسنديون رهيون.

"تنيڙي ميمر....تون ئي آهين نه!؟"

هن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

"او هيلو ثريا!" ڪنهن مهمان ويجهو ايندي گرمجوشيءَ سان چيو. "اوهانکي ڏٺي ڏينهن ٿيان آهن ۽ فون

ڪري ڪري تنگ ٿي ويو آهيان. اوهان آخر ڪٿي هونديون آهيو؟"
"هائونسگ سوسائٽي." ثريا ساڳئي آواز ۾ جواب ڏنو. جيڪو هن نہ سمجهيو. وري هن ورجايو. "هائوسنگ سوسائٽي."
"اڇا نيڪ آهي. مان سياڻي شام جو عاليہ سان گڏ ايندس."
ائين چئي هو ماڻهن جي هجوم ۾ گم ٿي ويو.
پويان جمشيد اچي ثريا جي ڪنڌ تي هٿ رکيو. هن جي ٻئي هٿ ۾ ڪاڪ ٽيل جو گلاس هو.
"جانِ من!" هن ٿورو جهومندي چيو. "جانِ من! گهڻي گهڻي ۽ صحرا صحرا ۾ توکي ڳولهي چڪو آهيان. ڪٿي هئينءَ. اڙي توهان ٻئي ائين چو چپ چاپ ويٺيون آهين. چا توهانجو هڪ ٻئي سان تعارف ڪونهي...ثريا...هيءَ آهي سلميٰ مرزا. منهنجي محنتي ۽ باصلاحيت سيڪريٽري. هل جانِ من تہ نچون."
جمشيد گلاس پاسي تي رکيو ۽ ثريا کي ڇڪيندو اسٽيج تي وٺي هليو ۽ اتي ٻئي رقص ڪندڙ جوڙن ۾ گم ٿي ويا.
ڊانس بئنڊ جي ڌن تيز ٿي وئي. سلميٰ صوفا تي ويهي رهي. هن جي دل گهري ۽ اونداهي سمنڊ ۾ ٻڏي چڪي هئي. صوفا تي ويهي هوءَ ثريا ۽ جمشيد کي نچندي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي رهي.
ثريا باجي هن دل ۾ چيو. ياءِ تنهنجي نالي جي تسبيح پڙهندي پڙهندي سالن جو قيد ڪاٽڻ لاءِ جيل هليو ويو ۽ جڏهن هو تنهائيءَ جي قيدخاني کان ٻاهر نڪرندو تہ هن جا وار اڇا ٿي چڪا هوندا ۽ هو ڪراڙو ٿي چڪو هوندو. پر منهنجو ياءُ ڪڏهن بہ پوڙهو ڪونہ ٿيندو. ڪڏهن بہ نااميد نہ ٿيندو. ڪڏهن بہ آڻ نہ مڃيندو. جڏهن تہ تو ثريا باجي ايتري آسانيءَ سان هار مڃي ورتي. اوهان، جنهن، ياءُ کي روشني ڏني هئي، دل ڏني هئي، همت ڏني هئي! هن اکيون بند ڪري ڇڏيون تہ جيئن ان پارٽيءَ جي ڪنهن منظر کي نہ ڏسي سگهي.
"هيلڙ" ڪنهن پٺيان اچي هن جي ڪنڌ تي هٿ رکيو. هوءَ ڇرڪي سامهون ڪمپاس جو 55 سالن جو واپار جو وزير مسٽر اوبري بيٽل هو ۽ ڪلندي پنهنجا نقلي ڏند ڏيکاري رهيو هو ۽ سلميٰ جي ڊيوٽي هئي تہ ان کي انٽرٽين ڪري.
"اڙي تون صفا ڇري آهين، ڇا تون ڊانس نہ ڪندينءَ؟"
"جي نہ. مان هن وقت ڊانس نہ ڪنديس." سلميٰ ڏڪندڙ آواز ۾ چيو. "هن وقت مونکي معاف ڪجو."
"اڙي...اڙي....مونکي ٻڌاءِ ڇا ڳالهہ آهي. تنهنجي طبيعت خراب

آهي ڇا؟"
"مسٽر اوبري اهڙي بي تڪلف لهجي ۾ پڇيو، جيئن ماڻهو پنهنجين زالن سان ڳالهائيندا آهن." سلميٰ ڏکي وئي.
"اڇا هلو، هتي ڪيترائي ماڻهو اوهانجو انتظار پيا ڪن." هوءَ ڏڪندڙ ٽنگن سان اٿي ۽ دل ۾ چيائين، "ثريا باجي، مان اوهان سان ڪهڙي ڳالهه جي شڪايت ڪري سگهان ٿي. مان پاڻ هارائي چڪي آهيان."
هوءَ مسٽر اوبري سان گڏ سفيرن طرف هلي وئي.
رقص ڪان پوءِ جڏهن ثريا اسٽيج تان هيٺ لهي لان ۾ آئي ته هن هڪ وڻ جي هينان هڪ صوفا تي هن کي مسٽر اوبري سان گڏ ويٺل ڏٺو. هو جڏهن پيار سان سلميٰ کي گهوري رهيو هو، تڏهن هن جي چهري تي ثريا کي درگاڪنڊ جي نواب پوريءَ جو اکيون نظر آيون. ثريا ڊڄندي اکيون بند ڪري ڇڏيون. هي بيلجم ڪٽ گلاس ۽ فانوسن، اطالوي طرز تي نهيل الٽرا ماڊرن جمشيد هائوس نه هو. هي ضلعي ملڪان پور جي تعلقي درگاهه ڪنڊ جو اونداهي ڳڙهي هئي. جنهن ۾ خود بسنتي بيگم قيد هئي. پوءِ درگا ڪنڊ، جمشيد هائوس ۾ تبديل ٿي وئي. هن نظرون مٿي ڪنيون. سامهون جمشيد بيٺو هو.
"جانِ من!" هن سرور جي عالم ۾ چيو. "هن جامِ جمشيد جا جام ته پيءُ، جنهن جو نالو جمشيد هائوس آهي. هي منهنجو جام جهان آهي." هن چوڌطرف آگر سان اشارو ڪندي چيو.
هن گلاس کنيو ۽ جام پري ثريا کي ڏنو.
"چيرز!"
"چيرز!"
پوءِ هو ثريا جي چوڏاري ٻانهن وڪوڙي ڊرائنگ روم جي طرف وٺي ويو. جنهن جي هڪ ڪنڊ ۾ جنگلي ۾ نهيل ٻار جي اسٽولن تي چار پرڏيهي ۽ ڏيهي واپاري ويٺا هئا. جمشيد ويٺو ۽ ثريا کي پرواري اسٽول تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين.
گلاس ۾ تيز شراب وجهندي جمشيد انهن ماڻهن سان ڪاروباري ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون.
"جمشيد ڀاءُ، تون اسانکي اهو ٻڌاءِ ته لنڊن آفيس کان گهربل سامان جي لسٽ آئي يا نه؟" سيٺ عيسيٰ ڀائي گاسليٽ واري رڙ ڪندي پڇيو.
"اڃا ڪانه آئي آهي سيٺ صاحب." جمشيد لاپرواهيءَ سان جواب ڏنو ۽ ٻئي سيٺ سان ڳالهائڻ لڳو.
"ها ته جارج مان ڇا چئي رهيو هوس. ها...ته مون لنڊن مان درخواستون گهرايون آهن."
هاڻي مسٽر اوبري به اندر اچي ڳالهين ۾ شريڪ ٿي ويو. ثريا انهيءَ

ڪاروباري گفتگوءَ سان بور ٿيندي اسٽول تان لٿي ۽ هڪ ڪنڊ ۾ صوفي تي ويهي رهي.

اوچتو بار ۾ وينل ماڻهن ۾ جهڳڙو شروع ٿي ويو. سيٺ عيسيٰ پاڻي، گلاس پٽ تي اڇلي جمشيد کي ڳٽر ڪان ڪٽي جهليو. "سالا تو مونکي پنجن لکن جو دوکو ڏنو. مان توتي ڪيس ڪندس."

"وات بند ڪر هاٽي سيٺ!" جمشيد جوش ۾ ايندي چيو. "تون بس ڪر بليڪ ميلر." سيٺ گجيو.

"او خدا جي واسطي هاٽي بس ڪريو." جارج اگر اپي ڪري رڙ ڪئي.

"سالا تون خان برادرز سان معاهدو ڪرين ٿو ۽ اسان سان دوکو ڪرين ٿو ۽ اسان سان پنجن لکن جو فراڊ ڪرين ٿو. موالي، چورا!"

سيٺ عيسيٰ نشي جي حالت ۾ جمشيد کي نڪ ۾ زوردار مڪ هڻي ڪڍي ۽ هاٿا پائي شروع ٿي وئي ۽ اتي موجود بيا ماڻهو مزي سان اهو نظارو ڏسڻ لڳا. رڙيون ٻڌي سلميٰ اندر آئي. مسٽر پيٽرڪ ڊرائنگ روم جا سڀ اندريان در بند ڪري ڇڏيا.

ثريا جام رکيو ۽ اکيون اڏ ڪولنيدي سلميٰ تي نظر وڌي ۽ هوءَ خاموشيءَ سان ثريا جي پاسي ۾ ويهي رهي.

هاٿا پائي ڪندي معزز مهمانن ٽي چار نعرا بلند ڪيا ۽ سيٺ عيسيٰ تي اڃا جنون سوار هو. هن جمشيد کي ٻڪ وجهي ٿونشا هنيا. جمشيد قالين تي ڪري پيو. ڪيترائي گلاس ڪري پيا. جمشيد جي منهن ۽ هٿن ۾ شيشا لڳي ويا ۽ رت وهڻ لڳو ۽ ثريا ۽ سلميٰ اطمينان سان ڪنڊ ۾ ويهي تماشو ڏسي رهيون هيون.

ٻاهر اسٽيج تي سڀ مهمان ڪنهن نئين تيز رفتار آمريڪي ڌن تي رقص ڪري رهيا هئا ۽ ڊانس بينڊ زور سان وڄي رهيو هو. ڪجهه لمحن ڪانپوءِ ڌن تبديل ٿي ۽ آمريڪا جي جهنگل ۾ رهندڙن جي هڪ وحشي ڌن، ڊرم تي وڄائي وئي ۽ نچندڙ خوش ٿي تيز چڪر ڪاٽڻ لڳا.

اندر ڊرائينگ روم ۾ سيٺ عيسيٰ اڃا بڪ بڪ پئي ڪئي، "ڪوڙو...بي ايمان...چور." مسٽر پيٽرڪ هن جو نشو لاهڻ لاءِ پاڻيءَ جو جڳ هن جي مٿان هاريو. سيٺ عيسيٰ فرش تي ليٽي وري ورجائڻ لڳو.

"منهنجا پنج لک...پنج لک."

مسٽر پيٽرڪ باقي مهمانن لاءِ تازا گلاس ڀريا. اوچتو سيٺ عيسيٰ اٿيو ۽ چالاڪ ٻلي جيان جهٽڪو کائي جمشيد کي قابو ڪيو.

"چور." هو زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو.

"ثريا باجي...ثريا باجي...مسٽر عيسيٰ چور پڪڙيو آهي."
سلميٰ آهستي چيو ۽ هلڪو ٽهڪ ڏنو.
جمشيد، سيٺ جي قبضي مان جند ڇڏائي وري فرش تي ڪري پيو.
ڪجهه دير لاءِ مڪمل خاموشي ٿي وئي.
مسٽر اوبري، سيٺ کي ڪمري کان ٻاهر گهلي ويو. جمشيد ٺونٺين جي زور تي قالين تان اٿيو ۽ رومال سان منهن ۽ هٿن جو رت صاف ڪرڻ لڳو. پوءِ ٻانبڙا پائيندو ڪتي وانگر هلندو ٻنهي ڇوڪرين ڏانهن آيو ۽ ڏاڍي خراب طريقي سان سڏڪا ڀري روئڻ لڳو ۽ پوءِ اٿي ٻينو ۽ سلميٰ کي جهڪي چيائين، "مان چور ناهيان. ثريا! هن کي ٻڌاءِ ته مان چور ناهيان. هن کي ٻڌاءِ ته جمشيد چور ناهي."
"سر توهان سچ پچ گهڻو پيتو آهي." سلميٰ بيزاريءَ مان منهن پٽيندي چيو.
پوءِ اوچتو هو گانو جهونگارڻ لڳو.
ثريا گهرو ساهه کنيو ۽ صوفا تان اٿي ۽ سلميٰ جي مدد سان هن کي وٺي صوفا تي ليٽايو. ٻيا مهمان به بار مان نڪري وڃي چڪا هئا.
جمشيد صوفا تي ليٽي ليٽي وري روئڻ شروع ڪيو.
"هاٽي ماٽ ڪر." ثريا هن کي سختيءَ سان دڙڪو ڏنو ۽ ٿورو اڳتي . هڪ صوفا تي ويهي رهي.
"يس سر! آل رائيٽ سر!" جمشيد اٿي ڪيس سليوٽ ڪيو ۽ وري ليٽي پيو.
مسٽر پيٽرڪ ٽپال جو بنڊل کڻي اندر آيو.
"سر! شام جي ٽپال ۾ چٽاگانگ کان به ضروري ليٽر آيا آهن. ٿورا ڏسي وٺو."
"گيٽ آئوٽ!"
"سر! خان برادرز جي ايگريمينٽ، مسٽر جانسن جو ڪيس، موسٽ ارجنٽ." مسٽر پيٽرڪ چيو.
پر جمشيد صوفا تان اٿي وري جهونگارڻ شروع ڪيو.
سلميٰ هڪ ميز تي چڙهي ويٺي هئي ۽ گوڏن تي ڪنڌ رکي فرش کي گهوري رهي هئي. جمشيد ٻرانگهون ڀري هن ڏانهن جهونگاريندو آيو. هن سلميٰ جي وارن تي پيار سان هٿ ڦيريو. سلميٰ ڪاوڙ مان ڪنڌ ڦيري ڇڏيو. هو ٽپو ڏئي ميز تي ويٺو ۽ سامهون ويهي جهونگارڻ لڳو.
"ثريا باجي!" سلميٰ ميز تان لهندي آواز ڏنو.
ثريا، جيڪا صوفا تي غنودگيءَ ۾ هئي، هن هڪ اک کولي. ثريا کي ڏسي جمشيد اڳر مٿي کڻي، "ثريا تون ڪٿي آهين؟"
مسٽر پيٽرڪ ٻيهر ڳالهايو.

"خيال سر!"

"آل رائٽ....آل رائٽ، يو بليڪ مين، نوڪر جا چاڪر، ايگزيمينٽ کي گولي مار ۽ ڏس تو منهنجو گهڻو وقت خراب ڪيو تہ توکي زمين تان هٽائي ڇڏيندس."

ائين چئي هن ڪاروباري خط کوليا. مسٽر پيٽرڪ کيس پين ڏني. هن خطن تي مٿاڇري نظر وڌي. اڪ بند ڪري هڪ فارم تي صحيح ڪئي ۽ ڪاغذ زمين تي ڦٽي ڪري ڇڏيا. مسٽر پيٽرڪ اڳتي وڌي انهن کي کنيو ۽ هڪ لفافو پيش ڪيو. جنهن تي هندستان جي ٽڪيٽ ۽ ٺپو لڳل هو. ان کانپوءِ مسٽر پيٽرڪ ٻاهر هليو ويو. جمشيد لفافو کوليو ۽ خط تي نظر وڌي ۽ پوءِ هن دماغ تي زور ڏنو ۽ اکيون کولي پڙهڻ شروع ڪيو. لکيل هو:

"14 جون 1961ع واضع رهي تہ تاريخ 12 جون، جمعي ڏينهن رات جو ڏهين بجي نورچشمي منظورالنساءِ رب جي رضا سان وفات ڪري وئي.

مرحومہ کي درگاہ شريف جي قبرستان ۾ پائي صاحب جي پاسي ۾ دفنايو ويو.

مرحومہ مرندي وقت توکي معاف ڪيو. تنهنجو خدا تہ توکي معاف فرمائي. دعاگو تنهنجو چاچو سيد مظهر علي."

جمشيد خط پڪوڙيو ۽ ڪاغذ مروڙڻ شروع ڪيو ۽ خط ٻيهر ٻيهر پڙهيو ۽ ماٺ ڪري ويهي رهيو.

ثريا ۽ سلميٰ صوفا تي هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ ڪنڌ رکي سمهي ڇڪيون هيون. ٻاهر رقص ختم ٿي چڪو هو ۽ مهمانن جي رش گهٽجڻ لڳي هئي.

ڪمري ۾ قبرستان جهڙي خاموشي ڦهلجي وئي. هوڏانهن سنسان درگاہ ۾ تاڪ هوا جي زور سان کڙڪو ڪرڻ لڳا، "اي منهنجا رب! تون سچن عاشقن کي ڏاڍي وڏي ملڪيت عطا ڪرين ٿو. صبر جي ملڪيت." سيد منور علي هيٺ وڇايل ڪپڙو ڇنديو. نارنگي ڪفني ڪنئي ۽ خالي حجري مان جهاتي پاتي ۽ جتي پائي نڪ نڪ ڪندو ڏاڪا لهي وري پنهنجي قبر ۾ هليو ويو. هوا ڪپهہ جي ٻوٽن مان زور زور سان لنگهندي آواز ڪرڻ لڳي. ڏاڍي تڏي هوا ۽ پوءِ مينهن وسڻ شروع ٿي ويو ۽ ڪچي قبر، پاڻيءَ ۾ ٻجڻ لڳي.....ڪکر هٽي ويا، چنڊ نڪري آيو. ڳاڙهسري آسمان مان سج بہ لهي چڪو هو ۽ چنڊ وري نڪري آيو...."ڪنوار جي قبر آهي، هن تي رات جو چنبيلي ڏاڍي مهڪندي آهي." هڪ ٻڪراڙ عورت چيو ۽ هيڏانهن جمشيد زور سان سڏڪو پريو.

"منهنجو نشو اجا ناهي لٿو."

ثريا اک کولي ڏنو ۽ وري سمهي پئي.

عابد انصاري تيزيءَ سان

ڏاڪا لهندو، سهڪندو لائونج ۾ آيو.
"منصور.....منصورا" هن آواز ڏنو.
منصور هڪ هٿ ۾ شراب جو گلاس کنيو ۽ ٻئي هٿ سان ٽيليفون رسيور کنيو. جمشيد هو، عابد، هن جي ويجهو وڃي چوڌطرف نهاريو ۽ آهستي چيو، "منصورا هڪ زبردست خبر ملي آهي."
منصور ڪنڌ مٿي ڪٽي هن کي ڏٺو ۽ رسيور کي هٿ سان ڍڪي آهستي وراڻيو، "مونکي معلوم ٿي چڪو آهي."
هن رسيور هڪ منٽ لاءِ سنڀاليو ۽ واپس رکي، فرش تي ويهي رهيو.
لائونج خالي پيو هو. عابد ٽيليفون طرف وڌيو.
"بيڪار آهي." منصور هٿ وڌائي هن کي روڪيو.
"پوليس جو چوڻ آهي تہ هن خودڪشي ڪئي آهي ۽ جيل عملدارن جو بيان آهي تہ پوليس هن کي ٽرڊ ڊگري...."
عابد هوشيار ٿيندي چوڌطرف ڏٺو ۽ ماٺ ٿي ويو. ڊرائنگ روم جي در جو تاڪ آهستي کليو. لائونج ۾ ستل ثريا آواز ٻڌي جاڳي پئي. هن دريءَ جو تاڪ کولي ٻاهر ڏٺو.

"هيلو....منصور...عابد...توهان ڇا جي پيا سس پس ڪريو؟"
ائين چئي هن تاڪ بند ڪيو ۽ وري ٻاهر سمهي پئي.
لائونج ۾ عابد ۽ منصور، فرش تي خاموشيءَ سان پنڌرنهن ويهہ منٽ ويٺا رهيا.
ڪافي دير ڪانپوءِ منصور آهستي چيو، "هن ڪيئن پنهنجي جان ڏني؟"
عابد واچ تي نظر وڌي ۽ اٿي بيهي رهيو.
"مان پريس وڃان پيو."
"اها خبر ڇاپڻ تي چوويهن ڪلاڪن تائين پابندي آهي. ويهي رهہ."
منصور جواب ڏنو ۽ هٿ وڌائي هن کي فرش تي ويهاريو. ويجهو ميز تي رکيل شراب جي بوتل مان گلاس ڀريو ۽ جلدي گلاس ختم ڪيو ۽ عابد پڻ گلاس ڀري پيئڻ شروع ڪيو. هو ٻوءِ پگهر ۾ شل ٿي ويو.
"مان وڃان ٿو، هيءَ منهنجي لاءِ وڏي خبر آهي." هن وري چيو. منصور ڪنڌ جهڪائي شراب کي غور سان ڏٺو ۽ آهستي چيو، "اڙي! خبر منهنجي لاءِ بہ اهم آهي."
"هيءَ رات...هيءَ رات...ڏاڍي دردناڪ آهي."
عابد سڏڪا ڀريندي آہ ڪئي.
ٻئي ڄڻا وري خاموش ٿي ويا.
عابد ٻيو گلاس پيئڻ لڳو.

ان ڪانپوءِ هن ٻه ٽيو ڏنو ۽ تيزيءَ سان ٻاهر نڪري اونده ۾ غائب ٿي ويو.

ثريا جاڳڻ ڪانپوءِ اڪيون مهٽيون ۽ سلميٰ کي ڪلهي کان لوڏيو.

"اٿ سلميٰ! ڇا سڄي رات هتي ئي سمهڻ جو ارادو آهي؟"

"مونکي سمهڻ ڏي ثريا باجي. مان ڏاڍي ٿڪجي پئي آهيان."

سلميٰ پاسو ورائيندي چيو.

جمشيد صوفا تان لهي لڏندو لمندو ڇوڪرين ڏانهن آيو ۽ سلميٰ جي ڇهري تي ڇهرو رکندي پڇيو.

"ٿورو اهو ته ٻڌاءِ جان من ته ثريا، تنهنجي باجي ڪيئن آهي؟ ڪٿي آهي؟"

سلميٰ ٻڙٻڙ ڪندي اٿي ويٺي ۽ جمشيد کي پوريءَ قوت سان ڀوئتي ڌڪو ڏيندي، نفرت سان چيائين، "هٽي پري ٿيءُ ڊرٽي ڊاگ."

"ڇا چيئي؟ مان ڊرٽي ڊاگ آهيان ۽ تو....تون ڇا آهين، ڊرٽي بلڊي بچ!"

ثريا صفا ٺانڊو ٿي وئي ۽ هن جمشيد کي منهن ۾ پوري طاقت سان ٺونشو هڻي ڪڍيو.

"جمشيد علي سيد! تون ڪيتري به نشي ۾ ڇو نه هجين، پر تو منهنجي سامهون سلميٰ جي بيعزتي ڪئي ته مان تنهنجا ڏند ڀڃي ڇڏيندس. تنهنجو خون ڪري ڇڏيندس."

"آها، ها ها....هڪ نه پر ٻه....اڄ جي رات...اڄ جي رات....ڪيڏو نه مزو آ...۽ قالين تي ٺهڪو ڪري ڪريو.

سلميٰ صفا ڏڪي رهي هئي.

هوءَ ثريا کي چنبڙي وئي. ڄڻ هن وٽ پناهه وٺندي هجي.

ثريا جهٽڪي سان هوش ۾ اچي وئي ۽ هن آهستي جمشيد سان مخاطب ٿيندي چيو، "جمشيد، سلميٰ تنهنجي آفيس ۾ ڇئن مهينن کان ڪم ڪري رهي آهي. پر توکي اها خبر نه آهي ته هوءَ ڪير آهي ۽ ڪنهنجي ڌيءُ آهي؟"

"مونکي موصوف جو شجرو ۽ تاريخ معلوم ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي. هن جي ذاتي فائيل کي منهنجو وزير باتدبير مسٽر پيٽرڪ ئي سيٽ ڪندو آهي. بس منهنجو ته ان ڳالهه سان واسطو آهي ته هوءَ منهنجي ملازم آهي ۽ پنهنجن گراهڪن جي محبوبه..." هن وري جهونگارڻ شروع ڪيو.

ثريا ڪاوڙ ۾ اچي وري ٽي چار وڏيڪ ٿڦڙون ڪيس وهائي ڪڍيون ۽ هن پنهنجو ڇهرو ٻانهن ۾ لڪائيندي ثريا جا هٿ روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. سلميٰ ڏڪندي ثريا کي ٻاڻ ڏانهن ڇڪيو.

"ثريا باجي...خدا جي واسطي بس ڪر....ثريا باجي..."

ثريا وري ڇيتي وانگر وڏي

شروع ڪئي.
"منهنجو سڀ کان وڏو محسن منصور احمد خان آهي ۽ منهنجي آخري پناهه جي جاءِ سئٽزرلينڊ جون اهي بئنڪون آهن، جن ۾ تنهنجي دولت جمع ٿيل آهي. اڄ تنهنجي سوئيس اڪائونٽ جو جام پيئون."

هنن ٻيهر گلاس ٽڪرايا. ثريا ٻه سال پيرس ۾ رهندي ڪڏهن ايترو شراب نه پيتو هو. جيترو هوءَ شام کان هيل تائين پي چڪي هئي.

جمشيد حيرانيءَ مان سلميٰ کي ڏٺو. جيڪا ٻارن وانگر پنهنجون اکيون مهٽي رهي هئي ۽ ثريا جي ساڙهيءَ جو پلئه پڪڙي هن جي اوٽ ۾ ڊنل ڊنل بيٺي هئي. جمشيد کي ياد اچي ويو. جڏهن انب جي باغ ۾ روشن خيمن جي اندر هڪ ننڍڙي ڇوڪري ڇٽي سنيالي، معصوم آواز ۾ "ٿينڪ يو" چوندي هجي.

ڪمري ۾ هانءُ ڏاريندڙ خاموشي ڇائنجي وئي. ٻئي قسمت ماريون بي سهارا ڇوڪريون محمد گنج جي مندر جي سيتا جي مورت جيان هن جي سامهون ويٺيون هيون. هو انهن جي سامهون گوڏا کوڙي جهڪيو ۽ آهستي آهستي چيائين، "منهنجي منظوران مرڻ کان پهرين مونکي معاف ڪري ڇڏيو...ثريا....سلميٰ، توهان ٻئي ٻه مونکي معاف ڪجوُ."

ٻي منزل تان رات جي گهري سناٽي ۾ هڪ گاني جو آواز آيو. مٿي اچا پارٽي جاري هئي ۽ فيريءَ جي ڪنهن بواءِ فرينڊ وري ٽيپ رڪارڊ آن ڪيو هو.

جمشيد جلدي پنهنجي جڳهه تان اٿيو ۽ اڳڻ تي وڃي وڏي زور سان رڙ ڪيائين:

"اي چوري فيري! ٽيپ بند ڪر." هن اهڙي ته رڙ ڪئي جو سڄي جمشيد هائوس ۾ هن جو آواز گونجڻ لڳو. فيري گهبرائجي مٿان جهاتي پائي ڏٺو. ڊيڊيءَ جو آواز ۽ ان لهجو ٻڌي هن کي ڏاڍي حيرت ٿي. ڊيڊي اڄ تائين اهڙي ڇنڪي انداز ۾ ڪڏهن به ڪونه پڪاريو هو.

هو وري اچي فرش تي ويهي رهيو.

گهڙيال رات جا ٻه وڄڻ جو احساس ڏياريو. ثريا اکيون بند ڪري ڇڏيون. آهستي آهستي چيو، "سلمان...سلمان...تون به مونکي معاف ڪجانءِ. تون جتي به آهين ۽ جنهن به حالت ۾ آهين، مونکي معاف ڪر..مونکي معاف ڪر. مونکي ائين مرڻ نه ڏي. سلمان....سلمان."

ڪمري ۾ وري قبرستان جهڙي خاموشي ڇائنجي وئي. جمشيد هٿن ۾ ڪنڌ جهلي ساڳيءَ طرح ويٺو رهيو. ڄڻ ڪو گورڪن هجي ۽ ڪيترائي لاش دفن ڪري ساهي پٽيندو هجي.

هن گلاس ۾ بچيل شراب ختم

جمشيد جي سامهون ويهي رهي.
"ثريا جو خطرناڪ ارادو ڏسي هو ڏڄي ويو.
"ڊارلنگ مونکي نہ مار. مونکي تڙي نہ ڏي." هن هٿ ٻڌي چيو.
پڃري ۾ قيد شينهڻ وانگر چوڌاري ڦيرو ڏئي ثريا چوڻ شروع ڪيو.
"جمشيد علي سيد....اڄ پهريون ڀيرو منهنجي ملاقات، ڪاڏي جي ميز تي تنهنجي پيءُ سان ٿي ۽ مون هن کي سڃاڻي ورتو. محمد گنج ۾ بابا سان ملڻ لاءِ اڪثر هو اسانجي گهر ايندو رهندو هو."
جمشيد جو رنگ ڦڪو ٿيندي ڏسي هن ٽهڪ ڏنو.
"جمشيد ڊارلنگ، مان ڪنهن تعلقيدار جي ڌيءُ نہ آهيان. مون ڪنهن مسوري ڪانوينٽ ۾ تعليم ناهي پرائي. مون ڪنهن شانتي نڪيتن جي شڪل ناهي ڏٺي. مان سيد زوار حسين مرحوم نوح خوان هاري، رهندڙ محمد گنج، ضلعو سلطان پور جي ڌيءُ آهيان. تون ڪانپور جي ڪنهن وڪيل جو پٽ نہ آهين. تون سيد مظهر علي هاري موضوع محمد گنج تعلقو سلطان پور جو پائيٽيو آهين ۽ تو ڪنهن بہ ڪرنل براؤن اسڪول مان تعليم حاصل ناهي ڪئي. تون ۽ مان پنهنجي پبلڪ رليشنز ايڪسپرٽ مسٽر منصور احمد خان جا تخليق ڪيل فرضي ڪردار آهيون.....زنده باد.
مسٽر منصور احمدخان...منهنجي نڙي خشڪ ٿي رهي آهي."
هوءَ فرش تي ويهي رهي.
جمشيد خاموشيءَ سان اٿيو ۽ بار مان ٻہ جام ڀري آيو.
"اڄ...اسان ٻئي پنهنجي عزيز پريس ايجنٽ منصور احمد جي صحت لاءِ جام نوش ڪريون."
ثريا وڏي سنجيدگيءَ سان پنهنجو گلاس جمشيد جي گلاس سان ٽڪرايو....جمشيد حيرت زده ٿيندي هن کي ڏٺو.
"بوٽا بيگم جي ڌيءُ....بسنتي بيگم!"
۽ ثريا وري چوڻ لڳي،
"تنهنجي چاچي سيد مظهر عليءَ سر تي ڪفن ٻڌي پنهنجي آقا شمس آرا بيگم جي خلاف گواهي ڏني هئي. مونکي ميان نوروز جي چڪر مان ڇڏايو هو. هو منهنجو محسن هو. هو تنهنجي لاءِ هڪ فرشتو هو. پر تو ان کي بہ ڪونہ سڃاتو ۽ ان جو قدر نہ ڪيو.
"سلميٰ جي پيءُ بابا قمرالدين احمد، مونکي سهارو ڏنو. هو منهنجو بيو محسن رهيو هو ۽ منهنجو ٽيون محسن....." هوءَ چوندي چوندي اوچتو رڪجي وئي. ڪجهہ لمحن ڪانپوءِ هن پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو ۽ ڳالهہ ٻيهر

ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجين اکين تي هٿ ڦيريو ۽ پوءِ دلسوز آواز ۾ آهستي آهستي آلاپڻ شروع ڪيائين:
جليو آهي لاش منهنجو، جدائيءَ جي باهه ۾
مدد لاءِ پهچ پرين، هاڻي ڪفن ۾ باهه لڳي.

پوءِ هن چيو، "بسنتي بيگم! توکي اسانجي ڳوٺ جو پانڌ ياد آهي، جيڪو اهو غمگين ڪلام ڳائيندو هو؟"

ثريا هن جي آڏو اوڪڙو ويٺي ۽ هن سان سر ملائڻ لڳي:
مدد لاءِ پهچ پرين، هاڻي ڪفن ۾ باهه لڳي.

ڪجهه دير ڪانپوءِ وري اوچتو هن رڙ ڪندي ورجايو، پوءِ وري ٻئي خاموش ٿي ويا. سلميٰ ماٺ ۾ ڪنڌ جهڪائي قالين کي گهوري رهي هئي ته.... ثريا هڪ ئي ساهيءَ ۾ لڳاتار چوڻ شروع ڪيو، "هڪ پل به پري منهنجون اکيون نه ٿيون لڳن...پرين نه ٿيون لڳن، نه ٿيون لڳن...." سلميٰ گهبرائجي هن جي ڪنڌ تي هٿ رکيو.

"ثريا باجي...ثريا باجي....ليٽي هيءُ....پاڻي پي وٺ."

"مان بلڪل نيڪ آهيان سلميٰ." هن جواب ڏنو ۽ ساڙهيءَ جي پلئه سان پنهنجو لڙڪن هاڻو چهرو اگهيو، پر ڳوڙهن جو سيلاب هن جي اکين مان وهي آيو ۽ پوءِ هن آهستي سان ڳالهايو.

"جمشيد، مونکي پانڌ جو هڪ ٻيو به دلسوز گانو ياد آهي، ٻڌايانءِ؟...."

پوءِ هن دل کي ٽڪرا ڪرڻ جهڙي آواز ۾ الاپيو:
ڏينهن جو نه پئي اچين گڏجن، ڇا اچڻ لاءِ رات نه هئي.
نه مهندي تنهنجي پيرن ۾ هئي ۽ نه وري برسات هئي.
بيوفائيءَ ڪانسواءِ ڪا ڳالهه نه هئي.
سچ ته اهو، منظور ملاقات نه هئي.

هو ٽيئي ڇٽا خالي جامن، وکريل بوتلن، فرش تي وهندڙ شراب ۽ ٽٽل گلاسن جي ڍير وٽ ڪنڌ جهڪائي ائين ويٺا هئا، ڄڻ دنيا جو خاتمو ٿي چڪو آهي ۽ اهي هن جلندڙ زمين جا آخري جاندار آهن.

ڌڙام سان دروازو کليو ۽ سيٺ عيسيٰ اندر داخل ٿيو ۽ هن اڳتي وڌي هڪ اسٽامپ پيپر جمشيد جي منهن سامهون لهرايو.

"چٽاگانگ کان ڪار اچي وئي آهي جمشيد ياءُ. هتي صحيح ڪر، مونکي گهر وڃڻو آهي."

جمشيد ڪنڌ کڻي ڪونه ڏنو. هن اکيون مهٽيون ۽ هن کي آهستي آهستي ياد اچڻ لڳو ته هو ڪير آهي. پوءِ اٿي بيهي رهيو. هن اکيون پوريءَ طرح کولي پنهنجو پاڻ تي نظر وڌي ۽ هن کي ياد آيو ته هو ڪير آهي.... هو مشهور

بزنس مين جمشيد علي سيد هو. اڄ شام جو هن جي شاندار بنگلي جي مهورتي تقريب ٿي هئي. هي بنگلو هن ساڍن ڇئن لکن ۾ ٺهرايو هو. هن جا سڀ ڪمرا ايئرڪنڊيشنڊ هئا. جيڪي هڪ بئي سان انٽرڪام وسيلي ڳنڍيل هئا. شهر جي بهترين شان شوڪت وارن خاندانن ۾ هن جو شمار ٿيندو هو ۽ اعليٰ طبقي جون ڪيتريون بهترين ڪنواريون ڇوڪريون بيگم جمشيد ڇورائڻ جون خواهشمند هيون. اڄ بہ هن ڏهن لکن جو هڪ معاملو طئہ ڪيو هو ۽ هن لاءِ مسٽر جانسن جي ليٽر جو هن کي جواب ڏيڻو هو. ان ڪانپوءِ چٽاگانگ ٽرنڪ ڪال ڪرڻ هئي ۽ ان ڪانپوءِ نئين معاهدي جيسلسلي ۾ هڪ جرمن فرم سان ڳالهہ ٻولهہ جي سلسلي ۾ ٽيهريءَ ڏاري هن کي يورپ وڃڻو هو. هن هڪ ڊگهو ساهہ کنيو. سگريٽ دکايو ۽ سيٽ سان ٽڏ پنهنجي آفيس روانو ٿي ويو.

هاڻي رات جا ساڍا نَي وڳا هئا. مسٽر پيٽرڪ، ڊرائنگ روم ۾ آيو ۽ هن سلميٰ کي چيو، "مسَ مرزا، باس توهان سان ملڻ ٿو چاهي."

سلميٰ ٿالين تان اٿي، بيگ مان آئينو ڪڍي چهرو صاف ڪيائين ۽ مضبوط قدم کڻندي آفيس واري ڪمري ۾ وئي.

"مس مرزا!"

"جي سر!"

"اوهانکي آڇر ڏينهن بہ ڊيوٽيءَ جي تڪليف ڏجي ٿي. سياڻي نائين وڳي مسٽر ولڪاڪس ۽ هن جو گروپ اچي رهيو آهي. ساڍي نائين بجي هو جاپان پهچي ويندا. صبح جو ايئرپورٽ تي هليا وڃجو. انهن لاءِ ميٽروپول ۾ ڪمرا بڪ ڪرائي ڇڏجو ۽ منجهند جو لنچ ڪارائي ڇڏجو."

باس نظرون هيٺ ڪندي ڪندي هن کي چيو، "مان پاڻ نہ اچي سگهندس. ڇو تہ سياڻي فلاءِ ڪرڻ ڪان پهرين مونکي ڪيترائي ڪم نبيرڻا آهن. سياڻي ڏهين بجي تائين ميٽرو پول پهچي وڃجو."

"يس سر!" سلميٰ سڌو بيهي همٿ سان جواب ڏنو.

"گڊ نائيٽ"

"گڊ نائيٽ ... مسٽر پيٽرڪ...قادربخش کي چئہ تہ مس صاحبہ کي گهر پهچائي اچي."

سلميٰ ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي.

مسٽر پيٽرڪ وري ڊرائنگ روم ۾ اچي ويو.

"مس حسين، مسٽر سيد اوهانکي سڏيو آهي."

ثريا ٿالين تان اٿي، بيگ مان آئينو ڪڍي چهرو صاف ڪيو ۽ مضبوط قدم کڻي آفيس ۾ وئي.

"ثريا." جمشيد نظرون مٿي

ڪٽڻ. ڪانسواءِ چيو. "شام جو تنهنجي ٽڪيٽ بہ اچي وئي آهي. گهر وڃي پيڪنگ ڪر. سياڻي ادائي وڳي ا. ئرپورٽ تي اچي وڃجانءِ. هينئر بناسر مان ليٽر آيو آهي. تنهنجي نمائش لاءِ هتن 18 جولاءِ کان انتظام ڪيو آهي. ايترو عرصو اسين جينوا ۾ رهنداسين. چڱو سياڻي ملاقات ٿيندي. گڊ نائيٽ ثريا."

"گڊ نائيٽ." هوءَ بہ ٻاهر هلي وئي. پر ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ هن واپس اچي چيو تہ "منهنجي ڪار غائب آهي. شايد منصور يا عابد کڻي ويا آهن."

"مسٽر پيٽرڪ! فتح محمد کي چئہ تہ عاليہ بيبيءَ جي ڪار ۾ مس صاحبہ کي گهر پهچائي اچي."

"يس سر!"

****

ٻئي ڏينهن ٻاهرين ملڪن جي مهمانن سان منهن ڏيڻ ڪانپوءِ سلميٰ ميٽروپول جي دڪانن تان ڪافي سامان خريد ڪيو. قيمتي چاڪليٽ، ٽاءِ، بسڪوٽن جا دٻا، خشڪ ميون جا پاڪيٽ، سگريٽن جو پورو ڪارٽن، شيمپو جون شيشيون، مهانگي قيمت وارو شيونگ سوپ، ٽوٿ پيسٽ، بڪ اسٽال سان ڪيترائي ڪتاب ۽ تازا رسالا کڻي گهر آئي. ماءُ کي هڪ هڪ شيءِ ڏيکاري رات جو ماني کائڻ ڪانپوءِ سڀني سامان جو پارسل ٺاهيائين ۽ پارسل سيرانديءَ کان رکي، ان تي هٿ رکي سمهي رهي.

هڪ صاحب جي ذريعي هر پندرنهن ڏينهن هڪ پارسل هوءَ سلمان کي موڪليندي هئي. جيڪو اهو شخص هن جي گهران کڻي ويندو هو. پر اڳئين ڀيري هن چيو هو تہ هن ڀيري هو پاڻ نہ اچي سگهندو ۽ سلميٰ هن کي چيو هو تہ هوءَ پاڻ ڪيس سامان پهچائي ڇڏيندي.

صبح جو هوءَ پارسل آفيس ويندي پارسل کڻي وئي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي ان صاحب جو فون نمبر ڏسڻ لاءِ پنهنجي ڊائريڪٽري کولي تہ ايتري ۾ مسٽر پيٽرڪ اندر آيو ۽ هن هڪ لفافو ڪيس ڏنو.

"باس جو خط آهي." هن چيو ۽ ٻاهر هليو ويو. مس ڊي سوزا آئي، ڪجهہ ڪاغذ ڪرسيءَ تي رکيائين ۽ هلي وئي. هن دريءَ جي ويجهو وڃي لفافو کوليو.

"سلميٰ....ان رات انتهائي نشي ۽ اڌ ديوانگيءَ جي عالم ۾ مون جنهن طرح اوهان سان گستاخي ڪئي، ان لاءِ دل جي سچائيءَ سان معافيءَ جو طلبگار آهيان ۽ ڄاڻان ٿو تہ معاف ڪرڻ جو مستحق آهيان. منهنجي ذليل ٿيڻ جي باوجود اوهان جنهن بردباريءَ سان منهنجي حڪم جي تڪميل ڪئي ۽ معمول جيان پنهنجي ڊيوٽي نڀائي، ان رات جڏهن مان آفيس جي ميز تي ويهي اوهانکي ايئرپورٽ ۽ ميٽروپول وڃڻ لاءِ چئي رهيو هوس، ان وقت مان اوهانجي

باري ۾ هڪ اهم فيصلو ڪري چڪو هوس. اهو فيصلو اهو هو ته مان ان ملازمت, جيڪا اوهان جي وقار ۽ شرافت جي بلڪل ابتڙ آهي ۽ اوهانجي شخصيت جي بيعزتي آهي, تنهنڪري مان اوهان کي وڌيڪ وقت اهڙي تڪليف نه ٿو ڏئي سگهان. مونکي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته مان ڇا لکان ۽ ڪهڙن لفظن ۾ اوهانکي يقين ڏياريان ته منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ ڪيتري عزت آهي ۽ جيڪو ڪجهه مان چوڻ چاهيان ٿو ته ان جي پاڻ ۾ همت نه پيو ساريان ۽ انهن لفظن جي تلاش ۾ آهيان, تنهنجي ذريعي اوهانجي دل کي ڪو ڏک رسائڻ کانسواءِ پنهنجي ڳالهه ڪري سگهان.

سلميٰ! گذريل رات مون گهڻو ئي لڪل سامان پنهنجي الماڙيءَ مان ڪڍيو. ان کي صاف ڪيو ۽ ان کي بيهر الماڙيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي لاش جو خود پوسٽ مارٽم ڪيو ۽ ان کي زندگيءَ جي مرده خاني ۾ برف جي نادين هيٺان دبائي ڇڏيو ۽ اڄ مان اهو ئي جمشيد سيد آهيان, جنهن سان تون گذريل ڇئن مهينن کان واقف آهين. اوهانکي چڱيءَ ريت معلوم آهي ته مان انتهائي ذليل, بيرحم, خودغرض, ڪمينو ۽ مفاد پرست انسان آهيان. مان هڪ اهڙو ماڻهو آهيان, جنهن جي ويجهو ڪنهن به قسم جا قدر, شرافت, اصول وغيره نه آهن. پر ان رات جڏهن مونکي معلوم ٿيو ته اوهان مرحوم مرزا صاحب جي صاحبزادي آهيو ته منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. اهڙيءَ طرح جو ذهني جهٽڪو لڳو, ان جو تعلق صرف منهنجي ڪاروباري حس ۽ منهنجي ڪميني پڻ سان آهي. اهو ذهني جهٽڪو اهو هو ته اوهان مرزا صاحب جي صاحبزادي آهيو, پر سلمان جي ڀيڻ به آهيو.

سلميٰ توکي هاڻي معلوم ٿي چڪو هوندو ته مان هڪ خودغرض انسان آهيان. منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڌيڪ اهم مشغلو منهنجو ذاتي مفاد آهي. اوهان اهو به ڄاڻو ٿيون ته منهنجو ڪاروبار خاص طرح غير ملڪي فرمن سان هوندو آهي. جڏهن انهن کي اهو معلوم ٿيندو ته منهنجي خاص سيڪريٽري ڪهڙي شخص جي سڳي ڀيڻ آهي ته اوهان پاڻ اندازو ڪيو ته ان جو اثر منهنجي ڪاروبار لاءِ ڪيڏو نه تباهي ڪندڙ هوندو.

ننڍڙي ميم صاحبه! مان اندورني طرح اوهان جي هر ممڪن طريقي سان مدد ۽ ساٿ ڏيندس. اهانجي ۽ اوهانجي والده صاحبه جي خدمت ڪرڻ منهنجو اولين فرض آهي. ننڍڙي ميم! هاڻي مان اوهان سان هڪ بزرگ جي حيثيت ۾ ڪجهه ڳالهيون واضع ڪرڻ چاهيان ٿو. توکي خبر آهي ته دنيا ڏاڍي بري آهي. مان دنيا جو هڪ فرد آهيان. اوهانجي ياءُ سمجهوتو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ان جي سزا ڀوڳي رهيو

آهيان. مونکي يقين ۽ اميد آهي تہ جلد هن کي معلوم ٿي ويندو تہ هن جا ويچار ۽ هن جي انتها پسندي ۽ آئيڊيل ازم بلڪل غلط آهي. اوهان حالتن ۽ پنهنجن مجبورين ڪري منهنجي ذريعي دنيا سان ڪنهن حد تائين سمجهوتو ڪري ڇڏيو. جيئن ثريا منهنجي ذريعي دنيا سان سمجهوتو ڪري پنهنجي جڳهہ ناهي ورتي آهي. تنهنجو پاءُ بہ ضرور سمجهہتو تہ ڪرڻ جو آخري فيصلو ڪندي ضرور ذهني ڪشمڪش مان گذريو هوندو ۽ پوءِ هن کي معلوم ٿي چڪو هوندو تہ اڄ دنيا هڪ عظيم الشان بليڪ مارڪيٽ آهي. جتي ذهن، دلين ۽ روحن جي اعليٰ پيماني تي خريد ۽ فروخت ٿيندي آهي. وڏا وڏا فنڪار ۽ دانشور مون ان چور بازار ۾ وڪرو ٿيندي ڏٺا آهن. مان اڪثر انهن جو وڪرو ڪندو آهيان.

مان توسان اهي سڀ ڳالهيون ان لاءِ ڪري رهيو آهيان تہ تون ذهني طرح وڏي ٿي وڃين ۽ زندگيءَ طرف وڌيڪ تنهنجون خوشفهميون ختم ٿي وڃن، نہ تہ توکي مرڻ تائين صدمن سان منهن ڏيڻو پوندو. مان چاهيان ٿو تہ زندگيءَ کان ڊڄڻ ڇڏي ڏين ۽ زندگيءَ جي فريب جو ڪاروباري ۽ ڪميڻپڻ جهڙن هٿيارن سان مقابلو ڪرين. دنيا جا اڪثر ماڻهو جهنگل جي قانون جي اثر هيٺ آهن ۽ اسانکي جهنگل جي قانون جو ساٿ ڏيڻو آهي. مونکي چڱيءَ طرح اندازو هو تہ تون پنهنجي ان ملازمت کان ڪيترو ڊنل هئينءَ. مان چاهيان ٿو تہ تون زندگيءَ جي ان خوف تي جلد کان جلد قابو ڪري سگهين.

مان هيءُ خط ايئرپورٽ تان لکي رهيو آهيان. مان ۽ ثريا مهيني جي لاءِ يورپ وڃي رهيا آهيون ۽ اسان ٻنهي جي خواهش آهي تہ واپسيءَ ۾ توکي خوش ۽ خيريت سان ڏسون.

آخر ۾ منهنجو هڪ ٻيو بزرگاڻو مشورو آهي تہ هاڻي توکي شادي ڪرڻ گهرجي ۽ ان لحاظ کان اوهانجي موجوده رهائش ڪري اوهانجي مستقبل تي سٺو اثر ڪونہ پوندو. مان جينيوا مان موٽندي ئي ڪوشش ڪندس تہ توکي منهنجي آس پاس ڪو فليٽ مناسب قيمت تي ملي وڃي تہ جيئن تون بہ "هائوسنگ سوسائٽي" ۾ منتقل ٿي وڃين.

والده محترمہ جي خدمت ۾ منهنجي طرفان آداب پيش ڪجانءِ ۽ منهنجون پرخلوص دعائون تو سان گڏ آهن. يقين ڪر مان تنهنجو مخلص ۽ بي لوث دوست رهندس."

سلميٰ جي هٿ مان خط ڪري پيو. هيٺ ڪرسيءَ تي صبح جي اخبار پيل هئي، جنهن جي پهرئين صفحي تي سلمان جي موت جي خبر ڇپيل هئي.